حضرت خليفو گل محمد هالائي سانوٽي رحمة الله عليه جنهن کي اڄ تائين صرف هڪڙي سنڌي ڪتاب "ديوان گل" جو مصنف مڃيو ويندو هو، سو عربي ۽ فارسي زبان جو نه صرف هڪ وڏو عالم هو مگر پنهنجي وقت جي اوليائن ۾ هڪ خاص مقام

www.maktabah.org

تي فائز هو. حضرت خليفو گل محمد هالائي رحمة الله عليه سنه ١٢٢٦ هجري ۾ ڄائو هو ۽ ۴٦ سالن جي عمر ۾ ڪتاب ديوان گل بمبئي ۾ ڇپائي ان جون ڪاپيون سنڌ ڏانهن روانيون ڪرائي پاڻ حج تي ويو ۽ اتي عربستان ۾ سنه ١٢٧٢ هجري ۾ وفات ڪيائين. سندس ذاتي حالات بابت جيڪو ٿورو گهڻو احوال ملي ٿو سو مرحوم ومغفور عبدالغفور هالائي ڪتاب "ديوان گل" ۾ "حالات خليفو گل محمدمرحوم" جي عنوان سان لکيو آهي جيڪو سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد طرفان سال ١٩٣٣ع ۾ ڇپيو آهي. جنهن مان اڪتسابات پيش ڪجن ٿا:

"ديوان گل جو ناهيندڙ مرحوم خليفه گل محمد سانوٽي آخوند هو. هي هالا پراڻا تعلقو حيدرآباد جو وينل هو..... سندس ننڍپڻ جي حياتيءَ جي پوري خبر ڪانه ٿي ملي سگهي، مگر سندس ديوان ۽ ٻين ڳالهين مان پروڙ پوي ٿي ته هن جو علم ڏي تمام گهڻو خيال هو. علم عربي جو عالم هو ۽ پارسيءَ ۾ ڪامل دستگاه هيس. هن ان وقت جي صوفين جي به صحبت ڪئي هئي. ۽ پنهنجو طريقه به صوفي ڏيکاريندو هو. پر شريعت جو پورو پورو پابند هو، ڪابه ڳالهه شريعت جي حڪم کان ٻاهر نه ڪندو هو."

"هي روهڙي واري پير پاڳاري جو مريد ۽ خليفو هو ۽ اهو خلافت جو سلسلو اجا تائين آخوندن ۾ قائم آهي. جئن دستور آهي ته پيرن جي پاران جيڪي خليفا هوندا آهن. تن جي منزلت مريدن ۾ گهڻي هوندي آهي. تنهن موجب هن جي عزت مريدن ۾ گهڻي هئي. هو صاحب قناعت جو هو، تنهن ڪري انهيءَ اپت مان خيريت جو چڱو وقت ۽ شان سان پيو گذاريندو هو. هن جو لهه وچڙ شهري ماڻهن کان ٻهراڙيءَ وارن ماڻهن سان گهڻو ۽ گهاٽو هو، جئن ته اهڙا اصلاح ۽ جملا سندس ديوان ۾ گهڻن جاين تي ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ديوان گل کان سواءِ سندس ٻي ڪا تصنيف معلوم ڪانه ٿي ٿئي. سندس غزلن ۾ ظاهري معنيٰ دنيوي ڪمن ۽

www.maktabah.org

ڳالهين سان لاڳو ڏسڻ ۾ اچي ٿي پر جي غور سان ڏسبو تہ سڄو ديوان معرفت جي موتين سان مڙهيل ڏسڻ ۾ ايندو..... هن کي آخر عمر ۾ اچي زيارت بيت الله ۽ حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي روضي مبارڪ جي زيارت جو شوق دامنگير ٿيو. اهو شوق هن کي وٺي بمبئي ويو. جتي هن پنهنجو ديوان اکرن جي هجي جي سمجهاڻين سان ڇپائي پڌرو ڪيو. اتان پوءِ روانو عربستان ٿيو جتي ۱۲۷۲ هجري ۾ وفات ڪئي. سندس عمر ۴۷ روهيہ هئي."

"خليفہ گل محمد هالائي کي ٻہ پٽ هئا، جن مان ننڍو پٽ سندس حياتيءَ ۾ ئي فوت ٿي ويو. باقي وڏو پٽ خليفو احمد پي کان پوءِ گهڻو وقت حيات هو. هلت چلت خواه رهڻي ڪهڻي ۾ هو انهيءَ وقت جي شريف ماڻهن مان هو. زمين بہ ڳچ هيس، جنهن ڪري هو باعزت گذاريندو هو. افسوس جو اهو بہ پٽيان نياڻيون ڇڏي راهي ملڪ بقا ٿيو. مايون بہ جو وقت حيات هيون، سو مائٽن جي شان موافق هلنديون هيون مگر "كُلُّ مَنْ عَلَيْهَا فَانٍ" جي حڪم موجب اهي بہ راه رباني وٺي ويون. رهي نالو الله جو....."

خليفي گل محمد جي سنڌي ۽ فارسي شاعري ۽ تصوف

خليفو گل محمد هالائي رحمة الله عليه هڪ وڏو عالم دين هو. ڪيس عربي ۽ فارسي زبانن تي وڏي دسترس حاصل هئي. سندس لکيل "ديوان گل" جيڪو سنڌي ۾ آهي انهيءَ تي نظر وجهڻ سان خبر پوندي تہ هر هنڌ سندس ڪلام ۾ معرفت جا موتي پکڙيل نظر ايندا فرمائي ٿو:-

باغ ذاتي جو گل محمد گل
احمد حامد هو المحمود

عشق سائينءَ کي ڪري ٻانهون غلام
ڏس تہ ڪيئن ٿيو شاه محمود وآيار

www.maktabah.org

سندس ڪلام سنڌي هجي يا فارسي سڄو الاهي عشق جو سراسر سرچشمو آهي:-

لم يلد پنهنجي صفت ڪيو پاڻ کي لا مثل چئين
پوءِ يد الله ڏئين اشارا آئون ڏسان چئو توکي ڪٽ.

ذات پنهنجي غيب چائين پوءِ چوي تو اَيْنَمَا
ثَمَّ وَجْهُ اللهِ اي چا آئــون ڏسان چو توکي ڪٽ.

اهڙيءَ طرح سان جيڪڏهين غور ڪبو تہ خبر پوندي تہ سندس فارسي ڪلام ۾ ڪهڙيون راز ونياز جون ڳالهيون هونديون، ڇاڪاڻ جو سنڌي زبان جي مقابلي ۾ فارسي زبان تي ڪيس وڌيڪ عبور حاصل هو، فرمائي ٿو:-

محبت اعتبــارِ ذاتِ حق است
محبت مظهرِ آيــات حق است
محبت خــازنِ گنجِ شهود است
محبت مبديِ اصل الوجود است.
محبت مونس جانِ جانِ کباب است
محبت پردهِ سوزِ احتجاب است.
محبت مــايهِ عشق وسرور است
محبت علت نمائيِ ظهور است

مطلب تہ ڪتاب ملفوظات "توفيق الطالبين" ترجمہ "ڪنوز المعرفت" جي مطالع مان پتو پوندو تہ پنهنجي مرشد خليفہ محمود قدس سره سان خليفہ گل محمد عليه الرحمة جي ڪيتري محبت ۽ عقيدتمندي هئي. ايتري قدر جو خليفو گل محمد رحمة الله عليه اڪثر رهندو ئي ڪڙيہ شريف ۾ هو. هڪ هنڌ فرمائي ٿو:-

احد يکي است بذات وصفات خود موجود
محمد واحمد حامد بنام يک محمود.

www.maktabah.org

توفيق الطالبين

خليفہ گل محمد رحمة الله عليه کي فارسي زبان تي وڏو عبور حاصل هو. فرمائي ٿو:

مدار دائر دور مقتدائي طريق،
سراج امت سالار قافلہ تحقيق،
قيوم قائم بنياددين والملت،
قوي قادر قاطع قوائد بدعت،
ز کان لطف تمامي وجود او موجود،
بَخلق وَخُلقِ گرامي محمد و محمود.

اميد تہ پڙهندڙن کي انشاءَ الله اهو ساڳيو جذبو پيدا ٿيندو، جنهن جذبي سان خليفہ گل محمد هالائي رحمة الله عليه هي ملفوظات شريف مرتب ڪئي هئي. آمين.

حيدرآباد سنڌ
٢٦ جنوري ١٩٩٣ع

فقير الفقراءِ
مير محمد نظاماڻي
١٦- سنڌ يونيورسٽي اولڊ ڪئمپس
حيدرآباد سنڌ

www.maktabah.org



مرقد مبارک حضرت خلیفہ محمود قدس سرہ العزیز

www.maktabah.org

فصل پهريون

رَبِّ يَسِّرْ وَلَا تُعَسِّرْ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِىْ خَلَقَ الْاَنَامَ وَاَرْسَلَ رَسُوْلَهُ الَّذِىْ اِسْتَنْقَذَنَا مِنْ عِبَادَةِ الْاَوْثَانِ وَالْاَصْنَامِ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى حَبِيْبِهِ الَّذِىْ اَعْطَاهُ الْمَقَامَ الْمَحْمُوْدَ بِالْاِكْرَامِ وَعَلٰى آلِهِ الْعِظَامِ وَاَصْحَابِهِ النُّجَبَآءِ الْبَرَرَةِ الْكِرَامِ هُوَ اللّٰهُ الْمُوَفِّقُ الْاَعْمَالِ الصّٰلِحٰتِ وَبِاللّٰهِ التَّوْفِيْقُ وَاِلَيْهِ الْمَرْجِعُ وَالْمَآبُ وَصَلَّى اللّٰهُ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَ بَارَكَ وَسَلَّمَ

٢ ڪنز * فرمايائون تہ معرفت الله جل جلالهٗ جي مڙيئي معرفت انسان ڪامل جي ۾ آهي ۽ معرفت انسان ڪامل جي سواءِ ادب جي حاصل نہ ٿيندي برزڳ فرمايو آهي.

بيت

ادب تاج است، از لطف الهي = بنهہ برسر، برو هر جا کہ خواهي.

يعني: الله جل جلاله جي مهرباني جو ادب ڇٽ (تاج) آهي. اهو مٿي تي رک پوءِ جيڏانهن وٺي تيڏانهن وڃ عزت وارو هوندو.

٣ ڪنز * فرمايائون تہ هڪ پيري ٿلهو ڪپڙو پنهنجي چادر لاءِ درگاه شريف جي شهر مان خريد ڪرايوسون سنهان ڪپڙا نذرانہ طور گهٽا مليا هئا، پر اسان کي ٿلهو ڪپڙو پسند ٿي آيو. پوءِ جڏهن چادر تيار ٿي تڏهن دل ۾ خيال آيو تہ مرشد ادام الله برڪاتهم جي شهر مان ڪا شيءِ، نفس جي لاءِ وٺڻ نہ جڳائي، پوءِ اها چادر هڪڙي فقير کي ڏئي ڇڏي سون. ١٢

www.maktabah.org

٤ ڪنز * فرمايائون تہ جنهن شخص کي هدايت يا گمراهي حاصل ٿي آهي، سا ڪاملن کان حاصل ٿي آهي، ڇاڪاڻ تہ جيڪي ڪاملن جا تابع ۽ اراده مند آهن، تن کي فيض ۽ هدايت حاصل ٿئي ٿي ۽ جيڪي ڪاملن جا ري ارادي ۽ بي ادب آهن، سي هميشه ناااميد ۽ گمراه آهن، نَعُوْذُبِاللّٰهِ مِنْهَا، مثنوي شريف ۾ آهي.

بيت

از خدا خواهيم توفيق وادب = بي ادب محروم گشت از لطف رب.
بي ادب تنهانہ خودرا داشت بد = بلکہ آتش درهمہ آفاق زد.

ترجمہ: يعني الله جل جلا له کان توفيق ۽ ادب ٿا گهرون، بي ادب الله تعاليٰ جي لطف کان ناااميد آهي، بي ادب پاڻ کي بہ بچڙو ٿو ڪري ۽ ان جي شامت جهان کي بہ وٺي ٿي. ١٢.

٥ ڪنز * فرمايائون تہ اهل اِلٰهن جو راضپو ري سبب آهي، ٿوري ڳالهہ تي راضي ٿيندا ۽ ٿوري ڳالهہ تي غضب ۾ ايندا.

بيت

سندي ڏمر ڏني نانهہ کا، مِهر نہ مٿو پاند،
ڪاڪينون جو هي ڪاند، نہ پرائو نہ پنهنجو ١٢.

٦ ڪنز * فرمايائون تہ شيخ بايزيد بسطامي رحمة الله عليه هڪ پيرو حج پڙهڻ لاءِ ويو هو ۽ حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وعليٰ آلهٖ وسلم جي زيارت نہ ڪيائين، مريدن زيارت شريف لاءِ عرض ڪيو، پاڻ فرمايائون تہ هن وقت خاص حج لاءِ احرام ٻڌي آيا آهيون، زيارت لاءِ نئون احرام ٻڌي ايندا سون، پوءِ پنهنجي وطن وجي احرام ٻڌي حضور صلي الله عليه وسلم جي زيارت اچي ڪيائون ١٢.

٧ ڪنز * فرمايائون تہ عارف بالله مخدوم محمد زمان ولد ميان گل محمد لواري وارا قدس الله سره حج جي لاءِ ويا، ات سندس پائرن ۽ ٻين همراهن تحفا ۽ سوڪڙيون خريد ڪيون پر

www.maktabah.org



مقبرہ حضرت خلیفہ محمود قدس سرہ العزیز

www.maktabah.org

پاڻ ڪجهه به خريد نه ڪيائون، جڏهين وطن واپس آيا تڏهن سندن والدين فرمايو ته ٻين سيني تحفا ۽ سوڪڙيون آنديون آهن ۽ اوهان ڪجهه به نه آندو آهي، پاڻ فرمايائون ته اسين خاص حج پڙهڻ لاءِ ويا هئاسون ١٢.

٨ ڪنز * فرمايائون ته هڪ پيرو حضرت مرشد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه جي تصنيف ڪيل هڪ خط ۾ عبارت لکيل هئي جا فناءِ قلب جي بيان ۾ هئي، ان ۾ لکيو هئائون "ڪه دران فناءِ فعلي حاصل مي شود" يعني ان ۾ فناءِ فعلي حاصل ٿئي ٿي. ميان قابل شاه عليه الرحمة جڏهن ان عبارت کي مطالع ڪيو، تڏهن فرمايائين ته هتي هي به حرف ٻيا به لکڻ گهرجن ته ان ۾ "فنا صفاتي" به حاصل ٿئي ٿي. مکتوبن جي لکندڙن وٽ مس قلم حاضر هئي، تن انهيءَ محل انهن حرفن جي لکڻ جو ارادو ڪيو، تڏهن ميان قابل شاه عليه الرحمة ڏمڪي سان انهن کي چيو ته اها بي ادبي آهي، جو حضرت مرشد سائين جي اکرن مبارڪن ۾ ٻيا اکر لکون، مگر جڏهن نقل ڪبا تڏهن اتي اهي اکر لکي ڇڏبا ١٢.

٩ ڪنز * هڪڙي ڏينهن پاڻ قرآن شريف پڙهندي جڏهن هن آيت شريف تي آيا. "اَلنَّبِيُّ اَوْلٰى بِالْمُؤْمِنِيْنَ مِنْ اَنْفُسِهِمْ وَاَزْوَاجُهٗۤ اُمَّهَاتُهُمْ" يعني نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم مومنن کي سندن نفسن کان به وڌيڪ محبوب آهي ۽ ان جون بيبيون مومنن جو ن مائرون آهن، تڏهن پاڻ فرمايائون ته جهڙي طرح اها ڳالهه مومنن کي نبي صلي الله عليه وسلم سان لازم آهي، تهڙي طرح مريد کي مرشد سان به لازم آهي. جيستائين مريد ۾ اها ڳالهه نه ٿيندي، تيستائين مرشد کان ڪو فائدو حاصل نه ٿيندس، فقط مريدي مان مريدي جي نالي کان سواءِ ٻي ڪنهن ڳالهه جي خبر نه پونديس ١٢.

١٠ ڪنز * فرمايائون ته ڪوڙ ۽ سچ ٻئي هڪڙي هنڌ گڏ نه ٿيندا، ڇو ته سچ جو قبلو دل آهي ۽ ڪوڙ جو قبلو آهي نفس، اهي ٻئي هڪ ٻئي جا ضد آهن "اَلضِّدَّانِ لَا يَجْتَمِعَانِ" يعني

www.maktabah.org

بہ ضد پاڻ ۾ گڏ نہ ٿيندا، جهڙي طرح باه ۽ پاڻي ٻئي پاڻ ۾ گڏ نہ ٿيندا.

١١ ڪنز * فرمايائون تہ جيڪو مريد، مرشد جي موجودگيءَ ۾ مرشد جي هيبت سبب ڪو ڪم ڪري نہ سگهي، سو ڪم جيڪڏهن مرشد جي پرپٽ وجي ڪري تہ اهو مريد نہ آهي بلڪ منافق آهي ۽ منافقن کي نڪي حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي زماني ۾ هدايت ٿي، نڪي هن زماني ۾ ٿيندي ١٢.

١٢ ڪنز * فرمايائون تہ جيڪو مريد ائين ڄاڻي تو تہ جيڪي ڪم آئون پير جي پرپٽ ڪريان تو سي پير نٿو ڄاڻي تہ مريد نہ آهي بلڪ مَريد يعني شيطان آهي، ڇو تہ هو پاڻ انڌو آهي ۽ پير کي بہ پاڻ وانگر انڌو تو سمجهي. مرشد ڪامل ستاريءَ صفت سان موصوف آهن، ڪنهن بہ ماڻهوءَ جو عيب ظاهر نٿا ڪن. پوءِ پنهنجو منهن مبارڪ جماعت ڏي ڪري چيائون تہ اسان اوهان سيني جو احوال اهڙيَ طرح ڄاڻون ٿا، جهڙي طرح هٿ جي تري ۾ ڪا شي مخفي رهي، هن کان اڳي سڀ ڪنهن کي مخفي طرح چيوسون ٿي، هاڻ ظاهر چونداسون، بلڪ جٽ ڦٽ بہ ڪنداسون.

١٣ ڪنز * فرمايائون تہ اڳيان طالب گوشي ۽ هيڪلائي کي پسند ڪندا هئا ۽ خلق جي التفات کان بيزار ۽ پڄندڙ هئا ۽ پنهنجي نفس جي سڌن کي پڄي نفس ۽ طبيعت کي پنهنجي حڪم ۾ آڻيندا هئا. هن وقت ۾ اهڙا فقير آهن جو جڏهن انهن جي دل کي ڪا ٿوري جمعيت ٿئي ٿي، تہ پاڻ کي بزرگ سمجهن ٿا، ۽ خلق جي وعظ ۽نصيحت ڪرڻ ۾ مشغول ٿين ٿا ۽ الله تعاليٰ جي طلب کان غافل ٿين ٿا ۽ نفس جي سڌن ڪري خلق جي قيد ۾ گرفتار ٿي محروم رهجو وڃن.

١۴ ڪنز * فرمايائون تہ ان جو ڪهڙو سبب آهي جو جيڪو ماڻهو زالن سان ميل ڪري ٿو، سو اسان جي طبع کي

www.maktabah.org

ڳرولڳي تو ۽ ايها ڳرائي حسد کان نہ آهي، پوءِ فرمايائون تہ عورتن ڏي ميل ڪرڻ نفس جي خواهش ۽ انس کان ٿيندو آهي، جنهن ڪم ۾ نفس شريڪ آهي انهيءَ مان هلاڪت ۽ فساد کان سواءِ ٻيو ڪي بہ حاصل ڪين ٿيندو.

١٥ ڪنز * فرمايائون تہ ٻچڙو خيال جيڪڏهن دل تان اچي لنگهي، اگرچہ لنگهي وڃي ۽ بهي نہ رهي، تڏهن بہ دل کي ڪارو ڪريو ڇڏي.

١٦ ڪنز * فرمايائون تہ جنهن جو منهن الله تعاليٰ ڏي ٿئي تو، سو دل جي توجه سان سڄو الله تعاليٰ ڏي رجوع ٿئي تو، بلڪ پنهنجي هستيءَ کان بہ لنگهيو وڃي ۽ جنهن جو منهن خرابيءَ ڏي ٿئي تو تہ ان کي ڪيترن ورهن جا وسرئل خيال ورئو اچئو ياد پون: اهڙي ماڻهوءَ جي دل کي دل نہ چوڻ گهرجي بلڪ اها موريز (پاءِ خانہ) جي مثل آهي، جنهن ۾ سيڪو خيال قبيح ۽ ٻچڙو اچئو پيشاب يا جهاڙو (پاخانو) ڪرئو وڃي بلڪ موريز بہ نہ آهي، شيطان جي وٽ جهلڻ جو ڪڙو آهي.

بيت

دل يکي منظريست رباني = خانہ ديو راچہ دل خواني

يعني: دل الله تعاليٰ جي ديدار جي جاءِ آهي، شيطان جي گهر کي دل ڇو تو سڏين.

١٧ ڪنز * فرمايائون تہ بزرگن فرمايو آهي تہ زالن جي نماز اها چڱي آهي جا گهر منجهہ پڙهن، يا صفحي ۾.

١٨ ڪنز * هڪڙو دفعو سنڌ ۽ ٻئن طرفن ۾ سياري جي موسم ۾ سردي جي بيماري ظاهر ٿي، گهڻا ماڻهو انهيءَ بيماريءَ ۾ فوت پئي ٿيا، حضرت مرشد سائين سفر ۾ هئا، پوءِ فرمايائون تہ اي دوستو! رات جو جاڳو جيڪڏهين هڪڙو سمهي رهي تہ ٻيو پيو جاڳي ۽ انهي جاڳڻ ۾ الله تعاليٰ جي ذڪر ۾ مشغول ٿيڻ گهرجي، ڇو تہ رات جو جاڳڻ بلائن کي دفع ڪندو آهي ۽ نقل فرمايائون تہ حضرت خواجہ عبيد الله احرار قدس سره

www.maktabah.org

جي ملفوظات ۾ ڏنوسون تہ جنهن پيغمبر جي قوم تي بلا نازل ٿيٽي هئي تہ ان پيغمبر کي الله تعاليٰ انهيءَ بلا جي نازل ڪرڻ کان اڳي اطلاع ڏني ٿي، جو انهيءَ رات بلا جي نازل ٿيڻ کان اڳ اهو شهر ڇڏي ٻاهر ويندو رهندو هو. هڪڙي پيغمبر کي اطلاع ملي تہ رات جو تنهنجي قوم تي بلا نازل ٿيندي، اهو پيغمبر رات کان اڳي شهر ڇڏي ويو. صبح جو موٽي اچي ڏٺائين تہ سڄو شهر سلامت آهي، تڏهن عجب ۾ پئجي الله تعاليٰ جي درگاه ۾ عرض ڪيائين تہ خداوندا! هي ڪهڙو سبب آهي جو عذاب جي نازل ٿيڻ ۾ اختلاف ٿي پيو؟ تڏهن الله تعاليٰ جي طرف کان مٿس حڪم آيو تہ اڄوڪي رات ۾ هڪڙي بت پرست بت کي گهڙيو ۽ ڇليو ناهيو ٿي، تنهن ڪري سڄي رات انهيءَ ڪم ۾ مشغول هو جو اک بہ ڪانہ پوريائين. اسان کي مناسب نہ لڳو تہ جنهن شهر ۾ ڪو ماڻهو سڄي رات جاڳندڙ هجي تنهن شهر تي بلا نازل ڪريون.

١٩ ڪنز * فرمايائون تہ هِيءُ ماڻهوءَ جو پساهہ جو ڪڍي ٿو، خبر نہ آهي تہ هن کان پوءِ ٻيو پساه ڪهڙو حڪم آڻيندو، بلا آڻيندو يا عطا، مرض آڻيندو يا شفا، حياتي آڻيندو يا موت، پوءِ اهڙيءَ دنيا جي حياتي تي جنهن جي فنا ۽ بقا هڪڙي دم تي آهي. ڏسو تہ نفس کي ڪيترو نہ ڀروسو ۽ تڪيو آهي ۽ معنيٰ جي ملڪ ڏي، جنهن ۾ رڳي جمعيت ۽ راحت آهي، هرگز منهن نٿو ڪري ۽ دنيا جي ملڪ ڏي، جنهن ۾ رڳي خرابي ۽ خواري ۽ فساد ۽ هلاڪت آهي، اونڌو ٿيو ڪريو پوي ۽ پوءِ فرمايائون تہ نفس پاڻ "عالم خلق" جي منجهان آهي، ان کي "عالم معنيٰ" جي ڏي بلڪل رجوع نہ آهي.

٢٠ ڪنز * فرمايائون تہ طريقت ۾ سالڪ کي ادب ۽ ارادو واجب آهي ۽ اهي ٻئي يعني ادب ۽ ارادو هڪ ٻئي سان لاڳو آهن، جي ارادو هوندو تہ ادب بہ هوندو ۽ جي ادب هوندو تہ ارادو بہ هوندو، جيئن تہ بزرگن فرمايو آهي تہ "اَلطَّرِيْقُ كُلُّهٗ اَدَبٌ" ادب کان سواءِ فيض معنوي حاصل نہ ٿيندو.

www.maktabah.org

بيت

از خدا خواهيم توفيق ادب = بي ادب محروم مانند از لطف ربّ.
بي ادب تنها نه خودرا داشت بد = بلكه آتش درهمه آفاق زد.

انهن بيتن جي معنيٰ اڳي لکي ويئي آهي.

٢١ **کنز** * فرمايائون ته نفس کامل ٿيڻ کان پوءِ به پنهنجي سڏن جي حرص کان نٿو روکجي، رڳو طبيعت جي سڏرڻ ۽ بدن ۽ عضون جي خدمت ۾ کوشش ڪري ٿو، مگر عارف ان جي خطرن ۽ خيالن کي جهٽ پٽ سڃاڻي وٺندو آهي ۽ انهن خيالن کان گوشو ڪندو آهي، بلڪ پنهنجي قوت ڪامله سان ان کي حڪم ۾ آڻي طابع ڪندو آهي؛ اتي پاڻ هڪڙو مثال فرمايائون ته جيڪو گهوڙو اصل کان بدرفتار ۽ ڏنگو هجي تنهن تي جڏهن سوار چڙهندو آهي تڏهن پنهنجي آسودگي لاءِ زور ڪري ان کي خوش رفتار ۽ رهوار ڪندو آهي، پر جنهن مهل ان کان غافل ٿيندو آهي ته انهيءَ مهل وري اهڙي طرح ڊڳ ۽ بدرفتاريءَ سان قدم ڪڍندو آهي. اهڙي طرح نفس به اصل طبيعت ۾ خبيث آهي، جيڪڏهن ڪو طالب عالي همت ان جي خطرن ۽ خيالن تي آگاه ۽ هوشيار هوندو ته ان کي پنهنجو مطيع ۽ فرمانبردار ڪندو آهي ۽ جيڪڏهين غافل هوندو ته نفس پنهنجي ڏنگائي ۾ مشغول ٿي ويندو، ڪنهن بزرگ هي بيت ڪهڙا نه چڱا چيا آهن.

بيت

ترا بانفس کافر کيش کاريست = بدام آرش که اين طرفه شکاريست.
پدر کزمن رو انش باد خوشنود = مرا از راه لطف اين پند فرمود.
که محکومي سگي بودن در اين راه = به از حکمي که راند نفس بد خواه.
گرت مارِسيه در آستين است = به از نفسي که باتو همنشين است.
درين معنيٰ بسي کوشش نمودم = درست است آنچه ديدم آز مودم.

يعني: توکي بچڙي نفس سان ڪم آهي، ان کي پنهنجي دام ۾ آڻ، ڇو ته اهو تمام چڱو شڪار آهي. منهنجي پيءُ کي شل الله تعاليٰ رحمت ڪري، جنهن مون کي هي نصيحت ڏني ته انهيءَ طريقت جي رستي ۾ ڪتي جي حڪم ۾ رهڻ چڱو آهي،

www.maktabah.org

نفس جي حڪم ۾ رهڻ کان، جيڪڏهن ڪارو نانگ تنهنجي آستين ۾ هجي ته اهو چڱو نفس جي همراهي کان، مون انهيءَ مطلب ۾ گهڻي ڪوشش ڪئي اها ڳالهه جا مون ڏني ۽ آزمائي سا سڀ سچ آهي.

۲۲ ڪنز * هڪڙو دفعو ميان محمد شفيع گل محمد ۽ هن فقير حضرت مرشد سائين قڙيه واري رحمة الله عليه جي خدمت کان رخصت ورتي، رخصت جي وقت ۾ فرمايائون ته اوهان کي ٽي ڳالهيون چئون ٿا انهن تي عمل ڪجو، هڪڙي هيءَ ته الله تعاليٰ کي ڇڏي خلق جو خيال نه ڪجو، ٻي هيءَ ته دين جو حق ٻين سيني ڪمن کان اڳي ڄاڻجو، ٽي هيءَ ته دين کي دنيا تي نه وڪڻجو.

۲۳ ڪنز * هڪڙو دفعو ڪتاب مڪتوبات حضرت مرشد پير سائين قدس الله سره جو جيڪو حضرت مرشد سائين ڪڙيه واري رحمة الله عليه جي ملڪيت ۾ هئو، سو وٽن ڪٽي آيا، پهرئين ورق تي سندين مهر مبارڪ ڪنهن فقير هٽي ڇڏي هئي ۽ ان کان اڳي ٻين ماڻهن جون مهرون به ان تي لڳل هيون، اهي مهرون ڏسي فرمايائون ته اهو ڪم ٻي فائدو آهي ڇو ته دينوي شي ڪنهن جي ملڪيت نه آهي ڇاڪاڻ ته الله تعاليٰ کان سواءِ ٻي جيڪا شي آهي، سا رڳو خيال آهي. ان جي ڪا به بقا نه آهي ۽ خيال ڪنهن جي ملڪيت ٿي نٿو سگهي. پوءِ جيڪا شي نسورو خيال آهي، ان تي پنهنجي ملڪيت جو هٿ رکي ڇا ڪبو؟

۲۴ ڪنز * هڪڙو دفعو فرمايائون ته اسان وٽ فقير اهو آهي جنهن کي دنيا جي اهل سان هڪڙي وار جيترو به دل ۾ ميل ۽ رغبت نه هجي، بلڪ انهيءَ دنيا دارن جي جماعت کان اهڙو بيزار ۽ بي نياز هجي، جهڙو ڪنهن کي ڪرتفيءَ ۾ احتياج هجي، بلڪ فقير جو شان هي آهي "اَلْفَقِيْرُ لَايَحْتَاجُ اِلَي اللّٰهِ" يعني: فقير الله تعاليٰ ڏي به محتاج نٿو ٿئي ۽

www.maktabah.org

فرمايائون تہ جهڙي طرح سان حق تعاليٰ جلشانهٗ جي ذات پاڻهين قائم آهي ۽ ان جون صفتون بہ بي علت موجود بالذات آهن ۽ قديم آهن. پوءِ جيڪو الله تعاليٰ جي تخلق جي نعمت سان مشرف ٿيندو آهي سو بہ بي علت رهندو آهي. پوءِ جهڙي طرح حق تعاليٰ جلشانہ پنهنجي ڪبريائي ۽ وڏائي جي مرتبي ۾ سڄي جهان کان بي پرواه آهي "اِنَّ اللّٰهَ غَنِيٌّ عَنِ الْعٰلَمِيْنَ" يعني الله تعاليٰ سڄي جهان کان بي پرواهہ آهي؛ اهڙي طرح فقير بہ سڄي مخلوقات کان بي پرواه ۽ بي نياز آهي. ۽ ڪاملن کي جيڪو خلق سان ميل ۽ لاڳاپو رهندو آهي، سو ازروءِ شفقت جي آهي، نہ احتياج جي ڪري؛ ڇو تہ ڪاملن جو ميلاپ خلق کي دنيا جي گندگيءَ کان ٻاهر ڪڍندو آهي ۽ هن وقت جا فقير جي رڳو رسمي آهن، ۽ حقيقي فقيريءَ کان ڪو ذرو بہ حاصل نہ اٿن، تن کي جيڪڏهن دنيا دارن جي دبر ۾ جاءِ ملي تہ ان منجهہ گهڙي وڃن.

۲۵ ڪنز * فرمايائون تہ فقيرن جي روش اها آهي تہ جيڪو خيال فقير جي دل ۾ اچي سو الله تعاليٰ کي سونپي ڇڏي ۽ ان جي لاءِ ڪا ڪوشش نہ ڪري پوءِ جيڪڏهن اهو ڪم ٿيٽو هوندو تہ الله تعاليٰ جي قدرت سان ضرور سعيي ۽ ڪوشس کان سواءِ پاڻهي ٿي پوندو ۽ جيڪو خيال جي پٺيان ڪوشش ۽ مشغولي ٿو ڪري سو فقير نہ آهي، اهو دنيا جو حريص آهي ۽ فقيري جي اسم ۽ رسم کان خارج آهي.

۲۶ ڪنز * فرمايائون تہ جيتري قدر الله تعاليٰ طالب کان هن جهان جو لاڳاپو ۽ پيوند ڇنائي ٿو، اوتري قدر ان کي مٿئين جهان ۾ زيادتي ۽ ترقي ڏي ٿو "نَجَي الْمُخَفِّفُوْنَ وَهَلَكَ الْمُثَقِّلُوْنَ" يعني هلڪي بار وارا ڇٽا ۽ ڳري بار وارا مٺا، ۽ انهيءَ جاءِ تي هڪڙو نقل بيان فرمايائون تہ هڪڙي پيري بغداد شريف جي شهر کي تمام گهڻي باهہ اچي لڳي، ماڻهو دنيا جي اسبابن ڪري مٿو اگهاڙو ڪري باهہ منجهہ پئي ڊوڙيا ۽ پنهنجو سامان پئي ڪڍيائون، بدن کان پگهر پئي

www.maktabah.org

ٿميو ۽ دانهون ۽ ڪوڪون پئي ڪيائون. ان وقت شيخ شبان راهي قدس الله سره ڪرو ۽ لٽ ڪٽي شهر جي ٻاهران هڪڙي واريءَ جي ڍڳ تي بيهي خلق کي پئي چيو ته اي ماڻهوئا! احوال آخرت جو به اهڙي طرح ٿيندو هينئر هن وقت اوهان مان جنهن جو اسباب گهڻو آهي سو هلاڪ به گهڻو آهي ۽ افسوس به وڏيڪ ٿو ڪري.

۲۷ ڪنز * فرمايائون ته عبادت ذوق ۽ محبت کان سواءِ ڪوبه فائدو نه ڪندي ۽ محبت به اها جا خالص ۽ سچي هجي ۽ اهڙي محبت نه هجي، جا غرضن ۽ مطلب سان ڀريل هجي، ڇو ته باطن ۾ غرضن جا هزارين ۽ لکين قسم مخفي آهن، جن جي پروڙ پوڻ مشڪل آهي.

۲۸ ڪنز * فرمايائون ته جنهن کي الله تعاليٰ کان سواءِ ڪنهن به شي سان توڙي مال يا پٽ يا زال يا اسباب يا ڍور ڍڳي سان محبت هونديس ته ان کي دنيا ۾ ضرور ان شي جي جدائي جو عذاب ملندو ۽ وڏو عذاب تنهن کان سواءِ آخرت ۾ ٿيندس.

۲۹ ڪنز * فرمايائون ته جيڪي حلال جو ڪسب ٿا ڪن ۽ انصاف نٿا ڪن سي ان کي حرام ڪريو وجهن ۽ جيڪي الله تعاليٰ جا طالب، طلب ٿا ڪن ۽ بعضي ڪن غرضن جي پوري ٿيڻ جي به اميد اٿن، انهن جي طلب بيهودي ۽ اجائي ٿيو پوي.

۳۰ ڪنز * فرمايائون ته اي يارو! انصاف ڪريو ته اسان جو ڏاڏو حضرت آدم عَلٰي نَبِيِّنَا عَلَيْهِ الصَّلٰواةُ وَالسَّلَامُ پاڪ مڪان بهشت جي جاءِ ۾ هئو، تنهن فقط الله تعاليٰ جو هڪڙو فرمان ڀڳو ته انهيءَ سببان انهيءَ کي ستر (۷۰) هزار سال فراق ۾ رکيائون، ان کان پوءِ جڏهن تمام زاري ڪري چيائين "رَبَّنَا ظَلَمْنَا اَنْفُسَنَا" يعني: خداوندا! اسان پنهنجن نفسن تي ظلم ڪيو. تڏهن بخشيل

www.maktabah.org

۽ پاڪ ٿيو. اسين جو هزارها فرمان ٿا پڇون ۽ بي فرمانيون پيا ڪريون پوءِ اسان جو ڪهڙو حال ٿيندو؟

۳۱ ڪنز * فرمايائون ته جيڪي دنيا ۾ امر ۽ خلق، دنيا ۽ آخرت ڪان موجود آهي، سو سڀ انسان لاءِ آهي. باوجود ان جي انسان ڪهڙو نه بيوقوف آهي جو انهن جي لاءِ محتاج آهي ۽ هن وڏي نعمت ڪان محروم آهي، "تو بقيمت ورائي دو جهاني - چه ڪنم قدر خود نميداني" يعني: تون قيمت ڪري ٻن جهانن ڪان وڌيڪ آهين، ڇا ڪريان جو پنهنجو قدر نٿو سڃاڻي. پوءِ فرمايائون ته الله تعاليٰ جيڪي پيدا ڪيو آهي سو سڀ انسان جي لاءِ پيدا ڪيو آهي ۽ انسان کي رڳو پنهنجي يادگيريءَ ۽ معرفت لاءِ پيدا ڪيو آهي ۽ "امر ۽ نهي" کي ان جي نفع ۽ نقصان جي سمجهائڻ جي واسطي بيان فرمايائون. پوءِ انسان پنهنجي نفع جي ڳالهه کي ڇڏي "نهي" يعني جن ڪمن جي الله تعاليٰ منع ڪئي اٿس تن جي ڪرڻ سبب پاڻ کي نقصان وارو ۽ محتاج ڪري ٿو. جن شين جي طلب لاءِ پنهنجو وقت پيو وڃائي سي سڀ الله تعاليٰ انهي جي لاءِ پيدا ڪيون آهن، جيڪڏهن الله تعاليٰ جي "امر" کي وٺي پنهنجي اصل ڏي رجوع ٿئي، ته وڃي پنهنجي مقصود کي پهچي ۽ جن شين جي طلب ڪري ٿو سي سڀ بي طمع ۽ ري طلب ڪٽس (ڪيس) ميسر ٿين "مَنْ لَهُ الْمَوْلىٰ فَلَهُ الْكُلُّ" يعني جيڪو الله تعاليٰ جو آهي، تنهنجي لاءِ سڀ ڪجهه آهي. انهيءَ ڳالهه تي هيءَ مثال فرمايائون ته، جيڪو پاڇي جي پٺيان ڊوڙي سو هرگز ان کي نه پهچي پر جيڪڏهن پاڇي کان پٺ ورائي سنئون رستو هلي ته پاڻهين پاڇو ان جي پٺيان هليو اچي.

۳۲ ڪنز * فرمايائون ته طالب اهو آهي، جو نفس جي خواهشن کي وڍيندڙ هجي، نه اهو جو حرص ۽ هوا جو تابع هجي، جيئن ته قرآن شريف ۾ آهي "اَفَرَءَيْتَ مَنِ اتَّخَذَ اِلٰهَهٗ هَوٰيهُ" يعني: ڏس ان کي جو حرص ۽ هوا کي پنهنجو خدا ٿو ڪري ۽ جيڪڏهن الله تعاليٰ جي "امرن" ۽ "نهين" ۾ پنهنجي نفس کي

www.maktabah.org

قيد ۽ تابع نٿو ڪري تہ اهو ظالم آهي ۽ ان تي لعنت آهي "لَعْنَةُ اللّٰهِ عَلَي الظّٰلِمِيْنَ" قرآن ڪريم ۾ وارد آهي ۽ اهڙي خودپرست کي خداپرستي بلڪل حاصل نہ ٿيندي، ڇو تہ انهيءَ شخص منزل جي رستي ۾ هرگز پير نہ وڌو آهي، بلڪ گمراهيءَ جي جهنگ ۾ ويو آهي ۽ جنهن پنهنجي نفس کي حڪم ۽ زور سان پنهنجي حڪم جو تابع ۽ مطيع ڪيو آهي، اهو پنهنجي مقصود کي وڃي پهتو ۽ جنهن نفس کي رڳو پنهنجي حرص ۽ هوا تي ڇڏي ڏنو آهي اهو نفس هرگز حڪم ۾ نہ ايندو، مثل ان هٿيلي ۽ سرڪش ڏاند جي، جنهن کي ضعيف ۽ سست هاري اول ۾ هر وهڻ نہ سيکاريو آهي، سو هر کي ڀڃي اڇلائي ڇڏيندو ۽ پنهنجي عادت ڪان ڪين موٽندو.

۳۳ ڪنز * هڪڙي ڏينهن ڪنهن شخص ڪٽڪ جا داٽا حضرت مرشد سائين عليه الرحمة جي خدمت ۾ دعا ۽ دم ڪرائڻ لاءِ آندا، اهو شخص زميندار هو، پوءِ پاڻ انهن داٽن تي دعا جو دم ڪري فرمايائون تہ هنن داٽن کي حلال جي ان ۾ ڪٽي وجهجانءِ ۽ ڪنهن شڪ واري ان ۾ نہ وجهج نہ تہ اهي شبهي وارا داٽا حلال کي بہ ضايع ڪندا ۽ دعا بہ فائدو ڪين ڪندي. پوءِ انهيءَ ڳالهہ تي مثال ۾ هڪڙو نقل مخدوم اسمٰعيل قدس سره ساڪن مڪان ڪڏي ڪناري گوني جو بيان فرمايائون تہ انهيءَ متئين مخدوم فرمايو آهي تہ رزق حلال جو مثل انڌي جي آهي ۽ رزق حرام مثل سڄي جي، پوءِ جڏهن سڄو انڌي سان گڏ ٿيندو آهي تہ ان کي بہ پاڻ سان وٺي ويندو.

۳۴ ڪنز * فرمايائون تہ ڪتاب بيان العارفين ۾ جو ملفوظات آهي، حضرت سند العارفين برهان الواصلين سيد شاه عبدالڪريم عليه الرحمة جو، تنهن ۾ فرمايو آهي تہ هڪڙو دفعو نٽي شهر جي ٻن ماڻهن علمائن سان گڏ سفر ۾ ويس، جڏهن درياءَ جي پتڻ تي ويا سون تہ اتي هڪ شخص اسان جو آشنا هو، تنهن اسان جي دعوت ڪئي، چانور ۽ گيهہ تمام گهڻون آڻي ڏنائين، منجهن ٻن رفيقن انهن چانورن کي

www.maktabah.org

ديڳڙي ۾ رڌو. پر اسين تہ گيهہ واري طعام کي اصلي کين کائيندا هئاسون تنهن ڪري هڪڙي ڪنڊ ۾ وڃي ستاسون، جڏهن طعام رڌجي تيار ٿيو، تڏهن مون کي ڳوليائون ۽ ننڊ مان جاڳائي طعام جي کائڻ لاءِ چيائون، مون گيهہ واري طعام جي کائڻ کان انڪار ڪيو، تڏهن هنن چيو تہ شريعت ۾ گيهہ کائڻ حرام نہ آهي، اچي کائو. تڏهن مون چيو تہ ڪنهن بيماري جي سببان گيهہ نہ کائيندو آهيان. اهڙي طرح عذر ڪري انهيءَ طعام جي کائڻ کان پاڻ کي بچايم. انهيءَ نقل کان پوءِ حضرت مرشد سائين عليه الرحمه فرمايو تہ الله تعاليٰ جا گهٽا طالب سڀيي طعام کي ويجهائي کين ويندا هئا، جيئن جناب صاحب يقين ميان سليمان رحمة الله عليه مريد جناب حضرت مخدوم ميان اسمٰعيل ڪڏي واري جي بہ اها عادت هئي جيئن تہ چوندو هو تہ گيهہ وارو کاڄ هڏن کي سخت ۽ ڏاڍو ڪندو آهي ۽ موري ڪنوري پوري کائڻ سان جلد خاڪ ٿي ويندي آهي، خاڪ تي حساب آهي ئي ڪونہ ۽ مخدوم ميان اسمٰعيل قدس سره جن جي اها عادت هئي جو هرگز گيهہ وارو طعام نہ کائيندا هئا. جيڪڏهن ڪو گيهہ واري طعام جي دعوت کائڻ لاءِ تمام زور ڪندو هو، تہ لاچار انهيءَ طعام جي مٿان ڪارو تيل وجهائيندا هئا، ۽ پاڻ هميشه ڪاري تيل وارو طعام کائيندا هئا ۽ گيهہ وارو نہ کائيندا هئا. پوءِ حضرت مرشد سائين عليه الرحمة فرمايو تہ اسان کي انهيءَ ڳالهہ جي آزمائش اڄ تاريخ ۹ اربع جي ڏينهن مهيني جمادي الثاني سنہ ۱۲۵۷ ۾ نظر ۾ آئي، جو فقير الهہ بچائي جو ڪارو ڪپڙو ڏيکيو هئوسون ۽ انهيءَ ڪپڙي کي بن جاين تي نير جي رنگ اثر نہ ڪيو هو، اهي جايون اڇيون رهجي ويون هيون ان کان پڇيوسون تہ هي جايون ٻئي اڇيون ڇو رهجي ويو آهن. تڏهن هن چيو تہ انهن جاين کي چربي لڳل هئي، تنهن ڪري ڪاراڻ انهن کي اثر نہ ڪيو، تڏهن اسان جي دل ۾ خيال آيو تہ جڏهن چربي تي ڪاري رنگ اثر نہ ڪيو. پوءِ چڱي ۽ سڀيي طعام کائڻ جي

www.maktabah.org

ڪري طالبن جون رياضتون ۽ محنتون ڪيئن دل تي اثر ڪنديون؟ جيئن ته سٽپي آرسي خاڪ ۽ ڦلهيار جي مهنڊ ڪان سواءِ صفا ۽ صاف نه ٿيندي.

۳۵ ڪنز * فرمايائون ته اڳيان مشائخ قدس الله ارواحهم هن طرح ڪندا هئا جو ذڪر ۽ فڪر جي مشغولي ۽ سلوڪ جي متين مقامن تي پهچڻ ڪان پوءِ آخر ۾ زهد ۽ رياضتون اختيار ڪندا هئا ۽ نفس جي خواهشن ۽ مرضين جي برخلاف هلت ڪري نفس کي حڪم جو تابع ڪندا هئا، تنهن ڪري سڀ ڪماليتون ڏاڍي ڪوشش ۽ وڏيءَ همت سان انهيءَ طرح حاصل ڪندا هئا ڇو ته سالڪ کي سڀ ڪنهن قسم جي صفائي زهد ۽ رياضت سان حاصل ٿيندي آهي ۽ ڪماليتن جو حاصل ٿيڻ، سواءِ رياضت جي تمام ڏکيو آهي. پوءِ فرمايائون ته اي طالبو! توهين به همت ڪريو، ڇو ته همت ڪان سواءِ ايهو ڪم پورو ٿيڻ جو نه آهي.

۳۶ ڪنز * حضرت مرشد سائين عليه الرحمة جي ايها عادت هوندي هئي جو اڪثر وقت طالبن کي نفس جي مخالفت ۽ غيرموافقت تي تاڪيد ڪندا هئا ۽ نفس جي خباثتن ۽ ڪمينائين تي قسمن قسمن سان خبردار ڪندا هئا ۽ فرمائيندا هئا ته نفس ڪتي جي مثل آهي جنهن جي پليتي هرگز نه ويندي مگر ان جي عادت بدلبي آهي. جيئن ته ڪتو جيڪڏهن دشمن هجي ته ان ڪان ڏاڙهڻ جو خوف ٿيندو آهي ۽ جڏهن دوست ٿيندو آهي تڏهن به جيڪڏهن محبت ڪان ڪنهن کي ڪٽي چٽي ته به پليد ڪندو. اهڙي طرح نفس به جيڪڏهن امارو آهي ته ان ڪان هلاڪت ۽ فساد جو خوف آهي ۽ جيڪڏهن مطمئنو آهي، ته به ان ڪان بي خوف ٿيڻ نه گهرجي.

۳۷ ڪنز * فرمايائون ته اي دوستو! همت ڪريو، همت اها آهي جو موت کي پاڻ تي اختيار ڪريو، ڇو ته مرڻ ڪان پوءِ سالڪ کي ڪا به شي رستي ڪان روڪيندڙ نه آهي، پاڻ فرمايائون

www.maktabah.org

تہ موت ڪجهہ بہ نہ آهي فقط حضرت اسمٰعيل علي نبينا وعليه الصلواة والسلام جي قرباني جو گهڻو آهي، جيئن تہ موت کان نفس کي سندس سڌن ۽ خواهشن کان اطمينان ۽ آرام ٿيندو آهي ۽ ان کان انسان پنهنجي اختيار کان لنگهي ويندو آهي.

۳۸ ڪنز * فرمايائون تہ سڪر بہ سالڪ کي وڏڻ نہ ڏيندو آهي ۽ صحو يعني هوشياري ۾ سالڪ کي جذبات ۽ شوق سان زيادتي ۽ وڏڻ حاصل ٿيندو آهي ۽ سڪر ۾ مثل انڌي پڪيءَ جي آهي، جو انڌائي جي سببان اڏامڻ کان عاجز رهجي ويندو آهي.

۳۹ ڪنز * هڪڙو دفعو سياري جي آخر ۾ حضرت مرشد سائين عليه الرحمة مسافري ۾ هئا، فقير عبدالله ويٺل ڳوٺ کور واه جو آيو ۽ سندن قدم بوسي کان مشرف ٿيو. پاڻ ان کان پڇيائون تہ انبن جي وڻن ٻور جهليو آهي يا نہ. ان چيو تہ حضرتا! ٻور بہ جهليو اٿن ۽ گونر بہ ڪڍيا اٿن. انهيءَ ڳالهہ ٻڌڻ کان پوءِ پاڻ جوش ۾ آيا ۽ تمام گهڻو گريو ڪيائون ۽ فرمايائون تہ سبحان الله، وڻ بہ پنهنجي موسم ۾ پن ڇاڻيندا آهن ۽ نيون ٽاريون ۽ پن ڪڍندا آهن ۽ گل ۽ ميوا پيدا ڪندا آهن. اسين ڏسو تہ ڪهڙا ماڻهو آهيون جو پنهنجي خباثت جي حال کان ٻاهر نٿا نڪرون ۽ سڄي عمر پنهنجي هستيءَ ۽ مغروريءَ تي ضايع ڪندا آهيون ۽ ڪابہ انسانيت نہ اٿئون جو وڻن جهڙا بہ نہ ٿياسون.

۴۰ ڪنز * حضرت مرشد سائين عليه الرحمة اڪثر وقت طالبن کي توڪل ۽ اسباب جي ڇڏڻ تي رغبت ڏيارينداهئا ۽ فرمائيندا هئا تہ توڪل اهو نہ آهي جو اسباب کي ڇڏي ڏجي ۽ دل نفساني شهوتن ۽ شيطاني خيالن ۾ گرفتار هجي بلڪ توڪل اوهو آهي جو ڪوبہ خطرو نفساني ۽ شيطاني شهوت جي خواهشن ۽ مرضين موجب دل کي آڏو نہ اچي ۽ هن وقت جا فقير اهڙا آهن جو اسبابن کي ڇڏي ڏين ٿا ۽ نفس جي خيالن موجب ماڻهن جي دروازن تي پئا گهمن ۽ نفس ۽ شيطان جي خيالن کي

www.maktabah.org

سڃاڻي نٿا سگهن. بلڪ نفس ۽ شيطان جي خيالن کي الهام ۽ حق جي ڳالهه سمجهندا آهن ڇو ته سندن دليون مئل آهن، حق ۽ باطل جي وچ ۾ فرق ڪري نٿا سگهن.

۴۱ ڪنز * فرمايائون ته سالڪ کي ٻه ڪنڀ آهن جن سان اڏامي معنيٰ جي ملڪ کي وڃي پهچندو آهي، هڪڙو محبت جو ڪنڀ ٻيو ڪنڀ تقويٰ جو، جيڪڏهن هڪڙو انهن ٻنهي مان ڀڃي پوي ته معنيٰ جي ملڪ ڏي اڏامي نه سگهي.

۴۲ ڪنز * حضرت مرشد سائين عليه الرحمة وعظ ۽ نصيحت فرمائيندا هئا ته اي دوستو! هوشيار ۽ آگاه رهو، ڏسو ته اوهان جا عزيز ۽ قريب، جيڪي اوهان کان اڳ هئا، سي ڪاڏي ويا. دنيا فاني آهي، دنيا جي حياتيءَ تي ڪو اعتبار نه آهي ۽ نڪي مٿس اعتبار ڪرڻ گهرجي. الله تعاليٰ جي طلب ڪريو ۽ دل جو منهن الله تعاليٰ ڏي ڪريو، ڇو ته ايهي عمر جا پساه جيڪي اوهان وٽ آهن، سي الله تعاليٰ جي امانت آهن، جيڪو الله تعاليٰ جي امانت کي نفساني ۽ شيطاني خيالن تي وڃائيندو سو خيانت ڪندڙ آهي، جيڪڏهن هڪڙي پساه ويل جي لاءِ لک روپيا خرچ ڪجن ته موٽي نه ايندو ۽ نڪي عمر ويل زياده ٿيندي.

۴۳ ڪنز * فرمايائون ته ڪنهن جو مال ويو ڪين آهي. جيڪڏهن ڪنهن جو مال ويو هجي ها ته جيڪر ان جي ڳولا ۾ بيقرار هجي ها ۽ جتي ان جو پتو پوئس ها، اتي جيڪر ڪوشش ڪري وڃي ها. پوءِ فرمايائون ته اڄ طالب الله تعاليٰ جو ڪونهي، بلڪ سيڪو پنهنجي نفس جي خيالاتن ۽ حرصن ۾ مشغول آهي. جيڪڏهن الله تعاليٰ جي طلب ۾ ڪوشش ڪجي ته ضرور مقصد کي وڃي پهچجي.

۴۴ ڪنز * فرمايائون ته طالب کي گهرجي ته ڪثرت تي نظر نه ڪري بلڪ وحدت کي ڪون ۽ مڪان کان علحدو ڳولي ۽ جيڪو تنزيه کان تشبيه کي ڳولي، سو بي همت مرد آهي؛ ڇو جو اهو متاهين کان هيٺاهين ڏي موٽي ٿو ۽ حقيقي مقصود کان

www.maktabah.org

رهجيو وڃي ٿو.

۴۵ ڪنز * هڪڙي فقير سانجهي جي نماز ڪان پوءِ اوطاق جي پڪي جي پير ۾ سنڌي بيت پي پڙهيا، ان کي فرمايائون ته: اي فقير! دل ۾ نگاه ڪر ۽ دل سان مشغول هو، ايهي بيت ڪم نه ايندا. ان چيو ته حضرتا! دل منهنجيءَ کي گهوڙا هٽي ويا آهن ۽ اوهان کي قدرت آهي. فرمايائون ته جنهن جو نظر پورو نه هوندو تنهن کي جتي ڪٽي گهوڙا هٽي ويندا ۽ پوءِ فقير عبدالرحيم (گرهوڙي) عليه الرحمة جوسنڌي بيت زبان مبارڪ تي آندائون.

بيت

منهن ڪر منجهيئي، ٻاهر ڊوندي مَ ڊور جئن،
ڪَٽِي آهري، صاف ڪر ته ڪم ٿيئي.

۴۶ ڪنز * فرمايائون ته اڳين مشائخن فرمايو آهي ته جنهن ماڻهوءَ کي حضور دل جو ايترو نه ٿيو آهي جو هو پنهنجي اکين کي ڏسڻ کان ۽ ڪنن کي ٻڌڻ کان روڪي نٿو سگهي، تيستائين ان کي ڪا به ڳالهه چوڻ درست نه آهي. مگر جيڪڏهن ايترو حضور ٿيو اٿس، تنهن کان پوءِ جيڪڏهين چوي ته جائز اٿس. ان کان پوءِ فرمايائون ته اهڙي طرح نه فرمايو اٿن ته خواه مخواه ڳالهائڻ ۾ مشغول ٿي، مگر مٿين مرتبي جي حاصل ٿيڻ کان پوءِ جيڪڏهين ڳالهائيندو ته جائز آهي، پر چڱو آهي ته ماڻ ڪري ويٺو هجي.

۴۷ ڪنز * هڪڙي ڏينهن فقير ميان لعل محمد عليه الرحمة کان پڇيائون ته مخدوم ميان عبدالرحيم (گرهوڙي) قدس سره موت جي باب ۾ پنهنجي ڪتاب فتح الفضل ۾ ڇا بيان ڪيو آهي؟ تڏهن هن جواب ڏنون ته حضرتا! هيئن فرمايو اٿس ته "مَنْ نَسِيَ الْمَوْتَ فَلَيْسَ بِمُسْلِمٍ" يعني: جيڪو موت کي وساري ڇڏي سو مسلمان نه آهي. تڏهن پاڻ فرمايائون ته بزرگن ڏسو ته ڪهڙو نه چڱو فرمايو آهي. تنهن کان پوءِ فرمايائون ته يادگيري

www.maktabah.org

موت جي چڱي آهي، يا الله تعاليٰ جي يادگيري چڱي آهي، پوءِ پاڻ فرمايائون تہ موت جي يادگيري هن موهوم يعني ڪوڙي هستيءَ کي پڇندڙ ۽ نابود ڪندڙ آهي ۽ الله تعاليٰ جي يادگيري سالڪ جي ظاهر ۽ باطن کي سينگاريندڙ آهي. انهيءَ مهل پاڻ ذوق ۾ آيا ۽ ڦڙا هنجن جا، ڪمال ذوق کان، سچن موتين وانگر، رخسار مبارڪ تي هاريائون ۽ فرمايائون تہ اي دوستو! ڪهڙي نہ وڏي نعمت آهي، پر ڪوبہ هن نعمت ڏي خيال نٿو ڪري ۽ جيڪڏهن ڪو هن نعمت ڏي اچي، تہ ڪهڙو نہ ذوق لهي ۽ انهن لفظن کي ڪامل ذوق سان ٻٽي ڀيرا تڪرار ڪري فرمايائون.

۴۸ ڪنز * هڪڙي ڏينهن فرمايائون تہ اڄ هن هستيءَ کي چڱي طرح ڏيان سان ڏٺوسون، معلوم ٿيوتہ رڳو ڏسڻ جي آهي، ٻيو ڪجهہ بہ نہ اٿس ۽ هي بدن مثل طلسم يعني تصوير جي پورو آهي. الله تعاليٰ ان کي پنهنجي صفت سان ٺاهيو آهي ۽ انهي بدن ۾ خيالن جون قطارون پئيون اچن ۽ وڃن. پوءِ جيڪڏهين ڪوڙا ۽ باطل خيال اچن ٿا تہ بدن بہ باطل ٿي پوندو آهي ۽ جي حق جا خيال ايندا آهن تہ بدن کي بہ حق ڪندا آهن. اهڙي طرح صاحب مثنوي جي فرمايو آهي:

بيت

اي برادر توهمين انديشئہ = ما بقي تواستخوان و ريشئہ
گر گلت انديشئہ تو گلشني = ور بود خاري تہ همہ گلختي.

يعني اي ڀاءُ تون رڳو خيال آهين. خيالن کان سواءِ باقي رڳو هڏا ۽ پٽا آهن. جي تنهنجا خيال گل آهن تہ تون باغ آهين ۽ جي تنهنجا خيال ڪنڊا آهن تہ تون مچ ڪاٽل آگار آهين.

۴۹ ڪنز * فرمايائون تہ زيادتي سالڪ جي درد سان آهي ۽ درد سالڪ جا ڪنڀ ۽ ڪنيڙائيون آهن.

۵۰ ڪنز * فرمايائون تہ مرشد جڏهن اول مريد کي دل جي ذڪر سان مشغول ڪندو آهي تڏهن اوهو مبتدي مريد پهريائين ذڪر جي خيال سان مشغول ٿيندو آهي. پوءِ ان جو

www.maktabah.org

خيال ڦري ذڪر ٿي پوندو آهي. پوءِ وري اوهو خيال فڪر ٿي پوندو آهي پوءِ جڏهن فڪر بہ تمام ٿي پوندس تڏهن جنهن جو فڪر ڪيو هئائين تنهن جي صورت ٿي پونديس. انهيءَ وقت سالڪ جا شڪ شڪوڪ سڀ ويندا هليا. ان مهل سندس بت باه وانگر ٿي پوندو ۽ جذبو "هَلْ مِنْ مَزِيْدٍ" يعني اجان بہ شوق وڌيڪ ٿئي ائين پيو چوندو.

٥١ ڪنز * ڪنهن فقير حضرت مرشد سائين عليه الرحمة جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا! روح لطيف آهي سو ڇو نفس جي اڳيان هيٺو ٿي پيو آهي. پاڻ فرمايائون تہ نفس جي گهر ۾ وڃي جاءِ ورتي اٿس. تنهن ڪري مغلوب ٿيو آهي. جيڪڏهن انهيءَ گهر جي دعويٰ ڇڏي تہ هيٺون نہ ٿئي انهيءَ مثال تي مولانا روم قدس سره ڇا چڱو چيو آهي:

بيت

چون ز خود رستي همہ حق گشتئہ = رفت ظلمت نور مطلق گشتئہ

يعني جڏهن پاڻ کان ڇٽين تڏهن سڄو ئي حق ٿي پئين انڌارو ويو رڳو نور ٿي پئين. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ پاڻ کان ڇٽين يعني نفس کان ڇٽين تہ الله تعاليٰ کي وڃين ملين. مولانا حضرت خواجہ نقشبند قدس سرهٗ فرمايو آهي تہ تون پاڻ کي وساري ڇڏ پوءِ دوست جي طلب ڪرڻ جو احتياج نہ آهي.

٥٢ ڪنز * فرمايائون تہ اهڙو ماڻهو آهي ئي ڪونہ ڪو جو الله تعاليٰ جي ڳالهہ ڪري يا ٻڌي، پوءِ فرمايائون تہ الله تعاليٰ جي ڳالهہ اهو ڪندو، جو ٻئي هٿ دنيا جي ڪمن کان ڌوئي ڇڏيندو. انهيءَ مهل مولوي ميان محمد شاه سندين خدمت ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا! ڪتاب سلڪ سلوڪ ۾ لکيو آهي تہ هڪڙو شخص هارون رشيد بادشاه جي زال تي عاشق ٿيو اها خبر وڃي بادشاه جي عورت کي پهتي، تنهن ان شخص کي پاڻ وٽ ڪوٺي چيو تہ ميان آئون بادشاه جي عورت آهيان، مون کي انهيءَ تهمت سان خلق ۾ خوار نہ ڪر. هاڻ ٽي هزار روپيا وٺ ۽ منهنجي عشق جي دعويٰ ڇڏي ڏي. چيائين تہ آئون دعويٰ نہ

www.maktabah.org

ڇڏيندس، تڏهن وري بادشاه جي عورت ڇهه هزار روپيا ڏيڻا ڪيس ته به دعويٰ نه ڇڏيائين. تڏهن وري وڏائيندي وڏائيندي ڏهن هزارن روپين تائين آئي، تڏهن هو مرد دنيا جي پئسن ۽ مال جو عاشق هو تنهن ڏهن هزارن روپين جي طمع تي عشق جي دعويٰ ڦٽي ڪئي. تڏهن بادشاه جي عورت چيو ته هن کي وٺي وڃي ڦاسي ڏيو، ماڻهن چيس ته هن ويچاري اوهان جي چوڻ موجب ڏهن هزارن روپين تي عشق جي دعويٰ ڇڏي ڏني، تنهن کي ڇو ڦاسي جي چاڙهڻ جو حڪم ڏيو ٿا. تڏهن چيائين ته اهو پنهنجي دعويٰ ۾ ڪوڙو ٿي پيو، ڪوڙي جي اها سزا آهي. تڏهن حضرت مرشد سائين عليه الرحمة فرمايو ته اهو مرد جڏهن پنهنجي دعويٰ ۾ سچو نه ٿيو تڏهن جان ۽ مال جو ڪيس نقصان پهتو. الله تعاليٰ جو طالب به جيڪڏهن طلب ۾ ڪنهن مراد تي راضي رهيو ته هميشه جي لاءِ محروم رهيو ۽ جيڪڏهن طلب جي دعويٰ کي هرگز نه ڇڏيندو ته محبوب حقيقي به ان جي عطا ۽ مهرباني کان پنهنجو هٿ نه روڪيندو. خواجه حافظ رحمة الله عليه فرمايو آهي:

بيت

دست از طلب ندارم تاکام من برآيد = يا جان رسد بجانان ز تن بر آيد

يعني: آئون طلب کي تيستائين نه ڇڏيندس جيستائين منهنجي مراد پوري نه ٿيندي. يا هي ساه محبوب کي وڃي پهچي يا جان نڪري وڃي.

٥٣ ڪنز * فرمايائون ته جيستائين طالب کي هڪ وار جيتري به هن جهان جي سڌ هوندي، تيستائين ان کي عالم معنيٰ جي ڪان هرگز واقف نه ڪندا ۽ جڏهن گهرندا آهن، ته ڪنهن ماڻهو کي عالم معنيٰ جي ڪان واقف ڪن، ته پهريائين ان کي درجي بدرجي هن جهان جي انس ۽ لاڳاپن جي قيد کان سچو آزاد ڪندا آهن. تنهن کان پوءِ هن جهان جو دروازو ڪٽس (ڪيس) پٽي ڏيندا آهن. انهيءَ جاءِ ۾ سنڌي بيت تصنيف ابراهيم رحمة الله عليه جا پڙهيائون:

www.maktabah.org

بيت

جنهن کي بچيو جان ۾ ڪو زور آرزو = سو موحد مور نہ ٿئي مشرڪ مُوبمُو
جنهن کي بچي جان ۾ ذرو ڪار مراد = سو اسلامان نگئو، ڪارو ڪفر قراد.

٥٤ ڪنز * فرمايائون تہ طالب کي گهرجي تہ جيستائين ڪر پنهنجو پورو نہ ڪري تيستائين انس ۽ ميلاپ خلق سان نہ ڪري، مگر جنهن ڪر جي اڻ سرندي هجيس تنهن لاءِ لاچار وقت ٽپائي، ڇو تہ دنيا موريز خانو آهي موريز خاني ۾ احتياج کان سواءِ وڃڻ نہ گهرجي، ڇو تہ موريز احتياج جي دفع ڪرڻ جي جاءِ آهي نہ رهڻ جي جاءِ.

٥٥ ڪنز * فرمايائون تہ فقير نامراد چڱون آهي، جيئن تہ هن کي هن دنيا ۾ ڪابہ مراد نہ هجي.

٥٦ ڪنز * فرمايائون تہ مردانگي همت سان آهي، بي همت جو الله تعاليٰ بہ همراه نہ آهي.

٥٧ ڪنز * فرمايائون تہ اهو رستو الله تعاليٰ جو هڪ ڊِلائي ۽ هڪ مهائي کان سواءِ وڍي نہ سگهبو ۽ جيڪڏهن، ڪڏهين الله تعاليٰ جي طلب ۾ ۽ ڪڏهين دنيا جي ڪمن ۾ مشغولي ڪبي تہ اها صورت حرص وارن جي آهي، نہ طالبن جي. انهيءَ جاءِ تي هي بيت سنڌي فرمايائون.

بيت سنڌي

ڏينهان گهاري ڏم سين، راتين مهار،
جيلانهن بہ پار، تيلانهن ٻڌي مئي سوهٽي.

ان تي هي مثال بيان فرمايائون تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو سفر ۾ ڪنهن ڏس ڏي ويندو هجي ۽ ان جي هميشہ اها عادت هجي جو هڪڙي ڏينهن هڪڙي طرف ڏاهن وڃي ۽ ٻئي ڏينهن ٻئي طرف ڏانهن تہ اهو هرگز منزل تي ڪين پهچي سگهندو. اهڙي طرح جيستائين طالب الله تعاليٰ کان سواءِ ٻئا سڀ تعلقات ٽوڙي نہ ڇڏيندو ۽ هڪ دليو ۽ هڪ روئو تي طلب ۾ قدم نہ رکندو، تيستائين ان جو ڪر مقصد کي نہ پهچندو.

www.maktabah.org

۵۸ **ڪنز** * فرمايائون تہ اي يارو! جيڪي ڪرڻو اٿو سو اڄ ڪري وٺو، ڇو تہ هي وقت موٽي هٿ نہ ايندو، جئن تہ هينئر اسان ۽ اوهان جي وچ ۾ مناسبت تمام پوري آهي، ڇو تہ ظاهر ڪري اوهان وٽ وينا آهيون، اها ڳالهہ اسان ڪان پوءِ اوهين ڪنهن ٻئي کان ڪين ٻڌندا. پوءِ افسوس ڪندا مگر اهو افسوس ڪم نہ ايندو.

۵۹ **ڪنز** * فرمايائون تہ همت طالب جي اها آهي تہ سڄو پنهنجي هستيءَ کان ٻاهر نڪري اچي. انهيءَ جاءِ تي فرمايائون تہ خواجہ نقشبند قدس سره فرمايو آهي تہ تون پاڻ کي وساري ڇڏ تہ پوءِ دوست جي طلب جو احتياج نہ آهي. اهڙي طرح خواجہ حافظ شيرازي رحمة الله عليه فرمايو آهي:

بيت

ميان عاشق ومعشوق، هيچ حائل نيست،
تو خود حجاب خودي، حافظ ميان برخيز.

يعني: عاشق ۽ معشوق جي وچ ۾ ڪو پردو نہ آهي،اي حافظ! تون پاڻ پنهنجو حجاب آهين وچ مان اٿي وڃ ۱۲.

۶۰ **ڪنز** * فرمايائون تہ طالب کي پهريائين گهرجي تہ هستيءَ کان پاڻ کي ڇڏائي ۽ نفس کي حڪم هيٺ مطيع ۽ فرمانبردار ڪري جئن تہ پنهنجي هستيءَ ۽ حرص کي بالڪل ختم ڪري ڇڏي. پوءِ فرمايائون تہ موت ڇا آهي، رڳو خيال کي بدلائڻ آهي، جو اصل جو رنگ ڇڏي نئون رنگ وٺندو آهي.

۶۱ **ڪنز** * فرمايائون تہ طلب جو شرط اهو آهي، تہ سيني کان لاڳاپو ڇني ڇڏي، جئين تہ ان کي هن جهان ۾ هڪڙي وار جيترو بہ ڳانڍاپو نہ رهي. پوءِ فرمايائون تہ طلب ڪر نامرادن جو آهي، جيستائين سڄو نامراد نہ ٿيندو، تيستائين ان کي هرگز مراد کان واقف نہ ڪندا. انهيءَ جاءِ تي بيت سنڌي تصنيف شاه ڀٽائي عليه الرحمة جو بيان فرمايائون:

www.maktabah.org

بيت

سدا سوءِ تا ڪاپڙي مُٽا مُوه ٽيان،
ڪوٽي ڪنهن نہ پچيا، تہ ڪي اندر اندوهيان
جيڪا ڄماران، سا سڀ گذري گوندرين.

٦٢ ڪنز * فرمايائون تہ فقير اهو آهي جو هميشه بڪيو ۽ اگهاڙو هجي. انهيءَ مهل هي بہ بيت سنڌي فرمايائون

بيت

نہ ڳندا، نہ گبري، نہ لاٽگوٽي لڳ،
پونگا جنين پينگ، صاحب تنين سامهون.

نہ ڳندا، نہ گبري، نہ لاٽگوٽي نہ لُنگ
جيڏانهن ڪٽن وک، تيڏانهن صاحب سامهون.

٦٣ ڪنز * فرمايائون تہ طالب کي گهرجي تہ دل جي دروازي تي پاڻ کي فدا ۽ قربان ڪري ۽ پنهنجي سڄي همت کي، دل جي هٿ آڻڻ ۾ خرچ ڪري جيستائين طالب کي دل هٿ ۾ نہ آهي، تيستائين جيڪو مشغلو يا ذڪر زبان سان ڪندو تنهن مان ڪجهہ ٽيٽو نہ آهي.

٦٤ ڪنز * هڪڙي ڏينهن ڪنهن فقير پنهنجي قصور همت ۽ عجز طلب جي سببان پنهنجي مطلب جي نہ ملڻ ۽ محروم رهڻ جي ڪري حضرت مرشد سائين جي حضور ۾ شڪايت ڪئي، ان جي جواب ۾ فرمايائون تہ اي يار همت ڪر، همت کان سواءِ مقصد ڪين ملندو ۽ انهن ٿلهين ڳالهين مان ڪي بہ ٽيٽو نہ آهي؛ ۽ سمجهو نہ حضرت يوسف عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام کي جڏهين بي بي زليخا ستن ڪوٺين جي اندر بند ڪري ستن ئي دروازن کي قفل ڏيئي ڇڏيا هئا، تڏهين حضرت يوسف عليه السلام ڏٺو تہ هتان مون کي ڇوٽڪارو ملڻ تمام مشڪل ۽ محال آهي، پر جڏهين همت ڪيائين، تڏهين ست ئي دروازا پاڻهي کلي پيا ۽ قفل وجي پري ڪريا. تڏهين انهيءَ فقير وري سندن خدمت ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا! اوهين همت جو

www.maktabah.org

تاڪيد فرمايو ٿا، پر مون کي خبر نٿي پوي ته همت ڇا آهي، پاڻ فرمايائون ته همت آهي دل جو مقصد، طالب کي گهرجي ته جنهن شي جي حاصل ٿيڻ لاءِ قصد ڪري ته پنهنجي دل جي قصد کي هرگز ان کان روڪي نه ڇڏي، ته ضرور صد ضرور نيٺ پنهنجي مقصد کي وڃي پهچندو. اتي هي بيت سنڌي فرمايائون.

بيت

جان جان جوءِ نه پسن، جهين لئي جوڳي ٿيا،
تان تان ڪاپڙين، وره وهامي راتڙي.

٦٥ ڪنز * فرمايائون ته فقيري عجب نعمت آهي، پر اهڙو مڙس گهرجي جو پنهنجي حياتيءَ جي ڏينهن ۾ انهيءَ نعمت کي حاصل ڪري. انهيءَ جاءِ تي سنڌي بيت شاه ڀٽائي عليه الرحمة جو بيان فرمايائون:

بيت سنڌي

ڳجهه پنهنجي ڳجهه سين، رند رسائي لاهه،
اجل اڀيو آهي، پٽيءَ تو پل وٺئو.

٦٦ ڪنز * فرمايائون ته پڙهيل ڪم نه ايندو مگر حال دل جو ڪم ايندو، جئن ته قلعي کي گيهري وجهڻ مهل ٻاهر جو لشڪر ڪم نه ايندو پر جيڪي سپاهي اندر قلعي ۾ هوندا سي ڪم ايندا.

٦٧ ڪنز * فرمايائون ته هڪڙي بزرگ، حق جي طالبن کي، ذات جي فڪر جو تصور فقط هڪڙي ڇاڙڪيءَ جي قدر دماغ کان مٿي ٿي ڪرايو ۽ اسين چئون ٿا ته فڪر کي دماغ کان اهڙو مٿي ڪجي جو بي نهايت ۾ وڃي پوي ۽ انهيءَ بزرگ عليه الرحمة جو فقط هڪڙي ڇاڙڪي مقرر ڪئي هئي سو هن ڪري ته مريدن کي انهيءَ قسم جي تصور ۽ فڪر جو ضابطو قرار وٺي ويندو.

٦٨ ڪنز * فرمايائون ته جڏهن دل ڪدورتن يعني ميراين کان صاف ۽ صفا ٿيندي پوءِ جيڪو رنگ ان کي آڇبو

www.maktabah.org

تنهن سان رڳجي پوندي.

مصرع

دل را اگر تو صاف كني، همچو آئينه است.

يعني: جيڪڏهين دل کي تون صاف ڪرين، تہ مثل آرسيءَ جي آهي.

٦٩ ڪنز * فرمايائون تہ فقير کي نہ گهرجي تہ اولاد سان دل جو ڳانڍاپو ڪري ۽ ساڻن محبت ۽ دوستي نہ ڪري ۽ انهن کي پاڻ تي گستاخ نہ ڪري ڇو تہ فقيرن جو پيوند الله تعاليٰ کان سواءِ ٻئي سان هئڻ نہ گهرجي.

بيت

تعلق حجابست وبي حاصلي = چو پيوندها بگسلي واصلي

يعني: خلق سان تعلق رکڻ حجاب ۽ بي حاصلي آهي. جڏهين لاڳاپا ٽوڙيندين تڏهين واصل ٿيندين.

٧٠ ڪنز * فرمايائون تہ جيڪو دم الله تعاليٰ جي يادگيريءَ ۾ وڃي سو سڄي عمر جي عبادت کان چڱو آهي. خاقاني عليه الرحمة ڪهڙو نہ چڱو چيو آهي

بيت

پس از سي سال اين معنيٰ، محقق شد بخاقاني،
کہ يکدم باخدا بودن بہ، از ملک سيلماني.

يعني: ٽيهن ورهن کان پوءِ خاقاني کي معلوم ٿيو تہ هڪڙو دم خدا سان مشغول رهڻ حضرت سليمان عليه السلام جي سڄي ملڪ کان چڱو آهي.

٧١ ڪنز * فرمايائون تہ جڏهن شاه عنايت الله صوفي قدس سره کي مڪر ۽ فريب سان نورمحمد ڪلهوڙي ۽ ٺٽي جي نواب وٽ جيڪو دهلي جي بادشاه جي طرفان مقرر ٿيل هو، قتل جي واسطي نيائون ٿي، تڏهن روانگي جي وقت صوفي صاحب هڪڙي مريد اهل دل جي کي فرمايو:

www.maktabah.org

بيت

ڪاهلندي جيڏيون سوريءَ سڏ ٿيو،
تڏهن انهيءَ مريد جواب ۾ چيس:
وڃڻ تن پيو جي نالو ڳنهن نيهن جو.

۷۲ ڪنز * فرمايائون تہ جيڪي عادتون چڱيون توڙي بڇڙيون آهن سي سڀ هستيءَ سان تعلق رکنديون آهن. ۽ الله تعاليٰ جي طلب تڏهين حاصل ٿيندي جڏهين طالب هستيءَ کان بلڪل نڪري ويندو ۽ انهيءَ هستيءَ کان ويسر ۽ محو ٿيڻ، سواءِ غلبي محبت جي ٿي ڪين سگهندو. پوءِ هستيءَ جي فنا ٿيڻ کان اڳي ڪابہ عبادت نہ آهي؛ يعني بي فائدي آهي ۽ هستيءَ جي فنا ٿيڻ کان پوءِ عبادت ٻئي قسم جي آهي "مَنْ لَمْ يَذُقْ لَمْ يَدْرِ" يعني جيڪو نٿو چکي سو نٿو سمجهي.

بيت

نماز عابدان رکع وسجود است = نماز عاشقان ترک وجود است،
يعني: عابدن جي نماز رڪوع ۽ سجدا آهن ۽ عاشقن جي نماز وجود جو ترڪ آهي.

۷۳ ڪنز * فرمايائون تہ جيڪو مجذوب سالڪ نہ آهي سو هلاڪ آهي ۽ جيڪو مجذوب سالڪ آهي سو تمام چڱو آهي.

۷۴ ڪنز * فرمايائون تہ الله تعاليٰ اوليائن کي جيتري قدر بلائون گهٽيون ڏيندو اوتري قدر عطائون بہ گهٽيون ڏيندو.

بيت

ما بلا بر کسي عطا نہ کنيم، تاکہ نامش ز اوليا نہ کنيم،
اين بلا گوهر خزانہ ماست ما بهرکس گوهر عطا نکنيم،
يعني اسين بلا جنهن شخص کي ڏيندا آهيون تنهن جو نالو ولين جي جماعت ۾ داخل ڪندا آهيون. اها بلا اسان جي خزاني جو گوهر آهي اسين گوهر سيني کي نہ ڏيندا آهيون.

۷۵ ڪنز * اڪثر وقتن ۾ هي بيت پڙهندا هئا.

www.maktabah.org

بيت

كجا ماو كجا زنجير زلفش، عجيب ديوانگي اندر سر ما است.

يعني اسين ڪٿي ۽ هن جي زلفن جو زنجير ڪٿي آهي اسان جي مٿي ۾ عجب جهڙي چريائي آهي. ۽ انهيءَ وقت ۾ پاڻ صحبت جي نعمت جي جدائي ۾ افسوس فرمائي انس ۽ دوستي جي رغبت ۾ حرص ڏيارڻ لاءِ هي بيت سنڌي پڙهندا هئا:

بيت سنڌي

پاڙي ويج هئام، مون اڃارندي نه پچيا.

٧٦ ڪنز * هڪڙو دفعو ڪنهن ڪپڙي اڇي وڇايل تي نفل تحية الوضو پڙهيائون تي نفل جي پڙهڻ کان پوءِ فرمايائون ته ڪپڙو جيڪو اڇو ۽ صاف ۽ سفيد آهي سو ڪهڙو نه دل کي پسند ۽ خوش لڳي ٿو، پوءِ جيڪا دل صاف ۽ پاڪ هوندي سا ڪهڙي نه وٽندڙ ۽ سهڻي هوندي. پر دل جي صفائي الله تعاليٰ کان سواءِ ٻين خيالن جي وڃائڻ کان سواءِ حاصل نه ٿيندي ۽ جيڪو ٻين خطرن کي دل کان نٿو ڪڍي، انهيءَ جي دل خراب آهي ۽ خراب ٿي ويندي.

٧٧ ڪنز * فرمايائون ته مردار جي مک هميشه مردار تي پنهنجي وهڻ جي جاءِ ڪندي آهي ۽ ماکيءَ جي مک هميشه چڱي هوا ۾ اڏامندي آهي، جنهن کان هن جو مغز خوشبو دار ٿيندو آهي ۽ ان کي ڏنگ سندس طبيعت جي جوش جو به آهي ۽ انهن ٻنهين مکين مان مراد آهي هڪڙو طالب دنيا جو جيئن "اَلدُّنْيَا كَنِيْسَةُ الْاٰدَمِ" يعني دنيا ڪرفتيءَ آدم جي آهي، انهن دنيا جي طالبن جي اها قرار جي جاءِ آهي، ۽ اهي همت جي سستي کان پليد جاءِ ۾ رهجي ويا آهن. تنهنڪري انهن مان ڪنهن کي به ضرر کان سواءِ ٻيو ڪو فائدو حاصل نه آهي، ڇو ته مک جيڪڏهين طعام تي وهي ته ان کي ضرر وارو ڪري ۽ جي ماڻهوءَ تي وهي ته ان کي بي آرام ڪري ۽ ماکيءَ جي مک مان مراد الله تعاليٰ جا طالب، جي خوشبوءَ ۽ عطر الله تعاليٰ جي شوق ذوق سان، جوش ۽ جذبي ۾ اچي دنيا جي خباثتن کان بلڪل

www.maktabah.org

آزاد ۽ صاف ٿي، حقيقت ۽ معرفت جي ماڪيءَ جي ظاهر ٿيڻ جي جاءِ ٿي پيا آهن.

٧٨ ڪنز * فرمائيندا هئا ته اي دوستو! همت ڪريو ۽ نسبت جي محافظت ۾ اهڙي ڪوشش ڪريو جو، ان کي پنهنجي ملڪيت ۾ آڻي ڇڏيو پوءِ جتي ڪٿي هجو بادشاه هجو ۽ هي صحبت ۽ هيءُ گڏجڻ موٽي هٿ نه ايندو، پر افسوس ته ڪنهن جي وٽ ڪانه ويئي آهي.

٧٩ ڪنز * فرمايائون ته طالب کي گهرجي ته قبض جي حالت ۾ سعيو ۽ ڪوشش اڳئين کان به زياده ڪري، جيڪڏهين فڪر ۾ به قبض ٿيس تڏهين به ذڪر ۽ ٻين شغلن ۾ مشغول ٿئي، مطلب ته بهرحال همت ڪري ۽ ٿڪجي نه پوي، ڇو ته ٿڪجڻ ۾ سست رهجي ويندو ۽ طلب همت کان سواءِ نه ٿيندي. انهيءَ جاءِ تي شاه پٽائي عليه الرحمة جا بيت زبان مبارڪ تي آندائون .

بيت

ڏوٽين چيس ڏور، ڪيچ پراهون پنڌ،
پاٽان پيئي پورڪ وڏائين وتري.

تنهن وک ويجهي ئي ڪي، جا ڪهي ڪنبائين،
چڪي چنائين، پنڌ مڙوئي پب جو.

٨٠ ڪنز * فرمايائون ته خواجه عبيد الله احرار قدس الله سره جي ملفوظات ۾ لکيل آهي ته دل اها آهي جنهن ۾ الله تعاليٰ جي يادگيري آهي، ۽ ان کان سواءِ ٽڪرو گوشت جو آهي جو ڪبي ٻبي جي هيٺان سڀ ڪنهن حيوان ۽ انسان کي آهي. ان کي وڏي ڪتي کي ڏيڻ گهرجي.

٨١ ڪنز * فرمايائون ته دنيا جا اهل جي دنيا جا محتاج آهن سي جيڪڏهين دنيا جي خباثت جي حقيقت ڏسن ته ان کي ٽڪ هٽي ڇڏي ڏين. بلڪ ان کي ٽڪ به نه هٽن، پر ڇا ڪن جو حقيقت ان جي نٿا ڏسن.

www.maktabah.org

٨٢ ڪنز * فرمايائون تہ سيني ماڻهن ۾ خراب اهو آهي جو دنياڪي دوست رکي ۽ ان جي خرچڻ ۾ بخيلي ڪري، ڇو تہ الله تعاليٰ جي ان تي لعنت آهي. جئن تہ حديث شريف ۾ آيو آهي "لُعِنَ عَبْدُ الدُّنْيَا وَلُعِنَ عَبْدُالدَّرَاهِمِ". يعني دنيا جي ٻانهي تي ۽ پيسن جي ٻانهي تي لعنت آهي. بلڪ اهو ماڻهو نہ آهي مثل ڪوئي جي آهي. انهيءَ جاءِ تي هي بيت پڙهيائون

بيت

دنيا آنقدر ندارد، کہ برو رشک برند
باوجود عدمش را، غم بيهوده برند

يعني: دنيا اهڙي نہ آهي جنهن تي ريس ڪجي، ان جي نہ هئڻ ڪري غم بي فائدو ڪجي.

٨٣ ڪنز * فرمايائون تہ جيڪو دنيادار جو يار آهي اهو الله تعاليٰ جو يار نہ ٿيندو، بلڪ هميشه خراب ۽ خوار ٿيندو.

٨٤ ڪنز * فرمايائون تہ جنهن کي دنيا جي دوستي هڪڙي وار جيتري هجي، تنهن کي ايمان نہ ٿيندو، انهيءَ ڳالهہ تي جيڪڏهين ڪو اسان کي قرآن شريف ڏي تہ بہ ان تي هٿ رکي سهن ڪٽي وجون، ڇو تہ دنيا جي دوست کي هرگز ايمان نہ هوندو ۽ جنهن دنيا کي ڇڏي ڏنون سو پلي تہ بي پرواه ٿيو چڱي طرح ماڻ ڪئو ستو پيو هجي، ڇا لاءِ جو اهو آزاد مرد آهي.

٨٥ ڪنز * فرمايائون تہ جيڪڏهين سڄي خلق اسبابن کي ڇڏي ڏي، تڏهين بہ الله تعاليٰ جل جلالہٗ مطلق رزاق آهي، ڇو تہ جيستائين رزق کائيندڙ موجود آهن تيستائين رزاق بي سبب روزي پيو پهچائيندو، ڇاڪاڻ تہ صفت رزاق جي رزق کائيندڙن لاءِ آهي. مثنوي معنوي ۾ آهي

بيت

همين توکل کن، ملزران پاو دست
رزق تو بر تو ز تو، عاشق تر است،
بر سر هر دانہ، بنوشتہ عيان،
کہ اين نصيب، ابن الفلان ابن الفلان.

www.maktabah.org

يعني: ميان توڪل ڪر هٿن ۽ پيرن کي نہ ڏکاءِ، رزق تنهنجو توتي توکان بہ وڌيڪ عاشق آهي، سڀ ڪنهن داڻي تي ظاهر لکيو پيو آهي، تہ هي فلاني پٽ فلاني جو نصيب آهي.

٨٦ ڪنز* فرمايائون تہ اسبابن جو ترڪ ڪرڻ، جيڪو اسان جي پير جي طريقي عالي ۾ آهي، سو ٻين مشائخن ۾ نہ آهي؛ ڇو تہ اسان وٽ ڪسب ڪرڻ حرام آهي ۽ ٻيا اگرچ صاحب حال ۽ ڪمال جا هئا تہ بہ ڪسب پيا ڪندا هئا.

٨٧ ڪنز* فرمايائون تہ اسان واقعي ۾ ڏٺو تہ هڪڙو دفعو آئون ۽ حضرت مرشد پير سائين رضي الله عنه ٻئي جماعت کي پنتي ڇڏي، هيڪلا هڪڙي ميدان ۾ پٺا وڃون، پوءِ اهڙي طرح ٿيو جو حضرت مرشد پيرسائين جن هيڪلا هڪڙي طرف روانا ٿيا ۽ آئون هيڪلو سيهوڻ جي جبل کان روانو ٿيس. پوءِ انهيءَ واقعي جي ڳالهہ حضرت پير سائين جن جي خدمت ۾ عرض ڪيم فرمايائون تہ جيڪي مٿي تي اچي سو چڱو.

٨٨ ڪنز* فرمايائون تہ سورٺ جي ملڪ ۾ هڪڙو بزرگ چشتي طريقي جي خاندان مان اسان سين ملاقي ٿيو ۽ هڪڙو ڪتاب ساٿس هو تنهن ۾ نقل لکيل هو تہ هڪڙي ڪنهن ڪامل بزرگ پنهنجي هٿن سان مسجد تي اڏي، ۽ سرون ڪٽندڙ قطارون ٻڌيو بيٺا هئا، هيڪ هڪڙي سر هٿو هٿ ڪٽي بزرگ اڏيندڙ کي ٿي ڏني ۽ انهيءَ وچ ۾ ترڪ ۽ توڪل جي باب ۾ ذڪر هليو، انهيءَ بزرگ کي ان مهل جيڪا سر ملي سا پنهنجي هٿ ۾ جهلي بيهي رهيو ۽ اڏاوت جي ڪم ۾ نہ آندائين، تہ انهيءَ مهل جيڪا قطار سرن جي هٿو هٿ پئي آئي، سا سڀ بيهي رهي. تڏهين بزرگ فرمايو تہ ترڪ ۽ توڪل جو رستو اهو آهي تہ جڏهن خرچڻ ۾ بخيلي ڪيم تڏهن جيڪي پٽيان آيو ٿي، سو سڀ بيهي ويو، انهيءَ جاءِ تي بيت مثنوي جو بيان فرمايائون :

بيت

هر چہ داري صرف ڪن در راه هو
لَنْ تَنَالُوا الْبِرَّ حَتّٰى تُنْفِقُوْا

www.maktabah.org

يعني جيڪي اٿئي سو سڀ الله تعاليٰ جي رستي ۾ ڏي تيستائين ڇوٽڪاري ڪي نه پهچندين جيستائين وٽندڙ شيءِ الله تعاليٰ جي رستي ۾ نه ڏيندين.

٨٩ ڪنز* فرمايائون ته الله تعاليٰ جي طلب جو فائدو ان کي ٿيندو جنهن وٽ ڪک ۽ لک ٻئي هڪ جهڙا هوندا. يعني لک روپيا هڪڙي ڪک برابر هوندس انهيءَ جاءِ تي هي سنڌي بيت فرمايائون:

سنڌي بيت

سون برابر سڳڙا، لؤلؤ برابر لک
روپو جهين رد ڪيو، ڪوڙ تهين کي ڪک

٩٠ ڪنز* فرمايائون ته اسان وٽ اهو شخص جنهن دنيا کي ڇڏي ڏنو آهي ۽ دنيا جي دوستي دل مان ڪڍي ڇڏي اٿس، سو ڀلي ته نماز ۽ روزي کان سواءِ غافل ٿيو ستو پيو هجي ۽ جيڪو ماڻهو روزي نماز سان مشغول آهي، پر دنيا جي طمع کان بيزار نه ٿيو آهي ۽ دل ۾ دنيا جي دوستي اٿس، تنهن کان هو گهڻو ڀلارو ۽ بهتر آهي؛ ڇو ته حديث شريف ۾ آيو آهي "حُبُّ الدُّنْيَا رَأْسُ كُلِّ خَطِيْئَةٍ" يعني: دنيا جي دوستي سيني گناهن جو مٿو آهي" وَتَرْكُ الدُّنْيَا رَأْسُ كُلِّ عِبَادَةٍ" ۽ دنيا کي ڇڏي ڏيڻ سيني عبادتن جو مٿو آهي ١٢.

٩١ ڪنز* فرمايائون ته جنهن ڏينهن کان وٺي اسان مرشد پير سائين رضي الله عنه جن کان تلقين ورتي آهي، جنهن کي هينئر چاليهه ۴٠ سال کان مٿي لنگهي ويا آهن، ڪڏهين به اسان پنهنجي پوشاڪ لاءِ ڪپڙو نه ورتو، باوجوديڪ قيمت به فتوحات غيبي کان پيئي ملي، جيڪو لباس ڏٿي پيو موڪلي سو پيا ڍڪيون ۽ جيڪو طعام پيو ڏي سو پيا کائون.

٩٢ ڪنز* فرمايائون ته فقير اهو آهي جو بي پرواه هجي، جئن ته سندس نظر ٻنهي جهانن تي نه هجي مَنْ كَانَ لِلّٰهِ كَانَ اللّٰهُ لَهٗ وَمَنْ لَّهُ الْمَوْلٰى فَلَهُ الْكُلُّ. يعني: جيڪو الله تعاليٰ جو

www.maktabah.org

آهي الله تعاليٰ ان جو آهي ۽ جنهن جو الله تعاليٰ آهي تنهن لاءِ سڀ کي آهي. مبتديءَ کي گهرجي تہ تدبيرن کي ترڪ ڪري ڇڏي؛ ڇو تہ تدبيرن جي ترڪ ڪرڻ کان ڇڪيون عادتون حاصل ٿينديون آهن ۽ منتهي يعني جيڪو ڪمال کي وڃي پهتو هجي تنهن کي پنهنجي طبع جي اقتضا آهي.

٩٣ ڪنز* فرمايائون تہ جيستائين طالب تدبيرون الله تعاليٰ کي سونپي نہ ڇڏيندو، تيستائين آسودو نہ ٿيندو ۽ جيڪو پاڻ کي تقدير جو تير ڪندو يعني تقدير تي راضي رهندو الله تعاليٰ پاڻهي ان جا ڪم پيو پورا ڪندو.

بيت

سپردم بتو مايۀ خيش را
تو داني حساب کم وبيش را

يعني مون توکي پنهنجي موڙي سونپي ڇڏي هاڻي گهٽ وڌ جو حساب تون ڄاڻ.

٩٤ ڪنز* فرمايائون تہ بي تدبيري ۽ علائقا ڇڏڻ اهي ٻئي وڏيون نعمتون آهن ۽ فقيري آهي بي تدبيري.

٩٥ ڪنز* فرمايائون تہ اسان جو مقصود آهي تہ الله تعاليٰ جي يادگيري ۾ مشغول هجو، تہ آئون ان کان وڌيڪ خوش آهيان، جو منهنجي حضور ۾ هجو، ڇو تہ آئون هيڪلو پنهنجي وجود سان خوش آهيان ۽ ڪنهن جي پرواه نہ اٿم.

٩٦ ڪنز* فرمايائون تہ هڪڙو دفعو سفر ۾ هڪڙي ڪانن جي اوطاق ۾ پاڻ وينا هئا، تنهن کان پوءِ ان اوطاق کان نڪري اچي هڪڙي وڻ جي ڇانو ۾ وينا، پوءِ فرمايائون تہ ماڻهن جي سايي کان الله تعاليٰ جو سايو بهتر آهي ڇو تہ وڻ بہ مخلوق آهي، تنهن کان پوءِ فرمايائون تہ وڻ جو پاڇو بہ ڪڏهين هن طرف آهي ۽ ڪڏهين هن طرف آهي الله تعاليٰ جي رحمت جو سايو تمام چڱو آهي، جنهن کي زوال آهي ئو ڪونہ ۽ جنهن تي پنهنجي رحمت جو سايو پکيڙي ان کي هميشه پنهنجي پاڇي هيٺ رکي. انهيءَ جاءِ

www.maktabah.org

تي هي مصرع پڙهيائون: زير ظل يار خورشيدي شوي
يعني: يار جي پاڇي هيٺ سج ٿي پوندين.

٩٧ **ڪنز*** فرمايائون ته ايمان مرشد جي دوستي جي اندازي پٽاندر ملندو آهي ۽ ڪماليت جو ملڻ سو به مرشد جي دوستي ۽ محبت جي اندازي موافق حاصل ٿيندو آهي، مريد پنهنجي مرشد کي جنهن ڪمال ۾ سينگاريل سمجهندو توڻي ولي يا ڪامل يا مڪمل يا مربي يا مختار يا فرد يا ٻئي جنهن ڪمال ۾ آراستو سمجهندو ته پاڻ به انهيءَ ڪمال ۾ مشرف ٿيندو، ڏسو ته حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه کي جڏهين حضرت محمد ڪريم صلي الله عليه وسلم سان رابطو ڪامل هو تڏهين ساڻس ڪوبه صفت ۾ شريڪ نه ٿيو، جئن ته حضرت سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم جي وصال کان پوءِ سندس عقل اهڙي طرح سالم هو جو سندس رابطي ۾ ڪو ذرو خلل جو نه پيو ۽ انهيءَ جي ايمان جي شان ۾ حديث حضرت سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم جن جي شاهد آهي. "لَوْ تُوْزَنُ اِيْمَانُ اُمَّتِيْ مَعَ اِيْمَانِ اَبِيْ بَكْرٍ لَرَجَحَ". يعني جيڪڏهين اسان جي امت جو ايمان ابوبڪر جي ايمان سان ڪٽي تورجي ته به ابوبڪر جو ايمان ڳرو ٿي پوي ۽ حضرت امير عمر رضي الله عنه کي حضرت جن جي وفات مهل هوش قائم نه رهيو، جئن ته تلوار ڪلهي ڪٽي ويهي رهيا، فرمايائون ته جيڪو حضرت صلي الله عليه وسلم جن جي وصال جي خبر ڏيندو تنهن کي قتل ڪنداسون ۽ اهڙي طرح ٻين صحابن رضي الله عنهم جو به هوش ڦري ويو هو. فقط حضرت صديق اڪبر رضي الله عنه جو هوش بحال هو.

٩٨ **ڪنز*** فرمايائون ته پورو فيض ان مهل حاصل ٿيندو جڏهن مريد پير ۽ پير مريد ٿي پوندو. ان مهل مريد مريديءَ جي مرتبي کان لنگهي مراد جي رتبي کي پهچندو.

٩٩ **ڪنز*** فرمايائون ته بعضي مريدن کي فضل جزويءَ ۾ مرشد کان به وڌيڪ زيادتي ملندي آهي پر فضيلت ڪلي ۾ پلائي ۽ زيادتي هميشه مرشد کي هوندي آهي، بلڪ ازروءِ فطرت جي

www.maktabah.org

جزوي فضيلت بہ مرشد کي آهي.

١٠٠ **کنز*** فرمايائون تہ طلب جي زيادتي مرشد جي دوستي پٽاندر آهي ۽ مرشد جي دوستي جيتري قدر وڌيڪ هوندي اوتري قدر ترقي بہ زياده ٿيندي. انهيءَ تي حضرت مرشد پير سائين رضي الله عنه اسان جي مثال بيان فرمايو تہ حضرت ابوبڪر رضي الله عنه کي حضرت محمد ڪريم صلي الله عليه وسلم سان ٻئن سيني صحابن کان قرب رابطي جو ڪامل هو تنهن ڪري ڪماليت ۾ ٻين سيني صحابن کان وڌيڪ ڪامل ٿيا.

١٠١ **کنز*** فرمايائون تہ مرشد جو جذب مريد کي پهرئين وقت ۾ جيڪو ٿيندو آهي اهو مرڻ تائين قائم رهندو آهي، اگرچہ سو سال گذري وڃن ۽ سڀ ڪنهن حال ۾ اهو پهريون جذب مريد کي ترقي پيو ڏيندو ۽ اهو جذب قيامت تائين قائم هوندو؛ بشرطيڪ بي ادبي مريد کان ظاهر نہ ٿئي.

١٠٢ **کنز*** هڪڙي وقت پاڻ رسالو خواجہ صفي الله نقشبندي سرهندي قدس الله سره جو جيڪو سلوڪ جي ترتيب ۾ آهي، مطالع ٿي ڪيائون ۽ جنهن جاءِ ۾ خواجہ سڳوري پنهنجي مرشد حضرت خواجہ مجدد الف ثاني رضي الله عنه جي تعريف ۾ بيت تصنيف ڪيا آهن، سا جاءِ ٿي پڙهيائون. جڏهين هي بيت پڙهيائون:

بيت

روش گر صديق ديدي در زمان = صدق ورزيدي وگرويدي بجان

يعني: جيڪڏهن حضرت صديق اڪبر رضي الله عنه اها روش ڏسي ها تہ انهيءَ مهل سچ سمجهي ها ۽ ساه سان ويساه آڻي ها. اتي پاڻ مرڪي سبحان الله چوندي فرمايائون تہ عشق جو عجب ڪاروبار آهي، ڏسو تہ طريقي ۾ حضرات خواجگان نقشبندين قدس الله ارواحهم جي هرگز شريعت جي برخلاف ڪا بہ ڳالهہ نہ ٿيندي آهي. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جنهن

www.maktabah.org

جي صدق جي تعريف ۾ حضرت سيد المرسلين صلي الله عليه وسلم هنن لفظن جي بشارت ڏني، "لَوْ تُوْزَنُ اِيْمَانُ اُمَّتِيْ مَعَ اِيْمَانِ اَبِيْ بَكْرٍ لَرَجَحَ". باوجود ان جي خواجه صفي الله صاحب قدس الله سره غلبي عشق جي کان پنهنجي مرشدکي کهڙي نسبت ڏني. حڪيم ثنائي رضي الله عنه کهڙو نه چڱو چيو آهي:

ابيات

بوالعجب سوره ايست سوره عشق
چار مصحف در ويک آيته نيست
عشق را حنيفه درس نکرد
شافعي را در و روايت نيست
حنبل از سر عشق بي خبر است
مالکي را در و درايت نيست

يعني عشق جي صورت کا تمام عجب جهڙي آهي چئن مصحفن ۾ عشق جي هڪڙي آيت به نه آهي. امام ابوحنيفي رضي الله عنه عشق جو درس نه ڪيو. امام شافعي رضي الله عنه جي عشق جي بابت ۾ ڪا روايت نه آهي. امام احمد حنبل رضي الله تعالي عنه عشق جي راز کان بي خبر آهي. امام مالک رضي الله عنه کي انهيءَ ۾ ڪو دخل ڪونهي.

١٠٣ ڪنز* فرمايائون ته هڪڙي شخص مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمة الله عليه جي خدمت ۾ اچي عرض ڪيو ته مون کي حج جو ارادو آهي پر ماءُ ۽ پيءُ جي مرضي نه آهي، هاڻي ڇا ڪريان. فرمايائون ته وڃي انهن کي راضي ڪري پوءِ حج تي وڃ. پيو دفعو اهو شخص موٽي آيو اچي چيائين ته اي مخدوم صاحب ماءُ پيءُ راضي نه ٿا ٿين مون کي حج جو خيال محڪم ٿي بيٺو آهي هاڻ ڇا ڪريان؟ تڏهن وري به مخدوم صاحب فرمايس ته انهن کي راضي ڪري پوءِ وڃ. وري ٽيون پيرو اهو شخص مخدوم صاحب وٽ آيو ۽ تڏهين اچي چيائين ته مخدوم صاحب انهن کي گهڻو راضي ڪيم پر اهي راضي ٿي موڪل نٿا ڏين ۽ مون کي حج جو خيال اهڙو اچي محڪم ٿيو آهي جو بلڪل گرفتار ٿي پيو

www.maktabah.org

آهيان رات ڏينهن آرام ۽ جميعت بلڪل نہ آهي، وڃڻ ڪانسواءِ ٻي ڪا واه نہ اٿم ڇا ڪريان؟ تڏهن صاحب جن جوش ۾ اچي فرمايائون "اڏڙيون هاشم ڪين پڇن" يعني ڪجريون جي پنهنجو قبيلو ڇڏي ٻي قبيلي ۾ ويندیون آهن سي ڪنهن ڪان مصلحت نہ پڇنديون آهن. انهيءَ جاءِ تي پاڻ فرمايائون تہ عشق جو عجب جهڙو ڪاروبار آهي تہ، مخدوم محمد هاشم رحمة الله عليه جو صاحب علم ۽ ڪمال هو ۽ شريعت ۾ بلڪل ثابت قدم هو جيئن تہ ذرو بہ هڪڙي تر جيترو بہ ڳالهائڻ توڙي ڪمن ۾ شريعت کان ٻاهر نہ ويندو هو، تنهن ٻہ دفعا سائل کي موافق شريعت جو جواب ڏنو، ٽيون دفعو جڏهن عشق جي ديوانگي سندس سيني ۾ مٿو هنيو تڏهن مٿيان لفظ چيائين.

بيت

عقل است هزار پنبہ در آب = عشق است هزار شعلہ در تاب.

عقل آهي اهڙو جيئن ڪر هزار ڪپه جا ٽڪرا پاڻي ۾ آهن، ۽ عشق آهي ڪر هزار باهہ جا شعلا پيا پڙڪن.

١٠٤ـ ڪنز * فرمايائون تہ جيڪا عشق جي درد جي باهہ ڪامل کي آهي سا اسان جي ڪشادي سيني ۾ ماپيل آهي ۽ خلق ۾ جيڪو ان کان درد پيل آهي. سو فقط انهيءَ باهہ جو دونهون ۽ پڙڪاٽ آهي. انهيءَ جاءِ تي بيت سنڌي شاهہ ڀٽائي عليه الرحمة جا بيان فرمايائون:

بيت

ڪو جو وڍيءَ وڍ، جيئن ور وڍيائين وڍسين،
ڏک ڏکيءَ کي ڏڍ، جن ڏني سي ڏکي ٿيا.

بيت

وڍيءَ سي‌واڍوڙيا رت نہ ڏنو جن،
موت قبوليو تن، ڏنو جن ڏکيءَ کي.

١٠٥ ڪنز* هڪڙو پيرو سفر ۾ ڪنهن هنڌ ويٺا هئا. اوچتو ڪنهن ڪتي جو ڪوڪاٽ ٻڌڻ ۾ آين، تڏهن پاڻ فرمايائون تہ ڪتي کي ڪنهن ڏڪ هنيو آهي تنهن ڪري دانهون ٿوڪري پوءِ

www.maktabah.org

خيال ڪريو تہ جيڪا درد واري هوندي سابہ رڙيون ۽ دانهون ڪندي.

بيت

خدنگت چون رسد آه از دلم پر درد برخيزد
بلي هر جاءِ رسد تيري از آنجا گرد برخيزد

يعني: تنهنجو تير جڏهين لڳندو آهي تڏهين دل مان دانهن درد واري نڪرندي آهي، سچ آهي جتي تير لڳندو اتان لٽ اٿندي.

١٠٦ ڪنز * فرمايائون تہ عافيت يعني تندرستي جو قدر اهو ڄاڻندو جيڪو مصيبت ۾ گرفتار ٿيندو، پوءِ فرمايائون تہ عافيت مان مراد آهي طلب الله تعاليٰ جلشانه جي، ۽ مصيبت مان مراد آهي محبت جو مرض درد. ڇو تہ جنهن کي مرض درد ۽ محبت حق جي جو قدر آهي، قدر عافيت طلب الله تعاليٰ جي جو بہ ان کي هوندو.

١٠٧ ڪنز * اڪثر وقتن ۾ جڏهن غلبو درد جو ٿيندو هئن ان وقت پاڻ هن طرح فرمائيندا هئا تہ افسوس جيڪڏهين طالب کي ماءُ نہ ڄڻي ها تہ تمام چڱو، ڇو تہ هن جهان ۾ سڀ ڪنهن مراد واري کي مراد ملندي آهي ويچارو طالب هميشه نامراد آهي، بعضي وقتن ۾ جيڪو نئون مريد ٿيندو هو تنهن کي فرمائيندا هئا تہ اي يارا خوامخواهہ ڇو بلا ۾ ٿو پوين ۽ آرام کي ڇڏي مصيبت ۾ ٿو اچين. مولانا عبدالرحمان جامي قدس الله سره ڪتاب زليخا ۾ فرمايو آهي:

بيت

مرا اي ڪاش کہ مادر نمي زاد
وگرمي زاد کس شيرم نميداد
اگر ميداد شيرم ڪاش دايہ
بزهر آلوده ام ميداد مايہ

يعني هاءِ افسوس مون کي ماءُ نہ ڄڻي ها، جي ڄڻي ها تہ ڪو مون کي کير نہ ڏي ها، جي کير مون کي ڏين ها تہ کير ڏيندڙ

www.maktabah.org

دائي زهر گڏي كير ۾ پياري ها.

١٠٨ **كنز** * فرمايائون تہ طالب اهو آهي جو هميشہ پنهنجي سيني تي باهہ ٻارئل رکي، يعني هميشه صاحب درد ۽ سوز جو هجي. انهيءَ جاءِ تي هيءُ بيت سنڌي فرمايائون:

بيت

لاه پچاران سکہ مَر سُمُهہ جندڙا،
کر جوڙي کيٽان کالهوٽو اچ کٽي.

فرمايائون تہ عشق اها شي آهي جنهن حضرت نبي کريم عليه الصلواة والسلام تي شاعر ۽ مجنون نالو رکايو.

١٠٩ **كنز** * فرمايائون تہ آخري ترقي محبت کان ٿيندي آهي، جيتري قدر محبت زياده ٿيندي اوتري قدر ترقي بہ زياده ٿيندي. پوءِ فرمايائون تہ محبت عجب عظيم نعمت آهي ڇو تہ ان ۾ ذکر ۽ فکر ۽ سعي ۽ کوشش جو کو احتياج نہ آهي.

بيت

محبت اعتبارِ ذاتِ حق است
محبت مظهرِ آيات حق است
محبت خازنِ گنج شهود است
محبت مبدي اصل الوجود است
محبت مونسِ جانِ جان کباب است
محبت پرده سوز احتجاب است
محبت مايۂ عشق وسرور است
محبت علت نمائي ظهور است.

يعني محبت اعتبار ذات حق جو آهي. محبت جاءِ ظاهر ٿيڻ نشانين حق جي جو آهي. محبت کنجيدار خزاني شهود جو آهي. محبت اصل وجود جي پيدا کندڙ آهي. محبت ورونهہ کباب ٿيل جان جو آهي. محبت پردا حجاب جا ساڙيندڙ آهي. محبت عشق ۾ خوشي جو سرمايو آهي. محبت سبب پيدا ٿيڻ خلق جو آهي.

www.maktabah.org

١١٠ **ڪنز** * فرمايائون تہ سالڪ جيستائين ذڪر ۾ مشغول آهي تيستائين طريقت ۾ آهي، اگرچہ دل جو هجي پر جڏهين ذڪر دل ڪان مخفي ٿي ويندو ان وقت طالب حقيقت ۾ قدم وجهندو. انهيءَ جاءِ تي هي بيت فرمايائون.

بيت

ذڪر روحاني عاشق تتان ديرا ڪٽي جتي جسم نہ جاني.

پوءِ فرمايائون تہ روح جو ذڪر آهي هميشہ يادگيري، جنهن ۾ ويسر هرگز واقع نہ آهي ۽ عشق جو ڪم انهن ڪمن ڪان بہ علحدو آهي.

١١١ **ڪنز** * فرمايائون تہ جيڪي عاقل تي آهي. سو مجذوب تي نہ آهي ڇو تہ مجذوب ڪان سڀ تڪليفون ڇڏيون پون ۽ عاقل تي قائم آهن.

بيت

عقل است هزار پنبہ در آب = عشق است هزار شعلہ در تاب.

١١٢ **ڪنز** * هڪڙي دفعي هي بيت سنڌي زبان مبارڪ تي آندائون:

بيت

ڪٽي ٿو گهنڊ ٻري، ڪٽي ٿئو مهار،
ڪٽي دونهين دوست جي، ڪٽي پريون پار،
مون تان سڀ ڄمار، جهري جهوتون لڏيون.

پوءِ فرمايائون تہ لهڻ ان جو محض نہ لهڻ آهي، پوءِ هي ٻيو بيت زبان گوهر فشان تي آندائون.

بيت

جي سجاڻي سڪ، تہ پڻ سڪي سڪ ڪي،
پيتائين پنهوءَ ڪي، هڏ نہ پڳيس هڪ،
ان تڙ منجهان تڪ، ڏني پاڻا اڄ ٿئي.

١١٣ **ڪنز** * فرمايائون تہ اسان جي سمجهہ ۾ ائين ٿو اچي، تہ هي طالبن جي درد جي باه قيامت تائين هرگز سرد نہ ٿيندي،

www.maktabah.org

بلڪ قيامت ۾ به اهڙيءَ طرح پيئي پڙڪندي، موتي فرمايائون ته انهن کي وڃايو به نه آهي، پوءِ انهن جي مٿي ۾ هي شور ڇا لاءِ آهي.

١١٤ ڪنز* فرمايائون ته جيڪڏهين ڪنهن سالڪ کي صاحب عالي مقام جو ڪن ۽ پوري جميعت ڏينس ته گهرجيس جو ان کي پيرن هيٺ وجهي پاڻ کي بي آرام ڪري ۽ هميشه طلب ۾ هجي اسان جي سمجهه ۾ مقصد آهي طلب جو نه مقصد وصول يعني ملڻ جو.

١١٥ ڪنز* فرمايائون ته طالب کي همت گهرجي ۽ همت اها آهي جو پاڻ تي موت کي اختيار ڪري پوءِ جيڪڏهينَ مُوتُوا قَبلَ اَنْ تَمُوتُوا جي يعني مرڻ کان اڳي مرو موت سان پاڻ کي فاني ڪيائين ته مقصد جي دروازي جي ڪنجي لڌائين ۽ جيڪڏهين طلب ۾ ظاهر جي موت ڪري وفات ڪيائين تڏهين به "مَنْ قَتَلْتُهُ فَاَنَا دِيَتُهُ" يعني جنهن کي مون قتل ڪيو ته پوءِ آئون ان جي خون بها آهيان، انهيءَ بشارت سان خوش ٿيو انهيءَ جاءِ تي بيت مخدوم عبدالرحيم جا زبان مبارڪ تي آندائون.

بيت

جي محبت منجهه مٿا، سي مور نه مرن ڪڏهين،
مَنْ قَتَلْتُهُ فَاَنَا دِيَتُهُ، وڏي مل وٺا،
اِنَّ الدِّيْنَ عِنْدَ اللهِ الْاِسْلَامُ، وجي مرت وهاءِ.
موتا اڳي ماءِ، اڳاهون اسلام ٿيو.

١١٦ ڪنز * فرمايائون ته طالب کي صدق ۽ همت ڪرڻ گهرجي جيڪڏهن ان کي قبول نه ڪن ته ان کي به گهرجي جو ٻئي کي قبول نه ڪري انهين جاءِ تي سنڌي بيت فرمايائون:

بيت

توٿي مومل مينڌرو، ناهي منجهه نصيب،
مون کي مون حبيب، طعنو آهي تنهنجو.

حافظ شيرازي واقف ڳجهن جي فرمايو آهي:

www.maktabah.org

بيت

دست از طلب ندارم تاکام من برآيد
يا جان رسد به جانان، يا جان ازتن برآيد

انهيءَ بيت جي معنيٰ اڳي بيان ٿيل آهي.

١١٧ **ڪنز** * فرمايائون ته بعضي سائل هڪڙي ئي ڏينهن ۾ ٻني دفعا وريو وريو اچيو سوال ڪن پوءِ جيڪي موجود هوندو آهي سو انهن کي ڏيارينداآهيون ۽ انهن جي سوال کي رد نٿا ڪريون مگر هڪڙو دفعو انهن جي موٽي موٽي سوال ڪرڻ کان طبع تي ڳرائي ٿي. انهيءَ ڳرائيءَ ۾ الهام دل تي آيو ته تون ڇو اسان جي درگاهه ۾ جلد جلد وريو وريو سوال جو هٿ ڪٽندو آهين. حال هيءُ جو سائلن جي سوال جي تڪرار کان ڳري دل ٿو ٿيين. انهيءَ خيال جي اچڻ سان، دل جي ڳرائي دفع ٿي ويئي ۽ جيڪو سائل جڏهين اچي ٿو، تنهن کي تڏهين خوش ڪجي ٿو.

١١٨ **ڪنز** * فرمايائون ته اڳئين وقت جا ماڻهو اگرچه صاحب حال ۽ مقام جا نه هوندا هئا، پر انهن کان تڏهين به تصرف ۽ ڪرامتون بي اختيار جاري ٿينديون هيون ۽ چڱين عادتن جو نور انهن جي منهن ۾ روشن هوندو هو. انهيءَ جو ڪهڙو سبب آهي پوءِ فرمايائون ته انهن جو ڪاڏو حلال هو ۽ سچ ۽ تقويٰ انهن جو ڪر هو.

١١٩ **ڪنز** * فرمايائون ته جيڪڏهين ماڻهو قياس جي گهر ۾ آهي ته انسان آهي، نه ته حيوان آهي ۽ قياس اهو آهي ته جيڪي پنهنجي حق ۾ نه گهري سو ٻين جي حق ۾ به نه گهري ۽ جنهن شي ۾ پاڻ کي چڱو سمجهي اها شي ٻين جي لاءِ به گهري.

١٢٠ **ڪنز** * فرمايائون ته جنهن حالت ۾ تقويٰ نه آهي اها حالت اونڌائي جي آهي، جنهن کي استدراج چوندا آهن ۽ ان حال جو صاحب گمراه آهي ۽ گمراهي ان جي قول ۽ فعل جي ناموافقت کان ظاهر آهي. جئن ته ان جو فعل ان جي ڪر کي پاڻهين پيو ڪوڙو ڪندو.

www.maktabah.org

۱۲۱ **ڪنز** * فرمايائون تہ جيڪو اسان وٽ اچي تو ان جا خدمتگار بلڪ ٻانهان آهيون ۽ ڪنهن بہ ماڻهو ڪان طبيعت تي بار نٿو ٿئي مگر انهن شخصن ڪان بار ٿئي ٿو جي ظاهر ۾ دوستي ڪن مگر باطن ۾ دوستي جي باس بہ نہ اٿن. اها صفت منافقن جي آهي پر جڏهين تہ حضرت سرور ڪائنات عليه الصلواة والسلام منافقن جو بار ڪنيو هو ۽ انهن کي پنهنجي مجلس ڪان جدا نہ ڪيائين تنهن ڪري ضرور ايهو بار اسان کي بہ سهڻو پوندو.

۱۲۲ **ڪنز** * فرمايائون تہ باطن سواءِ ظاهر جي باطل آهي ۽ ظاهر سواءِ باطن جي قرار وٺي سگهي ٿو ڇو تہ اهو حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي قول ۽ فعل تي ٻڌل آهي.

۱۲۳ **ڪنز** * فرمايائون تہ توحيد جو ڪمال اهو آهي تہ ظاهر باطن سان ۽ باطن ظاهر سان موافقت قبول ڪري. جيڪڏهين باطن کي ظاهر سان مخالفت آهي تہ اوهو نفاق آهي ۽ اسلام ڪامل اهو آهي جو توحيد چڱين عادتن ۾ روشن ٿئي ۽ چڱيون عادتون آهن شريعت.

بيت

شريعت را مقدم دار اکنون
شريعت از طريقت نيست بيرون

يعني: شريعت کي مقدم رکي ڏس. شريعت طريقت ڪان ٻاهر نہ آهي.

۱۲۴ **ڪنز** * هڪڙي ڏينهن حاجي احمد پٽيل سيٺ ساڪن ڪڇ جي حق ۾ جو حضور اقدس جي معتقدن ۽ ارادتمندن منجهان هو دعا ٿي ڪيائون، ان جي چوڻ موجب هٿ کڻي دعا ٿي ڪيائون ۽ مناجات ۾ فرمايائون تہ مخدوم ميان جرڪس رحمة الله عليه هڪڙي شخص لاءِ جنهن جي مينهن گم ٿي ويئي هئي هن طرح دعا ڪئي تہ خداوندا! جيڪڏهين اها ڳالهہ سچي آهي تہ سنت ڪان سواءِ بہ دعا قبول ٿيندي آهي تہ هن شخص جي

www.maktabah.org

ويل مينهن موٽي ظاهر ٿئي پوءِ فرمايائون تہ خداوندا اسين بہ چئون ٿا تہ جيڪڏهين تنهنجي رضا تي راضي رهڻ چڱو آهي، تہ انهيءَ ڳالهہ جي سچائي لاءِ اسان جي سيني دوستن کي سيني ڪمن ديني توڙي دنيوي ۾ فراخي ۽ ڪشايش نصيب ۽ عنايت ڪر. ان کان پوءِ سڄي امت جي حق ۾ دعا فرمايائون.

١٢٥ ڪنز * فرمايائون تہ خدا جي قضا تي راضي رهڻ جي مرتبي ۾ نفس کي قائم رهڻ تمام ڏکيو آهي ڇو تہ تقدير خدا جي ڪڏهين نفس جي مراد تي آهي ڪڏهن ان جي مخالف آهي. پوءِ جنهن مهل تہ نفس جي غيرموافقت ٿيندي آهي، تنهن مهل نفس تمام گهڻو زور ظاهر ڪندو آهي. پر جڏهين پڇي نہ سگهندو تڏهين لاچار صبر ڪندو آهي ۽ اولياءَ الله جا هميشہ الله تعاليٰ ڏانهن رجوع آهن توٿي قهر ۾ توٿي لطف ۾ مثل ان ننڍي ڇوڪر جي جنهن کي ماءُ ڪاوڙ جي وقت ۾ ماري ڪٽي تہ بہ اهو ماءُ جي ڪنڌ ۾ چهٽو پيو هجي.

١٢٦ ڪنز * فرمايائون تہ هي قتل دار بلا جو ۽ ميدان مصيبت جو، جيڪو پَٽُ خوف جو ۽ خونخوار آهي ۽ چور انهيءَ ۾ بي همتن ۽ نامردن جا اسباب ڪٽيو وڃن، تنهن ۾ سواءِ قافلي روح جي ۽ توشي طلب ۽ توڪل جي ڇوٽڪارو هرگز نہ ٿيندو پوءِ طالبن کي گهرجي تہ شمشير لَا اِلٰهَ جي چيلهہ تي چست ٿي بڌن ۽ انهيءَ تلوار "لا" جي سان مڙن کي "لا" ڪري ڇڏي تہ حويليءَ ۾ "اِلَّا اللّٰهُ" جي خوشي ۽فرحت سان داخل ٿئي ۽ "لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ" جي جماعت ۾ واصل ٿئي.

بيت

تا بجا روب لا بروني راه = ڪہ رسي درسرائي الا الله

يعني: جيڪڏهن لا جي ٻهاري سان رستو نہ ٻهاريندين تہ الا الله جي حويلي ۾ ڪيئن داخل ٿي سگهندين.

١٢٧ ڪنز * فرمايائون تہ اڳيان ۽ پويان سڀ محقق هن ڳالهہ تي متفق آهن تہ نفس اصل پيدائش ۾ ڪافر آهي هرگز

www.maktabah.org

مسلمان نہ ٿيندو. پيغمبر عليهم السلام ان کان لڏي معنيٰ جي ملڪ ڏي ويا جنهن کي معراج چوندا آهن ۽ اوليائن الله جي ان کي سُتل ڇڏي ڏنو يعني ساڻ فنا "مُوْتُوْا قَبْلَ اَنْ تَمُوْتُوْا" جي مشرف ٿيا.

١٢٨ **ڪنز** * اڪثر وقتن ۾ سندن هي دستور هوندو هو تہ جيڪا لطيف ۽ ڳري قيمت واري شي کين نذراني طور ملندي هئي تہ ان جي ڏسڻ سان غموارا ۽ افسوس وارا ٿيندا هئا ۽ فرمائيندا هئا تہ اي خداوند ڪريم جلشانہ اسان کي هنن تي نہ ٺڳ ۽ انهيءَ ڳالهہ تي گريو ۽ زاري تمام گهڻو ڪندا هئا، ۽ نفس جي سستي ۽ عاجزي ۽ لاچاريءَ جو ايترو بيان فرمائيندا هئا، جو سڀيئي حاضرين روئڻ ۾ پئجي ويندا هئا. هڪڙو دفعو اهڙي طرح نذراني ۾ گهڻين عجيب شين جي ملڻ کان اکين مبارڪن مان موتين وانگر هنجون هاري فرمايائون تہ نعمتن جي ملڻ ۾ امتحان ۽ وڏي مصيبت آهي حق جي طالب کي گهرجي تہ انهن تي راضي نہ ٿئي ۽ خدا تعاليٰ جي مڪرن کان غافل نہ رهي ڇو تہ "وَاللّٰهُ خَيْرُ الْمَاكِرِيْنَ" يعني خدا تعاليٰ پلو مڪر ڪندڙن کان آهي.

١٢٩ **ڪنز** * هڪڙو پيرو حضرت مرشد سائين ادام الله برڪاته جن جي حضور ۾ آئون ويٺو هئس تہ هڪڙي سائل اچي سوال ڪيو تہ حضرتا هڪڙو روپيو الله تعاليٰ جي نالي مون کي عطا فرمايو تڏهين پاڻ سائل کي فرمايائون تہ ويهہ جيڪڏهين الله تعاليٰ اسان کي ڏيندو تہ توکي ڏينداسون هڪڙي گهڙي گذري تہ هڪڙي شخص اٺ روپيا مشهدي پراٽا آڻي سندن حضور ۾ نذرانو رکيا پوءِ پاڻ ميان غلام شاهہ نظاماڻي کي امر فرمايائون تہ هنن مان هڪ روپيو ڪٽي فقير کي ڏي. ان کي سمجهہ ۾ نہ آيو تنهن اٺ ئي روپيا ڪٽي فقير کي ڏنا. ٿوري دير کان پوءِ مون کي فرمايائون تہ اسان هن فقير کي چيو هو تہ هڪ روپيو ڪٽي سائل کي ڏي، ڇو تہ ان گهريو بہ هڪ روپيو هو. جڏهن هي فقير اٺ ئي روپيا ڪٽي سائل ڏي ويو، پوءِ دلڙ آيو تہ هاڻ هن کي منع ڪرڻ مناسب نہ آهي، ڇو تہ الله تعاليٰ ٿو ڏياري اهڙي طرح پنهنجي

www.maktabah.org

حالت تي ماٺ ڪري رهياسون. عجب ڪيوسون تہ جيڪو ڪنهن کي ڪي ڏي تو سو الله تعاليٰ تو ڏي. هن سائل هڪ روپي جو سوال ڪيو اسان بہ هن کي هڪ روپيو ڏياريو، پر الله تعاليٰ جل شانہ ان کي اٺ روپيا ڏياريا.

١٣٠ ڪنز * هڪڙو پيرو عيد اضحيٰ تي حضرت مرشد سائين عليه الرحمة جن وٽ گهٽا ماڻهو اچي گڏ ٿيا، جي تخمينًا يارهن ٻارهن سو ماڻهو هئا ۽ شهر ۾ ان نٿي مليو، جئن تہ ماڻهو پئسا ڪٽيو بازار مان رليو ٿي آيا، پر ان نٿي مليو، تاريخ انين وچينءَ مهل حج جي رات بورچي فقير اچي عرض ڪيو تہ حضرتا! شهر جي واٽين وٽ ان موجود نہ آهي ۽ مودي بہ جواب ڏنو تہ مون وٽ ان موجود نہ آهي، ۽ هڪڙي ڳنئون ۽ هڪڙو پاڏو ۽ بہ ٻڪريون ڪهي وڏيون اٿئون مگر ان نہ آهي جو رڌيون ۽ فقير هيترا گڏ ٿيا آهن هاڻ ڇا ڪجي پاڻ فرمايائون تہ جيڪڏهن ان نہ آهي تہ تو ۽ اسان تي ڪو حرف نہ آهي ۽ تون اسان وٽ ماٺ ڪري ويهي رهو جيڪو رزاق مطلق آهي سو جي ڏيندو تہ ڪائينداسون نہ تہ ماٺ ڪيو وينا هونداسون. اجان ٿوري دير گذري تہ هڪڙي فقير گاماڻين جي ڳوٺ واري اچي عرض ڪيو تہ حضرتا اٺ ڪاسا چڙيل چانورن جا نذراني لاءِ آندا اٿم ڪنهن ماڻهوءَ کي امر فرمايو تہ ان جي حوالي ڪجن تڏهن پاڻ بورچيءَ کي امر ڪيائون تہ هاڻي اٿي، انهن چانورن کي پچائي فقيرن کي ورهائي ڏي تنهن کان پوءِ لڳولڳ ان چڙيل خواه اڻ چڙيل نذراني لاءِ پي آيو ۽ فقيرن کي گهڻو طعام ميسر ٿيو.

بيت

همين توکل ڪن ملر زان پاودست
رزق تو برتو ز توعاشق تر است
برسر هردانہ بنوشتہ عيان
اين نصيب الفلان ابن الفلان

انهن بيتن جي معنيٰ اڳي لکيل آهي.

١٣١ ڪنز* هڪڙو دفعو مسجد مبارڪ جي اڏائڻ لاءِ ڇهہ

www.maktabah.org

ڪاريگر وادا ننگر ٺٽي مان گهرايا هئائون ۽ مهيني جا اسي روپيه ٻولي ڏنا هئائون. جڏهين چوڏهن پندرهن ڏينهن گذرين تڏهين ڪو سندن ماڻهو ننگر ٺٽي کان وٽن آئيو ۽ حضرت مرشد سائين عليه الرحمة اڳئين دستور موجب انهيءَ ڏينهن به انهن وٽ ڪم ڪار ڏسڻ لاءِ ويا. انهن وادن مان هڪڙي جنهن جو نالو جمع هو عرض ڪيو ته حضرتا! هڪڙو شخص اسان جي آشنائن مان ٺٽي کان آيو آهي هڪڙي مهيني جا پيسا اسان کي عطا فرمايو ته انهيءَ کي ڏيون، جو ڪٽي وڃي اسان جي ٻارن ٻچن کي ڏي. انهن کي مٺي زبان سان فرمايائون ته اوهان به پنهنجي اهل عيال جي خرچ جي طلب لاءِ پاڻ تي حرف ڪونه رکيو ۽ اسان به الله جي توڪل سان ڪم ۾ هٿ وڌو آهي، هاڻي سڀ الله تعاليٰ جي ذمي آهي پر اهو اوهان جو ماڻهو جيڪو آيو آهي تنهن کي اڃوڪو ڏينهن ٽڪائي ڇڏيو ڏسون ته الله تعاليٰ ڇا ٿو ڪري. ٻئي ڏينهن ۾ خدا جي مهربانيءَ سان اتفاقًا ٽن سون روپين جي هنڊي بمبئي بندر کان آئي، اها هنڊي پهرين لکپت ۾ آئي هئي تنهن کان پوءِ ٽنڊي محمد خان ۾ شاهواڻي وٽ پوءِ وادن کي فرمايائون ته اوهان به پنهنجي طلب گهري ۽ الله تعاليٰ به موڪليو هاڻي ٽي سو روپيا توڻي هنڊي ڪري پنهنجي ڳوٺ موڪليو اوهان جي مرضي. تڏهين هنن عرض ڪيو ته حضرتا اگرچه هن کان اڳي اسان کي شڪ هو ۽ دل تنگ هئي ته هيڏي وڏي ڪم ۾ جنهن ۾ دنيادار به هٿ نه وجهن ۽ حال هي آهي جو سائين جن وٽ پيئسو به ڪونه هو سو ڪيئن پورو ٿيندو. هاڻ اوهان جي تصرف کان اسان کي يقين ڪامل ٿيو آهي ته ضرور الله تعاليٰ سائين جن جو ڪار روا آهي ۽ اسان جي پورهئي جا پيسا هرگز رهجي نه ويندا. پوءِ هڪڙي مهيني جي هنڊي لکائي پنهنجي ڳوٺ موڪليائون.

١٣٢ ڪنز* فرمايائون ته هڪڙو دفعو سفر جي پهرين ڏينهن ۾ حضرت مرشد پير سائين عليه الرحمة جن سان گڏ هئس جڏهين جيسلمير کان موٽي ريگستان جي وچ رستي ۾ ٽڪي رهيا ان وقت ۾ قادر ڏنو فقير جنهن تي خدمت جو ڪم هو تنهن

www.maktabah.org

هڪڙي اچي گندي حضرت مرشد پير سائين رضي الله عنه کي نماز پڙهڻ لاءِ وڃائي ڏني، هن فقير جو انهن ڏينهن ۾ هي قاعدو هو جو هڪڙو اچو بوچڻ جو تمام ننڍو هو سو ڪلهن تي هوندوهو، سو هميشه نماز جي وقت حضرت مرشد پيرسائين رضي الله عنه کي وڃائي ڏيندو هئس. پر ان مهل ڏٺم ته حضرت مرشد جن چادر سفيد پڪڙيل تي نماز پڙهن ٿا تنهن ڪري ماڻ ڪري ويهي رهيس ۽ انهن ڏينهن ۾ (هن) فقير کي "حالت ڪفر حقيقي" جي هئي حضرت مرشد پير سائين جن نماز پڙهي، قادر ڏني فقير کي چيو ته هيءَ چادر ڪٽي فلاڻي يعني حضرت مرشد سائين عليه الرحمة کي ڏي. انهيءَ فقير چادر آڻي ڏني پر اسان نه ورتي وري ٻيو پيرو پيرسائين عليه الرحمة انهيءَ چادر جي ڏيڻ لاءِ اشارو ڪيو، تڏهين به مون انڪار ڪيو ۽ دل ۾ خيال ڪيوسون ته هتي ڪپڙن ڍڪڻ لاءِ نه آيو آهيان بلڪ مولي جي طلب لاءِ آيو آهيان. انهيءَ خيال ۾ اسان کي گريو ٿيو، نيٺ ٽيون دفعو حضرت مرشد پير سائين رضي الله عنه پاڻ پنهنجي زبان مبارڪ سان مون کي انهيءَ چادر وٺڻ لاءِ امر ڪيو ان مهل دل ۾ هي خيال ٿيو ته هي چادر لباس تقويٰ جو آهي جنهن مان مراد آهي" اسلام حقيقي" سو "ڪفر حقيقي" کان پوءِ انهيءَ "اسلام حقيقي" عطا ڪرڻ لاءِ ڏين (ٿا) تنهن ڪري اها چادر ورتي سون.

١٣٣ ڪنز* فرمايائون ته درگاه فلڪ بارگاه حضرت مرشد پيرسائين رضي الله عنه جي تي وينا هئاسون ۽ پنهنجي طلب جي قصور کان پئي رناسون ۽ هنجون پنهنجين اکين مان پئي هاريون سون حضرت مرشد پير سائين جن دلين جا جاسوس هئا اسان جو خيال معلوم ڪري فرمايائون ته جهڙي طرح اسان تي پانيو اهڙي طرح نه ٿيو تڏهن عرض ڪيم ته حضرتا تون ڪريم آهين ايهي سڀ اسان جيون بي نصيبيون آهن. تڏهين فرمايائون ته اي خليفا خدا کان گهر ته اسان جي پٽن مان ڪو تو جهڙو ٿئي.

١٣٤ ڪنز* فرمايائون ته جڏهين اسين شرف تلقين حضرت مرشد پير سائين رضي الله عنه جي سان مشرف ٿياسون تڏهين

www.maktabah.org

غلبي کان حالت جلاليت ۽ جوش ۽ شوق جي سندن حضور ۾ رهندو هئس. اسان جي والده ماجده مادريت جي شفقت کان اسان جي فراق ۾ مبتلا هوندي هئي پوءِ جڏهين هي فقير خلافت جي خلعت ۽ تلقين ڏيڻ جي اجازت کان مشرف ٿيو تڏهين گهڻا ماڻهو ننڍا توڙي وڏا، جوان توڙي پوڙها، مرد خواه عورتون اسان جي صحبت ۾ غلبي جوش ۽ محبت جي کان مٿو ۽ پير اگهاڙا ڪري اونهاري توڙي سياري ۾ بي هوش ۽ مست ٿيا پيا هوندا هئا. ان کان پوءِ اسان جي والده ماجده چوندي هئي ته اڳي آئون پنهنجي هڪڙي پٽ لاءِ حيران ۽ پريشان هوندي هيس. هاڻ هنن فقيرن مڙني جي مائرن کي اهڙو فراق ٿيندو جهڙو اسان کي ٿيو هو ۽ انهن سيني جي پٽ اسان تي پوندي. تڏهين اسان پنهنجي والده مڪرمه جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته اها سڀ پٽ حضرت پيرسائين رضي الله عنه تي پوندي جيڪو اسان جو مرشد آهي.

بيت

نياوردم از خانه چيزي نخست
تو داري همه چيز من چيز تست

يعني: آئون پنهنجي گهر کان ڪا شيءِ ڪين کڻي آيو هئس، تو مون کي سڀ شيون ڏنيون ۽ آئون بـ تنهنجي شيءِ آهيان.

١٣٥ ڪنز* فرمايائون ته هڪڙي دفعي حضرت مرشد پير سائين رضي الله عنه جي حضور، هن بيت فارسيءَ جي معنيٰ پڇي سون:

بيت

هزار بار بشويم دهن بمشک وگلاب
هنوز نام تو گفتن ڪمال بي ادبي است

يعني هزار پيرا وات کي مشڪ ۽ گلاب سان ڌئان ته بہ اجان تنهنجو نالو وٺڻ ڪمال بي ادبي آهي.

تڏهين پاڻ فرمايائون ته انهيءَ جي معنيٰ هي آهي ته جيڪو پنهنجي زبان کي هزار دفعا مشڪ ۽ گلاب سان وات کي

www.maktabah.org

ڏوئي ۽ پنهنجي ڪوڙيءَ هستيءَ سان نالو حق تعاليٰ جو وٺي تہ ايها ڪمال جي بي ادبي آهي ۽ جي الله تعاليٰ جو نالو بي خوديءَ سان وٺي تہ اوهو هزار ڀيرا مشڪ ۽ گلاب جي ڏوئڻ کان بهتر آهي ۽ اوهو عين ادب آهي ڪنهن بزرگ انهيءَ جاءِ تي ڪهڙو نہ چڱو چيو آهي.

بيت

باخودي ڪفر بي خودي دين است = هر چہ گفتيم مغز او اين است

يعني خودي ڪفر آهي ۽ بي خودي دين آهي جيڪي چيم تنهنجو اهو مغز آهي.

١٣٦ ڪنز* فرمايائون تہ جڏهين اسين ابتدا ڏينهن ۾ حضرت مرشد پير سائين رضي الله عنه جي حضور پرنور کان شرف تلقين جي کان مشرف ٿياسون تڏهين انهيءَ ذڪر جي پڙهڻ کان "ذڪر سلطاني" سڄي بت ۾ جاري ٿيو تڏهين حضرت پير سائين فرمايو تہ دل جي خيال سان مشغول ٿي. پوءِ سندن فرمودي موجب مشغول ٿيس جنهن کان اسان کي گهڻي جمعيت حاصل ٿي ۽ سڄي بدن ۾ ذڪر غلبو ورتو پوءِ پاڻ ڇهن شغلن جي جاءِ علحدي بيان فرمايائون لطيفي نفس جي جاءِ ٻہ آگريون دن جي هيٺان ۽ لطيفي قلبي جي جاءِ ڏائي ٻبي جي هيٺان ۽ لطيفي روحي جي جاءِ سڄي ٻبي جي هيٺان ۽لطيفي سري جي جاءِ سيني جي وچ ۾،۽ لطيفي خفي جي جاءِ پيشاني ۾ ۽ لطيفہ اخفيٰ جي جاءِ دماغ ۾ آهي ۽ انهن جي ترتيب هن طرح بيان فرمايائون تہ پهرين لطيفي نفس تي اسم الله جي ڪي خيال سان تڪرار ڪري ۽ ساه کي ايترو بند ڪري جيترو ان جي بند ڪرڻ کان عاجز ٿي پوي پوءِ ڇونٽي نڪ کي سڄي پاسي کان بند ڪري ڏائي پاسي کان آهستي آهستي ساه کي ٻاهر ڪڍي اهڙي طرح سيني لطيفن مٿين تي دورو ڪري پهريائين لطيفو نفسي پوءِ لطيفو قلبي ۽ روحي ۽ سري ۽ خفي ۽ اخفيٰ تي دورو ڪري جيڪڏهين سيني ٻين لطيفن تي ٿي ڀيرا ڦيرو ڪري تہ لطيفہ اخفيٰ تي پنج ڀيرا دم ڪري ۽ تصور ڪڻڻ اسم الله جل شانہ جي جو خيال سان هيٺئين لطيفي

www.maktabah.org

كان وٺي مٿئين لطيفي تي ڪندو رهي جيڪڏهين ٻين لطيفن تي پنج ڀيرا دورو ڪري تہ لطيفہ اخفيٰ تي ست ڀيرا ڪري ۽ لطيفي اخفيٰ تي ٻہ ڀيرا وڌيڪ الله جي نالي جي تڪرار سان ساه گهٽي. اول اسان کي انهن ترتيبن جي ڪرڻ کان ڏکيائي معلوم ٿي پوءِ سندين خدمت ۾ عرض ڪيم تہ حضرتا فڪر جي خيال کان ذوق وڌيڪ ايندو هو پوءِ پاڻ زبان گوهر فشان کان فرمايائون تہ جيڪي اڳتي آهي سو نوراعليٰ نور عليٰ نور آهي پوءِ لطيفن جي شغل کان تمام گهڻا عجائب نظر ۾ آيا ۽ هر ڪنهن لطيفي ۾ ايتري قدر ڪشادگي ۽ فراخي ڏسڻ ۾ آئي جا زمين ۽ آسمانن کان زياده هئي ۽ رنگ جيڪي سالڪن کي معلوم ٿيندا آهن سي ٻہ ڏسڻ ۾ آيا.

١٣٧ ڪنز* فرمايائون هڪ دفعو حضرت مرشد پير سائين رضي الله عنه جي خدمت ۾ عرض ڪيم تہ حضرتا قبض گهڻو ٿو ٿئي، تڏهين فرمايائون تہ قبض جي گهٽائي بسط جي گهٽائي آهي اسان کي ٻہ قبض گهڻو هو پوءِ هي بيت سنڌي فرمايائون:

بيت

ڪڏهين تاڪيون ڏين، ڪڏهن ڪلن در دوست جا،
ڪڏهين اچان اچڻ نہ لهان، ڪڏهين ڪونيو نين،
ڪڏهين سڪان سڏ ڪي، ڪڏهين ڳجهہ اندر ڳرهين،
اهڙائي آهين، صاحب منهنجا سپرين.

هي بيت فارسي جو شاهد قبض تي سو ٻہ فرمايائون.

بيت

ديدار مي نمائي و پرهيز مي ڪني
بازار خويش وآتش تيز مي ڪني

يعني: ديدار ڏيکارئين ٿو ۽ وريو لڪائين ٻہ ٿو پنهنجي رونق کي ۽ اسان جي ٻاه کي تيز ٿو ڪرئين.

١٣٨ ڪنز* فرمايائون تہ ابتدا جي ڏينهن ۾ هڪڙي رات جو واقعي ۾ ڏنوسون تہ اسلام جي لشڪر جا غازي، ڪافرن جي لشڪر سان جنگ ٿا ڪن ۽ ٻنهي لشڪرن جي وچ ۾ هڪڙو وڏو واه پاڻيءَ جو ڀريل هو، اوچتو ڪافرن جي لشڪر غلبو ڪيو

www.maktabah.org

پوءِ غازين هن فقير کي چيو تہ سردار جهانن ۽ وسيلي خلق جي حضرت محمد ڪريم صَلي الله عَليهِ وَسلم جي حضورم وجي عرض ڪر. انهن جي چوڻ موجب دروازي فيض واري حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم جي تي ويس، ڏٺم تہ ٻہ ملائڪ دربان بيٺا آهن، انهن کي چيم تہ هي واقعو وجي حضرت جن جي حضور ۾ عرض ڪريو انهن چيو تہ اسان کي اندر وڃڻ جي قدرت نہ آهي پوءِ اسان پاڻ وجي حضرت جن جي حضور ۾ مسلمانن جي لشڪر جي شڪست جو احوال عرض ڪيو. تڏهين حضرت جن کي ڏٺو سون تہ حضرت مرشد پير سائين رضي الله عنه جي صورت مبارڪ ۾ آهن پوءِ پاڻ اٿي اسلام جي لشڪر جي مددگاري واسطي قدم رنج فرمائي آيا ۽ اسين بہ ساٺن همراه هئاسون، اسلام جي لشڪر ۾ پهچڻ شرط يڪدم ڪافرن تي حملي ڪرڻ جو حڪم ڏنائون، ان مهل ڪافرن جي لشڪر ۾ اچي هيبت ۽ ڊپ پيو، جي سڀ اٿي ڀڳا ۽ اهل اسلام جي فتح ٿي. پوءِ ڏٺوسون تہ ڪافرن جو جيڪو لشڪر هو سي سڀ اسان جا عزيز ۽ قريب خصوصا چاچا ۽ مان مان هئا. ائين ڇو نہ هوندو جو قرآن شرف جون آيتون ۽ حديثون شريفون ان باب ۾ وارد آهي "اَعُوْذُبِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطَانِ الرَّجِيْمِ اِنَّ مِنْ اَزْوَاجِكُمْ وَاَوْلَادِكُمْ عَدُوًّا لَّكُمْ فَاحْذَرُوْهُمْ" يعني اوهان جين عورتن ۽ اولاد کان اوهان جا دشمن آهن پوءِ اوهين انهن کان ڊڄو، ۽ حديث شريف ۾ آهي تہ "اَلْاَقَارِبُ كَالْعَقَارِبِ" يعني عزيز ۽ قريب ڀينوئن وانگر آهن.

شعر

اَقَارِبُ كَالْعَقَارِبِ فِيْ اَذَاهَا = فَلَمْ تَفْرَحْ بِعَمٍّ اَوْ بِخَالٍ
وَكَمْ عَمٍّ يَجِيْءُ الْغَمُّ مِنْهُمْ = وَكَمْ خَالٍ عَنِ الْاِحْسَانِ خَالٍ

يعني قريب عزيز ڀينوءَ وانگر ايذاءَ ڏيندڙ آهن. پوءِ تون چاچي ۽ مامي تي خوش نہ ٿي. ڪيترا چاچا اهڙا آهن جن کان غم ايندو ۽ ڪيترا ماما احسان کان خالي آهن.

١٣٩ ڪنز* فرمايائون تہ هڪڙو دفعو واقعي ۾ ڏٺوسون تہ مينهن جي موسم آهي ۽ ڪنهن شهر ۾ ويو آهيان ۽ اهو سڄو

www.maktabah.org

شهر آباد آهي ۽ ان ۾ ماڻهو گهڻا پر مون کنهن کي به انهن مان کين ٽي سڃاتو. ان شهر جي بازار مشرق ۽ مغرب ڏي هئي، مٿي ۽ گپ برسات جي پوڻ ڪري زمين تي هئي. آئون مشرق کان اچي مغرب ڏي ويس ٽي، جڏهين سڄي بازار پوري ٽي تڏهين اتي اتر جي پاسي کان هڪڙي ننڍي مسجد نظر ۾ آئي تنهن ۾ اڳينءَ جي نماز پڙهڻ لاءِ وڃي ڪرو پاڻي جو ڀري پيشاب ڪرڻ لاءِ اتر ڏي ويس ۽ هڪڙي ڪڏ ۾ ڏٺم ته ڪڙا گهڻا پيا هئا اتي ويهي پيشاب ڪيم، پيشاب ڪرڻ جي وچ ۾ ٻن شخصن مشرق جي طرف پنگ پي گهوٽي ۽ انهن جا گهر به اتي نزديڪ هئا، انهن شخصن جي پاسي ۾ هڪڙي ڪجري عورت جنهن جي درمياني عمر هئي ويٺي هئي. انهن شخصن انهيءَ زال کي چيو ته هن فقير کي م ڇڏ، اها زال اٿي منهنجي پٺيان رواني ٿي ۽ اسين الهندي ڏي منهن ڪري اٿي ڀڳاسون ۽ انهن ٻنهين شخصن جي خوف کان پئي وياسون ته متان اهي ٻئي شخص اچي اسان کي پهچن ۽ وٺن، نيٺ اچي هڪڙي واه تي پهتاسون جنهن ۾ ماڻهوءَ جي قد کان پاڻي وڏو هو، اتي زال مٿينءَ اچي مون کي پٺيان چيلهه کان ورتو جنهن جي وٺڻ کان زمين تي ڪري پيس. پٺيان ڏٺوسون ته فقط هڪڙي اها عورت آهي ۽ اهي ٻئي ماڻهون پنهنجي جاءِ تي ويٺا آهن پوءِ ان زال کي لت مٽ ڪري پاڻ کان پري ڪيوسون ۽ انهيءَ واه جي پاڻيءَ مان تري ٻئي طرف وياسون. اتي ڏٺوسون ته وڏو درياءُ آهي ۽ منجهس لهريون پيون لڳن ۽ ان جي ڪناري تي ڪانين جو وڏو جهنگ آهي پوءِ پٺ ڏي ڏٺوسون ته ان زال تمام ڪاوڙ مان اسان کي پوندو پئي ڏٺون. پوءِ اتان درياءَ ڏي روانا ٿياسون ۽ ان مهل هوش ۾ آياسون پوءِ اهو واقعو حضور پرنور حضرت مرشد پير سائين رضي الله عنه جي عرض ڪيوسون پاڻ فرمايائون ته اسان به ان زال کي لت مٽ ڪئي هئي.

۱۴۰ ڪنز* فرمايائون ته هڪڙي ڏينهن حضور سراسر نور حضرت مرشد پير سائين عليه الرحمة جي ۾ ويٺو هئس ته هڪڙي فقير شام جي مهل "شغل نفي ۽ اثبات" جي باب ۾ ڪائن اچي

www.maktabah.org

پڇيو پاڻ گهڻو خوش ٿيا ۽ ان فقير کي فرمايائون تہ سالڪ کي گهرجي تہ پاڻ کي نفي ۽ حق کي ثابت ڪري. ان کي ان جو تعداد سمجهايائون، ان وقت ۾ اسان سندين خدمت شريف ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا مون ان کي نفي ڪيو هو ۽ هاڻ وري ڪيس اثبات ڪيم، پوءِ پاڻ فرمايائون تہ اهڙي طرح آهي. پر ان جي جاءِ هيءَ نہ آهي. انهيءَ مهل ٻئي ڪنهن شخص چيو تہ ان ڳالهہ جي پڇڻ مان ڪهڙو فائدو؟ انهيءَ ڳالهہ جي ٻڌڻ کان ڪٽن (ڪين) جوش آيو پوءِ پاڻ فرمايائون تہ جنهن کي سلوڪ جو ارادو آهي سو پڇندو ۽ جنهن کي اصلي ڪو خيال نہ آهي سو ڪين پڇندو.

بيت

پڇن سي پسن، جڏهين تڏهين پرين کي،
ڏورينديون ڏسن، اگڻ عجيبن جا.

۱۴۱ ڪنز* فرمايائون تہ پهريائين طلب جي ڏينهن ۾ ڪمال شوق ۽ محبت کان حضرت مرشد پير سائين رضي الله عنه جي صحبت لاءِ تمام وڏا وڏا پنڌ جهڙوڪ ڪچ ۽ قلات ۽ چارئي طرف پيرن پيادا پيا ڊوڙندا هئاسون.

بيت

راه سفر منزل وآرام ندارد = شد همسفر ريگ روان قافله ما.

يعني سفر جي واٽ ۾ منزل ۽ آرام نہ آهي. اسان سان گڏ سفر ۾ واري اڏامندڙ جو قافلو آهي.

سنڌي بيت

ٻري تہ ٻيلي گهٽا، ساٿي پڇي سک،
رفاقت رحيم ۾، ڏونگر ڪري ڏک،
آريءَ جو اهک، رهنما راه ٿيو

انهن ڏينهن ۾ حضرت والده ماجده اسان جي شفقت مادريءَ کان ڪڏهين ڪڏهين چوندي هئي تہ حضرت پير سائين رضي الله عنه، جئن تہ اسان جي پٽ کي سرگردان ۽ حيران ۽ بي آرام ڪيو آهي تئن سندن پٽ بہ شل ٿين. اسين پيا چوندا هئاسون تہ آمين آمين. ڪيترن ڏينهن کان پوءِ حضرت مرشد پير

www.maktabah.org

سائين جن هن فقير جي دعوت تي تشريف فرمائي آيا ۽ اسان جي غريباڻي گهر کي پنهنجن مبارڪن قدمن کان بهشت جو رشڪ ڪيائون، ان مهل اسان جي گهر جا ماڻهو مرد خواه عورتون سڀ سندن زيارت کان مشرف ٿيا، تڏهين اسان والده ماجده جون اڳيون ڳالهيون حضرت مرشد پير سائين رضي الله عنه جي حضور ۾ عرض ڪيون، ان مهل والده ماجده حيا ۽ هيبت کان سندن حضور ۾ ڏاڍي عاجزي کان عرض ڪيو ته حضرتا اها جرئت جا اسان کان ٿي هئي سا بي ادبي ۽ بي ارادتي کان نه هئي بلڪ قرب ۽ شفقت ماءُ پيءُ جي کان هئي. جئن ته ٻيا سندس پائر تکن گهوڙن تي روپن هنن ۽ هٿيارن سان هميشه چڙهيو پيا گهمن ۽ هي منهنجو پٽ اوهان جي پٽيان هيڪلو هر طرف سرگردان آهي ۽ اها گستاخي مون کي معاف ٿئي. تڏهين پاڻ ان جي جواب ۾ فرمايائون ته هي ٻيو تنهنجو پٽ ڏارئين عورت تي عاشق ٿيو هو جيستائين پنهنجي مطلب کي نه پهتو ۽ ان کي پاڻ وٽ نه آندائين تيستائين هرگز آرام نه ڪيائين، ۽ هي تنهنجو پٽ حسن محبوب حقيقي جو عاشق آهي سوبه جڏهين پنهنجي مطلب کي وڃي پهچندو تڏهين پاڻهي دل جمعي ڪري آرام سان ويهي رهندو ۽ بي آرامي لهي ويندس.

١٤٢ **ڪنز*** فرمايائون ته هڪڙو دفعو درگاه شريف تي (جناب) حضرت پير سائين مرشد رضي الله عنه جي خدمت ۾ پنهنجا احوال بيان ڪيم ٿي، تڏهين پاڻ هڪڙي ٽڏي آه ڪڍي فرمايائون ته طالب صادق جو پير اڃي ڏاڙهيءَ وارو نه آهي بلڪ پير ان جو عشق آهي.

١٤٣ **ڪنز*** فرمايائون ته اسان کي هڪڙو پيرو سخت ٽيئڙ تپ ڏهن يارهن مهينن کان ايندو هو ۽ ان تمام ضعيف ڪري ڇڏيو هو، هڪڙي ڏينهن سفر ۾ پير سائين رضي الله عنه ڪتاب حافظ ديوان ٿي پڙهيو انهيءَ ڏينهن تپ جو به وارو هو ان ڪتاب جي ٻڌڻ کان جماعت ۾ جوش ۽ خروش حد کان ٻاهر اچي پيو ۽ اسان کي به اهڙو حال اچي پيو جو نون ڏينهن تائين ڪابه خبر

www.maktabah.org

ڪانه هئي سون، نه پنهنجي خبر هئي سون نه تپ جي. نون ڏينهن ڪان پوءِ هوش آيو ۽ تپ ڪان به ڇٽي پياسون.

١٤٤ ڪنز* فرمايائون ته هڪڙي ڏينهن حضرت مرشد مربّي پير سائين رضي الله عنه جي حضور ۾ عرض ڪيم ته حضرتا جذب ۽ سڪر جو وقت اهڙو هو جو حالت پاڻهين غيب ڏي پئي نيو، هڪڙي گهڙي به ديرڪرڻ نٿي ڏنائين ۽ ٻي طرف حال ڏسڻ ۾ ٿي آيو ۽ اهڙو تڪو نيندو هو جو هن عاجز جي عقل معاش جي سمجهه ۾ اچي به ڪين سگهي. هاڻ هي حال آهي ته جيڪڏهين سعيو ۽ ڪوشش ڪندو آهيان ته اڳتي ترقي يعني زيادتي حاصل ٿيندي، نه ته نه تڏهين پاڻ جواب ۾ فرمايائون ته سالڪ هي مثال آهي جئن ته ڪنهن شخص وٽ سو روپيا هجن پوءِ انهن سان واپار ڪيائين جنهن مان ڏهوڻا فائدا ٿيس يعني هزار روپيا وصول ٿيس موٽي انهن هزارن روپين سان واپار ڪيائين انهن مان به ڏهوڻو فائدو حاصل ٿيس يعني ڏه هزار روپيه مليس ان ڪان پوءِ جيڪڏهين انهن ڏهن هزارن روپين سان واپار نه ڪيائين ته پاڻ کي لک روپين جو ٿوٿو وڌائين.

١٤٥ ڪنز* فرمايائون ته ابتدا حال ۾ هن فقير کي ڪشف دلين ۽ قبرن جو حاصل ٿيو. اها ڳالهه حضرت مرشد پير سائين رضي الله عنه جي حضور ۾ عرض ڪيم، پاڻ فرمايائون ته ميان ناصر علي شاه کي ڪشف گهڻو ٿيندو هو هڪڙي ڏينهن فخر ڪان انهيءَ ڪشف جي ڳالهه ميان قابل شاه وٽ ڪيائين تڏهين ان جواب ڏنس ته اهو ڪشف گڏهين کي به ٿيندو آهي. ڇو ته اهي جڏهين ڇوڪرن کي ڏسنديون آهن تڏهن ڀڄنديون آهن ۽ جڏهين مردن کي ڏسنديون آهن تڏهين ڪين ڀڄنديون آهن پوءِ پاڻ فرمايائون ته طالبن کي اهڙن ڪمن ۾ بيهڻ نه گهرجي ڇو ته انهيءَ ۾ وڏائي ۽ هٿ ٿيندو آهي. جنهن ڪان طلب جو رستو بند ٿي ويندو آهي.

١٤٦ ڪنز* فرمايائون ته جيڪڏهين محنت نه ڪندين ته

www.maktabah.org

لذت ڪين چڪندين، ڇو تہ طعام بہ باہ ڪان سواءِ ڪين پچندو آهي پوءِ عشق جي درد ۽ محبت ڪان سواءِ مطلب حقيقي ڪي ڪئن پهچي سگهبو جيڪڏهين ڪو شخص عشق ۽ درد ڪان سواءِ حق جي ملڻ جو خيال ڪندو تہ اهو حرص وارو آهي نہ طالب، خواجہ حافظ قدس سره فرمايو آهي:

بيت

حافظ هر آنکہ عشق نَورزيد وصل خواست
احرام طرف کعبئہ دل بي وضو بہ بست

يعني اي حافظ جنهن عشق نہ ڪيڏيو ۽ ائين وصل گهريو تنهن دل جي ڪعبي جو احرام ري وضوءَ ٻڌو.

١٤٧ ڪنز* فرمايائون تہ ننديپڻ جي ڏينهن ۾ والده ماجده هن فقيرکي هڪڙو پيسو ڏنو هو جو ڪنهن شي جي وٺڻ لاءِ بازار ۾ ويس ٿي ڏنم تہ هڪڙو فقير رستي ۾ ويو ٿي جنهن چيو ٿي تہ جيڪو مون کي هڪڙو پيسو ڏيندو تنهن کي حج پڙهيل جو ثواب ڏيندس پوءِ انهيءَ مهل اهو پيسو ان کي حج جي وٺڻ لاءِ ڏنم، پوءِ فرمايائون تہ اسان کي فقيرن مريدن گهڻا حج پڙهي بخشيا آهن پر اميد آهي تہ اهو پيسو جو فقير کي حج وٺڻ لاءِ ڏنو هوسون سو بہ الله تعاليٰ قبول ڪيو هوندو. اسان کي انهيءَ جي قبوليت ۾ ڪو شڪ ۽ تردد نہ آهي، ڇو تہ "اَلْاَعْمَالُ بِالنِّيَّاتِ" حديث آهي، يعني سڀ ڪم نيت تي ٻڌل آهن.

١٤٨ ڪنز* فرمايائون تہ هڪڙو دفعو قرآن شريف سورهن روپين هديو ٿيو ٿي، پوءِ سليمان فقير قوم ميمڻ سڪنہ کورواه جو، جيڪو اسان کان مريد ٿيو هو ۽ دوستي ۽ ارادي ۾ بي مثل هو تنهن کي چيوسون تہ هي مصحف مجيد پنهنجي نيت وٺي ڏي پوءِ هن چيو تہ وجان ٿو ۽ قيمت وٺي ٿو اچان. تڏهين ان کي چيم تہ هاڻ بس ڪر هن سبب ڪري جو هو پهرئين پيري سان نہ ويو، جڏهين ٻئي دفعا پڇڻ لڳو تڏهين ان کي منع ڪئي سون، پوءِ هڪڙي ڏينهن اسان قرآن ڪريم جي تلاوت ڪئي ٿي اهو فقير بہ ان مهل حاضر هو، ان کي چيوسون تہ هاڻي هن مهل جي قرآن

www.maktabah.org

شريف وني ڏئين ته به چگو آهي تڏهين چيائين ته جي اهو مصحف ڏيو ته جيڪي چئو سو ڏيان اسان چيس ته جيڪڏهين سو روپيا ڏئين ته به هي قرآن توکي نه ڏيون ان چيو ته سو روپيا ڏيان ٿو ۽ مصحف به سائين جن جو نذرانو آهي تڏهين اسان چيس ته اهو مصحف ته هرگز کين ڏينداسون پوءِ هاڻي اسان جي دل ۾ ٿو اچي ته ان سو روپين جي ڏيڻ جي نيت سچي دل سان ڪئي هئي الله تعاليٰ جلشانه اجر مصحف هڪ سو روپين واري جو ان کي ڏيندو چوته حديث شريف ۾ آيو آهي "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مومن جي نيت ان جي عمل کان به چگي آهي.

١٤٩ ڪنز* هڪڙي ڏينهن مشائخن ۽ طالبن حق جي بيان ۾ گفتار ٿي فرمايائون پوءِ هڪڙو نقل ڪتاب ملفوظات بيان العارفين شاه عبدالڪريم قدس الله سره جو هن طرح بيان فرمايائون ته شاه رحمة الله عليه فرمايو ته هڪڙي ڏينهن ڪنهن بزرگ، صاحب حال جي فقيرن جي جماعت سان دريا جي ڪناري تي سماع ٿي ڪيو پوءِ ان بزرگ کي انهيءَ سرود ۾ حالت وجد جي آئي، جنهن کان درياءَ ۾ ڪري پيو جڏهين ٽي ڏينهن لنگهي ويا تڏهين فقيرن جي جماعت اتي اچي گڏ ٿي ۽ بزرگ جي روح کي ختمون ٿي ڏنائون ۽ اتي وري سرود ڪيائون ۽ اهو غزل پهريون جنهن کان بزرگ کي وجد آيو هو سو پڙهيائون ته بزرگ مٽيون ٽن ڏينهن کان پوءِ موٽي انهيءَ درياءَ مان ٻاهر نچندو بيت پڙهندو آيو، ان کان پوءِ بزرگ پنهنجي يارن کي وصيت ڪئي ته اسان جي مرڻ کان پوءِ اسان جي قبر اتي ڪجو جتي فقير سماع ڪندا آهن. جئن ته جيڪي فقير سماع ڪندا آهن تن جي پيرن وٽ اسان جو مٽو ۽ منهن هجي پوءِ انهيءَ بزرگ کي انهيءَ جاءِ تي جتي ملئون حسن رحمة الله عليه ۽ انهيءَ جا فقير سماع ڪندا هئا دفن ڪيائون. انهيءَ جاءِ تي پاڻ گهڻو گريو ڪيائون. حاضرين مجلس جي کي به گريو ۽ شوق درد گهڻو ٿيو پوءِ فرمايائون ته اهل الله جا عجب قوم آهن، انهن جو عشق ۽ محبت پورو ٿيڻ جو نه آهي. شيخ سعدي عليه الرحمة فرمايو آهي

www.maktabah.org

بيت

نہ حسنش آخرين دارد نہ سعدي را سخن پايان،
بميرد تشنہ لب مستسقي ودريا همچنان باقي.

يعني نہ يار جي حسن جو ڇيهہ آهي نہ سعدي جي ڳالهہ جو ڇيهہ آهي. استسقا جي مرض وارو اجايل مري ويندو ۽ دريا اهڙي طرح باقي هوندو. جئن تہ ان بزرگ مرڻ کان طالبن جي قدمن جي پنهنجي مٿي تي آرزو رکي انهي جاءِ تي مولانا جامي عبدالرحمٰن قدس سره کهڙو نہ چڱو چيو آهي.

بيت

بہ پيري وجواني نيست چون عشق،
دمد برمن دمادم اين افسوس عشق.
کہ جامي چون شدي در عاشقي پير،
سبک رحي کن ودر عاشقي مير.

يعني پوڙهائي توڻي جواني ۾ عشق جهڙي ٻي کابہ شي نہ آهي، مون کي عشق هر ڪنهن وقت اها ڳالهہ پيو چوي، تہ اي جامي جڏهين عاشقي ۾ پوڙهو ٿيو آهين، تڏهين جلدي ڪري انهيءَ عاشقي ۾ مر.

١٥٠ ڪنز* فرمايائون تہ معاملو تلقين ۽ خلافت جو تمام نازڪ ۽ گهڻو مشڪل آهي ڇو تہ خليفو امين آهي خلق ۽ خالق جي وچ ۾، ۽ خلافت انهيءَ لائق آهي جيڪو تمڪين جي مقام کي پهتو هجي ۽ پنهنجي وجود کان فاني ٿي حق سان باقي ٿيو هجي، جيڪڏهين ڪو پوري فنا ۽ بقا کان سواءِ هن سخت ڪم ۾ هٿ وجهندو تہ ان کي جان جو خوف ۽ ايمان جو نقصان ٿيندو ڇو تہ اڳين مشائخن رحمهم الله فرمايو آهي تہ پيري يعني مشائخي ڪرڻ سواءِ مقام پيريءَ يعني "فنا في الله" ۽ "بقا بالله" جي زهر قاتل آهي ۽ انهيءَ تي هي مثال فرمايائون تہ ڪيرپياڪ ڇوڪر جو بي سمجهہ آهي تنهن کي نفع ۽ نقصان جي خبر نہ آهي، سو جيڪڏهين ڪاتي هٿ ۾ ڪٽي جهلي تہ ان کي جان جو خوف آهي ماءُ ۽ پيءُ جيڪڏهين اها ڪاتي ان جي هٿ ۾ ڏسن تہ ڪانئس

www.maktabah.org

کسي لاهين، پوءِ انهيءَ ڳالهه تي پاڻ هڪڙو نقل بيان فرمايائون ته هڪڙي شخص ظاهر جي عالم، سورٺ جي ملڪ جي رهندڙ، اسان کي چيو ته حضرت مرشد پير سائين رضي الله عنه جي حضور ۾ عرض ڪري مون کي تلقين ڏيڻ جي اجازت وٺي ڏي تڏهين اسان ان کي چيو ته اي ياءُ خلافت راند نه آهي جا رڳي حرص سان ميسر ٿئي. هيءُ مقام خلافت جو ان کي لائق ۽ سزاوار آهي جو خدا تعاليٰ جي مهرباني سان پنهنجي هستي ۽ هٽ کان بيزار ٿئي ۽ نفس جي حقيقت کي چڱي طرح سمجهي ۽ جي نه ته توکي منهنجي خلافت گهرجي ته ڪٿي ڏيان. مگر حضرت مرشد پير سائين رضي الله عنه جي حضور ۾ اهڙي جرئت ۽ گستاخي مون کان نه ٿيندي. تنهن کان پوءِ وري انهي خدا جو نالو اسان جي اڳيان آندو ۽ چيائين ته هروپرو انهيءَ بابت حضور ۾ عرض ڪر، پوءِ حضرت جن جي حضور ۾ اهو ان جو عرض ظاهر ڪيوسون، پاڻ فرمايائون ته پهريائين همت ڪري انهي مقام کي حاصل ڪر تنهن کان پوءِ توکي تلقين جي رخصت ڏبي. اي عزيزو آخر زماني جو دور ٿيو آهي ڪنهن به ماڻهوءَ کي تلقين ۽ خلافت جي خبر نه آهي جئن ته شيخ احمد منيري قدس الله سره هن بيت کي پنهنجي مڪتوباتن ۾ ور ور ڏيئي آندو آهي.

بيت فارسي

صوفي وسبز پوش وشيخي وچله دار،
اين جمله شدي ليکن مسلمان نه شدي.

يعني: صوفي ۽ ساوا ڪپڙا ڍڪيندڙ ۽ شيخ ۽ چاليها ڪڍندڙ اِهي سڀ ٿئين پر مسلمان نه ٿئين.

١٥١ ڪنز * فرمايائون ته هڪڙو دفعو بايزيد بسطامي قدس الله سره پنهنجي يارن سان گڏ ڪنهن جاءِ تان گذريو، اتي هڪڙو مئل ماڻهو پيو هو جنهن جي پيشانيءَ تي لکيو پيو هو ته "خَسِرَالدُّنيَا وَالْآخِرَةِ" يعني فقيري ٻنهي جهانن ۾ منهن جي ڪاراڻ آهي. دنيا ۽ آخرت ٻنهي جو ٽوٽو ڇيهو ڏنل جيڪي جماعت جا ماڻهو، سي اهي لفظ ڏني توبه توبه ڪري نعوذبالله

www.maktabah.org

پڙهي پڄي پري ٿيا جڏهين خواجہ سلطان العارفين جي ان تي نظر پئي تڏهين ان کي ڪٽي ان جي پيشانيءَ تي چمي ڏيئي چيائين تہ هيءَ سسي ڪنهن مرد عارف جي آهي جنهن دنيا ۽ آخرت ٻنهي کان پاڻ کي ڇيهو وڌو هو يعني ٻنهين کان بيزار ۽ ڀڄندڙ هو. پوءِ اهو نقل ڪري پاڻ فرمايائون تہ مطلب ان جو هي آهي جو حديث شريف ۾ آيو آهي تہ "اَلْفَقْرُ سَوَادُ الْوَجْهِ فِي الدَّارَيْنِ" يعني فقيري ٻنهي جهانن ۾ منهن جي ڪاراڻ آهي اها مردن جي هست آهي جي ٻنهي جهانن کي پير جي پٽ هٿي حق ڏي رجوع ٿيا.

١٥٢ ڪنز* ڪنهن ماڻهوءَ شيخ سري سقطي رضي الله عنه جي حضور ۾ اچي عرض ڪيو، تہ مريد مرشد کان زياده ٿي سگهندو يا نہ تڏهين شيخ فرمايس تہ هائو وڃي ڏس شيخ جنيد قدس الله سره کي پوءِ پاڻ فرمايائون تہ اها زيادتي اها آهي جا بعضي مريدن کي پنهنجي مرشد سان ڪمال سچائي کان ملندي آهي جنهن ڪري هن کي انهيءَ ارادي ڪري مرشد کان مٿي مقام ملندو آهي ۽ جنهن فوقيت سان هو پنهنجي پير کي ڏسندو آهي سا ساڳي فوقيت ان کي ارادي ڪري حاصل ٿيندي آهي. جئن تہ حديث ۾ آهي تہ "اَنَا عِنْدَ ظَنِّ عَبْدِيْ بِيْ" يعني الله تعاليٰ ٿو فرمائي تہ مون سان جيڪو منهنجي بندي جو ارادو آهي، ائون تنهن ارادي وٽ آهيان ۽ انهيءَ مثال تي هڪڙو نقل حضرت مرشد پير سائين رضي الله عنه جو فرمايل ڪيائون تہ ٻہ شخص هڪ ارادي سان مرشد وٽ آيا انهن مان هڪڙي جي ارادي ۾ اها ڳالهہ ٿي، تہ منهنجو مرشد ڪامل ۽ مڪمل ۽ مختار آهي ۽ ٻي کي ارادو ٿيو تہ پير منهنجو فقط ڪامل آهي، پوءِ مرشد جي صحبت جي شرف کان پئي جڏهين پنهنجي مطلب کي وڃي پهتا تڏهين جنهن ارادو ڪيو هو تہ مرشد منهنجو فقط ڪامل آهي تنهن پنهنجي پئي سنگتي کي مڪمل ۽ مختار انهن ٻنهي درجن ۾ پاڻ کان وڌيڪ ڏٺو، تڏهين وڃي پنهنجي مرشد جي حضور ۾ عرض ڪيائين تہ اسين پئي اتفاق ڪري گهران گڏ آياسون ۽ پئي گڏ مريد ٿياسون پوءِ هڪڙو پئي کان وڌيڪ ڇو ٿيو؟ فرمايائون تہ

www.maktabah.org

اهو نتيجو ارادي جو آهي جيڪي آندان سو ملئان پوءِ پاڻ فرمايائون تہ ارادو خود فعل حق جو آهي، جا ثبوتي صفت آهي حق تعاليٰ جلشانہ جي پوءِ جنهن کي ڪو مرتبو ملي ٿو تنهن کي پهريائين ان جو ارادو ملندو آهي پوءِ فرمايائون تہ ارادو اهڙي شي آهي جنهن پير ڏهمڻ کي اٿ کان خدا ڏياريو ۽ نقل جو حضرت مرشد پير سائين رضي الله عنه کان هن طرح سئوسون تہ پير ڏهمڻ هڪڙو مهاڻو هو، سو ڪنهن شهر ۾ آيو اتي ڏنائين تہ ڪنهن بزرگ مسجد شريف ۾ خدا تعاليٰ جي وڏائي ۽ بزرگي جو بيان ٿي فرمايو، اهو وعظ ٻڌي پنهنجي ڳوٺ ڏي روانو ٿيو، واٽ ۾ هڪڙو اٿ تمام وڏو ۽ ٽلهو ڏنائين جنهن جهنگ ۾ پي چنو ۽ انهيءَ اڳي ڪڏهين اٿ ڏنوئي ڪونہ هو تڏهين دل ۾ خيال ڪيائين تہ هي ڪهڙو نہ وڏو آهي شايد خدا تعاليٰ اهو آهي پوءِ ڊوڙي ڊوڙي پنهنجي گهر آئيو ۽ پنهنجي زال کي چيائين تہ اڄ پنهنجي خدا کي ڏنو اٿم، جنهن ڏاڍي بک کان جهنگ ۾ ليون ۽ ڪانديرا پئي کاڌا، هاڻ جلدي ڪري مڇي گهٽي ۽ مانيون تيار ڪر تہ ان کي هلي کارائي اچون پوءِ مانيون ۽ مڇي مضبوط مٽي تي رکي ٻئي اٿ جي پٺيان ڊوڙندي ڊوڙندي ٽڪا ۽ ان کي پهچي نہ سگهيا، تڏهين تمام غموارا ٿي نهايت عاجزي کان ڪيس اچي روئڻ ورتو ۽ ڄاتائين تہ الله تعاليٰ اسان جي طعام کي قبول نٿو ڪري پوءِ تمام فڪر وارو ٿي ڊوڙندي ڪري پيو. ڏسو شفقت ڪريم مطلق ۽ هادي برحق جلشانہ جي، جو انهي جي دل کان پردا ڪڍي ويا ۽ الله تعاليٰ جلشانہ جي جمال جو جهڙي طرح مناسب هو اهڙي طرح مشاهدو ڪيائين ۽ ولي ٿي پيو. "ذَالِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ وَاللّٰهُ ذُوالْفَضْلِ الْعَظِيْمِ". يعني: اهو خدا جو فضل آهي جنهن کي وٺي تنهن کي ڏي ۽ الله تعاليٰ صاحب فضل وڏي جو آهي ۽ انهي بزرگ جي قبر منور منڇر جي مهاڻ ۾ جا دريا جي هن پرسان متاني پرڳٽي ۾ آهي مشهور ۽ معروف آهي قدس الله تعاليٰ روحهٗ.

www.maktabah.org

فصل ٻيو

علمن، اسرارن، حقائقن ۽ دقائقن جي شرح ۽ تفصيل جي بيان ۾.

۱ **ڪنز*** فرمايائون تہ معرفت ۾ اگرچہ ضد ۽ غير ڏسڻ ۾ نتو اچي پرغيب جو پاسو ظاهر جي پاسي کان جذبي ۾ زياده آهي اگرچہ عارف جي نظر ۾ ڪمال معرفت ۽ بصارت جي تيزيءَ کان ظاهر ۽ باطن ٻئي هڪڙي دري مان هڪ جهڙا ڏسڻ ۾ اچن ٿا تڏهين بہ غيب جي توجہ جي نسبت جذبي کان آهي ۽ دل جي رغبت بہ هن طرف کان هن طرف ڏي زياده آهي.

۲ **ڪنز** * فرمايائون تہ طالب کي بہ انقطاع آهن هڪڙو انقطاع ظاهر جو ٻيو انقطاع باطن جو. ظاهر جو انقطاع علائقن کي وڍي ڇڏڻ ۽ باطن جو انقطاع آهي الله تعاليٰ کان سواءِ ٻيا خيال وڍي ڇڏڻ جئن تہ ظاهر ۽ باطن ۾ طالب کي الله تعاليٰ کان سواءِ ٻيو ڪي بہ نہ رهي.

۳ **ڪنز*** فرمايائون تہ الله تعاليٰ نبين ۽ ولين کي سيني مرتبن سان سرفراز ڪيو آهي. مگر هڪڙو مرتبو جو خاص الله تعاليٰ جلشانہ جي ذات کي آهي، جنهن ۾ ٻئي ڪنهن نبي ۽ ولي کي شرڪت نہ آهي، جو ان مرتبي ۾ سڀ ڪنهن تي ان جو حڪم هڪ جهڙو جاري آهي، توڻي نبين تي توڻي ولين تي توڻي ڪافر توڻي مشرڪ تي مگر ڪي ٿورا نبي ۽ اولياءَ انهيءَ مرتبي کان مشرف ٿيندا آهن پر ان جي ملڻ جي باوجود بہ انهيءَ جي شرڪت کان صاف ۽ بيزار آهن.

۴ **ڪنز** * فرمايائون تہ عروج جي پهرين ڏينهن ۾ ايترا معنيٰ جا بار ايندا هئا جي ڳڻڻ کان ٻاهر آهن پوءِ جيڪي وجود

www.maktabah.org

جي ڪشايش ۾ ماڻهي سگهندو هو سو ملندو هو ۽ جيڪي نه ماڻهي سگهندو هو سو موٽي هليو ويندو هو ۽ خدا جي بخشش کي ڪا حد نه هئي ۽ عروج جي حالت ۾ اوڻهين يا ويهه سال گهٽ وڌ جذبو ۽ ڪشاڪش بي جهت ۽ بي ڪيف اهڙي طرح ڪٽي ويندي هئي، جنهن جي سمجهه کان عقل عاجز آهي. ۽ ان جي جذبي کي زيادتي ۽ قوت دم بدم زياده زيادتي تمام مٿي مٿي هئي.

٥ ڪنز * فرمايائون ته هڪڙا سالڪ آهن جي خدا جي ذات کي عالم خلق ۾ موقوف ڄاڻن ٿا ڪهڙا نه ڪوتاه نظر آهن، بلڪ هي جهان هڪڙو پاڇو آهي پاڇولن مان، توٿي عالم خلق جو بلڪ حقيقت ان جي ذات جي اڳيان پاڇي جو مرتبو رکندي آهي، جئن ته ان جي حقيقت کي سيني جهانن ۾ بي طرف رجوع آهي توٿي شادي ۾ توٿي غم ۾ ٻئي جي حڪم هيٺ محڪوم يعني فرمانبردار آهي. جئن ته ايذاءَ جي وقت ۾ ان جي طرف مناجات ڪندا آهن ۽ خوشي جي وقت ۾ ان جو احسان قبولينداآهن.

٦ ڪنز * فرمايائون ته حضرات نقشبنديه قدس الله ارواحهم وجد جي حال کي اڪڙوٽ ۽ ڊاڪ ۽ حيض ۽ نفاس سان نسبت ڏيندا آهن ۽ انهيءَ کي ڪي به ڪين سمجهندا آهن پوءِ فرمايائون ته حيض ۽ نفاس سان انهي سببان نسبت ڏيندا آهن ته ان ۾ ڪفر ۽ اسلام ٻئي گڏ آهن ۽ جدا نه ٿيا آهن.

٧ ڪنز * فرمايائون ته ڪفر ۽ اسلام ٻئي لازم ۽ ملزوم آهن يعني هڪ ٻئي سان لاڳو آهن پوءِ جيڪو ڪفر جي حقيقت کان برابر واقف نه ٿيو هوندو سو هرگز اسلام جي حقيقت کي پهچي نه سگهندو، ڪنهن بزرگ ڪهڙو چڱو چيو آهي.

بيت فارسي

هنوز از ڪاف ڪفرت هم خبر نيست،
حقائقهائي ايمان راچه داني.

يعني اجا توکي ڪفر جي ڪاف جي به خبر نه آهي. سو تون ايمان جي حقيقتن کي ڇا سمجهندين.

www.maktabah.org

٨ كنز * هڪڙو دفعو حضرت پير سائين رضي الله عنه جي حضور ۾ خدا جي طلب جو ذڪر پئي ٿيو ان مهل توحيد جي باب ۾ بيان پئي ٿيو. فقير خوشحال جو هڪڙو معتقد ۽ سندين صحبت شريف کان فيض وٺندڙ هو تنهن چيو ته جيڪي حق جو مشاهدو آهي سو سڀ موقوف آهي ڪثرت جي مشاهدي ۾، الله تعاليٰ ذات ۽ صفت سان هن جهان ۾ ظاهر آهي. تڏهين پاڻ فرمايائون ته ائين نه آهي بلڪ هي جهان انهي درياءَ بي پايان کان مثل هڪڙي ڦڙي جي آهي ۽ هڪڙو پاڇو آهي پاڇولن کان ۽ جيڪي حق جو مشاهدو آهي سو عالم معنيٰ ۽ عالم اطلاق سان تعلق رکندو آهي بلڪ بعضي اولياءَ الله جا جيڪي ابتدا حال ۾ وحدت الوجود جا قائل ٿيا هئا تن آخر انتها ۾ وحدت الشهود جو به انڪار ڪيو آهي. پوءِ پاڻ فرمايائون ته انهن جي انڪار جو اسان کان سبب پڇو. ان مهل سڀني حاضرين جواب جي لاءِ ڪن حاضر ڪيا، تڏهين فرمايائون ته انهن کي لياقت قوي هئي. همت جو گهوڙو انهن ٻنهي وحدتن جي ميدان کان ڊوڙائي جن جي يقين کان خالي نه آهن، ورائي الوراءِ ۽ غيب الغيب ۾ وڃي پهتا، سي سوا بي جهتيءَ ۽ بي ڪيفيءَ وحدت جي اثبات جا قائل نه ٿيا آهن ۽ مشاهدي کي آخرت جي لقاءَ تي موقوف رکيو اٿن.

٩ كنز * فرمايائون ته اهو ڪهڙو حال آهي جو عارف کي اول وقت ۾، عالم ڪثرت جي ۾ پهريائين نظر وحدت الشهود تي ٿو پوي ۽ ٻئي نظر ۾ ڪثرت ۽ وحدت کي هڪ ٻئي کان جدا ڏسندو آهي ۽ خلق کي خالق سان سڃاڻندو آهي، اتي نه ڪثرت وحدت کي روڪيندي آهي نه وحدت ڪثرت کي جهليندي آهي. وحدت پنهنجي جاءِ تي هوندي آهي ۽ ڪثرت پنهنجي جاءِ تي. پوءِ فرمايائون ته اها معرفت اهل شهود جي آهي.

١٠ كنز * فرمايائون ته الله تعاليٰ جي ذات اجمالي آهي ۽ عارف حق جا به قسم آهن، هڪڙو قسم آهي هي ته جڏهين عروج جي ترقين کان اجمال ذاتي جي مڪان تي پهچندا آهن تڏهين

www.maktabah.org

وحدت الوجود جو اثبات ڪندا آهن ۽ جڏهين انهن کي موٽي نزول ڪرائيندا آهن، تڏهين معرفت تفصيلي ۾ بہ عين ڪثرت کي عين وحدت ڏسندا آهن ۽ "همہ اوست" يعني سڀ اهو آهي جا قائل ٿيندا آهن. ٻيو قسم هي آهي تہ جڏهين انهن کي جمع کان فرق ۾ آڻيندا آهن، تڏهين اهي معرفت تفصيلي ڪثرت کي وحدت کان جدا ڏسندا آهن ۽ وحدت الشهود جا قائل ٿيندا آهن. "همه ازوست" يعني سڀ ان کان آهي چوندا آهن. انهن کي نڪي وحدت ڪثرت کان روڪيندي آهي نہ ڪثرت وحدت کان جهلنيدي آهي.

۱۱ ڪنز * فرمايائون تہ وحدت الوجود جا ارباب شريعت جي امرن جي تابعداري ۾ پاڻ کي زور ۽ ڏاڍي همت سان تابعدار ڪندا آهن. نہ تہ حال انهن جو انهيءَ حال کان علحدو آهي. ۽ اهل وحدت الشهود جي کي ظاهر جي احڪامن جي تابعداري طبيعت جي خواهش کان ٿيندي آهي. ڇو تہ انهن جو باطن ظاهر سان موافقت ڪندو آهي ۽ جيڪڏهين ڪنهن مهل انهن کان ظاهر شريعت جي حدن ۾ خطا ٿيندي آهي تہ انهي وقت انهن جي حالت قبض يا ذلت سان گرفتار ٿيندي آهي ۽ اهل وحدت الوجود جيڪڏهين سهو کان شريعت جي حدن کان لنگهي ويندا آهن، تہ انهن جي حالت کي ڪا شي نڪا روڪيندي آهي نڪا جهلينديِ آهي، ڇو تہ اهي صاحب جمع جا آهن، هميشه انهن جي نظر وحدت تي آهي. جئن تہ انهيءَ جاءِ تي مولانا روم قدس سره فرمايو آهي:

بيت فارسي

صاحب دل را ندارد آن زيان = گرخورد او زهر قاتل راعيان.

يعني ولي جيڪڏهين زهر ڪائي تہ بہ ان کي نقصان نہ پهچائي. پاڻ فرمايائون تہ زهر مان مراد آهي شريعت جي حدن کان لنگهي وڃڻ.

۱۲ ڪنز * فرمايائون تہ جڏهين سالڪ جي نظر کان غير ۽ غيريت ڪڍي ويندي تڏهين سڄي مخلوقات ۾ مشاهدو "وَاللّٰهُ اَحْسَنُ الْخَالِقِيْنَ" يعني الله تعاليٰ چڱو خلقيندڙ آهي. ڪنهن بزرگ فرمايو آهي:

www.maktabah.org

بيت فارسي

كجا غير كو غير نقش غير سوا الله والله ما في الوجود

يعني ڪٿي غير ۽ ڪهڙو غير ۽ غير جو نقش ڪٿي، قسم الله جو سواءِ الله جي وجود ۾ ڪجهه به نه آهي.

١٣ ڪنز * فرمايائون ته هيءَ هستي ڪيڙ جو گهر آهي ڇو ته انهيءَ ۾ سيڪو خيال قبيح ۽ بيڙو پيو ايندو آهي. طالب کي گهرجي ته انهيءَ هستي کي خراب ڪرڻ بجاءِ ان کي الله جلشانه جو گهر يا رسول الله صلي الله عليه وسلم جو گهر يا مرشد جو گهر جوڙي، يعني تصور ۽ خيال جي قوت سان هستي پنهنجي کي هڪڙي انهن ٽنهين جي تصور سان مبدل ڪري افضل ائين آهي جو حق جي هستي سان بدلائي نه ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جي هستي سان يا صورت شيخ جي سان ۽ ايهي ٽيئي حقيقت ۾ هڪ آهن ۽ لباس ۾ جدا جدا آهن ۽ قول ۽ فعل ۽ پنهنجي وجود عنصري کي پاڻ کان ڇنائي حق کي سونپي.

بيت فارسي

برمن از هستئ من جز نام نيست،
در وجودم جز تو، اي خوش کام نيست،
زان سبب فاني شدم، من همچنين،
همچو سرکه درميان انگبين.

يعني مون ۾ منهنجي هستي جي نالي ڌاران نه آهي منهنجي وجود ۾ توکان سوا بي ڪي به نه آهي ائون انهي سببان اهڙو فاني ٿيو آهيان جهڙو سرڪو ماکيءَ ۾، جيڪڏهين طالب پنهنجي هستيءَ ۾ مشغول آهي ته جيڪو ڪم ڪندو تنهنجي نيست پاڻ ڏي ڪندو ته اهو ساڳيون ڪيڙ جو گهر آهي جو لچن ۽ بدڪارن ماڻهن جي اچڻ وڃڻ جي جاءِ آهي.

بيت فارسي

باخودي كفر بي خودي دين است = هر چه گفتيم مغز او اين است.

١٤ ڪنز * فرمايائون ته الله تعاليٰ جلشانه جو مثل ڪونهي جئن ته قرآن شريف ۾ فرمايو اٿس "لَيْسَ كَمِثْلِهٖ شَيْءٌ وَّهُوَ السَّمِيْعُ

www.maktabah.org

الْعَلِيْمُ" يعني ان جهڙي ڪا شي نہ آهي ۽ اهو ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي پر جيڪڏهين مثال آهي تہ انسان آهي. پڻ فرمايائون تہ الله تعاليٰ جي صورت نہ آهي، جيڪڏهين آهي تہ انسان آهي. حديث شريف ۾ آيو آهي "اِنَّ اللّٰهَ خَلَقَ آدَمَ عَلٰي صُوْرَتِهٖ" يعني الله تعاليٰ آدم کي پنهنجي صورت تي پيدا ڪيو آهي. اها حديث انهيءَ ڳالهہ جي شاهد آهي.

بيت

آن بادشاه اعظم، در بستہ بود محکم
پوشيده دلق آدم، ناگاه بردر آمد.

يعني: انهي بادشاه وڏي دروازو محڪم بند ڪيو هو. اوچتو آدم جي گودڙي ڍڪي در کان ٻاهر آيو.

١٥ ڪنز * فرمايائون تہ هر ڪنهن ذري ۾ ارڙهن هزار جهان ظاهر ۽ باطن موجود آهن الله تعاليٰ جلشانہ بہ سڄو ان ۾ موجود آهي پر انهيءَ جي معرفت تيزيءَ بصارت تي موقوف آهي ۽ تيزيءَ بصارت جو اختلاف قابليت جي موجب ٿيندو آهي.

بيت

اين است کمال مرد راه يقين = در هرچہ نظر کند خدارا بيند

يعني: يقين واري مرد جو اهو ڪمال آهي جو جنهن ڪنهن ۾ نظر ڪري خدا کي ڏسي.

١٦ ڪنز * فرمايائون تہ ايمان توحيد آهي، ۽ توحيد کان سواءِ ڪابہ طلب نہ آهي ۽ ذڪر ۽ فڪر بي فنا هستيءَ واري کان ڪهڙو فائدو ٿيندو. جئن تہ حديث شريف ۾ وارد آهي "وُجُوْدُكَ ذَنْبٌ لَّا يُقَاسُ بِهٖ ذَنْبٌ" يعني تنهنجو وجود اهڙو گناه آهي جنهن سان ٻيو ڪو گناه برابر نہ آهي.

١٧ ڪنز * فرمايائون تہ حديث ۾ آهي تہ "اَلْاِيْمَانُ عُرْيَانٌ لِبَاسُهُ التَّقْوٰي" يعني ايمان اگهاڙو آهي. لباس ان جو تقويٰ آهي. اگهاڙ توحيد جي يعني جيستائين چئو "اَنَا الْحَقُّ" ۽ "سُبْحَانِيْ" نہ چوي تيستائين هرگز لباس تقويٰ جي کان نہ ڍڪجي.

www.maktabah.org

١٨ **كنز*** فرمايائون تہ تمام متي مقامن مان مقام عدم يعني فنا جو آهي ۽ اهو فنا سالڪ جو آهي ۽ اثبات ٻئائي کان سواءِ نہ آهي. "اَلسَّلَامَةُ فِي الْوَحْدَةِ وَالْاٰفَاتُ فِي الْاِثْنَيْنِ" يعني هيڪلائي ۾ راحت آهي ۽ ٻن ۾ آفت آهي.

بيت

تاتو با خويشي عدد بيني همہ = چون شدي فاني احد بيني همہ

يعني جيستائين تون پاڻ سان آهين تيستائين سڀ عدد پيو ڏسندين جڏهن فاني ٿيندين تڏهين سڀ احد ڏسندين.

١٩ **كنز** * فرمايائون تہ اسين جي مخلوق آهيون، سي سڀ سنديس صفتن سان قائم آهيون، جي اسان جو ٻڌڻ آهي تہ سميع کان آهي، جي اسان جو ڏسڻ آهي تہ بصير کان آهي، جي اسان جو ڳالهاءُ آهي تہ ڪليم کان آهي ۽ جي اسان جو علم آهي تہ عليم کان آهي ۽ جي اسان جي قدرت آهي تہ قديرکان آهي، جي اسان جو ارادو آهي تہ مريد کان آهي ۽ جي اسان جي حيات آهي تہ حيّ کان آهي، جيڪي آهيون انهيءَ کان آهيون.

بيت

نياوردم از خانہ چيزي نخست

توداري همہ چيز من چيز تست

ان جي معنيٰ اڳي لکيل آهي.

٢٠ **كنز** * فرمايائون تہ جي خدا ڳجهو آهي تہ انسان بہ ڳجهو آهي جي الله تعاليٰ ظاهر آهي تہ انسان بہ ظاهر آهي ۽ جي الله تعاليٰ باطن آهي تہ انسان بہ باطن آهي ۽ الله تعاليٰ جي احد آهي تہ انسان بہ احد آهي جنهن صفت ۾ تہ خداوند ڪريم جلشانہ موصوف آهي تہ انسان بہ انهي صفت سان موصوف آهي، مولانا جامي قدس الله سره فرمايو آهي.

ابيات

آدمي چيست برزخ جامع = صورت خلق خلق در و واقع

نسخۂ مجمل است مضمونش = ذات حق وصفات بيچونش

متصل با دقائق جبروت = مشتمل بر حقائق ملكوت

www.maktabah.org

باطنش در محيط وحدت غرق = ظاهرش خشک لب بساحل فرق
يک صفت نيست از صفات خدا = کہ نہ در ذات او بود پيدا
هر عليم است هر سميع وبصير = متکلم مريد حي وقدير
همچنين از حقائق عالم = همه چيز در وبود مدغم
خواه افلاک خواه ارکان گير = خواه کان يا نبات حيوان گير
صورت نيک وبد نوشته در و = سيرت ديو ودوسرشته در او
گر نه مرآت وجه باقي بود = از چه روشد فرشته را مسجود
بود عکس جمال حضرت پاک = اگر ابليس ره نبرد چه باک
هر چه در کنج کنت کنز نهان = بود دروي خدا نمود عيان
خلق رادر ظهور پيدائي = هستي اوست علت نمائي
زانکه عرفان بد سبب آنرا = اوست مظهر کمال عرفان را

يعني: آدمي برزخ جامع آهي، صورت حق جي ان ۾ موجود آهي. ان جي نسخي جي مضمون ۾ ذات حق جي ۽ صفاتون مجمل آهن. جبروت جي دقيقن سان لاڳو آهي ۽ ملکوت جي حقائقن سان شامل آهي. باطن ان جو درياءُ وحدت جي ۾ غرق آهي ظاهر ان جو اجايل ڪناري تي فرق جي آهي. خدا جي صفتن کان ڪا صفت نہ آهي جا ان جي ذات ۾ ظاهر نہ آهي. انسان عليم به آهي ۽ سميع ۽ بصير به آهي متکلم مريد ۽ حَيّ ۽ قدير آهي. اهڙي طرح جهان جي حقيقتن کان سيڪا شي ان ۾ گڏيل آهي. توٿي آسمان توٿي ارکان توٿي ڪاڻ توٿي اوپڙ توٿي حيوان سڀ ان ۾ آهن. صورت نيڪ ۽ بد ان ۾ لکيل آهي عادت شيطان جي ۽ حيوانن جي ان ۾ گڏيل آهي. جيڪڏهين خدا جي صورت جي آرسي نہ هجي ها تہ ملڪ ان کي ڇو سجدو ڪن ها. خدا جي جمال پاڪ جو پاڇو هو، جي ابليس نہ سڃاتس تہ ڇا ٿيو. جيڪي خزاني کُنْتُ کَنْزًا جي مخفي هو سو خدا ان ۾ ظاهر ڪيو. ان جي هستيءَ ظاهر ٿيڻ جو سبب آهي. معرفت جو سبب جڏهين ان کي هو. تنهن ڪري اوهو ڪمال معرفت جي ظاهر ٿيڻ جي بجاءِ آهي.

٢١ **ڪنز** * فرمايائون تہ ڪفر ۽ اسلام جي ظاهر فعل ۾ هڪ ٻئي جا ضد آهن. پر اصل حقيقت ۾ ٻئي هڪ ۾موافق آهن.

www.maktabah.org

مولانا روم قدس الله سره الاقدس فرمايو آهي:

بيت

چونڪه بي رنگي اسيري رنگ شد = موسيٰ باموسيٰ اندر جنگ شد
چون به بيرنگي رسي ڪان داشتي = موسيٰ وفرعون دارد آشتي

يعني: جڏهين بيرنگي رنگ ۾ اچي ڦاٽو، تڏهين موسيٰ عليه السلام موسيٰ سان جنگ ڪئي، جڏهين اصل جي بيرنگي کي وڃين پهچين تڏهين ڏسين ته موسيٰ ۽ فرعون ٻئي صلح ۾ آهن. جئن ته هي ٻئي صفتون ظاهر ٿيڻ جلال ۽ جمال جيون آهن ۽ انهن ٻنهي صفتن کي ذات جي مرتبي ۾ هڪ ٻئي ۾ ڦير نه آهي ڇو ته نسبت اضافت جي اتي آهي ڪا نه ڪا.

٢٢ ڪنز * فرمايائون ته وحدت الوجود جي مقام جو تعلق ولايت سان آهي ۽ اوهو جمع الجمع آهي ۽ وحدت الشهود جي مقام جو تعلق نبوت سان آهي ۽ اوهو پورو تفصيل آهي ۽ انهيءَ پوئين مقام کي پهرئين تي فضيلت آهي پر انهن ٻنهي وحدتن جا اڳوڻا مشائخ اهل ڪمال جا قائل ٿي گذريا آهن. جي ٻئي حق تي هئا.

٢٣ ڪنز * فرمايائون ته حضرت نقشبند قدس الله ارواحهم جي مريدن مان ڪو مقام وحدت الوجود جي ۾ ايندو هو ته انهيءَ مهل ان کي انهيءَ مقام کان منهن موڙايو بي ڪيف ۽ بي جهت ڏي رجوع ٿي ڪئائون اهي اصلي انهيءَ وحدت جا قائل نه آهن. اسان جي سمجهه ۾ ائين ٿو اچي ته انهن تان ڪثرت جو بار ڪڍي نٿو وڃي، جيڪڏهين انهن کي ڪثرت ۾ منهن ڏجي ته غيريت جي نظر کان بي جمعتي ۾ پئجي وڃن ۽ هِن ۽ هُن جي ضرر ۽ نفع کان عاجز ٿي پون. ڇو ته عالم خلق انهن وٽ غيرمطلق آهي، پوءِ جيڪڏهين اهڙي طرح ائين بي جهتي ۽ بي ڪيفي ۾ ويا ته هِن ۽ هُن کان آزاد رهن، مگر جيڪو منتهي يعني اعليٰ درجي وارو، جو نهايت النهايت کان نزول ڪري حقيقت همه از وست جي چڱي طرح مشاهدي ۾ آڻي، تنهن کي اها ڪثرت بار نه ٿيندي. ڇو ته اهي همه از وست ڏسن ٿا ۽ ويچارا وڇڙا انهي مقام کي نه پهتل، البت پريشاني ۾ پوندا آهن ۽ اهل وحدت الوجود جا جن ڪثرت

www.maktabah.org

۾ وحدت جو مشاهدو ڪيو آهي، سي اول ۾ هن ۽ هُن جي اعتراض جي بلا کان ڇٽل آهن. اگرچہ مرتبو شهود جو انهي مرتبي کان بہ مٿي آهي.

٢٤ ڪنز * هڪڙو دفعو طلب جي گفتار ۾ نماز جي وقت کي دير ٿي ويئي، ڪنهن ماڻهو چيو تہ حضرتا نماز کي دير ٿي ٿئي، پوءِ پاڻ نماز لاءِ اٿيا ۽ نقل عارف سبحان مخدوم محمد زمان صاحب لواري واري قدس سره جو بيان فرمايائون تہ مخدوم جي اها عادت مبارڪ هوندي هئي جو وچين جي نماز ۾ ڪٿن (ڪين) دير ٿي ويندي هئي، ڪنهن ماڻهو سندن خدمت ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا هيترو قدر نماز ۾ دير ڇو ٿا ڪريو، تڏهين ان کي چيائون تہ نڪين ڏِڳا چارڻ ويا هئاسون ۽ نڪي ٻنيءَ جي ڪم ۾ مشغول هئاسون.

٢٥ ڪنز * فرمايائون تہ برگزيده درگاه سبحان مخدوم محمد زمان صاحب لواري قدس الله سره فرمايو آهي تہ اڪثر ڪامل ولين بقا جي مرتبي کي اعليٰ ۽ نهايت آخرين درجو شمار ڪيو آهي، پر اسين فنا کي بقا کان مٿيون درجو ۽ سيني مرتبن جو انتها ٿا چئون. انهيءَ جاءِ تي پاڻ فرمايائون تہ بزرگ جي سمجهہ برحق آهي ۽ ان تي هڪڙو مثال بيان فرمايائون تہ جيڪڏهين ڪو ماڻهو پنهنجي منهن کي سگهو سگهو پيو ڌوئي تہ سيڪنهن دفعي ۾ صفائي ۽ روشني زياده پئي ٿيندي يعني جيڪو فنا ۾ محڪم ٿيندو تہ بقا پاڻهي ان ۾ ٿيندي. فرمايائون تہ حالتون هڪ ٻئي تي ناسخ ۽ منسوخ آهن پر حالتن جي پڪائي هي آهي، جنهن حالت تي اچي ان کي پنهنجي يقين ۾ برحق ۽ محڪم پروڙي پوءِ ٻي حالت ايندي تڏهين پاڻهي ان کي منسوخ ڪندي.

٢٦ ڪنز * ٿي فرمايائون تہ علم العلم اهو آهي جو حس ۽ حواس کان سوا حاصل ٿئي.

٢٧ ڪنز * فرمايائون تہ علم جا ٽي مرتبا آهن. هڪڙو نفس العلم يعني خود علم ٻيو عمل ٿيو اخلاص نہ آهي تہ اهي ٻئي مرتبا علم ۽ عمل جا ٻي ڪمان ۽ ٻي سود آهن ۽ اخلاص سواءِ

www.maktabah.org

تهذيب اخلاق ۽ علم باطن جي حاصل نہ ٿيندو.

۲۸ **ڪنز** * فرمايائون تہ هڪڙو دفعو حضرت مرشد پير سائين رضي الله عنه جي حضور ۾ عرض ڪيو سون تہ حضرتا هن ٻانهي دعا "اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَسْئَلُكَ فِعْلَ الْخَيْرَاتِ" واري اوهان جي حضور کان آخر تائين ٻڌي ۽ مناجات ۾ بہ اهڙي طرح پڙهندو آهيان ۽ علم وارا چوندا آهن تہ لفظ اَسْئَلُكَ جو فقط پنهنجي واسطي آهي، چڱو آهي تہ نَسْئَلُكَ جو لفظ چئجي، جو جمع جو صيغو آهي جنهن ۾ ٻيا بہ دعا ۾ شريڪ ٿيندا آهن پاڻ فرمايائون تہ تون چڱي طرح ڄاڻي ٿو تہ جيڪڏهين عارف مقام، مقام حقيقت محمدي صلي الله عليه وسلم جي ۾ جا ڪل آهي، اچي دعا گهري تہ جزو سڄي خلق جا پاڻهي ان کان فائدو پيا حاصل ڪندا پوءِ فرمايائون تہ تون بہ ان مقام تي آيو آهين هاڻي اهڙي دعا پڙهہ جا جمع الجمع هجي.

۲۹ **ڪنز** * فرمايائون تہ هڪڙي وقت ۾ اسان جي دل ۾ هي ارادو ٿيو تہ جيڪڏهين حقيقت محمدي صلي الله عليه وسلم جي مقام ۾ دعا گهرجي ٿي تہ انهيءَ ۾ خاص ۽ عام کي فائدو ٿيندو آهي. ڇو تہ اهو مقام جمع الجمع جو آهي، انهيءَ ۾ ڪافر ۽ مسلمان سڀ شريڪ ٿيندا آهن، پر باوجود ان جي ڪافر ان جي نتيجي کان محروم آهن سو ڇو وري انهيءَ مهل اتي جو اتي دل ۾ هي خيال ٿيو تہ جيڪڏهين ڪو وڻ سڄو ٽڙهن ۽ ٽارين سان هجي ۽ ان جي پاڙ کي ڪٽي پاڻي ڏجي تہ ان جي طراوت يعني آلائي سڀ ڪنهن پني ۽ سائي ٽاريءَ کي پهچي ويندي. باقي ان وڻ ۾ جيڪي ٽاريون يعني ڪاٺيون سڪل ۽ خشڪ هونديون، انهن کي انهي پاڻي کان ڪوبہ فائدو نہ ٿيندو. اهڙي طرح دعا جي تازگي سائي ٽاريءَ کي پهچي ٿي جا اسلام آهي ۽ سڪل ڪانيءَ کي جا ڪفر آهي نٿي پهچي. باقي سڪل ڪاني ٻارڻ ۽ سارڻ لاءِ آهي، جنهن کي وڏي ٻارڻ جي ڪم ۾ آڻجي.

۳۰ **ڪنز** * فرمايائون تہ نهايت ڪمال ۾ عارف جو ظاهر گهٽو ڪري خلق سان مليل ۽ گڏيل ٿيندو آهي، مگر ان جو باطن هيڪلو آهي ۽ پنهنجي حال تي خلق کان بي پرواه آهي.

www.maktabah.org

٣١ **ڪنز** * فرمايائون تہ الله تعاليٰ جلشانہ جو مقصود جهان جي ظاهر ڪرڻ ڪان رڳو انسان ڪامل آهي ۽ ٻيو جيڪي موجود آهي، سو سڀ ان جي طفيل ۽ ان جو جزو آهي، انهيءَ جاءِ تي سنڌي مصرعون مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي رحمة الله عليه جي فرمايائون.

بيت

نرمل نوري پاڻهين پين نُور اُتا = صلواة سرور اتي عالم تي ان ڪا.

٣٢ **ڪنز** * فرمايائون تہ حقيقت محمدي صلي الله عليه وسلم ابتدا ڪان انتها تائين الله تعاليٰ جلشانہ جي وحدانيت جو جمع مراتب آهي ۽ اها ثبوت جي حقيقتن جي آرسي آهي ۽ اجمال محمدي عليه الصلواة والسلام حقائق ڪل جميع صورن جو آهي، جنهن ۾ ڪثرت ۽ وحدت سوڌي موجود آهي ۽ انهن ڪان ٻيائي ۽ سنڌو ڪيل (ڪيل) آهي ۽ رجوع ۽ توجه اٿيل آهي. عارف ڪي ان مقام ۾ نہ نزول آهي نہ عروج ۽ نڪي سڪر آهي نڪي صحو، جيڪي آهي سو پاڻ ڪان پاڻهي موجود آهي. سعي ۽ ڪوشش ڪي ان ۾ ڪو دخل نہ آهي.

٣٣ **ڪنز** * هڪڙو دفعو وچين نماز جي فراغت ڪان پوءِ فرمايائون تہ اڄ نماز ۾ اسان ڪي خيال آيو تہ اصحابن ڪي حضرت جن جي وصال ڪان پوءِ ڪهڙي سببان فراق ورتو فقط حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنه جنهن جي جميعت ۾ اصلاً ڪو فرق نہ ٿيو پوءِ معلوم ٿيو تہ اهو جمع اجمال محمدي صلي الله عليه وسلم سان مخصوص هو،جو صورتن ۽ حقائقن جو اجماع آهي، تنهن ڪري حضرت ابوبڪر رضي الله عنه ۾ صورت حقيقتن سوڌي اهڙي طرح موجود هئي ۽ ٻين سڳورن ۾ صورت جو پڙدو انهيءَ مقام جي نہ پهچڻ ڪان هو،تنهن ڪري انهن ڪي جوش ۽ خروش ۽ فراق ظاهر ٿيو ڇو تہ انهن وٽ سبب واسطو موجودي صورت جو هو جنهن جي وڇڻ ڪان انهن ڪي شور ۽ جوش جدائي جي غلبو ڪيو ۽ حضرت ابوبڪر رضہ ساڻ تسڪين ۽ تمڪن جمع اجمال محمدي صلي الله عليه وسلم جي مخصوص ۽ مشرف

www.maktabah.org

هو تنهن ڪري سندس جميعت ۾ ڪو ذري وار جيتري جو به فرق نه پيو جئن ته ٻين اصحابن کي به انهيءَ مقام جي واقفيت ڏيڻ کان پوءِ جميعت ۽ آرام حال ڪرايائين. پوءِ حضرت ابوبڪر رضه جي وساطت ۽ رابطي کان ساڻ رابطي اصل جي، صورت ۽ حقيقت ٻنهي کي وڃي پهتا.

٣٤ ڪنز * فرمايائون ته ابتدا طلب جي ڏينهن ۾ قل هو الله جي سورة جي حقيقت مشاهدي ۾ آئي، ۽ انهيءَ جي حقيقت اهڙي وڏي ۽ فضيلت واري معلوم ٿي ته جيڪڏهين فقط هڪڙو ڀيرو سورة سڳوري مٿين پڙهي سڄي اهل اسلام کي بخشجي ته سيني کي بخشش جو سبب ٿئي ۽ ڪفايت ڪري.

٣٥ ڪنز * فرمايائون ته الله تعاليٰ کي حضرت محمد ڪريم صلي الله عليه وسلم ڏنو هو ۽ جيڪو الله تعاليٰ کي ڏسندو سو به حضرت محمد ڪريم صلي الله عليه وسلم کان ڏسندو جئن ته قرآن ڪريم ۾ آهي ته "قُلْ اِنْ كُنْتُمْ تُحِبُّوْنَ اللّٰهَ فَاتَّبِعُوْنِيْ يُحْبِبْكُمُ اللّٰهُ" يعني چئو اي محمد ڪريم صلي الله عليه وسلم ته جيڪڏهين اوهين الله تعاليٰ سان محبت رکو ٿا ته منهنجي تابعداري ڪريو ته الله تعاليٰ اوهان سان محبت رکي، اتي هڪڙو ڳجهه آهي تمام باريڪ ۽ رمز آهي تمام محقق، چڱي طرح خيال ڪري ڏس ته حضرت نبي الڪريم صلي الله عليه وسلم جن سڀ ڪنهن وقت ۾ ٻيءَ طرح سان ظاهر ٿيندا اچن.

٣٦ ڪنز * هڪڙي ڀيري خليفو گل محمد عليه الرحمة ۽ميان محمد شفيع جي وچ ۾ مباحثو هن ڳالهه تي ٿيو، ميان محمد شفيع چيو ته علم محبت کان زياده آهي، ڇو ته علم پهريون يقين آهي ازروءِ ذات جي، باعتبار ظاهر ٿيڻ جي، جئن ته وجود کي پهريائين علم وجود جو پيدا ٿيو، تنهن کان پوءِ محبت جي ٿيس ۽ ميان گل محمد ان جو انڪار ڪيو ٿي چيائين ٿي ته ذات وجود ۽ وجوب جي نسبت کان بيزار ۽ صاف آهي ۽ محبت وجود ۽ علم جي اعتبار کان سواءِ ظاهر ٿي آهي ۽ موجودات جي وجود جو سبب ٿي آهي. ان مهل جناب حضرت مرشد سائين رضي الله عنه جن ويجهو وضو پئي ڪيو انهي مباحثي کان واقف ٿي پاڻ انهن

www.maktabah.org

کان پڇيائون تہ ڪهڙو بحث ٿا ڪريو تڏهين خليفي گل محمد سڀ ڳالهہ ڪري ٻڌاين پوءِ پاڻ فرمايائون تہ ميان محمد شفيع ميان گل محمد جي طرف حق آهي ڇو تہ نسبت علم جي وجود سان ۽ حب جي علم سان جو علم وجود جو آهي حق جي ذات ۾ نہ سونهي ڇو تہ ذات علم ۽ وجود جي قيد کان علحدي آهي. بلڪ جتي سالڪ حق جي ذات کي ثابت ڪندو آهي، اها صفت آهي ۽ هيءُ قيد علم جو وجود سان ۽ حب جو علم سان هن عالم جي نسبت آهي ۽ ذات جي علم ۽ حب سان نہ آهي ڇو تہ بموجب حديث قدسي "كُنْتُ كَنْزًا مَخْفِيًا فَاَحْبَبْتُ" جي، حب پهريون يقين آهي ۽ حب کان اڳي ڪا شي مقرر نہ آهي.

٣٧ ڪنز * فرمايائون تہ صفت جلال ۽ جمال جي حق جيون صفتون آهن، جيڪڏهين هڪڙي انهن مان پورو ظهور ڪندي آهي تہ ٻئي کي ان ۾ ڪو دخل نہ رهندو آهي، جيڪڏهين ڪنهن مهل قهاري جلوي سان روشن ٿيندو آهي، تہ ائين پيو ڏسڻ ۾ ايندو آهي تہ ڪر رحمت اصلاً آهي ئي ڪا نہ ڪا. ۽ جي ڪنهن مهل رحماني جلوو ظاهر ٿيندو آهي تہ ائين پيو ڏسڻ ۾ ايندو تہ قهر جو نالو بہ نہ آهي. پوءِ فرمايائون تہ سبحان الله اهي ٻئي ڪڙيون ان جي قد تي ڪهڙو نہ چڱيون ۽ درست آهن. جو جنهن صفت ۾ ظهور ڪندو آهي، تہ انهيءَ صفت جي ظاهرٿيڻ جي پوري پوري جاءِ ٿيندي آهي.

٣٨ ڪنز * فرمايائون تہ انسان کي ڪهڙي نہ همت آهي جو الله تعاليٰ جي ذات جا بي مثل ۽ بي ڪيفيت ۽ بي نموني آهي، سا خود عشق جي پير سان ان جي دريافت لاءِ پئي ڊوڙي، پوءِ فرمايائون تہ عشق اول ۾ انهيءَ سببان آهي، جو انهيءَ سببان پيدا ٿئي ٿو جو اهو الله تعاليٰ جي جذبن مان هڪ جذبو آهي. جيڪو ان طالب کي نيئي درياءِ وحدت جي قعر ۾ ٽٻي کارائيندو.

٣٩ ڪنز * فرمايائون تہ هي بدنن جو جهان ،جو حسن وارو نظر ۾ ٿو اچي، سو ظاهر ٿيڻ کان اڳي، ذات جي بطنن ۾، خزاني "كُنْتُ كَنْزًا مَخْفِيًا" جي وجود وارو هو، جو اهو خاص ذاتي ان جو

www.maktabah.org

تعلق هو ۽ اهڙي طرح خيالن جو عالم بہ عالم آهي جنهن جو بدنن جي عالم سان مخصوص تعلق آهي ۽ اهو بہ ڪيفيت بي رنگ رکندو آهي، ۽ جڏهن حقائق ڪلي جو مادو جنهن کي حقيقة الحقائق ۽ حقيقت محمدي صلي الله عليه وسلم چوندا آهن، سا جمع الجمع جي مرتبي سان واحد وجود ۾ موجود ٿيو، جنهن کي مرتبو اول چوندا آهن ۽ ٻئي مرتبي ۾ جو عالم ارواح جو آهي، سڀ حقائق هڪ ٻئي کان جدا ٿيا، جو اتي سڀ کا حقيقت جدا حڪم رکندي آهي. ۽ جڏهن بدنن جي عالم ۾ سڀ ڪنهن رنگ ۽ علحدي لباس ۾ ظاهر جو جلوو ڪيو، پوءِ خيالن جا لشڪر جن کي انهن پنهن صفتن جلال ۽ جمال سان مناسبت آهي تن سان اصلي مناسبت جي خواهش، جيڪا انهن جي باطن ۾ هئي جنهن شخص ۾ انهيءَ صفت ظاهر ٿيڻ جي جاءِ منهن ڪڍيو آهي.

۴۰ ڪنز * اشراوقات هي بيت پڙهندا هئا:

ڪند همجنس باهمجنس پرواز = ڪبوتر باڪبوتر باز با باز.

يعني جنس وارو جنس سين اڏامندو، ڪبوتر ڪبوتر سان ۽ باز باز سان.

۴۱ ڪنز * فرمايائون تہ عارف جي نظر کي بہ طرف آهن هڪڙو نظر بي جهت ۽ بي ڪيف ملڪ ۾ اڏامي ٿو، ۽ اتي پنهنجي وجود کي بہ فاني ۽ نابود ڪري ٿو ۽ ٻئي نظر ۾ سڄي عالم خلق جي ڪي ۽ انهن جي حقيقت کي، ڪڏهين پنهنجي احاطي سان ڪڏهين حق جي احاطي سان سڄو مشاهدو ڪري ٿو ۽ عارف کي انهن ٻنهي نظر سان پرورش ڪرڻ گهرجي. نہ اول واري ۽ وچڙي کي ڇو تہ اول حال ۾ انهن کي هن جهان کان اک بند ڪرڻ گهرجي. جيستائين انهن جو ڪم وجي ڪامل ٿئي، تنهن کان پوءِ جيڪڏهين انهن کي نزول ڪرائين تہ بجا آهي ڇو تہ ان مهل ان کي زيادتي رهيل نہ آهي. پوءِ فرمايائون تہ عالم خلق ڇا آهي، هيءُ عارف جو وجود آهي. ڇو تہ جنهن وقت ان جي نظر بي جهت جي ملڪ کان جهت ڏي، جو ان جو وجود آهي اچي ٿي، تنهن وقت سڄي جهان جو پنهنجي وجود ۾ مشاهدو ڪندي آهي.

www.maktabah.org

بيت

اي ز وجود تو وجود همه عالم بوجود
آنچه جز تو گر نه باشد همه شد لاموجود

يعني تنهنجي وجود کان سڄي جهان جو وجود، وجود ۾ آيو آهي، توکان سواءِ ٻيو سڀيئي لاموجود آهي.

۴۲ کنز * فرمايائون ته سبحان الله ملڪ معنيٰ جو ڪهڙو نه ملڪ ري ڇيهه آهي جو انبياءِ ۽ اولياءِ ان جي ميدان ۾ ڊوڙيا ۽ پنهنجي سڄي همت ان جي پروڙڻ لاءِ خرچ ڪيائون. مگر ان جي انتها جو پتو ڪونه ڏنائين، مگر قصور همت ۽ عاجزيءَ جو اقرار ڪيائون، تنهن کان پوءِ فرمايائون ته ملڪ معنيٰ جو ته بجاءِ خود، بلڪ هن ظاهري جهان جو به ڇيهه نه آهي. ڇو ته جي هڪڙي وڻ ۾ نظر ڪجي ته عقل ان جي پنن ۽ ٽارين جي شمار کان عاجز ٿي پوي.

۴۳ کنز * هڪڙو پيرو سندن حضور ۾ هڪڙي عورت ڇوڪر واري ويٺي هئي، ان جو پٽ ٻاهران آيو، جنهن پهريائين ان کي اچي ڀاڪر وڌو، تنهن کان پوءِ چيائين ته امان تون ڪيڏاهن ويئي هئين ۽ ماڻس جي ڏسڻ کان مرڪيو ۽ ڪليو ۽ خوش ٿيو، تڏهين پاڻ منهن مبارڪ مولوي ميان شاه محمد ڏي ڪري فرمايائون ته ڏسو ته ڇوڪر جڏهين پنهنجي ماءُ کي ڏٺو آهي، تڏهين ڪيترو نه خوش ٿيو آهي، تڏهين مولوي ڇيو ته حضرتا ماءُ کي عربيءَ ۾ اُم چوندا آهن ۽ اُم جي معنيٰ آهي اصل. سو جيڪڏهين ڪو پنهنجي اصل ڏي ويندو ته خوش ٿيندو آهي. تڏهين پاڻ فرمايائون ته طالب به جيڪڏهين اسم کان مسمائي ڏي وڃي پهچي ته ڪهڙو نه خوش ٿئي. پوءِ فرمايائون ته مسما آهي حضرت محمد ڪريم صلي الله عليه وسلم جي، ۽ ٻين نبين لاءِ جي اولوا العزم آهن فقط نالن جي سڃاڻپ هئي. ڇو ته حضرت آدم عليه السلام کي معرفت اسم خالق ۽ رازق جي هئي ۽ حضرت نوح ۽ حضرت ابراهيم عليهما السلام کي اسم سميع ۽ بصير جي معرفت هئي ۽ حضرت موسيٰ کي معرفت شيونات ذات جي هئي، جو انهن شيونن جي طلوع ٿيڻ کان ذات جي ڏسڻ جي

www.maktabah.org

خواهش ڪيائين، ڇو تہ ڪيس معلوم هو تہ هڪڙو نبين مان ٿيندو جنهن کي ذات جو ديدار نصيب ٿيندو، تنهن ڪري اهو پاڻ ۾ نيائين ۽ "رَبِّ اَرِنِيْ" جو سوال ڪيائين، يعني اي خدا مون کي پنهنجو ديدار ڏيکار "لَنْ تَرَانِيْ" جو جواب ڏائين، يعني خدا فرمايس تہ مون کي نہ ڏسندين ۽ حضرت عيسيٰ عليه السلام کي علم بہ بي رنگ هو ۽ معرفت بہ بي رنگ هئي ۽ اهو مرتبو جو حاصل ٿيس، سو هن ڪري جو نيٺ حضرت محمد ڪريم صلي الله عليه وسلم جي امت ۾ داخل ٿيندو.

٤٤ ڪنز * فرمايائون تہ الله تعاليٰ جا ٻانها آهن. خاص الخاص، جو انهن کي ارادي ازلي سان گهريو اٿس ۽ قرب ذات جي سينگار سان سينگاريو اٿس. اهي عجب عالي همت ۽ بلند مذهب آهن. جو ذات حق جلشانہ جي جا "كُنْتُ كَنْزًا مَخْفِيًا" ڪان اڳ قعر ۾ وراءِ الورائي جي مخفي هئي هنن بہ انهيءَ مقام ۾ ٽٻي هڻي سروپا چڳي ان مقام جي بغل ۾ ڪئي، پوءِ هن جهان ۾ پيا اچن.

٤٥ ڪنز * فرمايائون تہ مولانا جلال الدين رومي قدس الله سره فرمايو آهي.

بيت

هفصد وهفتاد قالب ديده ام = همچو سبزه بارها روئيده ام.

يعني: ست سو ۽ ستر وجود ڏٺا اٿم ساوڪ وانگر گهٽائي پيرا اڀريو آهيان. اسين ٿا چئون تہ مولانا صاحب جنهن کي ست ستو ستر قالب شمار ڪيا سي اسان جي نظر ۾ لک ۽ ڪروڙ آيا جي هڪڙي گهڙي ۾ عدم کان وجود ۾ ٿي آيا. موٽي وجود کان عدم ۾ ٿي ويا. ۽ اها حالت رنگارنگي جي وقت هئي، جا سالڪ کي وچٿري مقام طريقت جي ۾ ٿيندي آهي، انهيءَ جاءِ تي بيت فارسي ۽ سنڌي بيان فرمايائون.

بيت

بيزارم ازان کهنہ خدائي کہ تو داري = هر لحظہ مرا تازہ خدائي دگرست

يعني آئون بيزار آهيان انهيءَ جهوني خدا کان جو تنهنجو آهي سڀ ڪنهن وقت منهنجو تازو ٻيو خدا آهي.

www.maktabah.org

بيت سنڌي

جان آيس اڳاهين تہ اتي اڀي بيني آهيان،
پـرت پـراهيـن هـاڻ مـران مَ جـيـان.

٤٦ ڪنز * فرمايائون تہ جڏهين صانع قديم جلشانہ شين جي صفتن کي نہ هئڻ کان هئڻ ۾ آندو، تڏهين صورتون رڳارنگ ظاهر جي ميدان ۾ ظاهر ٿيون. ڇو تہ بعضي شيون بعضن تي جدائي ۽ ضديت رکنديون آهن. اهڙي طرح بعضي اولياءَ الله جا جن ابتدا حال ۾ توحيد جي واديءَ ۾ قدم وڌو، تن جي نظر کان سڪر جي غلبي ڪري الله تعاليٰ شين جي ضديت مخفي رکائي. انهن شين جي نورانيت کي وجود مطلق مقرر ڪيو آهي. ۽ همہ اوست جا قائل ٿيا ۽ انهيءَ مقام کان مٿي قدم نہ رکيائون، ۽ انهيءَ مقام کي اعليٰ مقصد سمجهيائون ۽ اولياءَ الله جا انهيءَ کي ڪفر چوندا آهن ۽ اهو ڪفر طريقت جو آهي نہ ڪفر شريعت جو ۽ وجود مطلق اهو آهي جو اسمن ۽ صفتن کان مٿي آهي، جئن تہ اهي مڙيئي حقيقتون انهي مرتبي ۾ محو ۽ نابود آهي، بلڪ اهي مڙيئي حقيقيون اسمن ۽ صفتن جون آهن. بلڪ پاڇو آهن پاڇن کان پوءِ جنهن کي الله تعاليٰ گهرندو آهي تہ گهوڙو ان جي عشق جو انهيءَ ميدان ۾ ڊوڙيو، انهيءَ کي نفي ۽ نيست ڪريو حقيقت الحقائق جي مقام ۾ وڃي پهچندو آهي، جو اهو مقام خاص اولياءَ الله جو آهي، ڇو تہ هتي اسم آهي ۽ هتي مسما (مسميٰ) آهي ۽ هتي پاڇيو ۽ اتي اصل آهي. پر جيڪڏهين هن جاءِ کان بہ سالڪ کي جلدي سير جي ۽ ترقي ٿيندي آهي تہ وجي مقام احديت جي ڪي پهچندو، جو اهو برزخ آهي. حقيقت ۽ ذات الحقائق جي وچ ۾ جئن تہ صورتن کان لنگهي، ان جي حقائق کي وجي پهتو ۽ اهي حقائق بہ رنگ برزخيت جو رکندا آهن، وچ صورتن ۽ حقيقت الحقائق جي. اهڙيءَ طرح حقيقت الحقائق بہ برزخ آهي وچ حقائق ۽ مرتبہ الاحديت جي، جڏهين انهن سيني کان لنگهي ويندو تہ ان کان پوءِ حيرت. حيرت ۾ آهي جئن تہ حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم مناجات ۾ خدا کان اها گهري "رَبِّ زِدْنِيْ فِيْكَ تَحَيُّرًا" يعني، اي الله مون تنهنجي ذات

www.maktabah.org

جي حيرت وڌائي ۽ جڏهين حيرت جو مقام پورو ٿيندو تہ ان کان پوءِ علم ظاهر ٿيندو. "رَبِّ زِدْنِيْ عِلْمًا" يعني اي الله مون کي علم وڌائي اها ان علم جي آهي ۽ اهو علم نشاني آهي "احببت" جي جو حقيقت محمدي صلي الله عليه وسلم جي کان مٿي آهي، ڇو تہ اهو علم حب آهي جيئن تہ سردار ٻن جهانن جي صلي الله عليه وسلم مناجات ۾ گهريو، "اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَسْئَلُکَ حُبَّکَ وَحُبَّ مَنْ يُّحِبُّکَ وَحُبَّ عَمَلٍ يُّقَرِّبُنِيْ اِلَيْکَ" يعني اي الله آئون توکان تنهنجي محبت گهران نٿو ۽ محبت ان جي گهران ٿو جو توسان محبت رکي ٿو ۽ محبت انهي عمل جي گهران ٿو جيڪا مون کي تو ڏي ويجهو ڪري. اها محبت هڪڙي رتي آهي جو ٻئي جهان ان کان ظاهر ٿيا آهن. پوءِ فرمايائون تہ اهو جلوو آهي جو، سوا نڙي محبت جي، ان مان ٻي ڪنهن لقمون هيٺ نہ نيو آهي، ڪهڙو نہ چڱو چيو آهي ڪنهن شخص.

ابيات

گر عشق نبودي وغم عشق نبودي،
چندين سخن نغز کہ گفتي وشنودي،
گر عشق نبودي بخدا کس نرسيدي،
اين ذوق محبت بہ جهان کس نہ چشيدي.

يعني جي عشق ۽ عشق جو غم نہ هجي ها تہ هيتريون عجب ڳالهيون ڪير چوي ها جي عشق نہ هجي ها تہ خدا کي ڪونہ وجي پهچي ها هي ذوق محبت جو جهان ۾ ڪوبہ نہ چکي ها.

۴۷ ڪنز * فرمايائون تہ عارف جو "ڪمال نزول" اهو آهي جو چارئي عنصر ان جا برابري جي صحت وٽن، جئن تہ هڪڙو ٻئي تي غالب نہ ٿئي. انهن چئين عنصرن کي بہ جلال ۽ جمال کان ڀاڱو مليل آهي، پوءِ ان عارف جي طبيعت اهڙي ٿئي جو ان جي جمال تي جلال غالب نہ ٿئي، پوءِ فرمايائون تہ عنصرن جي اها برابري حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي وجود مسعود ۾ ڪامل هئي ۽ ٻين نبين اولوالعزم ۾ بہ نہ هئي جئن تہ حضرت موسيٰ عليه السلام تي صفت جلال جي غالب هئي، ۽ حضرت عيسيٰ عليه السلام تي صفت جمال جي غالب هئي. اهڙيءَ طرح اهي ٻئي صفتون ٻئي ڪنهن نبي ۾ هڪ جهڙيون برابر

www.maktabah.org

نہ هيون. پوءِ فرمايائون تہ اهي چار عنصر يعني خاڪ ۽ پاڻي ۽ هوا ۽ باه، سي جڏهين حيثيت، فروعي ڪان پنهنجي اصل ڏي جو نور آهي، رجوع ٿين ٿيون تڏهين سڀ هڪ شي ٿيو پون ۽ جڏهين موٽي جمع ڪان فرق ۾ اچن ٿيون، تڏهين صورت ضديت جي جا انهن جي طبيعت ۾ آهي، سا پيدا ڪن ٿيون مگر ڪن خاص ولين ڪاملن جي وجود ۾ برابر ٿين ٿيون. واوهي بلڪل ٿورا آهن جئن تہ "اَلنَّادِرُ كَالْمَعْدُوْمِ" يعني ٿوري شي نہ هئڻ جهڙي آهي، پر بعضي انهن عنصرن مان بعضن تي ضرور غلبو، ڪن وقتن ۾ ڪن ٿا. ۽ اهڙي طرح صدق ۽ عدل ۽ حيا ۽ شجاعت، جن جي ظاهر ٿيڻ جي جاءِ بہ انهن چئني عنصرن سان تعلق رکي ٿي، سي چئنين يارن رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين جي وجود پاڪ ۾ جدا جدا هئا. جئن تہ انهن مان هڪڙو انهن مٿين فضيلتن مان هڪڙيءَ سان مشرف هو تہ ٻيو ان جهڙو ان فضيلت ۾ مشرف نہ هو. پڻ فرمايائون تہ اهي چار عنصر جنهن وقت پنهنجي اصل سان وڃي ملن ٿا، ان مهل خاڪ جا ڪثيف آهي، سا بہ اهڙي لطيف ٿئي ٿي جو ان مهل ان فنا جو صاحب جيڪڏهين ڪنهن پت مان دروازي ڪان سواءِ لنگهي اچي ۽ وڃي تہ سوراخ جو اثر ان پت ۾ نہ ٿئي. جيڪڏهين زمين جي هيٺ يا هوا ۾ اچي وڃي، تہ ڪابہ شي ان کي روڪي نہ سگهي ۽ اها حالت عنصرن جي ڪمال فنا ڪان ٿيندي آهي.

۴۸ ڪنز * فرمايائون تہ الله تعاليٰ جل جلاله ستار آهي ان جي ستاريءَ ڪان اها ڳالهہ آهي جو گناهن ۽ خلق جي عيبن کي پنهنجي ستر جي هيٺ ڍڪي ڇڏيندو آهي ۽ هُنَ جَهَانَ ۾ بہ انهن عيبن کي ظاهر نہ ڪندو، ڇو تہ صفت ستاريءَ ان جي ستر جي لاءِ آهي نہ تہ ستار ڪيئن ڇئي سگهبو.

۴۹ ڪنز * فرمايائون درويش حافظ ملوڪ جيڪو بزرگ محمد زمان لنواري واري قدس الله سره جي مريدن مان هو ۽ تمام عجب جهڙو صاحب حال ۽ ڪمال هو، هڪڙي ڏينهن ابتدا طلب جي ڏينهن ۾ اسان سان ملاقي ٿيو، ان ڪان پڇيوسون تہ بي رنگيءَ ڪان پوءِ ڇا آهي، تڏهين ڇيائين تہ بي رنگيءَ وڃي

www.maktabah.org

بي‌رنگيءَ کي ڏسندي آهي پوءِ بي‌رنگي‌نيئي حيرت ۾ وجهندي آهي ۽ هڪڙو پيرو عارف بالله خليفو ميان الهرکيو عليه الرحمة کان به پڇيوهوسون ته حيرت کان پوءِ ڇا آهي ڇيائين ته حيرت کٽيو وڃيو حيرت ۾ وڃهي، حيرت کان پوءِ علم آهي. ۽ اهو علم حق جو آهي جنهن کي ڇيهه ۽ نهايت نه آهي.

٥٠ **کنز** * فرمايائون ته سڀ کنهن موجود کي انسان کامل کان وجود آهي ۽ انسان کامل اهو آهي جنهن کي "اَنَا مِنْ نُّوْرِ اللّٰهِ وَعَالَمُ کُلُّهٗ مِنْ نُّوْرِيْ" حاصل هجي پوءِ سڀ کنهن موجود کي تعلق انسان کامل جي حقيقت سان آهي ۽ انسان کامل کي حق تعاليٰ جل شانه جي ذات سان تعلق آهي. ٻئي کنهن کي سواءِ انهيءَ وسيلي جي، وصال محبوب حقيقي جو بلڪل ميسر نه آهي ۽ نه ٿيندو. ڇو ته انهيءَ جي وجود جو سبب به ان جي وجود کان آهي ۽ تنهن کان سواءِ انهي جو جزو به آهي پوءِ فرمايائون ته سوائي ان معنيٰ جي سڀ کنهن موجود ۾ طرف ذات واحد جلشانه جي هڪڙي وات ڏسجي ٿي. جا انهي حقيقت جي واسطي کان سوا آهي. پر شايد اها معنيٰ مکتوبن ۾ حضرت خواجه خليفه محمد معصوم قدس الله سره جي ڏٺي وڃي، ڇوته انهن انهي معنيٰ کي چٽو ڪري لکيو آهي، پوءِ انهيءَ گفتگو جي وچ ۾ بي اختيار خيال سندن وجود تي غالب ٿيو انهيءَ مهل مٿو مٿي کٽي فرمايائون ته هينئر سمجهيوسون، ته اها وات اها آهي جو هن وسيلي جي ظاهر ٿيڻ کان اڳي ذات واحد جي احاطي ۾ سڀ مخفي هئا ۽ ان مهل کو ارادو نه هئن ۽ اهو تعلق خاص آهي. جڏهين اها ذات واجب الوجود جي پاڻهين موجود ٿئي، تڏهين سيني موجودن کي لباس حقيقت محمدي صلي الله عليه وسلم جي ۾ ظاهر ڪيائين ۽ مادو سيني موجوداتن جو حقيقت محمدي ۾ موجود ڪيائين. پوءِ جيڪي عالم غيب، غيب الغيب ۾ پردي اندر ڍڪيل هئا، تن سيني کي انهي حقيقت جي واسطي کان ظاهر ڪيائين. جئن ته حديث شريف ۾ آيو آهي "لَوْلَاکَ لَمَا خَلَقْتُ الْاَفْلَاکَ" - "وَلَوْلَاکَ لَمَا اَظْهَرْتُ الرُّبُوْبِيَّتَ". يعني اي محمد

www.maktabah.org

ڪريم صلي الله عليه وسلم جي تون نہ هجين ها تہ جهان کي پيدا نہ ڪريان ها ۽ جي تون نہ هجين ها تہ پنهنجي خدائي ظاهر نہ ڪريان ها.

٥١ ڪنز * فرمايائون تہ هڪڙو دفعو اسين ۽ اسان جو ڀاءُ وڏو ميان محمد چاڪر پاڻ ۾ گڏ ويناهئاسون تان، اوچتو گفتگو جي وچ ۾ اچي ارادي جو ذڪر پيو. اسان چيو تہ مريد ارادي وارو آهي ئي ڪو نڪو، ان چيو تي تہ مريد ارادي وارا گهٽا آهن، تڏهين مون چيو تہ ارادي وارو اهو آهي جو پنهنجي ڏي يا پيڻ مرشدکي ڪٽي ڏي. انهيءَ گفتگو جي وچ ۾ اسان جي طبيعت تي جوش آيو ۽ چيوسون تہ وڏو باه جو مچ ٻاري اچو تہ تنهن ۾ پئون. ان چيو تہ باه ۾ ڪير پوندو تان اوچتو صورت مبارڪ حضرت ابراهيم خليل الله عليه السلام جي اسان جي وجود ۾ ظاهر ٿي ۽ هيءُ وجود اسان جو سندن وجود مبارڪ سان مبدل ٿيو ان وقت چيم تہ آئون ابراهيم خليل الله آهيان ۽ تون نمرود ٿي باه ٻار تہ ان باه ۾ ڪري پوان. پوءِ انهيءَ يار کي طاقت مقابلي جي نہ رهي ۽ توبه ڪري تائب ٿيو.

٥٢ ڪنز * فرمايائون تہ سڪر لطيفي خفي ۾ آهي، جنهن جي جاءِ پيشاني ۾ آهي ۽ صحو لطيفي اخفيٰ ۾ آهي، جنهن جي جاءِ دماغ ۾ آهي. ۽ انهن ٻنهي لطيفن کي پاڻ سان هڪ ٻئي ۾ ويجهڙائي تمام گهٽي آهي ۽ دماغ ۾ جيڪو سڪر ٿيندو آهي سو خفي جي غلبي کان آهي، ۽ اخفيٰ پنهنجي مرتبي ۾ سڪر کان خالي آهي. ۽ سجو صحو آهي ڇو تہ جڏهين فڪر لطيفي اخفيٰ ۾ پهچندو آهي، تڏهين موٽي لطيفي نفسي ڏي رجوع ڪندو آهي ڇو تہ ان کان مٿي ڪو ٻيو لطيفو نہ آهي تنهن ڪري ضرور موٽڻ مهل لطيفہ نفسي ڏي رجوع ڪندو آهي. اها اهڙي ڳالهہ آهي جا هر ڪنهن جي سمجهہ ۾ نٿي اچي مگر ان جي سمجهہ ۾ ايندي جنهن اتي وڃي ڏٺو آهي.

٥٣ ڪنز * "ذوق اين مي نہ شناسي بخدا تانہ چشي"

www.maktabah.org

يعني: قسم خدا جو انهيءَ شراب جو تيستائين ذوق نہ سڃاڻندين جيستائين نہ چڪندين

٥٤ ڪنز * فرمايائون تہ انسان جي ذات ۾ بہ ڪمال موجود آهن. هڪڙو الله تعاليٰ جي ذات سان اطلاق وحدانيت جي مرتبي سان، ازروءِ تجرّد جي، جو ان مرتبي ۾ بي مثل ۽ بي ڪيفيت آهي. ٻيو مرتبو آهي عبوديت جي باقي رهڻ ۾، جو امرن ۽ نهين جي ادا ڪرڻ سان آهي ۽ الله تعاليٰ جي ذات ۾ مرتبو اطلاق ۽ بي پروائي ذاتيہ جو موجود آهي جنهن ۾ عبادت ۽ عبوديت کي ڪو دخل نہ آهي.

٥٥ ڪنز * فرمايائون تہ جيڪي ڪي خلاصو غيب ۾ آهي، اهو حضرت ذات الله سبحانہ جو آهي ۽ جيڪي غيب کان ظاهر ٿئي ٿو اهو انسان جو آهي.

٥٦ ڪنز * فرمايائون تہ ڪثرت ۾ هڪڙو اجمال عنصرن جو آهي ٻيو اجمال حقيقت جو، پوءِ صورت ان جي، ان جي حقيقت تي آهي. جا حقيقت شين جي آهي ۽ ان جي حقيقت حقيقة الحقائق تي دلالت ڪندڙ آهي.

٥٧ ڪنز * هڪڙو دفعو پاڻ هالڪندي جي ڳوٺ ۾ تشريف فرمائي آيا هئا اتي ميان عبدالله مفتي مڪتوبات خواجہ مجدد الف ثاني قدس الله سره سندن خدمت مبارڪ ۾ آندو پوءِ انهي مڪتوبات مان هڪڙو مڪتوب مطالع ڪيائون جنهن جي عبارت رڳو تنزيہ ذات جي بيان ۾ هئي، جئن تہ حضرت خواجہ صفتن کي، ان مرتبي ۾ سواءِ غير ۽ غيريت جي ثابت نہ ڪيو هو، جڏهين تہ ڳالهہ ڪمال بلند همتي جي بيان ۾ پڙهيائون ٿي ۽ بار بار لفظ آفرين جو زبان مبارڪ تي پڙهيائون ٿي ۽ فرمايائون تہ ڪمال فقيري اها آهي جا حضرت خواجہ قدس الله سره بيان فرمائي آهي. ۽ جن انهيءَ مرتبي کان اڳي ڪنهن جاءِ يامقام تي قرار ڪيو آهي سو سڀ ان مقام تي نہ پهچڻ ۽ قصور همت جي ڪان آهي، ڇو تہ جتي وجي سالڪ ذات کي ثابت ڪندو آهي، تہ

www.maktabah.org

اها صفت آهي، ذات علم ۽ پروڙ جي احاطي کان ٻاهر آهي جڏهين ته عبارت مڪتوب جي اهل تشبيهه جي جٽ ڦٽ ۾ هئي ۽ ان مڪتوب جي وچ ۾ لکيل هو ته في الحقيقت اها جماعت منڪر ذات جي آهي، اگرچه شهود ذات جو اثبات ڪن ٿا، پر نٿا ڄاڻن ته اثبات ڪرڻ عين انڪار آهي. انهيءَ جاءِ تي پاڻ فرمايائون ته اهل تشبيه جا منڪر ذات جا نه آهن، بلڪ ذات جا معتقد آهن. جو عشق جي غلبي کان انهن کي تشبيه عين تنزيه ڏسڻ ۾ ٿي اچي ۽ تشبيه کان انهن جي مراد اها تنزيه آهي. جئن ته مثنوي معنوي ۾ نقل ڏرازڙ جو لکيل آهي جنهن الله تعاليٰ جي درگاه ۾ مناجات ڪئي ٿي. ۽ حضرت موسيٰ ان کي انهيءَ مناجات کان جهل ڪئي، نيٺ اهو ڏرازڙ سيني ڪمن ڪارن کان لنگهي تشبيه کان ڪمال تنزيه کي وڃي پهتو، پوءِ فرمايائون ته تشبيه کان سواءِ تنزيه جي ڪهڙي خبر، ۽ طريقت جي سالڪ کي انهن ٻنهي کان اڻ سرندي آهي. پوءِ جيڪو تشبيه ۾ وڌيڪ ڪامل آهي سو تنزيه ۾ به وڌيڪ ڪامل ٿيندو.

٥٨ ڪنز * فرمايائون ته اثبات جي حالت، سواءِ اثبات وجود جي نه ٿيندي، جيڪڏهين سالڪ پنهنجي هستيءَ کان فاني آهي ۽ حق جي هستي کان باقي آهي، ۽ انهيءَ هستي کان حق کي اثبات ڪندو آهي، ته اهو به اثبات وجود جو آهي. ڇو ته هستيءَ جي بقا جو اطلاق به ان جي هستيءَ کان آهي ۽ جيڪڏهين حق کي ڪثرت جي مظاهرن ۾، همه اوست جي حقيقت ۾ ڪندو ته اهو به وجود جي قيد ڌاران نه آهي. جو ان ۾ شاهد ۽ شهود ٻئي موجود آهن. پر جيڪڏهين الله تعاليٰ کي پاڻ ۾ بيخود ڏسي ٿو ۽ پاڻ کي الله تعاليٰ ۾ محو ۽ نابود ڏسي ٿو، بلڪ خودي ان جي خدا جي رنگ ۾ بي خودي رهي ٿي، ۽ انهيءَ رستي سان اثبات وحدت جو ڪري ٿو ته اهو به اثبات وجود جو آهي، جنهن جي مٿان اطلاق نسبت اضافت جو باقي آهي ۽ جيڪڏهين سيني ڪثرت جي ذرڙن ۾ پنهنجي حقيقت جي آفتاب کي جمع الجمع جي درجي ۾ بطريق تفصيل جي، فروعن ۾ مشاهدو ڪري ٿو ته سو به وجود جو اثبات

www.maktabah.org

آهي. ڇو تہ اهو مشهود آهي ۽ اهو حقيقت انسان جو ڪمال الڪمال آهي پر چڱو آهي تہ "لا" جي هيٺان وجوديت جي حيثيت ڪان، سڄو نفي ۽ فاني ڪري تہ تنزيه حق جي عارف جي نظر ۾ پوري طرح محقق ٿئي.

٥٩ ڪنز * فرمايائون تہ هن ڪان اڳي سمجهندا هئاسون تہ سالڪ کي جو رجوع ظاهر کان باطن ڏي ۽ صورت کان معنيٰ ڏي آهي، اهو ان جي سير ماورائي ۾ آهي، هاڻي اهڙي طرح نظر ۾ اچي ٿو تہ صورت ۽ معنيٰ کي خود انسان کان وجود آهي پوءِ انسان جيڪي ميل ۽ رجوع ڪندو آهي، سو پاڻ ڏي ڪندو آهي، نہ سواءِ پنهنجي، جيڪي آهي سو انسان کان موجود آهي، سو ۽ ان ۾ گم آهي.

٦٠ ڪنز * معنيٰ هن حديث جي ۾ تہ "تَفَكَّرُوا فِيْ آلَائِهٖ وَلَا تَفَكَّرُوْا فِيْ ذَاتِهٖ" يعني خدا جي صفات ۾ فڪر ڪريو ۽ ان جي ذات ۾ فڪر نہ ڪريو. پاڻ فرمايائون تہ فڪر ڪرڻ ذات ۾ منع آهي ۽ اها منع فڪر سالڪ جي آهي، ڇو تہ ذات الله تعاليٰ جي فڪر جي گهيري کان پاڪ ۽ بيزار آهي. پوءِ ذات جي معرفت خيال ۽ فڪر جي مدد سان هرگز نہ ٿيندي. مگر اها معنيٰ موقوف "عَرَفْتُ رَبِّيْ بِرَبِّيْ" جي مدد تي آهي يعني مون خدا کي خدا سان سڃاتو

٦١ ڪنز * فرمايائون تہ "فردانيت" جي مقام کي رڳو "احديت" سان تعلق آهي جڏهين عارف ان مقام ۾ وڃي پهچندو آهي، تڏهين انهيءَ کان فيض خلق جا بند ٿيو وڃن ٿا، ڇوتہ انهيءَ حالت ۾ ان جو پيوند رڳو ذات مطلق سان ٿئي ٿو ۽ هن ۽ هن جهان کان بلڪل ڇڇيو وڃي.

٦٢ ڪنز * فرمايائون تہ هي صورت جا سڀ ڪنهن ماڻهوءَ جي آهي، سا صورت محمدي آهي صلي الله عليه وسلم، ۽ سڀ ڪنهن ماڻهوءَ وٽ اها اڌاري ڪپڙي وانگر آهي، انهيءَ صورت تي ڪو عذاب نہ آهي ڇو تہ عذاب وجود تي آهي، نہ لباس تي.

www.maktabah.org

مثلا پڪڙيل چور کي جڏهن عذاب ڪندا آهن، تڏهين پهريائين ان جي بت تان ڪپڙا لاهيندا آهن، ان کان پوءِ مار ڪٽ ڪندا آهن ۽ سچي دوست جا ڪپڙا بہ سلامت ڇڏي ڏيندا آهن. تنهن کان سواءِ سروپاين چڱين جا قسم ۽ اسرار ۽ چڱيون جايون عطا ڪندا آهن.

٦٣ ڪنز * فرمايائون تہ پاڻ کي حق جي نور ۾ محو ڪرڻ گهرجي، تہ پاڻهي جيڪي ڏسڻو هجيس سو ڏسي.

بيت

تو دروگر شو ڪمال ين است بس،
گر شدن گر کن وصال اين است بس.

يعني تون ان ۾ گم ٿي اهو ڪمال آهي بس، گم ٿيڻ کي گم ڪر وصال اهو آهي بس.

٦٤ ڪنز * فرمايائون تہ فاعل مختار انسان ڪامل آهي نہ عام ماڻهو جي سڀ ڪنهن خيال جي پٺيان حيران ۽ سرگردان آهي. جيڪڏهين مختار هجن تہ محتاج نہ ٿين.

٦٥ ڪنز * فرمايائون تہ جيڪو ذات ۾ گم ٿئي سو صفت ۾ ظاهر ٿئي، مثال هي آهي تہ هي ٻير جو وڻ جو سندن منهن مبارڪ جي سامهون بيٺل هو سو سڄو ان جي ٻج جي داڻي ۾ موجود آهي، جڏهين داڻي کي زمين ۾ پوکيائون تڏهين سڀ پن ۽ ڦر انهيءَ داڻي کان موجود ٿيا ۽ صاحب نظر جي اصل ۾ نظر انهيءَ ٻج جي داڻي تي آهي پوءِ فرمايائون تہ الله تعاليٰ جڏهين داڻو "وَنَفَخْتُ فِيْهِ مِنْ رُوْحِيْ" جو يعني مون پنهنجي روح مان ، زمين آدم جي ۾ ڦوڪيو، تڏهين موجودات جا پن ۽ ڦر ان کان موجود ٿيا ۽ اها معنيٰ بيان ڪرڻ سان واضح نہ ٿيندي ڇو تہ ان جو ٿيڻ ٻي طرح سان آهي.

٦٦ ڪنز * فرمايائون تہ بعضي عارفن کي آرام لاءِ ڪثرت جي جهان ۾ وحدت جو عرفان بخشيندا آهن، پر اهو اهڙي طرح رهندو آهي، جنهن گهڻو پنڌ ڪيو هجي ۽ ٿورو ان کي آرام ڏين

www.maktabah.org

پر انهن جو جذبو ۽ ڪشش بي جهت ۽ بي ڪيف ڏي. جلندر واري جي مثل ،هَلْ مِنْ مَزِيْدٍ" پيو ڪري ۽ انهن جي دل ۾ هرگز قرار ۽ آرام نه آهي.

بيت

نه حسنش آفرين دارد نه سعدي را سخن پايان
بميرد تشنه مستسقي ودريا همچنان باقي

پوءِ جڏهن ذات خدا تعاليٰ جي ڪي نهايت نه آهي تنهن ڪري طالب جي ترقي جي به نهايت نه آهي.

٦٧ ڪنز * فرمايائون ته جيڪي هتي ظاهر ٿو ٿئي سو سڀ هن طرف ڪان آهي، يعني مقيد الله تعاليٰ جي ذات سان آهي،جئن ته الله تعاليٰ فرمايو آهي "وَاللّٰهُ خَلَقَكُمْ وَمَا تَعْمَلُوْنَ" يعني الله تعاليٰ اوهان کي ۽ اوهان جي عملن کي پيدا ڪيو آهي.

بيت

هر چه هست از بلندي وپستي
همه زو يافت صورت هستي

يعني جهان ۾ جيڪا به مٿاهين ۽ هيٺاهين آهي تنهن سڀ انهيءَ کان هٽڻ جي صورت ورتي آهي.

٦٨ ڪنز * فرمايائون ته لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ حقيقت محمد ڪريم صلي الله عليه وسلم جي آهي ۽ محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم ان جو لباس آهي.

٦٩ ڪنز * فرمايائون ته بلائن جون مصيبتون جي خدا جي دوستن تي آهن، تن جي عام ماڻهن کي ڇا خبر،جيڪي بلائون انهن تي ايندیون آهن، سي جيڪڏهين عام ماڻهن تي اچن، ته اسلام جي دعويٰ ڇڏي ڪفر جو جڙيو گردن ۾ وجهن. تمام مشڪل بلا جيڪا ڪاملن تي آهي سا آهي بار خلق جو، جنهن کان نبي عليه السلام به ڀڄي ويا جئن ته خلق ۾ ماڻهپو آهي ئي ڪونه، حيوانن کان به بچڙا آهن،اُولٰٓئِكَ كَالْاَنْعَامِ بَلْ هُمْ اَضَلُّ" يعني اهي حيوانن جهڙا آهن بلڪ انهن کان به گمراه آهن.

www.maktabah.org

۷۰ **ڪنز** * فرمايائون تہ مقصود ڏسڻ ۾ اچي ٿو، پر حاصلات ۾ نٿو اچي ۽ اهو ڏسڻ قلب ۽ روح ڌاران آهي پر افسوس انهيءَ کي، جنهن کي حاصل نہ آهي.

بيت

نہ حسنش آخرين دارد نہ سعدي راسخن پايان،
بميرد تشنہ مستسقي ودريا همچنان باقي.

۷۱ **ڪنز** * فرمايائون تہ سالڪ جڏهين ذات ۾ محو ٿئي تڏهين تقدير ان تان ڪري پوي، يعني لهي وڃي ڇو تہ صفت ذات تي غلبو نہ آڻي سگهي جئن تہ محققن رحمهم الله فرمايو آهي تہ الله تعاليٰ سڀ ڪنهن شيءِ تي قادر آهي. مگر پنهنجي خلق سان ذات تي قادر نہ آهي.

۷۲ **ڪنز** * فرمايائون تہ روح بہ نسبت عالم خلق جي خلق سان مخلوق نہ آهي ۽ بہ نسبت ذات مقدس جي مخلوق آهي.

۷۳ **ڪنز** * فرمايائون تہ خلق خالق کان پيدا ٿي آهي ۽ خالق خلق کان ظاهر ٿيو آهي. جيڪڏهين خلق نہ هجي ها تہ خالق ڪير چوي ها.

۷۴ **ڪنز** * فرمايائون تہ ماءُ جوقرب بدن سان آهي ۽ بدن جي لاءِ ڪا شي ان کان وڌيڪ خيرخواه نہ آهي ۽ قرب مرشد جو روح سان آهي ۽ روح جي لاءِ ڪا شي ان کان وڌيڪ خيرخواه نہ آهي ۽ الله تعاليٰ جلشانہ جو قرب سر سان آهي ۽ اهو مخصوص انهيءَ جي قرب سان آهي.

۷۵ **ڪنز** * فرمايائون تہ حديث شريف ۾ آيو آهي تہ الله تعاليٰ ماءُ کان بہ ستر ڀيرا زياده پنهنجي ٻانهي کي قرب ۽ محبت رکندو آهي. انهيءَ کان اڳي ڄاتوسون ٿي تہ اهو قرب سيني بندن سان عام آهي، پر ائين نہ آهي ڇو تہ جتي ڪٿي قرآن ڪريم ۾ خطاب بندن سان آهي، اتي "يَاعِبَادِيْ" (اي منهنجا ٻانها) "وَ يَاعَبْدِيْ" واقع آهي ۽ اها نسبت علي الخصوص بندن خاصن سان آهي، نہ

www.maktabah.org

عام ماڻهن سان جي حرص ۽ هوا جا بانها آهن. انهن جي شان ۾ هي آيت وارد آهي "اَفَرَئَيْتَ مَنِ اتَّخَذَ اِلٰهَهٗ هَوٰىهُ" يعني ڏس ان کي جنهن پنهنجو خدا حرص کي ڪيو آهي. پوءِ معلوم ٿيو تہ اهو قرب خاص خاصن سان آهي.

٧٦ ڪنز * فرمايائون تہ لاالٰہ جو جزو اول ڪلمي طيب جو آهي، سو اسان جي عميق خيال سان نهايت المراتب نظر ۾ اچي ٿو. ڇو تہ پرڪار جي ان دائري ۾ الا الله جو سڄو نڪتو، الا الله جي دائري کي محيط آهي ۽ انهي "لا" صورت ۾ "لا" جي حقيقت الا الله کي پنهنجي پيٽ ۾ اهڙي طرح محو ۾ محو ڪيو آهي جو "الا" کان سواءِ "لا" جي ٻيو ڪي بہ نہ رهيو آهي، اهو "لا" غيب جي خزاني جو موتي آهي "كُنْتُ كَنْزًا مَخْفِيًّا" ان جي ڪاڻ آهي. انهيءَ سببان اڪثر اولياءَ الله جا، جي معرفت ۾ ڪامل هئا تن نهايت ڪمال الڪمال ۾ الا الله جي مخفي ڳجهہ کي "لا" ۾ موجود ڏٺو، تڏهين ان کي مقصود ڄاڻي آخر عمر ۾ شغل نفي ۽ اثبات سان آخري دم تائين مشغولي ڪئي. جئن تہ حضرت مرشد پير سائين رضي الله تعالىٰ عنه جن بہ آخر عمر مبارڪ ۾ انهيءَ شغل جو تڪرار ڪندا هئا ۽ شهيد عشق مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي مگرئي، پنهنجي سنڌي بيت ۾ انهيءَ ڏي اشارو فرمايو آهي.

بيت سنڌي

ٻيا سڀ سڪن سوجهري تو اونده آراما ،
ڪنهن نہ لَڪِي لِکَ لا سندي جاتو لَڪِي لاڪا ،
لا ۾ ڏٺوءِ لاڏ ڪو الک اثباتا ،
قدر سڄاتوءِ ڪين جو اٽڪل عجب سنڌياءِ،
ويا واجهائيندا ، جنهن کي، مرسل نبيا.

حضرت خواجہ مجدد الف ثاني قدس الله سره هڪڙي جاءِ تي پنهنجي مڪتوبن ۾ آندو آهي تہ ڪنهن ماڻهو شيخ ابوسعيد ابوالخير قدس سره جي اڳيان طلب جي باب ۾ مطلب مقصود بابت عرض ڪيو تہ اتي اثر رهي، تڏهين ان کي

www.maktabah.org

فرمايائون تہ اتي عين نہ رهندو، سو اثر ڪٽان رهندو ۽ سلطان العارفين شيخ بايزيد بسطامي قدس الله سره جو وفات جي وقت ۾ هي لفظ فرمايا تہ "اَقْطَعُ زُنَّارِيْ وَاَقُوْلُ لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ". يعني آئون پنهنجا جڙيا وڍيان ٽو ۽ "لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ" چوان ٿو، سا بہ نشاني انهيءَ مقام جي آهي، جئن تہ انهيءَ حالت ۾ اِلَّا اللّٰهُ تي جنهن جو اثبات ٿيو هو "لا" غلبو ڪيو ۽ انهيءَ جي سڄي اثبات کي نفي ۾ آڻي، انهي مقام کان ترقي ڏنائين، جو موٽي جڙيو بدل تازي ڪلمي طيبہ سان چنائين.

٧٧ ڪنز * فرمايائون تہ جڏهين طلب جو جذبو سچي طالب جي باطن ۾ ظاهر ٿيندو آهي تڏهين پهريائين اسم مريد. جو ان جي صاف سيني تي روشن ٿيندو آهي ۽ ارادي جي نور کان غفلت جي اونڌائيءَ کي ان جي گنديءَ دل کان ٻهاريو اڳي ولي صاحب ولايت ڪامل تي وڃيو پهچائي، ۽ اهو ڪامل مڪمل پهريائين الله جو نقش، ان جي دل جي پٽيءَ تي، چٽيندو آهي ۽ ان جي تعليم ۽ تڪرار سان مشغول ڪندو آهي، جئن اسم کي جسم سان مناسبت ويجهي آهي ۽ اسم "الله" جو، جيڪو سيني اسمن ۽ صفتن جو جامع آهي تنهن کي بدنن جي عالم ۽ روحن جي عالم ۽ عالم امر ۽ عالم خلق جي سان تمام پوري مناسبت آهي. ڇوتہ "اِنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ مُّحِيْطٌ" تحقيق الله تعاليٰ سيني شين کي محيط يعني گهيرو ڪندڙ آهي، پوءِ جڏهين سچي طلب وارو طالب مرشد ڪامل جي توجهہ سان اسم الله جل جلاله جي رسيءَ کي محڪم ٿو جهلي. پوءِ سندس جسم جيڪو خلق جي جهان کان آيو، سو ٽاري آهي ۽ اصل سندس روح آهي ۽ عالم امر جو سندس اجمال آهي، هڪ جذبہ ڳنڍجڻ سان انهيءَ وسيلي جي ٽاريءَ کان چٽي اصل کي ٿو پهچي، جو عالم امر آهي ۽ عالم امر جو پنهنجي مرتبي ۾ تفصيل آهي، ۽ اجمال ان جو محمد رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم آهي، جنهن کي حقيقت محمدي صلي الله عليه وسلم ٿا چون. پوءِ پنهنجي اصلي جذبي سبب حقيقت محمدي صلي الله عليه وسلم جي مرتبي کي ٿو پهچي، جو اها حقيقت

www.maktabah.org

سيني صفتن جو منڊ آهي ۽ هڪ جهان آهي، ذات ۽ صفت ۽ اصل جي وچ ۾ ، اصل حقيقت محمدي صلي الله عليه وسلم جي الا الله کي پهچندو، اها فقط احديت آهي، جڏهين انهيءَ مرتبي کي پهچندو تڏهين سيئي حقيقيون ۽ ڏار (ٽار) ۽ اصل تن سيني کي تري ۾ ڇڏي لا اله ۾ محو ٿيندو، ۽ مڙني اجمالن کي "لا" سان نفي ڪندو، ان مرتبي ۾ وجود ۽ شهود ٻئي نہ رهندا، فقط غيب آهي، جنهن جو شان ۽ بيان نہ ڪري سگهبو. شيخ سعدي عليه الرحمة فرمايو آهي.

بيت

در اين ورطه کشتي فروشد هزار
کہ پيدا نہ شد تخته بر ڪنار.

يعني: انهيءَ ڪن ۾ هزار ٻيڙيون ٻڏيون آهن. جن مان هڪ تختو ظاهر نہ ٿيو آهي. ڄاڻن گهرجي تہ اهو عارف مربي الله جل جلاله جي نالي جو آهي، ان کان مڙيئي مرتبا ڏارن ۽ اسمن ۽ صفتن ۽ ڳالهين جا ڇڏايو، پنهنجي اصل کي پهچايو، مرتبه "اَلْاٰنَ کَمَا کَانَ" جي کي پهچائي ٿو، جو هڪ ذات، ري ڏس ري حقيقت آهي، اهو مقام عروج جو آهي. ات اچيو نهايت وٺي؛ اڃان نزول باقي آهي. پوءِ ان عارف کي جذبومثل سخت ڪمان جي جيڪا تير کي تکو مٿي ٿي ني، وري موٽندي بہ تکو ٿو اچي عروج ۾ انتها ٿو وٺائي، تڏهين نزول جي وقت تمام زور سان دين کي نئين ڪرڻ واسطي وريو خلق جي جهان ۾ ٿو آٿي. پوءِ لباس فخره واري صورت ساڻ حقيقت محمدي صلي الله عليه وآله وسلم جو شرف حاصل ڪريو نهايت ٿو وٺي. پوءِ جيڪڏهين صورت ۽ حقيقت کي پهچي ڏسندو تہ ان ۾ صورت ۽ حقيقت محمدي صلي الله عليه وسلم نظر ايندس ۽ جيڪڏهين صورت ۽ حقيقت محمدي صلي الله عليه وسلم نظر آيس تہ پاڻ کي بہ پيو ڏسندو ۽ ان مرتبي ۾ ٻيائي بلڪل ڪڇيو وڃي. اهو عارف، صاحبِ نظر آهي، جو نظر سندس مرضن محبت ۽ عشق جي لاءِ شافي آهي.

www.maktabah.org

بيت

يک نظر فرماءِ مستغني شوم
واز ابناءِ جنس سگ که شدمنظور
نجم الدين سگان را سرور است

يعني هڪ نظر ڪر ته خلق ڪان بي پرواه ٿيان، ڇو جو اهل الله جي نظر جيڪڏهين ڪتي تي پوندي ته سيني ڪتن جو سردار ٿي پوندو.

اهو عارف، عالم امر ۽ عالم خلق، بلڪ الله جل جلاله جي سيني صفتن ۽ اسمن جو جامع آهي (بلڪ جامع مڙني صفتن ۽ اسمن الله جل جلاله جي جو آهي) بلڪ سببان اصل "الا الله" جي مڙيئي ان ۾ مخفي آهن ۽ ان ڪان ظاهر ٿيا آهن. انهيءَ عارف جو مشرب محمدي صلي الله عليه وسلم آهي، "اَنَا مِنْ نُوْرِ اللّٰهِ وَ عَالَمُ كُلُّهٗ مِنْ نُوْرِيْ"، حال سندس هوندو.

بيت فارسي

نه بشر خوان مت اي دوست نه حور و پري،
اين همه بر تو حجاب است تو چيزي ديگري.

يعني اي محبوب حقيقي تون ماڻهو يا حور پري نه آهين، اهي مڙيئي توتي لباس آهن، تون اجا ٽول ٻيو آهين. پوءِ انهيءَ عارف جو فيض هن جهان ۾ مڙني تي جاري آهي ڇا طالب ۽ ڇا ٻيا، طالبن کي مطلب معرفت جو حاصل ٿئي ٿو، ۽ ٻين کي دنيا جون مرادون حاصل ٿين ٿيون، بلڪ مڙيئي وهيٽ (جانور) ۽ ماڻهن جو سارو ڏينهن انهن لاءِ ري فائدن ۾ ٿو گذري، رات جو سمهڻ جي وقت انهن جا سڀ حس بند ٿيو رهن، پوءِ فيض ان ڪامل جو هرهڪ جي روح کي ٿو پهچي ۽ اٺ پهر ڏينهن ۽ رات جا انهن جي حياتي، ان ڪامل جي فيض ڪان آهي. مخدوم عبدالرحيم رحمة الله عليه فرمايو آهي:

موجب سُڪا سائل بخشي بشيرا،
جيڪي جنين مگيو سوئي ان عطا.

www.maktabah.org

٧٨ كنز* فرمايائون تہ محبت كنز مخفي ۾ ظاهر ٿي، جنهن مان ٻيئي جهان پنهنجي قدرت سان ظاهر كيائين، ۽ پنهنجي روح مان مڙني ۾ روح وڌائين ۽ ان جو نالو آدم (عليه السلام) رکيائين ۽ پروڙڻ گهرجي تہ آدم ۾ ڇا وڌائين. حضرت آدم عليه السلام ۾ عاشقي ۽ معشوقي ۽ جلال ۽ جمال سڀ گڏ هئا. پوءِ كثرت جي بازار ۾ يعني عالم امر ۽ عالم خلق ۾ راند كيڏيائين، پنهنجون صفتون ظاهر كيائين، كنهن هنڌ سندس عشق ظاهر ٿيو، كٿي حسن ظاهر ٿيو ۽ كٿي جڙيو ظاهر ٿيو، پر اصل مڙني جو حب آهي ۽ لباس مختلف آهن، جهڙي طرح تاريون ۽ ڦر ۽ وڻ جا پن هڪ داڻي كان مختلف رنگن سان ظاهر ٿيا ۽ پروڙڻ گهرجي تہ اهو اختلاف كثرت جي جهان ۾ آهي، ۽ اصل مڙني جو محبت آهي، ڇو جو مڙيئي "كُنْتُ كَنْزًا مَّخْفِيًّا" مان ظاهر ٿيا آهن ۽ كنز سيني جو اجمال آهي، كنز جو نالو كنز هن سبب ركيو اٿن جو جمع الجمع آهي ۽ ان ذات پاڪ الله جل جلاله جي كي، غلبو محبت ۽ عشق جو پهري واسطي معرفت پنهنجي جو هو جڏهين معرفت غالب آئي ۽ بي قراري حد كان گهٽي ٿي جو "كُنْتُ كَنْزًا مَخْفِيًّا فَاَحْبَبْتُ" هڪ "آه!" آهي ۽ اها آهي فراق "اَنَا اَعْرِفُ" جي كان كڍيائين، ۽ پوءِ پنهنجو منهن آرسي ۾ ڏسڻ مشكل آهي، تڏهين آرسي حضرت آدم عليه السلام جي پنهنجي صورت تي غيب جي خزاني كان پيدا كيائين ۽ گرمي عشق جي كان "لَوْلَاكَ لَمَا خَلَقْتُ الْاَفْلَاكَ" جي هڪل كيائين ۽ جيكي خزانا ذات پاڪ الله جل جلاله جي ۾ مخفي هئا انهن كي وجود حضرت آدم عليه الصلواة والسلام جي ۾ ظاهر كيائين ۽ پوءِ آرسي پنهنجي كي پاڻ ڏٺائين ۽ پاڻهي ظاهر ٿيو.

بيت

آن بادشاه اعظم دربست بود محكم،
پوشيد دلق آدم ناگاه بر درآمد.

مولانا عبدالرحمن جامي قدس سره فرمايو آهي:-

www.maktabah.org

بيت

گر نہ مرآت وجه باقي بود = از چہ روشد فرشتہ را مسجود

يعني حضرت آدم عليه السلام جيڪڏهين آرسي الله جل جلاله جي نہ هجي ها، تہ ملائڪن کي سجدي جو حڪم ڪهڙي طرح ٿئي ها.

٧٩ ڪنز* فرمايائون تہ جهان مڙيئي هڪ شخص آهي، جيڪڏهين اهو ننڊ ۾ آهي تہ مڙيئي ننڊ ۾ آهن ۽ جيڪڏهين اهو سجاڳ آهي تہ مڙيئي سجاڳ آهن.

٨٠ ڪنز* فرمايائون تہ پورو فقير اهو آهي، جنهن ۾ بہ صفتون هجن هڪ تہ جهان امر جي ۾ "تَخَلَّقُوْا بِاَخْلَاقِ اللّٰهِ تَعَالٰي" يعني عادت وٺو عادتن الله جل جلاله جي سان وصف ڪيل هجي، يعني جهڙي طرح الله جل جلاله ڪنهن جو محتاج نہ آهي، فقير بہ ڪنهن جو محتاج نہ هجي ۽ خلق جي جهان ۾ صفت حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وعلٰي آله وصحبه وسلم جي سان جا رحمت ۽ شفقت آهي، عادت وٺي، اهو فقير تام ۽ انسان ڪامل آهي.

٨١ ڪنز* فرمايائون تہ آخر ۾ سڀ ڪنهن ولي ۽ کي قبض حاصل نہ ٿيندو، جو انهن تي هميشه سڄ يقين جو ظاهر آهي، سيڪنهن نبي جي قوم تي جو اهو ولي هوندو، ان نبي جا وقت وارد ٿين ٿا.

٨٢ ڪنز* فرمايائون تہ اڳين صوفين قدس الله اسرارهم جا ڪتاب جيڪڏهين مطالع ٿا ڪجن تہ معلوم ٿو ٿئي تہ ان وقت جي اوليائن کي چڱين عادتن جي قوت گهٽي هئي ۽ انهن کي جمال واري ولايت گهٽي حاصل هئي. ۽ ان وقت جي فقيرن کي مرتبن جي عروج جي زيادتي گهٽي هئي ۽ انهن جي تفصيل ۽ علم کي وڏي ڪشادگي حاصل هئي، شايد ڪہ سببان هن حديث شريف جي آهي، جو حضرت مرشد صاحب رضي الله تعالٰي عنه ٿي فرمايو تہ حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم صحابن رضوان الله تعالٰي عليهم اجمعين کي فرمايو تہ، اسان جن حديثن جي

www.maktabah.org

حرفن تي لفظ لفظ سان بخسته مضبوط نظر رکجو، ڇا لاءِ جو امتون پويون ان کان چڱيون معنائون سمجهندا. هڪ وقت تلاوت قرآن ڪريم جي ۾ جڏهين هي آيت "اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيَاتِنَا وَاسْتَكْبَرُوْا عَنْهَا لَا تُفَتَّحُ لَهُمْ اَبْوَابُ السَّمَآءِ وَلَا يَدْخُلُوْنَ الْجَنَّةَ حَتّٰى يَلِجَ الْجَمَلُ فِيْ سَمِّ الْخِيَاطِ". يعني: تحقيق جن شخصن ڪفرڪيو اسان جي آيتن سين ۽ تڪبر ڪيائون انهن کان انهن لاءِ دروازا آسمان جا نه ڪلندا، ۽ بهشت ۾ داخل نه ٿيندا، جهڙي طرح اٺ سئي جي پاڪي ۾ وڃي نه سگهندو پڙهيائون، تڏهين هي بيت زبان مبارڪ تي آندائون:

آنچه برمن ميرود گربرشتر رفتي زغم،
ميزدند ڪافران در جنت الماويٰ قدم.

يعني جيڪي غم مون تي اچن ٿا، سي جيڪڏهين اٺ کي حاصل ٿين ته هوند اهڙو ضعيف ۽ سنهڙو ٿئي جو سئي جي پاڪي مان لنگهي وڃي ۽ ڪافر يڪدم جنت الماويٰ ۾ داخل ٿين. پوءِ ان بيت جي معنيٰ جو پاڻ بيان ڪيائون ته جيڪي عارفن تي حالتون محبت ۽ غم عشق جون ٿيون اچن اهي حالتون جيڪڏهين اٺ کي جو تمام جسم ۾ وڏو آهي حاصل ٿين ته هوند عشق جي باه اهڙو ڳاريس ۽ اهڙو ضعيف ٿئي جو نهايت سنهائي جي سبب سئي جي پاڪي مان لنگهي وڃي. پوءِ جڏهين سئيءَ جي پاڪي مان اٺ جو لنگهڻ مشڪل آهي سو تي پوندو، تڏهين داخل ٿيڻ ڪافرن جو، جنت الماويٰ ۾ جا جميعت جي جاءِ آهي، ڪيئن ٿي پوندو ۽ اٺ مان مراد وجود عنصري آهي ۽ ڪافرن مان مراد مٽ غيريت جي آهي، پوءِ جيڪڏهين نظر ڪيمياءِ جي اثر عارف مڪمل جو، انهيءَ جي حال تي پوي ته انهن کي هستيءَ کان ڇڏائي نيستيءَ کي پهچائي، ۽ جدائي جي دوزخ کان ڇڏائي جميعت جي بهشت کي پهچائي. هڪڙي بزرگ فرمايو آهي:

بهشت آن جائي که آزاري نه باشد،
کسي را با کسي کاري نه باشد.

يعني بهشت اتي آهي، جتي ڪو آزار نه آهي ۽ ڪنهن

www.maktabah.org

کي ڪنهن سان ڪم نہ آهي، ۽ مراد سئي جي پاڪي کان جو تمام تنگ آهي انسان جي قلب جو نڪتو آهي، جنهن کي گوشت جو ٽڪرو ٿا چون ۽ باوجود اهڙي تنگي جي ڪشادگي "لَايَسْعَي الْاَرْضُ وَلَا السَّمَآءُ وَلٰكِنْ يَّسْعَيْ قَلْبُ عَبْدِالْمُؤْمِنِ" يعني نٿو ميائجي (سمائجي) مون کي زمين ۽ آسمان پر ٿو ميائجان (سمائجان) آئون قلب مومن ٻانهي جي ۾ جنهن سان بشارت ڏنل آهي، اهڙو مڪان تنگ جو ڪشادگي ذات پاڪ ۽ صفتن ۽ ڪشادگي جهان امر ۽ خلق جي،جي ان ۾ ميائجي (ماپي سمائجي) ٿي. اها ڳالهه عجائب کان آهي، اتي فرمايائون تہ هڪڙي مريد خواجہ مجدد الف ثاني قدس الله سره الاقدس جي خدمت ۾لکيو آهي تہ منهنجي قلب کي ايتري ڪشادگي حاصل ٿي آهي جو عرش عظيم هڪ ذري کڙي (پتر) جي مثل ڏسجي ٿو. ۽ منجهه واکاڻ عرش عظيم جي، زبان مبارڪ حضرت مرشد ڪريم رضي الله تعاليٰ عنه کان ٻڌو هئوسين تہ عرش عظيم جا ستر هزار پايا آهن ۽ سڀ ڪنهن پايي تي سترهزار ملائڪ آهن ۽ سڀ ڪنهن ملائڪ کي ستر هزار ڪنيڙائيون آهن، ۽ اهي ملائڪ هڪ پايي کان ٻئي پايي تائين ستر هزار سال اڏامن تہ بلڪل نہ پهچندا، پوءِ مريد جي جواب ۾ ان بزرگ لکيو تہ اجان تنهنجي قلب جي چوٿين حصي فناءِ قبول ڪيو آهي.

٨٣ ڪنز* فرمايائون تہ دل ڪنهن وقت ۾ واندي نہ هوندي، يا تہ الله جلشانہ جل جلاله سان مشغول هوندي يا خطرن يا خيالن سان.

٨٤ ڪنز* فرمايائون تہ لطيفو نفسي، جو نهايت ڪثيف آهي، لطيفي اخفيٰ سان جو نهايت لطيف آهي، بعضي وقتن ۾ ويجهو ٿو ٿئي ان جو سبب هي آهي تہ لطيفي نفسي کي بعضن وقتن ۾لطافت حاصل ٿيندي آهي پوءِ ان سالڪ کي جهان امر ۽ جهان خلق هڪ جهڙو هوندو.

٨٥ ڪنز** فرمايائون تہ الله جل جلاله جي طالبن جي قوم هڪ

www.maktabah.org

عجب قوم آهي، جي ماڻهو مان پيدائين ٿا ۽ ماڻهو جي مثل کائين ٿا ۽ پين ٿا ۽ سمهن ٿا ۽ پرڻجن ٿا ۽ اولاد ڄڻين ٿا، پر حقيقت ۾ ماڻهو نه آهن، ملائڪن جي مثل آهن.

بيت

نه بشر خوان مت اي دوست نه حور و پري،
اين همه بر تو حجاب است تو چيزي ديگري.

پر سڄاڻپ انهن جي ڏکي آهي، مگر ان شخص کي حاصل ٿيندي جو انهن جي جماعت مان ٿيندو.

٨٦ **کنز*** هڪ وقت تلاوت قرآن ڪريم جي ٿي ڪيائون، جڏهين هن آيت شريف کي پهتا "فَلَمَّا جَنَّ عَلَيْهِ اللَّيْلُ رَاٰى كَوْكَبًا اِنِّيْ وَجَّهْتُ وَجْهِيَ لِلَّذِيْ فَطَرَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ حَنِيْفًا وَّمَآ اَنَا مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ" فرمايائون ته حضرت ابراهيم خليل الله عليه السلام کي پهرين خلقت ۾ مشاهدو الٰهي حاصل ڪيائون پوءِ مشاهدي هر هڪ مخلوق جي ڪي ڏسيو وحدت جو اقرار ٿي ڪيائون، پر جڏهين زيادتي جذبي جي حاصل هيس تڏهين پهرين جي نفي سان ٻي ڪي ثابت ڪري زيادتي حاصل ڪندو ويو ۽ اڳئين حالت کان واندو ٿي ويو، وري مشاهدو نئون حاصل ٿي ڪيائون، تان جو ان کي خلق جي مشاهدن کان ميلان محبت جو جذبو حاصل ٿيو، ۽ محبوب حقيقي ري ڏس ۽ ري ڪيفيت حاصل ٿيس، يڪدم وجود الله جل جلاله کي ثابت ڪري، غافلن کان استغفار ڪيائون ۽ هيٺي طرح چيائين: "اِنِّيْ وَجَّهْتُ وَجْهِيَ لِلَّذِيْ فَطَرَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ حَنِيْفًا وَّمَآ اَنَا مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ" پوءِ فرمايائون ته اهي ظاهري مخلوق الله جل جلاله جي وجود تي شاهد آهن، نفي ڪرڻ کان سواءِ انهن جي وجود مطلق کي پهچڻ مشڪل آهي ۽ الله جل جلاله جو مشاهدومخلوقن جي صورت کان سواءِ حاصل نه ٿيندو ۽ حضرت ابراهيم خليل الله عليه الصلواة والسلام جڏهين اولوا العزمن انبيائن مان هو تڏهين سندس پهرين نظر زمين وارن مخلوقن تي پئي جن کي نسبتاً هنن مخلوقن جي ذات مطلق سان گهڻو قرب آهي ۽ هيٺين مخلوقن کان مخلوقن جي حقيقت طرف

www.maktabah.org

جذبو ڪيو جنهن ڏس ڪان،ڏس جي ٻئي طرف پهچايو ۽ اهو مرتبو حضرت محبوب ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي پلاڻي ڪان آهي.

۸۷ **ڪنز*** فرمايائون ته مخلوق ڪل نقطي بي جي ۾ آهين، جا اها "بي" "خليفو" الف جو آهي، جڏهين "الف" "احديت" جو ظاهر ٿيو. "بي" جي وجود کي الله جل جلاله جي نالي سان لڳ پيدا ڪيائين سواءِ نقطي جي خلقت ان ڪان ظهور نه قبوليو. جڏهين نقطي کان "بي" کي سرفراز ڪيائين، اهي مڙيئي حقيقتون هيٺيون مٿيون، ان نقطي کان ظاهر ٿيون ۽ نالو الله جل جلاله جو ٿيو جو "بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ" انهيءَ اجمال جو تفصيل آهي.

۸۸ **ڪنز*** فرمايائون ته آيت سڳوري "اَعُوْذُ بِاللهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ" - "بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ" - "لِيَغْفِرَ لِكَ اللهُ مَا تَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِكَ وَمَا تَاَخَّرَ" حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي شان ۾ آهي، انهيءَ آيت ۾ هڪ عجيب ڳجهه ۽ رمز مخفي جو خطاب بخشش گناهن اڳين ۽ پوين جو رسول ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم کي آهي، مراد اڳين گناهن مان ذلتون (ايذاءَ) اڳين نبين جون آهن ۽ انهن جي امتن جا گناهه ۽ پوين گناهن مان مراد آهي اوليائن ۽ هن امت جا گناهه. ڇو جو وجود حضرت محبوب ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جو ڪل هو ۽ مڙيئي مخلوق ان جا جزا آهن، پوءِ جيڪو ٽول جزن ۾ ظاهر ٿيندو، اهو ڪل ڏي ضرور موٽندو، پوءِ اها بخشش ڪل جي هئڻ سببان وجود ڪل جي ۽ صفت رحيمي جي ڪان، ڇاڪاڻ جو پاڻ واسطو رحمت جو هئا، " وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعَالَمِيْنَ" سندن شان ۾ آهي ۽ صفت رحماني جي سان سيني مخلوقن جي پيدائش رسول ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم کان حاصل ٿي ۽ سندن وجود کان رحمت جو پاڇو سڀ ڪنهن چڱي ۽ مٺي اڳئين ۽ پوئين اسلام جي کي حاصل ٿيو.

بيت

نماند بعصيان کسي در گرو= ڪه دارد چنين سيد پيش رو

www.maktabah.org

يعني جيڪڏهن اهڙو سردار مهندار هوندو تہ ڪوئي شخص گناهن ۾ گرفتار نہ ٿيندو.

۸۹ ڪنز* فرمايائون تہ الله تعاليٰ جل جلاله قرآن ڪريم ۽ حديث شريف کي هن دنيا ۾ حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جي هڪ وجود کان ظاهر ڪيو، تفصيل ۽ شرح اجمال کان، جو قران آهي سانڻ تفصيل جي جا حديث رسول ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي آهي مٿي تفاوت وقتن ۽ زمانن جي، ۽ اصل انهن مڙني جو الله جل جلاله کان، ري حقيقت ۽ ري حرف، ۽ ري حرف ۽ ري آواز آهي، جو اتي نالو ۽ نيشان نہ آهي. هي مڙيئي عدم جا لباس آهن، جڏهين اهي مڙيئي حقيقت ۾ نہ هئڻ ٿيا. تڏهين خلق ۾ ظاهر ٿي، مرتبن نبين عليهم السلام جي کان ڪو مرتبو حاصل ڪري، آخر صورت محمدي عليه الصلواة والسلام جي ۾ ظاهر ٿيا ۽ مڙيئي ڪلي ۽ جزي ڪماليتون سندن وجود ۾ داخل ٿيون، اهو مرتبو اجمال جو آهي، تفصيل ان جو امت آهي جو "اَلْعُلَمَآءُ وَرَثَةُ الْاَنْبِيَآءِ". اهي عالم هن امت جا عارف آهن، جن انهن علمن کان وڏو حصو حاصل ڪيو آهي ۽ ڪن ٿا، ۽ ڏينهن قيامت تائين ڪندا، ڇو جو اهي وارث آهن، وصي نہ آهن. وصيءَ کي انهيءَ جنس مان هڪ شيءِ ملندي ۽ وارث کي مڙيئي ترڪي مان حصو ملندو آهي، جهڙي طرح ظاهريءَ پٽ کي ترڪو ظاهري پيءُ جي مان حصو ملندو آهي، تهڙي طرح معنوي پٽ کي مڙيئي ترڪي معنوي مان حصو آهي، هاڻ بس ڪرڻ گهرجي جو دانائن کي ايتري قدر ڪافي آهي.

۹۰ ڪنز* فرمايائون تہ ڪتاب تذڪرة الاولياءِ ۾ معراج جي بيان ۾ شيخ بايزيد بسطامي قدس الله سره لکيو آهي تہ شيخ فرمايو تہ ٽيهہ سال خلق کي الله جل جلاله ڏي ڪوٺيم، پر ڪنهن بہ شخص اجابت نہ ڪئي. جڏهين خلق کان خالق ڏي ويس تڏهين مڙني کي اڳي اتي ويٺل ڏٺم، اتي پاڻ هڪ عجيب نقطو بيان ڪيائون تہ اهو جسمن کي ڪوٺڻ جسمن سانڻ هو، قبول نہ ڪيائون، جڏهين انهن کي ڇڏي، احديت ڏانهن ويو، انهن مڙني

www.maktabah.org

ڪي اتي ڏنائين ۽ ضديت بلڪل نہ رهي، جدائي ڪان جميعت حاصل ڪيائين، ۽ مولانا جلال الدين رومي رحمة الله عليه فرمايو آهي.

چون ڪہ بي رنگي اسير رنگ شد = موسي وبا موسيٰ اندر جنگ شد
چون بہ بيرنگي رسي کان داشتي = موسيٰ وفرعون دارد آشتي

شيخ قدس الله سره جو اهو مقولو اجمال هو ۽ عجب انصاف بصارت ان عارف جي ڪي،جو نہ قبول ڪرڻ دعوت مخلوقن جي ڪي توحيد الله جل جلاله جي سان خلق ڪان دفع ڪيائين ۽ اتي مولانا روم قدس الله سره فرمايو آهي

بيت

چون زخود رستي همہ حق گشتئ = رفت ظلمت نور مطلق گشتئ
در مقام وهم باشد او وتو = چون نباشي تو نہ باشي غير

يعني : جڏهين هستيءَکي ڇڏيندين تڏهين وجود تنهنجو سمورو نور ٿيندو ڇو جو مرتبو همه جي ۾ آئون ۽ تون آهيون، جڏهين هستي کي ڇڏينداسون تڏهين الله جل جلاله ڪان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نظر نہ ايندو. پڻ فرمايائون تہ بعضي ٿا چون تہ حقيقت انساني جي قوت سڀ ڪنهن انسان ۾ موجود آهي، خاص توڙي عام. حقيقت انساني جي بلفعل موجود بعضن ۾ آهي ۽ بعضن ۾ نہ آهي، اسان جي سمجهہ ۾ هي ٿو اچي تہ حقيقت انساني جي قوت بہ انسان خاص ۾ آهي، جنهن ۾ بلفعل ظاهر ٿئي ٿي، ۽ ٻين ۾ جڏهين بلفعل ظاهر نٿي ٿئي تڏهين قوت بہ نہ چئبي، بلڪ مثل گڏهن جي، جيڪي پنهنجن پٺن تي بار ڪڍن ٿا،جيڪڏهين انهي حقيقت انساني جي قدرت رکن ها تہ بلفعل انهن ۾ ظاهر ٿئي ها. مولاناجلال الدين رومي فرمايو آهي.

اَلشَّقِيُّ مَنْ شَقِيَ فِيْ بَطْنِ اُمٍّ
اَلسَّعِيْدُ مَنْ سَعِدَ مِنْ بَطْنِ اُمٍّ

يعني: نحس ماءُ جي پيٽ ۾ نحس آهي ۽ سعد ماءُ جي پيٽ ۾ سعد آهي ۽ ماءُ جي پيٽ ڪان مراد صفتون آهن، جيڪڏهين انهن صفتن ۾ چڱا هجن، تہ ظاهر ۾ نحس نہ ٿين،

www.maktabah.org

چو جو تارا ڪي نحس آهن، ڪي سعد آهن، پوءِ نحس جيڪڏهين حقيقت ۾ سعد هجن تہ ظاهر ۾ نحس نہ ٿين ۽ اها مڙيئي جلال ۽ جمال جي جدائي ڪان آهي.

۹۱ ڪنز * فرمايائون تہ بعضي وقتن ۾ عارف ڪي ڪثرت ۾ سواءِ هن مخلوق جي الله جل جلاله جي ذات جلوو ڏي ٿي، جڏهين چڱي طرح فڪر ڪجي ٿو تہ اها ذات اصل حقيقت ۾ انسان ڪامل جي حقيقت آهي، پر اها ڳالهہ سيڪنهن جي سمجهہ ۾ نہ ايندي، چوجو جيڪي نڌين ۽ تلاون ۾ آهي درياءُ ڪان آهي. جڏهين انسان ڪامل اصلي وجود ۾، قرب ذات جي سببان جائي ظاهر ٿيڻ مڙني مخلوقن جي آهي، پوءِ گهيرو ڪندڙ، مڙني مخلوقن ڪي چئبو ۽ پيدا ڪرڻ ۾ الله جل جلاله جي ذات مڙني ڪي هڪ جهڙي ويجهي آهي. مگر وصول ۾ ذات جو قرب خاص پانهن ڪي گهڻو حاصل آهي، چو جو پيدائش ۾ سڀ ڪو شخص ظاهر ٿي زيادتي حاصل ڪيائين ۽ وصول ڪي هرڪو نٿو پهچي ۽ عبديت جو درجو وحديت جي درجي ڪان گهٽ آهي چو جو وحدت اجمال آهي ۽ عبديت ۾ تفصيل آهي.

۹۲ ڪنز * فرمايائون تہ جيڪي اولياءَ الله جا خلق مان مذهب "همہ اوست" يا "همہ از اوست" جي مان ذات الله جل جلاله جي ثابت ٿا ڪن. حقيقت ۾ اهو اثبات انسان جي حقيقت جو آهي، ڇا لاءِ جو وجود پيدائش ۾ اول آخر انسان جي حقيقت آهي بلڪل پيدائش ۾ سواءِ ان جي ٻيو ڪو ٿول پيدا نہ ٿيو ۽ الله جل جلاله جي ذات وجود ۽ شهود ڪان پاڪ آهي.

۹۳ ڪنز * فرمايائون تہ جهڙي طرح انبيائن عليهم السلام تي ذلتون (ايذاءَ) وارد ٿيون آهن، اوليائن الله جل جلاله جي تي نہ ٿين ٿيون، پر انبيائن تي ظاهر هيون، جهڙي جنگ ۽ پريشاني ۽ مرض سخت ۽ ٻيون بلائون سخت ۽ اوليائن تي مخفي باطن ۾ نزول قبض جو گهڻا پيرا ٿئي ٿو، اهو نزول سببان ڪماليت ولايت جي آهي، سببان مشرب ان نبي عليهم السلام جي جو خاص ان

www.maktabah.org

سان هو، ۽ ذلت (ايذاءَ) جو وارد ٿيڻ موافق مشرب ان نبي عليه السلام جي آهي جا ذلت (ايذاءُ) خاص ان نبي عليه السلام سان هئي، ۽ اها ذلت (ايذاءُ) هڪ بار آهي، جهڙي طرح حافظ شيرازي عليه الرحمة فرمايو آهي:

بيت

آسمان بار امانت نتوان است کشيد
قرع اين کار بنام من ديوان زدند

اهو ذڪر جو گذريو سو ولايت وليءَ جي ڪان نہ آهي، جنهن کي ولايت "ولايت صغريٰ" چوندا آهن، بلڪ اهو مخصوص مرتبن ولايت انبيائن عليهم السلام جي ساڻ آهي ۽ مرتبي ولايت جي ڪي، هڪ ٻئي کان زيادتي آهي ۽ اڳي پوءِ هوندا آهن ۽ ڪماليتون ولين جون هڪ ٻئي کان هيٺ مٿي آهن ۽ ذلتون (ايذاءُ) اهڙي طرح آهن جو ان کي ولايت ۾ قبض چون ۽ مرتبن نبوت جي ۾ بلائون ۽ ذلت (ايذاءُ) چون "اَشَدُّ الْبَلَآءِ عَلَي الْاَنْبِيَآءِ ثُمَّ عَلَي الْاَوْلِيَآءِ" يعني سخت بلائون نبين تي تنهن کان پوءِ ولين تي ۽ جيڪي اولياءَ نبين جي پيروي تي سچا آهن انهيءَ سببان ڪماليتون ۽ بلائون نازل ٿين.

بيت

هر بلا کہ اين قوم را حق داده است
زير گنج کرم بنهاد است

يعني : جيڪا بلا اوليائن کي الله جل جلاله ڏني آهي، انهيءَ هيٺ خزانو احسان جو ڳجهو آهي. اها بلا سيڪنهن کي نہ ملندي مگر جيڪي نبين جي ولايت سان خاص آهن، انهن کي ملندي ۽ ڪماليتون اسان جي نبي عليه الصلواة والسلام جون سيني نبين عليهم السلام جي ڪماليتن کان مٿاهيون آهن ۽ مرتبو سندن مڙني نبين جي مرتبي کان مٿي آهي، ۽ ذلتون (ايذاءَ) سندين مڙني نبين جي ذلتن (ايذائن) کان وڌيڪ آهن، جهڙي طرح مڙني نبين عليهم السلام جون ذلتون (ايذاءَ) سندين ذلتن (ايذاءَ) اڳيان هڪ ڦڙي جي مثل آهن، جو پاڻ فرمايو اٿن حديث

www.maktabah.org

شريف ۾ "مَا اُوْذِيَ نَبِيٌّ مِّثْلَ مَا اُوْذِيْتُ" يعني اسان جهڙو ايذاءُ ڪنهن نبي کي حاصل نہ ٿيو آهي ۽ اهي بلائون انهيءَ سببان ٿيون ملن، تہ انهن بلائن ۾ گرفتار ٿي ۽ ايذاءَ جي سببان ڪماليتون حاصل ٿينس، ۽ انهيءَ ڳالهہ کي پهچڻ کان سواءِ سمجهڻ مشڪل آهي.

بيت

سر است در اين سينہ کہ گفتم نتو انيم
دريست در اين بحر کہ شفتن نتوانيم
مشکل همہ اين است کہ مشکل خودرا
گفتن نتوانيم نهفتن نہ تنوانيم

يعني اسان جي سيني ۾ هڪ ڳجهہ آهي، جنهن کي بيان ڪري نٿو سگهجي. ۽ سيني جي درياءَ ۾ هڪ موتي آهي، جنهن کي پيو نٿو سگهجي اسان کي مشڪل اها آهي جو پنهنجي مشڪل کي نڪي بيان ڪري ٿو سگهجي. نہ ڪي لڪايو ٿو سگهجي.

٩۴ ڪنز * فرمايائون تہ اسان جي فڪر ۾ "مشاهدو علمي" "مشاهدي عيني" ڪان وڌيڪ آهي. ڇاڪاڻ تہ مشاهدي عيني لاءِ وقت ضرور گهرجي ۽ مشاهدو علمي هميشہ لاءِ آهي، پوءِ هميشگي وارو مشاهدو وقتي ڪان وڌيڪ آهي ۽ صاحب مشاهدي عيني جي ڪي وقت ضرور گهرجي ۽ ان لاءِ وقت سبب آهي ۽ مشاهدي علمي ۾ وقت ۽ سبب نہ آهي. پر جڏهين وقت بہ هميشہ ٿي پوندو تڏهين مشاهدو عيني ڦري علمي ٿيندو ۽ اهو علم اهونہ آهي، جو ڪڏهين ظاهر ۽ ڪڏهين ڳجهو هجي اهو علم اهو آهي، جو سندس نزول ڪان پوءِ هميشہ هوشياري، حاصل ٿئي ٿي. ۽ انهيءَ علم جي گهرڻ لاءِ حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم کي الله تعاليٰ امر ڪيو آهي. "قُلْ رَّبِّ زِدْنِيْ عِلْمًا" پوءِ جهڙي طرح احوالن جي وچ ۾ هستيءَ جي نفي ٿيڻ سببان جذبن ۽ احوالن جي زيادتي سان نوان علم ناهڻ حاصل ٿين ٿا ۽ هتي ڪماليت پڄاڻا فناءَ جي، بقاءَ وجود جي متابعت سان حاصل

www.maktabah.org

ٿئي ٿي ۽ علم کي گهڻي زيادتي حاصل آهي، جو اسرار قرآن ۽ رمزون حديثن نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جون حاصل ٿينديس. جي ڳڻڻ ۽ تفصيل کان ٻاهر هونديون ۽ اشارو حديث شريف جو "اِنَّ لِلْقُرْآنِ ظَاهِرٌ وَّبَاطِنٌ" يعني قرآن جي لاءِ ظاهري معنيٰ ۽ باطني وارد آهي ۽ مرتبي نبوت جي ۾ نزول وحي جو هوندو ۽ مرتبي ولايت جي ۾ موافق امر الله تعاليٰ جل جلاله جي ۽ متابعت شريعت محمد ڪريم صلي الله عليه وسلم جي الهام هوندو. ان مرتبي ۾ سيڪنهن طالب جو اچڻ مشڪل آهي، مگر جنهن کي الله جل جلاله گهري "ذَالِکَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ وَاللّٰهُ ذُوالْفَضْلِ الْعَظِيْمِ"

٩٥ ڪنز * هڪ پيري هن آيت شريف جي معنيٰ اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ "مَثَلُ الَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ" بيان فرمايائون ته جيڪي شخص پنهنجا مال عضون جا الله جل جلالهٗ جي واٽ ۾ خرچ ٿا ڪن، "كَمَثَلِ حَبَّةٍ اَنْبَتَتْ سَبْعَ سَنَابِلَ" سي مال مثل داڻي جي آهن، جنهن مان الله جل جلالهٗ ست سنگ جي مراد ستن حصن جي ڪان آهن. سميع، بصير، عليم، ڪليم، مريد، قدير، حيّ "فِيْ كُلِّ سُنْبُلَةٍ مِائَةُ حَبَّةٍ" سيڪنهن سنگ سئو داڻا اسرارن غيب جا "وَاللّٰهُ يُضَاعِفُ لِمَنْ يَّشَآءُ" جيڪڏهين اجان به زياده ڪندو. ظاهر آيت سڳوري عالمن جي خيال ۾ صدقي جي بيان ۾ آهي، ته ماڻهو صدقي ڏي رغبت ڪن، آيت سڳوريءَ جي ٻي معنيٰ هي آهي ته مال مان مراد وجود عنصري آهي. جنهن کي الله جل جلاله جي واٽ ۾ فنا ٿا ڪن. ان مان ست سنگ يعني ست لطيفا نفسي قلبي روحي سري خفي اخفيٰ ستون مڙيئي عناصر ۽ ان هر هڪ کي سو قسمن جا نور آهن. جيڪڏهين الله جل جلالهٗ گهرندو ته اجان به زياده ڪندو.

٩٦ ڪنز *فرمايائون ته جيڪڏهين فڪر سان مشغولي ٿي ڪجي ته اهڙي طرح جذبو هڪ طرف ٿو وڃي وڃي، جو هن جهان کان ڪو جزو نٿو رهي، جيڪڏهين ماڻهو فڪر ماري ويٺو آهي ته وحدت پنهنجي جاءِ ۽ ڪثرت پنهنجي جاءِ نظر ۾ ٿي اچي جنهن

www.maktabah.org

۾ فڪر جي بند ڪرڻ جو ڪو احتياج نہ آهي.

۹۷ ڪنز * فرمايائون تہ جيڪڏهين ڪنهن شهر ڏانهن وڃبو تہ اهڙي واٽ وٺڻ گهرجي جنهن مان آسانيءَ سان شهر کي پهچي سگهي پوءِ فرمايائون تہ واٽ مان مراد جهان جا مخلوق آهن ۽ شهر کان مراد مقام جمع الجمع جو آهي، پوءِ جيڪو اها واٽ وٺي ويندو سو جلد انهيءَ مقام کي پهچندو، وري فرمايائون تہ جيڪڏهين مخلوقن جي صورتن ۾ نظر ٿي ڪجي تہ هڪ نظر سان وحدت کي ٿو پهچي.

۹۸ ڪنز * فرمايائون تہ ننڍو ڇوڪر جنهن کي عقل نہ آهي، تنهن کي جيڪڏهين پنهنجي ملڪ کان آڻي ٻئي ملڪ ۾ ڇڏجي، پوءِ جيڪڏهين عاقل ٿيندو تڏهين ان کي پنهنجي نالي ۽ ذات جي خبر نہ هوندي، جهان ۾ پريشان هوندو، جڏهين بخت همراه ٿيندس تڏهين ڪوئي ماڻهو سندس وطن کان ايندو جو سندس پريشاني لاهيندو ۽ سندس نالي ۽ ذات جي خبر ڏيندس تڏهين تمام خوش ٿيندو، اهڙي طرح طالب جو پهرين عام ماڻهو جي مثل بي فائدو دنيا جي ڪمن ۾ خوار ۽ خراب آهي، تڏهين مثل ان ڇوڪري جي آهي، جنهن کي پنهنجي نالي ۽ ذات جي، جا حقيقت ۾ خبر هئي سا نہ اٿس، جڏهين ان کي معنيٰ جي ملڪ جي ڪامل واقفيت نالي ۽ حقيقي ذات جي خبر ڏيندو تڏهين ان جي صحت سان عارف ٿي بادشاه جي مثل ٿيندو.

۹۹ ڪنز * فرمايائون تہ مثل انسان جي الله جل جلاله مخلوق ۾ چڱن ڪمن يا بيڙن ۾ ڪنهن بہ ٽول کي هلڪائي نہ آهي، جهڙي طرح جيڪڏهين بيڙن ڪمن ۾ مشغول آهي تہ خلق جو رئيس آهي، ۽ جيڪڏهين چڱن ڪمن ۾ مشغول آهي تہ جهان جو سردار آهي، ڇو جو جيڪي جهان ۾ موجود آهي، ذڪر پتر خواه حيوان، سڀ انسان کان موجود ٿيا آهن ۽ اصل انهن ٻنهي صفتن جو يا جلال هوندو يا جمال ڇو جو بعضي پڪي حيوان جن جو ڪائڻ حلال آهي، اهي جمال جي صفت کان آهن، ڇوجو ان کان سيڪنهن

www.maktabah.org

کي نفعو حاصل آهي، نہ ايذاءُ بعضي حيوان ۽ پکي جلال جي صفت کان آهن، ڇو جو انهن کان سيڪنهن کي ايذاءُ حاصل آهي. پوءِ جيڪڏهين انسان هن جهان جي وصفن ۾ آهي تہ سندس طبيعت خلق جي جهان کان آهي، ۽ سردار نڪرن ۽ ترن حيوانن جو آهي، اهو انسان جلال جي وصفن کان آهي، ۽ ان کان ايذاءُ ۽ نقصان حاصل ٿيندو ۽ جيڪڏهين هن جهان کي ڇڏي حقيقت ڏي موٽندو، جو ات سندس ذات حقيقي آهي، جا تفسيلوار ان کان ظاهر ٿي آهي. اتي ملڪوت جو جهان ان کي ظاهر ڏسڻ ۾ ايندو. في الحقيقت اهو جهان ملڪوت جو بہ ان کان پيدا ٿيو آهي، ان مرتبي ۾ پسنديده ملڪوتي وصفون ۽ روحاني چڱيون عادتون حاصل ٿيندس، جڏهين انهيءَ حقيقت کان لنگهي نالي الله جل جلاله جي کي پهچندو، تڏهين عادتون الله تعاليٰ جل جلاله جون حاصل ٿيندس، جو حديث شريف ۾ آهي "تَخَلَّقُوْا بِاَخْلَاقِ اللّٰهِ تَعَالٰي" يعني الله تعاليٰ جل جلاله جون عادتون حاصل ڪريو. ان مرتبي ۾ الله جل جلاله جي مڙني صفتن جو جامع ٿيندو ۽ جڏهين الله جل جلاله جي نالي کان لنگهي، سندس ذات کي پهچندو، تڏهين سندس وجود کي "جهان خلق" ۽ "جهان امر" جي کان نفي ڄاڻندو پاڻ ۾ ڪو نيشان نہ ڏسندو، پوءِ جڏهين نزول حاصل ٿيندس تڏهين لباس شريعت محمدي صلي الله عليه وآله وسلم جو ڍڪائيندس، پوءِ حقيقيون مٿاهيون ۽ هيٺاهيون حاصل ٿيندس، سيڪنهن شي کي پنهنجي دل جي آرسي ۾ ڏسندو ۽ جنهن کي ڳوليندو سو پاڻ ۾ ڏسندو. مولانا جامي عليه الرحمة فرمايو آهي

آدمي چيست بر رخ جامع = صورت خلق حق دارد واقع
نسخہ محمل است مضمونش = ذات حق وصفات بيچونش

١٠٠ ڪنز * فرمايائون تہ مقام ولايت جي ڪماليت هي آهي جو ضديت کي "نفي" ڪري جهڙي طرح شريعت ۽ طريقت، حقيقت ۽ معرفت هڪ شيءِ ڄاڻي ۽ جهڙي طرح وچ طريقت جي ۾ انهن چئن ۾ مخالفت هوئي، ڪماليت کان پوءِ چئني کي هڪ وجود ۾ ڄاڻي.

www.maktabah.org

۱۰۱ **کنز** * فرمايائون تہ ڪماليت معرفت جي نزول ۾ آهي ۽ نزول هي آهي جو "اَلنِّهَايَاتُ هُوَ الرُّجُوْعَ اِلَي الْبِدَايَةِ" يعني نهايت کان پوءِ وري رجوع اول ڏي ڪري، ڇالاءِ جو معرفت "خَلَقْتُ الْخَلْقَ" ۾ آهي، جهڙي طرح حديث قدسي ۾ آهي "كُنْتُ كَنْزًا مَخْفِيًّا فَاَحْبَبْتُ اَنَا اَعْرِفَ فَخَلَقْتَ الْخَلْقَ لِاَعْرِفَ". اهڙي طرح سالڪ کي جڏهين عروج جو مرتبو حاصل ٿئي تڏهين ان کي وري نزول ڪرائيندا. صفتن جي ڪماليت لاءِ. وري فرمايائون تہ بعضي ٽولي مريدن کي اول حالت ۾ وحدت جو مشاهدو ڪثرت ۾ حاصل ٿئي ٿو، پر اهو مشاهدو مرشدن جي رابطي سببان آهي، ڇو جو مرشد ۾ مڙيئي ڪماليتون بلفعل موجود آهن. ۽ مريد کي بہ ان آرسيءَ جي پاڇي سببان، اهو مشاهدو حاصل ٿئي ٿو. جڏهين ان کي انهي حالت کان زيادتي ٿيندي، تڏهين اهو مشاهدو ڪثرت وارو نفي ٿي ويندو. ۽ جڏهين ان کي عروج ڪرائي اصل کي پهچائيندا تڏهين وري نزول ڪرائيندس، جو خلق جي جهان ۾ (ٽولن) شين جون حقيقتون مشاهدي ۾ ايندس.

۱۰۲ **کنز** * اکثر وقتن ۾ هي بيت ٿي فرمايائون

عارف همه بينند اندر ابل = کہ درخوف رويان چين وچگل

يعني: عارف کي جيڪو حسن محبوب هن جهان جي ۾ نظر ايندو سوئي ان کان حاصل ٿيندس.

۱۰۳ **کنز*** فرمايائون تہ نزول ڪامل هي آهي، جو عارف جي نظر ۾ وحدت پنهنجي جاءِ ۽ ڪثرت پنهنجي جاءِ هجي، هڪ ٻئي کي منع نہ ڪن، انهيءَ وقت جيڪڏهين عارف ڪثرت ڏي ميل ڪندو تہ اهو ميل حق لاءِ ڇئبو، ڇو تہ دوستي الله جل جلاله جي سببان ڪثرت ڏي ميل ٿو ڪري، مجني جي مثل، جنهن ڪتي کي، جو ليلان جي گهٽيءَ کان ٿي آيو، تنهن کي پير تي چمي ڏني.

بيت

پائي سگ بوسيد مجنون خلق گفتش ازين چہ سود
گفت اين گاهي گاهي کوئي ليلا رفت بود

www.maktabah.org

۱۰۴ کنز * فرمايائون تہ جيڪي شخص آرسيءَ ۾ پاڇي کي ٿا پائين، في الحقيقت اهو پاڇو آهي، صورت نہ آهي، ڇوجو صورت پنهنجي جاءِ آهي ۽ آرسي پنهنجي جاءِ ۽ عارف ڪامل هنن دنوي شين کي، وحدت جي نور کان ڏسندو، نہ خود ڪري ڄاڻندو، مثل وڻ جي ۽ پاڇي جي، ڇوجو پاڇو دلالت ٿو ڪري وڻ جي وجود تي.

بيت

هرچہ هست از بلندي وپستي = همہ ز او يافت صورت هستي

۱۰۵ کنز * فرمايائون تہ جيڪو تفاوت معرفت ۾ آهي اهو سالڪ جي نظرکان آهي، ڇاڪاڻ تہ سالڪ کي بعضي وقتن ۾ حسن ۽ قبح ٻئي نظر ٿا اچن ۽ ڪڏهن فقط حسن نظر ٿو اچي، ڪڏهين نہ حسن نہ قبح، نہ نور، فقط الله جل جلالہٗ نظر ۾ ٿو اچي.

۱۰۶ کنز * فرمايائون تہ اڪثر موحدن توحيد جي حالت ۾ هن ڳالهہ جو اقرار ڪيو آهي تہ مڙيئي الله جل جلاله آهي ۽ حضرت خواجہ سيد آدم بنوري قدس الله سره فرمايو آهي" مڙيئي نہ آهن، فقط اهو الله جل جلالہٗ آهي "۽ حضرت خواجہ مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه فرمايو آهي تہ "مڙيئي الله جل جلالہٗ کان آهين". هن فقير انهن ٽولن جي قولن جي جدائي لاءِ حضور شريف ۾ عرض ڪيو، پاڻ فرمايائون تہ جدائي انهن ٽنهي قولن ۾ ظاهر آهي، ڇاڪاڻ جو مقام "همہ اوست" جا ٽي حال آهن، بعضي صاحبن انهيءَ حال جي سببان فڪر جي انهيءَ قول کي اقرار ڪيو اٿن ۽ جاءِ فڪر جي "قلب" آهي ۽ "قلب" جاءِ علم جي آهي. پوءِ علم اليقين جي غلبي کان، مڙيئي ڪثرت ۾ مشاهدو علمي حاصل ڪريو، وحدت جو اثبات ڪن ٿا ۽ بعضن "خيال" سان انهيءَ قول جو اقرار ڪيو آهي ۽ "خيال" جي جاءِ دماغ آهي. دماغ ۾ جيڪو قاعدو خيال سان ناهبو، تہ انهيءَ مان خيال ڪيل صورت حاصل ٿيندي، پوءِ قوت خيال جي غلبي سببان خيال ڪيل صورت، انهن جي اڳيان سيڪنهن وقت حاضر آهي، مگر

www.maktabah.org

انهن ٻنهي حالتن کي اعتبار نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ جيستائين انهن حالتن جي صاحبن کي، بدن جي قوت ۽ علم جي سمجهہ طبيعت ۾ موجود هوندي، البت انهي فڪر ۽ خيال کان انهن کي نفعو ۽ لذت حاصل ٿيندي ۽ موت جي وقت جڏهين فڪر ۽ خيال ٻئي فاني ٿين ٿا، تڏهين انهن کي ڪو نفعو حاصل نہ ٿيندو، اتي مرشد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه جو مثال بيان فرمايائون تہ سانديل چتونءَ کي ڳالهائڻ استاد کان حاصل ٿئي ٿو، مگر جنهن وقت ان کي ٻلو وٺندو، تڏهين مڙيئي ڳالهائڻ وسري ويندس، پنهنجي اصلي زبان سان دانهون ڪندو، پوءِ فرمايائون تہ جيڪڏهين وڏي همت وارو طالب سچي محبت سان انهيءَ حال تي صبر نہ ڪندو بلڪ مقصود حاصل ڪرڻ لاءِ سعيو ڪندو، جو اهو مقصود فڪر ۽ خيال کان ٻاهر آهي ۽ ڪسب کي ڇڏي الله جل جلاله جي بخشش ڏانهن اميد رکندو، تہ البت جذبو بخشش الهي جو همراه ٿيندس ۽ حالت حقيقي کي پهچائيندس، انهيءَ حالت کي هميشه بقا آهي ۽ اهڙي سالڪ کي سالڪ مجذوب چوندا آهن. انهيءَ حالت ۾ ان کي فناءِ قلبي حاصل ٿيندو آهي. اهو اوليائن جي جماعت کان آهي ۽ بعضن کي بخشش الهي غيب کان، انهيءَ حالت ۾ ري خيال ۽ فڪر جي حاصل ٿي ۽ انهن کي استغراق جي حالت ۾، جو انهن جي نظر ۾ غيريت بلڪل نہ رهندي آهي، وحدت کي ڪثرت ۾ صورت ۽ حقيقت ڪندا آهن ۽ "جن مڙيئي نہ آهي مگر الله جل جلاله چيو" (همہ اوست) (لا اله الا الله) آهن.اهو اهڙي طرح آهي جو هي ظاهري صورتون هن جهان جون حقيقتون انهن جي نظر ۾ شهود جي غلبي کان الله جل جلاله جي ذات جي نور ۾ فاني ۽ محو آهن، پوءِ لاچار مخلوقن جي وجود نہ هئڻ سبب اهڙي طرح چيائون "مڙيئي نہ آهن، مگر الله جل جلاله" وحدت الوجود وارن وٽ وحدت اها آهي ۽ بعضي اهل الله جن کي بخشش سببان ۽ نوازش الهي ۽ معرفت وحدت الشهود جي حاصل ٿي. ۽ مڙني حقيقتن کي چڱي طرح پروڙيائون ۽ انهن مان هڪ خواجہ علاوالدولت سمناتي قدس الله سره آهي، جنهن ظاهري قول

www.maktabah.org

چيو آهي ۽ بعضن اشاري طور چيو آهي ۽ پوين بزرگن مان هڪ خواجہ حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه ۽ ان جي تابعن اهو قول چيو آهي، انهيءَ جو مثال هي آهي جو تکي نظر سببان سج هوندي تارا پيا ڏسن. يعني الله جل جلاله جي ذات جيڪا سج حقيقي آهي، ان جي موجود هئڻ وقت ڪثرت کي جدا جدا ڏسن ٿا، جيڪا ڪثرت تارن جي مثال آهي ۽ انهن جي نظر ۾ ڪثرت پنهنجي جاءِ آهي ۽ وحدت پنهنجي جاءِ آهي. هڪ ٻئي کي منع نٿا ڪن، "اهو مرتبو اعليٰ آهي" وحدت الوجود جي مرتبي کان ۽ جماعت اولياءِ الله فنا ٿيلن کي حاصل ٿيو. "ذَالِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ وَاللّٰهُ ذُوالْفَضْلِ الْعَظِيْمِ" پوءِ فرمايائون تہ انهن ٽنهي جماعتن جي تفصيل جو بيان تقرير کان ٻاهر آهي، جو ان بيان لاءِ ڪتاب گهرجن ۽ گهڻن اڳين بزرگن ان جو تفصيل ڪيو آهي ۽ اسان کي جيڪي ڏسڻ ۾ آيو آهي، اهو مجمل بيان ڪيوسون ۽ گهڻي کان ٿوري تي پورائو ڪيوسون. جو "اَلْقَلِيْلُ يَدُلُّ عَلَي الْكَثِيْرِ" يعني ٿورو گهڻي تي دلالت ٿو ڪري، وري فرمايائون تہ پهرين مقامن ۾ البت سڪر جي بوءِ باقي آهي. ۽ پوين مقامن ۾ مڙيئي هوشياري آهي، جنهن ۾ سڪر کي طاقت نہ آهي.

۱۰۷ ڪنز * فرمايائون تہ معرفت جو مقام مڙني کان مٿي آهي. ان مقام جي حاصل ٿيڻ کان پوءِ ٻيو ڪو مقام مٿي نہ آهي ۽ معرفت ۾ خيال ۽ فڪر آهي ۽ جتي خيال ۽ فڪر آهي تہ ات معرفت نہ آهي.

۱۰۸ ڪنز * فرمايائون تہ ڪي ٿا چون تہ ٻانهي جي صورت حقيقت آهي ۽ اسين ٿا چئون تہ ٻانهي جي صورت ۽ حقيقت الله جل جلاله آهي.

۱۰۹ ڪنز * فرمايائون تہ معرفت پوري مرتبي خلقت الخلق جي ۾ آهي، ڇالاءِ جو اتي اجمال تفصيل ۾ واقع آهي ۽ معرفت جي صاحبن کي هن جهان ۾ ٻہ معرفتون آهن، بعضن کي هن

www.maktabah.org

جهان ۾ وحدت حاصل آهي، پر اهو بہ اجمال آهي ۽ تفصيل معرفت جو هي آهي جو ڪثرت ۽ وحدت ڪي جدا جدا ڏسي، تان امرن ۽ نهين ۽ عبد ۽ رب جي وچ ۾ فرق ڄاڻي.

۱۱۰ ڪنز* هڪ پيري هن فقير کي فرمايائون تہ اڄ نماز لاءِ ٽي آياسين تہ واٽ تي نظر ڪثرت تي پيئي، ڪثرت وحدت کان جدا نظر ۾ آئي، ان وقت لذت تمام گهڻي حاصل ٿي، وري پنهنجي وجود ۾ نظر ڪئي سون تہ وجود بمثل ڪثرت جي، وحدت کان جدا ڏسڻ ۾ آيو، پوءِ فرمايائون تہ ڪثرت عارف جو وجود آهي، وري فرمايائون جنهن معرفت ۾، عبد ۽ رب عارف جي نظر ۾ جدا اچي ٿو تہ معرفت ۾ تمام نعمت ۽ لذت حاصل آهي.

۱۱۱ ڪنز* فرمايائون تہ جيڪڏهين ڪنهن وقت ڪو خطرو يا ڪا صورت نماز جي وچ ۾ دل ۾ اچي ٿي، تہ انهيءَ وقت وحدت جي رنگ سان ظاهر ٿئي ٿي، پوءِ فرمايائون تہ خطرو بہ اصل آهي. وريو اصل ۾ غائب ٿئي.

۱۱۲ ڪنز* فرمايائون تہ هميشه واقفيت جو بعضن ان کي معرفت جو مقصود ڪيو آهي، جهڙي طرح حديث شريف ۾ آهي "مَنْ عَرَفَ نَفْسَهٗ فَقَدْ عَرَفَ رَبَّهٗ" يعني: جنهن پنهنجي نفس کي سڃاتو تنهن پنهنجي رب کي سڃاتو، پوءِ جڏهين نفس جي سڃاڻ کان الله جل جلاله جو سڃاڻ حاصل ٿيندو آهي، تڏهين غيرت نہ رهي، پوءِ واقفيت جو احتياج نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ سڀڪو پنهنجي وجود کان هميشه واقف آهي، مولانا حڪيم سنائي قدس الله سره فرمايو آهي:

کارنادان کوته انديش است = ياد کردن کسي کہ درپيش است

يعني جيڪا شي پنهنجي اڳيان هوندي، تنهن کي ياد ڪرڻ ناداني آهي ۽ مخدوم عبدالرحيم صاحب عليه الرحمة فرمايو آهي: حاضر جي جواب ۾ چوندا آهن تہ ٻوڏ ٻوڏ.

۱۱۳ ڪنز* فرمايائون تہ الله جل جلاله جو، ظاهر ۽ باطن

www.maktabah.org

انسان جي ظاهر ۽ باطن ۾ موجود آهي، پوءِ جيڪڏهين ڪو شخص الله جل جلاله جو ظاهر ڳولي ته ظاهر انسان جي ۾ حاصل ڪندو جو اها صورت محمدي صلي الله عليه وآله وسلم آهي ۽ جيڪڏهين ڪو شخص الله جل جلاله جو باطن ڳولي ته باطن انسان جي ۾ حاصل ڪندو، جو انسان جي باطن مان ظاهر ٿيندو ۽ طريقت جا سالڪ جي عروج جي وقت الله جل جلاله کي مخلوقن کان سواءِ ٽا ڳولين ۽ گهٽا سال طلب ۾ سعيو ڪيو اٿن، آخر موڙي مقصود پنهنجي گهران حاصل ٿين. هڪڙي بزرگ فرمايو آهي:

بيت

اين نسخه نامه الهي که توئي
وي آئينه جمال شاهي که توئي
بيرون ز تو نيست هر چه در عالم است
از خود به طلب هر آنچه خواهي که توئي.

يعني تون هڪ ڪتاب الله جل جلاله جو آهين ۽ آرسي الله جل جلاله جي آهين، توکان سواءِ ٻيو جهان ۾ ڪجهه به نه آهي ۽ جنهن جي طلب ڪرين سو پاڻ ۾ نهار.

۱۱۴ ڪنز* فرمايائو ته هي ڪهڙو سبب آهي جو خلق جي معرفت ۾، غيرت جو وجود به مقصود آهي، باوجود ان جي خلق کان طبيعت تي ڳرائي حاصل ٿئي ٿي، پوءِ فرمايائون ته توحيد ۾ ڪو پردو نه آهي، پر اها ڳرائي جلاليت کان آهي جو جلاليت جو ظهور قهر جو سبب آهي، ڇاڪاڻ جو جيڪا ذلت عارف کي حاصل ٿيندي، تنهن کان پوءِ ضرور عزت حاصل ٿيندس، ۽ اها ڳرائي خلق کان نبين عليهم السلام کي به هئي، جو اڪثر خلق کان ڀڄي ويا هئا. ۽ انهن جي معرفت ۾ ڪو نقصان نه هو پر اها ڳرائي جلال جي اثر کان آهي.

۱۱۵ ڪنز* فرمايائون ته جنهن کي پاڻ ڏي ڪونيندا، اهو مقصد جي حاصل ڪرڻ تائين، جيڪي ڪندو تنهن ۾ ان کي عتاب نه آهي، ڇاڪاڻ جو اهو مطلوب آهي ۽ جيڪا شيءِ مطلوب

www.maktabah.org

کان ظاهر ٿيندي، تہ ان تي عتاب نہ آهي. جڏهين مقصود حاصل کندو ۽ آرام لهندو، تنهن کان پوءِ ضرور تابع ۽ راضي رضا تي رهندو ۽ وار جي قدر تفاوت نہ کندو ۽ جيڪڏهين تفاوت کندو تہ ويجهڙائي حاصل نہ ٿيندس ۽ وقت نہ حاصل ڪرڻ، مقصود جي امر کان مخالف رهڻ ۾ قربت حاصل آهي ۽ مقصود حاصل ڪرڻ کان پوءِ وار جي قدر تفاوت ڪرڻ ۾ پر ايهو بہ آهي ڇو جو پهريون درجو محبوبيت جو هو. ايهو جذبو الله جل جلاله جي طرف کان آهي ۽ محبوب کان جيڪي ظاهر ٿيندو اهو عاشق کي نظر ۾ چڱو ايندو ۽ پويون مرتبو نزول جو آهي، جنهن ۾ عبد ۽ رب جو تفاوت ضرور رکندو، تڏهين مٿين مرتبن جي حالت کان ضرور گوشو کندو، "رَبَّنَا ظَلَمْنَا اَنْفُسَنَا وَاِنْ لَّمْ تَغْفِرْ لَنَا وَتَرْحَمْنَا لَنَكُوْنَنَّ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ" هميشه وارو کندو ۽ ٽي فرمايائون تہ هوشياريون بہ آهن، هڪ جو تعلق ولايت سان آهي، اهو هڪ وقت آهي جو سالڪ کي نشي کان ٻاهر آڻي، هوشياري ڏي واري نشو ڏيندس ۽ ٻي هوشياري نبوت سان آهي، جا نبين کي حاصل آهي، ۽ هميشه هوندي، جو مڙيئي وقت خلق جي دعوت سان مشغول هئا ۽ خلق جي بار کڻڻ کان انڪار نہ ڪيائون، هوشياري جو مقام مٿاهون مقام آهي، پر ايذاءَ جو کڻڻ ۽ نظر خلق جي ڪمن ۾ سو پڻ تہ چڱا آهن يا بچڙا تمام ڏکيو آهي. هن امت جي بعضي اوليائن کي، متابعت جي سببان اهو مقام حاصل آهي ۽ نشي ۾ سالڪ جو منهن جمع ڏانهن آهي ۽ ڪثرت کان آجو آهي.

١١٦ ڪنز* فرمايائون تہ گهٽا طريقت جا سالڪ آخر فنا کان پوءِ بقا حاصل ڪندا آهن، انهن جو نهايت سير انهيءَ درجي تائين آهي ۽ انهيءَ درجي تي خوش ٿيندا آهن ۽ وڌيڪ طلب نہ ڪندا آهن ۽ انهن جي عيوض آخرت جي لقاءَ جو هتي مشاهدو حاصل ڪيائون. ٻيا اولياءَ آهن، جن بقا ڏي ميل نہ ڪيو آهي، فقط فنا تي صبر ڪيو اٿن ۽ انهن ٻنهي جماعتن جي قوتن جو تفاوت ظاهر آهي، جو هن پوئين جماعت جو فناءُ حياتيءَ تائين هوندو، بقاءَ ڏي رجوع بلڪل نہ ڪندو ۽ الهام سان صحيح ڄاتو

www.maktabah.org

آهي تہ مڙني مرتبن کان مٿاهون مرتبو آخرت جو لقاءُ آهي، انهيءَ سببان فناءَ کي اختيار ڪيائون ۽ بقاءَ ڏي ميل نہ ڪيائون، مولانا جامي قدس الله سره فرمايو آهي.

از فراق دوستان بر سينہ دارم دا غها
بار ميرد هر کسي بيچاره جامي بارها

يعني دوست جي فراق کان منهنجي سيني تي داغ آهن ۽ سيڪو شخص هڪ دفعو مرندو آهي ۽ جامي جو مرڻ ذري ذري آهي ۽ هنن جو فنا جماعت کان ڪي حصا وڌيڪ آهي، بلڪ انهن جو بقا، هنن جي فناءَ سان قطري جي مثل برابر نہ ايندو، شيخ سعدي عليه الرحمةُ فرمايو آهي.

نہ حسنش آخرين دارد نہ سعدي را سخن پايان
بميرد تشنہ لب مستسقي و دريا همچنان باقي.

اهو حسن ان فناءِ کان آهي. جنهن جي حد نہ آهي هن امت جي بعضي اوليائن جن نهايت حاصل ڪئي آهي، نهايت مقصد ناميدي آهي ۽ حضرت خواجہ مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه فرمايو آهي تہ انهن کي ناميدي حاصل آهي مون کي حرمان آهي، يعني اهو بہ اشارو فناءَ جو آهي، جڏهين نيٺ حرمان ٿيو تڏهين اهو حاصل ڪيل ٿول مڙيئي فناءَ کي پهتو، باقي ناميدي رهي. ۽ حضرت مرشد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه آخر عمر ۾ هن بانهي کي فرمايائون تہ ڪماليت "يُؤْمِنُوْنَ بِالْغَيْبِ" سان ايمان آڻڻ آهي، ۽ اهوبہ اشارو فناءَ جو آهي. ۽ مخدوم محمد زمان صاحب لواري واري قدس الله سره فرمايو آهي تہ گهڻا بزرگ نهايت بقا کي اختيار ڪندا آهن ۽ فنا ڏي ميل نہ اٿن اسان جو ميل فنا ڏي آهي، هڪڙي بزرگ فرمايو آهي.

بيت

تو مباش، اصلاً ڪمال اين است بس
تو درو گم شو ڪمال اين است بس
گم شدن گم ڪني وصال اين است بس

پوءِ انهن جو سير نهايت کي پهچي ويندو ۽ فنا وارن جو

www.maktabah.org

سير آخر تائين باقي هوندو ۽ انهن جو لقاءُ آخرت ۾ بہ بقاءَ نہ رکندو. پوءِ فرمايائون جو هن وقت غيب کان دل ۾ اسرار ظاهر ٿيو، جو اهو نماز فجر ۾ هو، ان کي وحدت ۾ داخل ڪيوسون ۽ جيڪا لذت ۽ ذوق واردات کان نماز ۾ حاصل ٿئي ٿي، اوهو ٻين نمازن ۾ آهي قلم کي ان جي لکڻ جي طاقت نہ آهي. "وَالْعَاقِلُ تَكْفِيْهِ الْإِشَارَةُ".

۱۱۷ ڪنز* فرمايائون تہ گهڻن مقبرن جي زيارت ڪئي سون ۽ ڏٺوسون تہ اڪثر بزرگن روح جي مقام کي اسباب ڪيو آهي، ان کي مقصود ڄاڻي ساري عمر گذاريائون ۽ انهيءَ حالت تي فوت ٿيا، مگر ٿورن کي انهيءَ مقام کان زيادتي حاصل ٿي.

۱۱۸ ڪنز* فرمايائون تہ حضرت مرشد پير سائين رضي الله تعاليٰ عنه جي طريقي جا مريد حق تي آهن، نہ مريد شيطاني، ڇاڪاڻ تہ اصل انهن جو مراد آهي، اهو اشارو وجود مرشد پير سائين رضي الله تعاليٰ عنه جي ڏانهن ڪيائون ۽ مراد معشوق آهي ۽ ان جو عاشق الله جل جلاله آهي ۽ عاشق جيڪڏهين معشوق ڏي ميل ڪندو تہ پنهنجون مرادون ڇڏي معشوق جي مراد جو تابع ٿيندو ۽ عاشق مريد پنهنجون سڀ مرادون ڇڏي معشوق جي رضامندي جي تابع ٿيندو ۽ وار جي قدر تفاوت نہ ڪندو ۽ مراد کي واٽ "لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ" جي کان ٿا لنگهائين ۽ عاشق ويچارو جو مريد جي درجي ۾ آهي، جيڪڏهين وار جي قدر تفاوت ڪندو تہ محبوب حقيقي ان کان منهن موڙيندو. پوءِ فرمايائون تہ، منهن موڙڻ کان مراد هي آهي تہ جو حالت لذت جي ۾ قبض ايندو، ۽ ايهو منهن موڙڻ ان جي لاءِ تنبيه آهي، ۽ ان جي ڦڪائي زيادتي جو سبب آهي، جنهن مان قرب حاصل ٿيندس.

۱۱۹ ڪنز* هڪ پيرو جنهن وقت ذڪر حقيقت انسانيت جو ٿي هليو تہ شفقت ۽ نهايت رحم سان هن ٻانهي (خليفہ گل محمد رحمة الله عليه) کان پڇيائون تہ ان کي ذات چئبو يا نہ مون خدمت شريف ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا ڄاڻجي ٿو تہ وقت وصول جي، ساڻ وجود سڄ حي ۽ فنا ٿيڻ جي، ان ۾ گمان ڪجيو وڃي،

www.maktabah.org

چاڪاڻ جو سج جي شڪل حقيقت ڪري پاڇوين ڪان واندي آهي ۽ ان جي پاڇوين جي چمڪاٽ جي هن جهان ۾ ظاهر آهن، ري اختيار آهن، پوءِ فرمايائون تہ شال توکي الله جل جلاله جزا ڏي ۽ ذوق ۾ اچي ٻڌندڙن کي فرمايائون تہ چمڪاٽ پاڇوين سج جا، جي ظاهر ڏسجن ٿا، سي ان جي نورانيت تي شاهد آهن، اهڙي طرح ظاهر ٿيڻ، مرتبي سج حقيقي ذات انسان جي، جو مرتبن پاڇوين جي ۾ شاهد نهايت ڪماليت ان جي نورن تي آهي، جو عادتون، انسان جي ڳانڍاپي واريون، پلاين اڳاڻين سان گڏجي، يڪجاءِ تي ڪماليت کي پهتيون آهن. بلڪ ان جي ڪماليت جي زيادتي جو ڪوئي ذرو موافقت ورونهہ ۽ مشابت ان جي محبت کان، جو ان جي وجود ۾ ظاهر آهي، ان جي وجود کان خالي نہ هوندو. "وَهُوَ بِكُلِّ شَيْءٍ مُّحِيْطٌ" يعني اهو سيڪنهن شي کي گهيرو ڪندڙ آهي، ان جي ڪماليت تي شاهد آهي، پوءِ گهٽن ڳانڍاپن جو ظاهر ٿيڻ، سبب ڪماليت جلال جو آهي، جتي آهي تہ سواءِ ظاهر ٿيڻ ڪثافت پوري جي اتفاق موافقت جو مشڪل آهي، ۽ آرام واٽ حقيقت جي مشڪل.

١٢٠ ڪنز* فرمايائون تہ فناءَ بہ آهن، هڪ فناءُ ٻيو فناءَ جو فناءُ ۽ بقاءَ بہ بہ آهن، هڪ اهو آهي جو فناءَ کان پوءِ حاصل ٿئي، جو اهو رنگ وارو ٿيندو آهي ۽ ان جو تعلق ڪفر حقيقيءَ سان آهي، جنهن ۾ ٻانهپ ثابت نہ آهي، جيڪڏهين بعضن تي ظاهر ٿيندي آهي تہ ان تي جمع غلبو آٿيندو آهي. ان مقام ۾ بعضي سالڪ ڪيترن وقتن ۾ شريعت جي تابعداري کان ٻاهرتا اچن ۽ جنهن وقت ٻانهپ غلبو آٿيندي، تڏهين شريعت جا تابع ٿيندا. ٻيو بقاءُ فناءَ جي فناءَ کان پوءِ آهي، جو اهو هڪ مڪان وٺڻ آهي ۽ ان ۾ ٻانهپ جي نگاه ٿا رکن. ان مرتبي ۾ وحدت غلبو نٿي ڪري، وحدت پنهنجي جاءِ آهي، ۽ ڪثرت پنهنجي جاءِ آهي، هڪ ٻئي کي منع نہ ڪنديون ۽ اهو ٻانهپ جو مقام ولايت محمدي صلي الله عليه وسلم سان تعلق ٿو رکي ان مقام ۾ وار جي قدر تفاوت شرع ۾ نہ ڪندو. ان عارف کي ابوالوقت چوندا

www.maktabah.org

آهن ۽ هُن سالڪ کي ابن الوقت چوندا آهن. مولانا رومي قدس الله سره فرمايو آهي:

صوفي ابن الوقت باشد در مثال
ليڪ صافي فارغ است از وقت حال

يعني صوفي ابن الوقت اهو آهي جو وقت ۽ حال کان واندو هجي.

١٢١ **ڪنز*** فرمايائون ته عروج جي وقت ۾ ڪامل ڪماليتن سان پهتل کي "نهايت مقصد" فنا آهي ڇوجو جيڪي هن جهان ۾ آهي، ضرور "فنا" ٿيندو، تڏهين جيڪا ڪماليت هن جهان ۾ حاصل ٿيندي، تنهن کي به حڪم "فنا" جو آهي، جيتوڻيڪ ڪماليت کي روح سان تعلق آهي، جو "كُلُّ مَنْ عَلَيْهَا فَانٍ" ان شان ۾ آهي يعني جيڪو دنيا ۾ آهي، ضرور فنا ٿيندو. "وَمَا عِنْدَكُمْ يَنْفَدُ" يعني جيڪي اوهان وٽ آهي ضرور ويندو، ان تي شاهد آهي ۽ ان معنيٰ کي شيخ بايزيد بسطامي قدس الله سره چڱو سمجهو آهي، جو هن جهان مان وقت لاڏاڻي جي جڙيو ٻڌي وري نئون ڪلمون چئي هيڏي طرح فرمايائون "اَقْطَعُ زُنَّارِيْ وَاَقُوْلُ لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ" اهو آخرت جي ڪماليتن جو نيشان آهي. جو "اها بقاءِ" هن جهان جي بقا ۽ فنا کان وڌ آهي. ۽ انهيءَ سببان متئين بزرگ اهڙي طرح چيو ۽ نزول جي مرتبي ۾ سڀ ڪماليت ٻانهپ ۾ آهي ۽ نيٺ ٻانهپ جي دعويٰ به ڪڇيو وڃي، جو حديث شريف ۾ حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم فرمايو آهي، "مَا عَرَفْنَاكَ حَقَّ مَعْرِفَتِكَ وَمَا عَبَدْنَاكَ حَقَّ عِبَادَتِكَ"، يعني تنهنجي سڃاڻڻ جو حق نه سڃاتوسون ۽ تنهنجي عبادت جو حق نه ڄاتوسون.

١٢٢ **ڪنز** * فرمايائون ته طلب جي اول ڏينهن ۾ وحدت الوجد جي حالت گهٽي هئي جو جوش کان حضرت مرشد پير سائين رضي الله تعاليٰ عنه تي ڪريو ٿي پيس ۽ حضرت جن پنهنجو هٿ مبارڪ منهنجي سيني تي مهٽيو ٿي فرمايائون ته اي ياءُ! توکي مون ۾ گمان آهي ۽ مقصود تو ۾ آهي.

www.maktabah.org

بيت

درميان عارفان اين سر پنهان يافتم
هركه رامن حبّ بودم عين خود را يافتم

يعني عارفن ۾ هي ڳجهه ڳجهو ڏٺم، جو جنهن کي ڳوليم تي اهو پاڻ ۾ ڏٺم.

۱۲۳ کنز * فرمايائون ته هڪ ڏينهن حضرت مرشد پير سائين رضي الله تعاليٰ عنه هن ٻانهي کان احوال پڇيو، خدمت شريف ۾ عرض ڪيم ته حضرتا! هن ٻانهي جي اندر مان هي آواز تو اچي "لِمَنِ الْمُلْكُ الْيَوْمَ لِلّٰهِ الْوَاحِدِ الْقَهَّارِ" يعني ڪنهن جي واسطي اڄ ڏينهن ملڪ آهي، الله جل جلاله واحد القهّار جي واسطي آهي، پوءِ پاڻ فرمايائون ته هينئر مقام توحيد جو پورو ٿيو.

۱۲۴ کنز * فرمايائون ته هڪ ڏينهن حضرت مرشد پير سائين رضي الله تعاليٰ عنه جي خدمت شريف ۾ عرض ڪيم ته حضرتا اڄ منهنجي دل ۾ هي لفظ غيب کان اچن پيا، هڪ هي ته الله تعاليٰ کي پاڻ ۾ ڏٺم ۽ ٻيو هي ته الله تعاليٰ مددگاري، الله تعاليٰ جي سان ڏٺم. پاڻ جواب ۾ فرمايائون ته هي ٻئي لفظ موافق حديث شريف جي آهن. "عَرَفْتُ رَبِّيْ بِرَبِّيْ" يعني پنهنجي خدا کي سندس مددگاري سان سڃاتم.

۱۲۵ کنز * فرمايائون ته هڪ ڏينهن حضرت مرشد پير سائين رضي الله تعاليٰ عنه جي خدمت ۾عرض ڪيم ته حضرتا! جنهن وقت قبض تو ٿئي، ڪنهن ذڪر پتر يا ڪنهن صورت جهان جي سان تعلق تو ٿئي، انهي وقت اصل حال کي تو پهچائي، پاڻ فرمايائون ته حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم، الله جل جلاله کان اهو مرتبو گهريو جو حديث شريف ۾ آهي "اَللّٰهُمَّ اَرِنَا الْاَشْيَاءَ كَمَا هِيَ" يعني اي الله جل جلاله اسان کي شين جون حقيقيون چڱي طرح معلوم ڪرائي.

۱۲۶ کنز *فرمايائون ته ظاهريءَ عالمن ۾ حضرت نبي

www.maktabah.org

ڪريم صلي الله عليه وسلم جي شفاعت جي باب ۾ هن زماني ۾ گفتگو گهٽي هئي، پوءِ قاضي ميان عبدالڪريم ساڪن متعلوي فتويٰ ههڙي طرح لکي ته شفاعت حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جي قيامت ۾ الله تعاليٰ جل جلاله جي موڪل ڪان پوءِ ٿيندي جو قرآن ڪريم ۾ آهي. "مَنْ ذَا الَّذِيْ يَشْفَعُ عِنْدَهٗ اِلَّا بِاِذْنِهٖ" يعني ڪير آهي جو الله جل جلاله جي موڪل ڪان سواءِ شفاعت ڪندو، ۽ هن فقيرڪي دل ۾ آيو ته عالمن سڳورن ظاهري علم تي فتويٰ ڏني آهي، ۽ حقيقت ڏي نه ويا آهن، ڇاڪاڻ ته اول آخر ڪل مخلوقن جو حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم آهي جو حديث شريف ۾ آهي. "اَنَا مِنْ نُّوْرِاللّٰهِ وَعَالَمُ كُلُّهٗ مِنْ نُّوْرِيْ" يعني آئون الله جل جلاله جي نور مان آهيان ۽ ٻيو جهان سارو منهنجي نور مان آهي ۽ حديث قدسي رسول ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جي شان ۾ آهي "لَوْلَاكَ لَمَا خَلَقْتُ الْاَفْلَاكَ وَلَوْلَاكَ لَمَا اَظْهَرْتُ الرُّبُوْبِيَّتَ" يعني جيڪڏهين تون نه هجين ها ته آئون آسمانن کي پيدا نه ڪريان ها ۽ جيڪڏهين تون نه هجين ها ته آئون هرگز پنهنجي خدائي نه ظاهر ڪريان ها، ان ڳالهه ۾ فڪر ئي ڪيم ته اوچتو دل ۾ الهام آيو، ته سڀ ڪنهن جي شفاعت قدر يقين ۽ حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جي محبت ٿيندي، جڏهين ظاهر وارن کي آخرت ۾ يقين آهي، تڏهين انهن کي يقين سببان آخرت ۾ شفاعت ٿيندي، ۽ عارفن کي جمال محمدي صلي الله عليه و آله وسلم دنيا ۾ حاصل آهي، جو حافظ عليه الرحمة پنهنجي ديوان ۾ فرمايو آهي:

امروز چون جمال تو بي پرده ظاهر است
در حيرتم که وعده فردا برائي چيست

يعني اڄ تنهنجي سونهن پري پردن ۾ ظاهر آهي، تڏهين مون کي حيرت آهي ته وعدو سياڻي (قيامت) جو ڇالاءِ آهي، پوءِ جڏهين اول ۽ آخر ڪل مخلوقن جو حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم آهي، پوءِ حقيقت ڪري سيني جو ثواب يا عذاب يا بهشت يا دوزخ مرضي رسول ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم

www.maktabah.org

جي تي هوندو ۽ مخدوم ميان عبدالرحيم عليه الرحمة فرمايو آهي ته:

جيڪي جنبي مڱيو او اهوئي ان عطا
ڪافر دوزخ ڪوڏيا احمد (ﷺ) ات مڪا

جيڪڏهين ڪو شخص هزار ورهيه لا اله الا الله محمد رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم چوندو ته ضرور بهشت ۾ ويندو، اتي ياد ڪرڻ گهرجي ته بهشت جي ڪنجي رسول ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي محبت آهي. جهڙي طرح هڪ صحابي سڳوري حضور شريف حضرت محمد رسول ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي ۾ عرض ڪيو ته يارسول الله صلي الله عليه وآله وسلم ته، صباح قيامت جي ڏينهن اوهان جو مقام محمود آهي. اسان مسڪينن کي اوهان جو ڏسڻ ڪهڙي طرح حاصل ٿيندو، پاڻ جواب ۾ فرمايائون "اَلْمَرْءُ مَعَ مَنْ اَحَبَّ" يعني مڙس جنهن سان محبت رکندو ان سان گڏ هوندو. اي سڳورا حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم پنهنجن محبن کي ايها مبارڪ باد ڏني آهي ۽ اها مبارڪباد محبت وارن کي آهي، اسلام وارن کي نه آهي، جاسين حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي محبت جي لذت نه چکندو، تاسين ان کي عارف مثل ذمّي جي ٿا ڄاڻن، جو مال ۽ ساه ذمّي جو خوف ڪسڻ ۽ لٽڻ جي امن ۾ هوندو.

١٢٧ ڪنز * فرمايائون ته اول ڏينهن ۾ جڏهين شين جي حقيقت اسان تي ظاهر ٿي، پوءِ انهن کي مقصد سمجهي وحدت جي ڳالهه ٿي ڪئي سون، ۽ الله جل جلاله جي ذات ٿي ڄاتوسين. جڏهين الله جل جلالهٗ جي ڀلائي همراه ٿي، تڏهين ان مقام کان لنگهائي مقام حقيقت محمدي صلي الله عليه وآله وسلم جي کي پهچايائين، پوءِ ان حقيقت کي وحدت سين قرب تمام گهڻو هو، ات ڄاتوسين ته الله جل جلاله جي ذات مڙني حقيقتن کان پاڪ آهي ۽ حقيقت محمد صلي الله عليه وآلهٗ وسلم سنديس صفت آهي، جا حقيقت انساني آهي، وري تفصيل ڪيائون ته جڏهين

www.maktabah.org

سالڪ کي دنيا جي هستيءَ کان ڇڏائي، حقيقت کي پهچائيندا اتي مڙني شين کي هڪ ڏسندو ۽ "همہ اوست" جو اقرار ڪندو، جڏهين انهيءَ مرتبي کان حقيقت محمدي صلي الله عليه وآله وسلم جي کي پهچندو، تڏهين مڙني شين کي پاڇولو ڄاڻندو ۽ مڙني جو اصل حقيقت محمدي صلي الله عليه وآله وسلم آهي، پوءِ جڏهين انسان ڪامل انهيءَ مرتبي کي پهچندو، تڏهين اول ۽ آخر ڪل مخلوقن جو پنهنجي وجود ۾ ڏسندو. ۽ وڳو "اَنَا مِنْ نُوْرِ اللّٰهِ وَعَالَمُ كُلِّهٖ مِنْ نُوْرِيْ" پنهنجي بدن تي ڏڪيندو ۽ "همه اوست" کي انهيءَ مقام تي چڱي طرح سمجهندو جو "همه اوست" و "همه از وست" اتي انهيءَ عارف وٽ مخالف نه هوندا. وري نقل ڪيائون تہ هڪ راوي معتبر کان نقل آهي تہ مخدوم محمد زمان صاحب لنواري وارو قدس الله سره کي حافظ هدايت الله جو سندن مريد هو، عرض ڪيو تہ حضرتا جيڪي ماڻهو مرن ٿا سي ڪيڏانهن ٿا وڃن، بزرگ جواب ۾ فرمايو تہ ڪوبہ ڪونہ ٿو مري. بلڪ انسان ڪامل ۾ ٿا وڃن ڇوتہ "كُلُّ شَيْءٍ يَرْجَعُ اِلٰي اَصْلِهٖ وَكُلُّ قَطْرَةٍ يَرْجَعُ اِلَي الْمَآءِ" يعني سيڪا شيءِ پنهنجي اصل ڏانهن ٿي موٽي ۽ سيڪو ڦڙو پاڻيءَ جو درياءَ ڏانهن ٿو وڃي ۽ هي سارو جهان پاڻيءَ جي ڦڙي مثال آهي ۽ انسان ڪامل وڏو درياءُ آهي، پوءِ فرمايائون تہ هينئراسان جو فڪر تمام مٿي ويو آهي ۽ گهٽا ڪم دل ۾ آيا آهن. جي لکڻ ۾ نہ ايندا ۽ ظاهر ڪرڻ جهڙا نہ آهن، ڇاڪاڻ تہ سڀ ڪنهن جي سمجهہ ۾ نہ ايندا، جو حديث شريف ۾ آهي "كَلِّمُوا النَّاسَ عَلٰي قَدْرِ عُقُوْلِهِمْ" يعني ماڻهن سان سندن عقل مطابق گفتگو ڪريو.

١٢٨ ڪنز * فرمايائون تہ حضرت مرشد پير سائين رضي الله تعاليٰ عنه جي طريقي جي فقيرن جي جماعت جيڪڏهين ڪنهن کي مناسبت مرشد حاصل ٿئي ٿو، تہ ڪو ٽول حال مان مليس ٿو تہ ضرور علم لدني حاصل ٿو ٿئيس، جيتوڻيڪ علم ظاهري نہ پڙهيو هوندو، ڇو جو اسان جو مرشد نہ امّي هو ۽ علم سندن لدني آهي ۽ مريدن کي ارادي جي سببان اهو مرتبو ملي ٿو، جڏهين

www.maktabah.org

حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وآلهٖ وسلم امّي هئا ۽ علم سندن مڙني نبين عليهم السلام کان وڌيڪ هو. مڙني کي منسوخ ڪيائين شيخ سعدي عليه الرحمه فرمايو آهي

يتيمي ڪه ناڪرده قرآن درست
ڪتبخانه چند ملت بشت

يعني نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم يتيم هئا ۽ قرآن شريف اڃا سارو لهي پورو نه ٿيو هو ته تنهن کان اڳي ڪتاب ۽ دين اڳين نبين جا منسوخ ٿيا.

١٢٩ ڪنز * فرمايائون ته ويچارو طالب جاسين اونڌاهي هستي ۾ قيد آهي، تاسين ان جي اک معرفت کان پردي ۾ آهي، جڏهين الله جل جلاله جي مهرباني سان پير ڪامل جي هٿان، هن خيال واري هستيءَ کان آجو ٿيندو، تنهن کان پوءِ اک تان پردو لهندس ۽ معرفت حاصل ٿيندس. جڏهين ان جي نظر پنهنجي حقيقت يا ڪثرت تي پوندي ته وحدت جو نور ڏسندو ۽ "همه اوست" جو اقرار ڪندو. حضرت ابراهيم خليل الله عليه السلام جي مثل، جاسين اونڌاهيءَ ۾ هو تاسين ڪابه خبر نه هئس، جڏهين رات جو باهر آيو ۽ تارا روشن ڏٺائين تڏهين چيائين "قَالَ هٰذَا رَبِّيْ فَلَمَّا اَفَلَ قَالَ لَآ اُحِبُّ الْاٰفِلِيْنَ" يعني: اهو رب منهنجو آهي، پوءِ جڏهين گم ٿي ويا، تڏهين چيائين ته گم ٿيندڙن سان محبت نٿو رکان ۽ جڏهين انهيءَ مقام کان سچو طالب زيادتي حاصل ڪندو ۽ جيڪي اڳي ڏٺو هئائين تنهن کان استغفار ڪندو ۽ هينئن چوندو ته "قَالَ يٰقَوْمِ اِنِّيْ بَرِيْٓءٌ مِّمَّا تُشْرِكُوْنَ" يعني: اي قوم تحقيق آئون مشرڪن کان بيزار آهيان، تنهن کان پوءِ مڙيئي مقام ۽ نوري پردا حاصل ٿيندس ۽ "يُؤْمِنُوْنَ بِالْغَيْبِ" جو درجو حاصل ٿيندس ۽ حضرت ابراهيم خليل الله جيئن هن ريت چوندو "اِنِّيْ وَجَّهْتُ وَجْهِيَ لِلَّذِيْ فَطَرَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ حَنِيْفًا وَّمَآ اَنَا مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ" اي سڳورا! اهو نصيب سالڪ مشرب محمدي صلي الله عليه وآله وسلم جو آهي. "ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ وَاللّٰهُ ذُوالْفَضْلِ الْعَظِيْمِ"

www.maktabah.org

١٣٠ كنز * فرمايائون تہ حضرت مرشد پير سائين رضي الله تعاليٰ عنه جن ٽي فرمايو تہ جهڙي طرح حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم ٻن ذبيحن تي فخر ٽي ڪيو، اسان کي بہ ٻن امينن تي فخر آهي هڪ حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم ۽ ٻيو حضرت مرشد صاحب جو والد حضرت مرشد صاحب رضي الله تعاليٰ عنهما. اتي پاڻ فرمايائون تہ اي يار ڏسو تہ امي هجڻ ڪهڙو چڱو ٽول آهي ۽ رڳي بخشش الله تعاليٰ جل جلاله جي آهي. جو ان جي علم ۽ معرفت ۾ ڪهين ڪسب ۽ واسطي جو ضرور نہ آهي. اهو علم علم جو آهي. "مِنْ لَّدُنَّا عِلْمًا" سندس اصل آهي، اصل کي پهچڻ ۾ ان کي سيڪارڻ جو اعتبار نہ آهي، ۽ اهو مرتبو خاص هن طريقي مبارڪ جي فيض وٺندڙن کي حاصل آهي. جو جنهن کي جيڪي حاصل آهي سو ري سعي ۽ سلوڪ آهي. ۽ ڪسب جي اتي طاقت نہ آهي، اهڙا طريقا ٽورڙا آهن جو حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي زماني ۾ اصحابن ڪرامن کي اهو مرتبو سببان صحبت جي حاصل هو. ۽ بعضي اوليائن هن امت جي کي مناسبت جي سببان حاصل ٿئي ٿو. "ذَالِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ وَاللّٰهُ ذُوالْفَضْلِ الْعَظِيْمِ"

١٣١ كنز * فرمايائون تہ وحدت ۽ ڪثرت هڪ نظر ۾ ٻئي گڏ موجود نہ ٿينديون ۽ وحدت ڇڙهي هجڻ کان ٿيندي ۽ ڇڙهي هجڻ ۾ فيض مخلوقن جو بند ٿو ٿئي ۽ ان مرتبي ۾ بہ ڪڏهين وحدت ڏانهن ٿو وڃي، ڪڏهين ڪثرت ڏانهن ۽ جيڪو سيئي تعلقات ڇڏيو ڇڙهائي ٿو حاصل ڪري انهيءَ جو تعلق ڪثرت سان نہ ٿيندو ۽ عالم ارواح ۽ جيڪي غيب ۾ آهي، تنهن کي هن جو فيض ري اختيار پهچندو ۽ بعضي انبيائن ۽ اوليائن هن جهان جي فيض لاءِ ذلت (ايذاءَ) ٿا ڏين تہ مناسبت پوري ڪثرت سان حاصل ٿيس ۽ هي جهان ان کان فيض وٺي ۽ اها ذلت ظاهر ۾ ذلت آهي ۽ حقيقت ۾ قرب آهي ۽ عبديت جي مرتبي حاصل ڪرڻ جو سبب آهي جو خطاب يا عبدي يا عبادي جي سان سرفراز ٿيندو.

www.maktabah.org

١٣٢ **ڪنز** * فرمايائون تہ جيڪي اولياءَ هن جهان ۾ ظاهر ۽ باطن ڪان "همه اوست" ۽ "همه از وست" ثابت ٿا ڪن، اها سڀ ثابتي انسان جي حقيقت جي آهي. ڇاڪاڻ تہ مخلوقن کي اول آخر انسان ڏانهن رجوع آهي. انهيءَ حقيقت انسان جي ڪان سواءِ ٻيو ڪو ٽول پيدا نہ ٿيو ۽ الله جل جلاله جي ذات وجود ۽ شهود ڪان پاڪ آهي.

١٣٣ **ڪنز** * فرمايائون تہ اسان سان الله جل جلاله جي ايتري قدر مهرباني آهي، جو الله جل جلاله جي خلق ڪان پردو نہ آهي ۽ سڀ مخلوقن سان ڪم ڪار چڱي طرح پيا هلايون.

١٣٤ **ڪنز** * فرمايائون تہ الله جل جلاله ٿو ڇاڻي تہ مون الله جل جلاله کي ۽ مرشد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه کي نہ گهريو آهي، بلڪ مون سان ٻنهي طرفن شفقت ڪئي آهي.

١٣٥ **ڪنز** * فرمايائون تہ هينئر اسان کي موٽڻ بي خوديءَ ڏي نٿا ڇڏين، جيتوڻيڪ اختيار ۾ آهي، پر ڏک ۽ غم گهٽو ٿا ڏين، خبر نہ آهي تہ هن وجود جي وگهڙ مان ڪهڙي مومياڻي ناهيندا.

١٣٦ **ڪنز** * فرمايائون تہ اسان جي سمجهہ ۾ هي ٿو اچي تہ طالبن جي درد جي هڪل قيامت تائين باقي هوندي. بلڪ قيامت ۾ بہ قائم هوندي وري فرمايائون تہ طالبن کي گهٽ نہ ڪيو آهي، پر اها پريشاني انهن کي ڪهڙي سبب آهي.

١٣٧ **ڪنز** * فرمايائون تہ اسان جي طبيعت تي عشق ۽ محبت ري اختيار نهراءُ ورتو آهي، ۽ بي خوديءَ کان اڪ ڍڪي اٿئون ۽ اختيار ۾ بہ آهي.

١٣٨ **ڪنز** * فرمايائون تہ اسان جو ميل خلق سان آهي، اهوهــن طرح آهي جو ڪنهن جو ملڪي ماڻهو سندس وطن ڪان اچي ۽ ان سان الفت ۽ محبت رکي تہ تمام چڱو ٿيندو ۽ هي بيت سنڌي تصنيف مخدوم ميان عبدالرحيم گرهوڙيءَ رحمة الله عليه

www.maktabah.org

جو پڙهيائون "توٿي ڪنهن مخلوق ڏي ته پڻ خالق لاءِ" اتي شوق ۾ اچي هي به بيت سنڌي ۽ فارسي پڙهيائون

اجان پنهون ڪيچ ته آئون نالي نهال ڪي،
چون نام اين است نام آورچه باشد.

يعني جنهن جو نالو اهڙو آهي تمام سهڻو، تڏهين پاڻ خود ان کان وڌيڪ هوندو.

۱۳۹ **ڪنز** * هڪ وقت نماز سانجهيءَ کان پوءِ وظيفو ٿي پڙهيائون ۽ هٿ دعا لاءِ کٽي سوال نه گهرياٽون، وري هٿ ڇڏي ڊرايائون ۽ فرمايائون ته اڄ هٿن کڻڻ وقت هڪ عجب نڪتو مالڪ سائين ڄاڻايو، ته جڏهين مڙيئي الله جل جلاله آهي تڏهين الله تعاليٰ کان سواءِ ڪجاڙو گهرجي، ۽ الله جل جلاله جي حضور ۾ سوال جو احتياج نه آهي. نقل ڪيائون ته هڪ ڪتاب ۾ ڏنو اٿم ته هڪ پيري سيد آدم بنوري قدس الله سره هٿ دعا لاءِ ڪنيا ۽ سوال ڪرڻ کان سواءِ هٿ ڇڏي ڏنائين، پوءِ سيد سڳوري فرمايو ته الله تعاليٰ جل جلاله مون کي نه سوال ڪرڻ سببان اهڙي نعمت ڏني جو خيال ۾ نٿي اچي ۽ فڪر کان ٻاهر آهي، اتي حديث شريف فرمايائون "مَنْ شَغَلَهٗ ذِكْرِيْ اَنَا مَسْئَلِيْ اَعْطَيْتُهٗ اَفْضَلَ مَا اُعْطِيَ السَّائِلُوْنَ" يعني جيڪو شخص منهنجي ذڪر ۾ مشغول آهي، پنهنجي مرادن جو سوال مون کي نٿو ڪري ته ان کي سيني سائلن کان ڀلي نعمت ڏيندس.

۱۴۰ **ڪنز** * فرمايائون ته طلب جي اول ڏينهن ۾ اسان جي قلب کي صفائي حاصل ٿي هئي، پوءِ جنهن شخص اسان کان گذريل حقيقت يا ايندڙ پڇي، ته اها حقيقت فڪر سان معلوم ٿي ٿي، ۽ پڇندڙن کي ٻڌائي ٿي، هڪ وقت اسان جي دل ۾ خيال آيو ته حضرت آدم عليه السلام جي پيدا ٿيڻ کان پڇاڙي تائين دنيا جي ڇا هو ۽ ڇا ٿيندو، يڪدم فڪر سان سيئي معلوم ٿيو، اها حقيقت حضور حضرت مرشد پير سائين رضي الله تعاليٰ عنه جي ۾ عرض ڪيم، پاڻ فرمايائون ته بي فائدو جهنگل ۾ پئين.

www.maktabah.org

١٤١ **ڪنز** * فرمايائون تہ اسان جي نماز اها آهي جنهن نماز ۾ عابد ۽ معبود، ساجد ۽ مسجود ڪوبہ نہ آهي. ۽ ظاهري ڪم نماز جو، جيڪو نماز پڙهندڙ ڪان ظاهر ٿئي ٿو، جنهن ۾ ميل چرڻ ۽ آرام جو نہ آهي ۽ نڪو ڳاٽيٽو تسبيحن جو ۽ نہ احتياج ياد ڪرڻ جو، اها نماز عجب آهي، جو مصلي تي ڪو بار نٿو ٿئي.

١٤٢ **ڪنز** * فرمايائون تہ هڪ وقت اڳئين نماز ڪان پوءِ منهن ايرندي ۽ پٺ قبلي ڏانهن ڪريو وينا هئاسون، پنهنجي جميعت حال ۾ هئاسون، تہ اوچتو اتي هڪ صورت ڏني سون ۽ ڏسڻ وقت خيال ۾ آيو تہ نفس پنهنجي خيال پنيان ان طرف ڇڪ ڪئي، انهيءَ وقت روح نفس کان اڳي اها صورت ڏسي مشاهدو وحدت جو ڪيو. عرض پنهنجو حاصل ڪيائين، ۽ خيال نفس جي ڪي خراب ڪيائين، اهي ٻئي عجب ڪشف سان هڪ نظر ڏٺاسون.

١٤٣ **ڪنز** * هڪ وقت حيدرآباد ۾ پاڻ آيا هئا، اڳئين جي وقت مسجد سيد قبول شاه عليه الرحمة جي ۾ وينا هئا فرمايائون تہ اڄ اوچتو بازار مان لنگهياسون تہ گهڻي خلقت بازار ۾ ڏسي اوچتو خيال هن آيت جو دل تي آيو، جا وڏي آواز بازار ۾ تي پڙهي سون "اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ هُوَ اللّٰهُ الَّذِيْ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ عَالِمُ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ هُوَ الرَّحْمٰنُ الرَّحِيْمُ"

١٤٤ **ڪنز** * فرمايائون تہ هن وقت جا مشائخ دنيا جي هن هستيءَ کي فاني ڪرڻ تمام ڏکيو ٿا ڄاڻن ۽ انهيءَ کي مقصود ٿا ڄاڻن، اهو ڪهڙو سبب آهي، بلڪ ڪاملن جي اڳيان اهو پهريون قدم آهي. لمولفہ يعني گڏ ڪندڙ ملفوظات جو چوي ٿو تہ اي سڳورا اها ڪماليت وجود سڳوري حضرت ادام الله برڪاته جي ۾ هئي، جو هڪ نظر سان طريقت جي طالب کي ذاتي ۽ صفاتي ڪماليت سان سرفراز ٿي ڪيائون.

١٤٥ **ڪنز** * فرمايائون تہ ڪتاب بيان العارفين رساله

www.maktabah.org

سيد عبدالڪريم قدس الله سره الاقدس جي ۾ لکيو آهي تہ پاڻ فرمايائو تہ جيڪڏهين ڪو شخص هڪ سال مون کي ڏکوئيندو تہ رنج نہ ٿيندس (آئون) ۽ جيڪڏهين ٻہ سال ڏکوئيندو تہ ٻہ (آئون) رنج نہ ٿيندس، جيڪڏهين ٽيون سال ڏکوئيندو تہ ٻہ بلڪل رنج نہ ٿيندس ۽ پاڻ فرمايائون تہ اسان کي پنجٽيهہ ورهيہ ٿيا آهن جو ڪنهن جي ڏکوئڻ سان رنج نہ ٿيا آهيون ۽ نہ ڪنهن کي نفس جي غرض سببان ڏکويو اٿئون. پوءِ فرمايائون تہ جيترو بار خلق جو زياده ڪٽبو، اوتري ڪماليت گهٽي حاصل ٿيندي، جهڙي طرح ڳرو بار تفاوت وارو آهي، هاڻي پنهنجي جسم سارو ڪٽندو ۽ گهوڙو پنهنجي جسم سارو ڪٽندو ۽ گڏه پنهنجي جسم سارو ڪٽندو. جيڪو ايذاءُ مخلوقن جو پنهنجي وجود تي پسند ڪندو، اهو نفس کي چگي طرح ڄاڻيندو، جيترو ايذاءُ وڌيڪ اوترو ڪماليت زياده ٿيندي.

١٤٦ ڪنز * هڪ پيري سندن حضور شريف ۾ روح جي گفتگو اچي پيئي. بعضن چيو تہ روح مخلوق نہ آهي خاص ذات آهي، پاڻ فرمايائون تہ ڪي سالڪ اهڙا آهن، جي روح جي حقيقت کي اکين سان ڏسيو، همت جي وک اجان پري ٿا رکن ۽ جذبي جي ميدان ۾ ان سان زيادتي ڪئي اٿن، تہ اتي اڪثر سالڪن کي روح ذات ڏسڻ ۾ ٿو اچي ۽ مخلوق هو، پوءِ پاڻ فرمايائون تہ اسان کي الله جل جلاله پنهنجي مهرباني سان حقيقت روح جي معلوم ڪرائي آهي ۽ ان کان زيادتي حاصل ڪئي آهي، پوءِ پاڻ فرمايائون تہ روح کي اهڙي طرح ڏٺو اٿئون، جهڙي طرح اوهان کي ٿو ڏسان.

١٤٧ ڪنز * فرمايائون تہ اسان تي هڪ حالت ظاهر ٿي، جنهن ۾ وجود حضرت مرشد پير سائين رضي الله تعالىٰ عنه جو وجود خلق کان اول ۽ آخر ڏٺوسون، ۽ جيڪي پيدا ٿيا ۽ ٿيندا سڀ وجود مبارڪ مان ظاهر پئي ٿيا، ۽ جيڪو ظاهر کان باطن ڏي ٿو وڃي، اهو ٻہ سندن وجود مبارڪ ۾ پئي ڏٺم، پوءِ اها حقيقت حضور حضرت مرشد ڪريم ادام الله برڪاتهم جي ۾

www.maktabah.org

عرض ڪيم، پاڻ فرمايائون تہ اهو مرتبو غوث جو آهي ۽ آئون مسڪين آهيان جنهن اها حقيقت ڏني آهي، ان ڪي حاصل ٿيندي. ۽ الله جل جلاله توکي اهڙو مرتبو حاصل ڪندو، پوءِ گهڻن ڏينهن کان بعد جيڪا حقيقت اڳي وجود شريف حضرت مرشد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه جي ۾ ڏني هيم اها حقيقت وجود هن ٻانهي جي ۾ ظاهر ڏنيم.

١٤٨ **ڪنز** * فرمايائون تہ هڪ وقت دل ۾ خيال آيو تہ اڳيان مشائخ، جهڙوڪ شيخ بايزيد بسطامي، ابوبڪر شبلي، خواجه منصور شيخ بهاوالدين ذڪريا ملتان ۽ ٻيا رضوان الله عليهم هڪل "سُبْحَانِيْ مَا اَعْظَمُ شَانِيْ" وَ "لَيْسَ فِي جُبَّتِيْ سِوَا اللهِ" ۽ "اَنَا الْحَقُّ" ۽ صاحب ملتان واري فرمايو آهي تہ "جنهن مون کي ڏنو تنهن تي دوزخ حرام آهي" اهڙيون ڳالهيون سيني کان ظاهر ٿيون آهن، شايد اسان کي انهن جي ولايت کان حصو حاصل نہ آهي ۽ گهڻي غم کان اسان کي روئڻ آيو، جو جيڪو وارث آهي تنهن کي سموري ملڪيت مان حصو ملندو آهي ۽ جيڪو وصي آهي، تنهن کي هڪ شيءِ مان ملندو. تان اوچتو الهام ٻڌم تہ تون بہ ان جماعت کان آهين، ياد ڪر تہ ڳوٺ سنين ۾ تو بہ چيو هو تہ جنهن مون کي ڏنو تنهن تي دوزخ حرام آهي، پوءِ اهو الهام ۽ اهجاڻ ٻڌي جميعت ٿي. فرمايائون تہ هي ڪهڙي حالت آهي جو جيڪو ارادو ٿو اچي اهو وجود ۾ صورت ٿو وٺي ۽ جيڪو خيال دل ۾ ٿو لنگهي اهو ضرور پيدا ٿو ٿئي، بلڪ جيڪو خطرو دل ۾ ٿو اچي اهو بہ ٿيو پوي. پر طلب الله جل جلاله جي جهڙي طرح سندس حق آهي حاصل نٿي ٿئي. ۽ انهيءَ ڪلام ٻڌڻ وقت روئڻ ظاهر ٿيو ۽ ڦڙا روئڻ جا ڳلن تان وهيا ۽ هاءِ هاءِ ٿي ڪيائون، گڏ ڪندڙ (ملفوظات) مڪتوبات جو ٿو چوي تہ ڏس اي طالب تہ ڪهڙي ڪماليت ذات پاڪ الله سبحانه وتعاليٰ جي ۾ حاصل هئن، جو جيڪو ارادو ٿي ڪيائون، جهڙي طرح قرآن ڪريم ۾ آهي: "اِذَا اَرَادَ شَيْئًا اَنْ يَّقُوْلَ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ" يعني جنهن وقت الله جل جلاله ارادو ڪنهن شيءِ جو ڪندو، چوندس تہ ظاهر

www.maktabah.org

ٿي پئو تہ ظاهر ٿي پوندي، تهڙي طرح سندن ارادو بہ ٿيو پئي . تڏهين بہ طلب همت جي وک محبت جي ميدان ۾ آڻيو عاجزي ٿي ڪيائون ۽ رنا ٿي.

بيت

جز عجز بيچارگي نقد ندارد خواجگي

يعني انهيءَ ولايت جي سرداري ۾ روڪڙ عاجزي ۽ روئڻ کان سواءِ ٻي ڪانهي.

١٤٩ **ڪنز** * فرمايائون تہ هڪ زال اسان مان داخل طريقي شريف جي ٿي ۽ ان کي نگاه باني پساهن جي (پاس انفاس) جي لاءِ حرص ڏياريوسون. ترتيب ان جي هن طرح آهي تہ جڏهين ساه هيٺ (اندر) وڃي تڏهين قلب تي نالي "الله" جل جلاله جو خيال ڪري ۽ جڏهين ساه مٿي (ٻاهر) اچي تڏهين نالو "هو" جو مٿي آڻي. ان زال کي انهيءَ ذڪر جي تڪرار ڪرڻ سببان اهڙي حالت ظاهر ٿي جو حضور حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم ۽ صحبت چئين يارن ۽ امامن سڳورن رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين جي حاصل ٿيس ۽ حضور حضرت پيران پير دستگير رحمة الله عليه جو ۽ ملاقات بعضي مشائخن وڏن جي نصيب ٿئس ۽ فرمايائون ٿي تہ جيڪڏهين اها زال پنهنجي ڳوٺ کان شهر ميرياگو ٽالپر جي ٿي ويئي ٿي، چيائين تہ جيڪي قبرون ان بن ڳوٺن جي وچ ۾ هيون ان جا مڙيئي اولياءَ ۽ ماڻهو قبرن مان اٿيو منهنجي اڳيان ٿي آيا ۽ ان زال کي نشو اهڙو حاصل هو، جو جيڪڏهين جنڊ پيهڻ لاءِ ويني ٿي تہ استغراق اهڙو ٿي ٿيس، جنهن ۾ ان سڀ ڪڙ ڪايو ٿي ويا ۽ جيڪو سارين ڏرڻ لاءِ جنڊي تي ٿي ويني تہ ان سڀ گڏه ڪائيو ٿي ويا. پاڻ نلهي اٿيو ٿي ويئي. پوءِ اسان ان کي وري ذڪر "نفي اثبات" جو ڏسيو ۽ ان حالت کان موٽايوسونس. هڪ وقت مخدوم ميان اسمٰعيل نقشبندي، مريد مخدوم ميان ابراهيم ٺٽوي رحمة الله عليه جي سان اسان جي ملاقات ٿي ان زال جو حال ٻڌايوسونس. ۽ چيوسونس تہ اسان ان زال کي نفي اثبات ڏسيو ۽ ان حالت کان موٽايوسون.

www.maktabah.org

مخدوم ميان اسمٰعيل چيو تہ اوهان ظلم ڪيو جو اهڙي وڏي مرتبي کان زال ڪي موتايان. اسان چيو تہ اي مخدوم مطلب اڃان اڳي آهي، انهيءَ مرتبي کان موٽڻ لازم آهي ڇاڪاڻ تہ ذات الله جل جلاله جي انهن سيني مرتبن جي پٽيان آهي، پوءِ مخدوم عبرت ۾ پيو ۽ ماٺ ڪري رهيو.

١٥٠ ڪنز * هڪ پيري ميان محمد اشرف پٽ پير ميان محمد غوث ساڪن ڪامارو، خليفہ صاحب ملتان واري جو سندن حضور ۾ آيو ۽ ملاقات ڪيائون، سندس ناهيل ڪافيون، جنهن جو مضمون ڳالهائڻ وحدت ڪثرت تي هو ۽ وحدت کي تشبيه گهٽن لباسن ۾ ڏني هئائين. پڙهيائين، پاڻ انهن سمورن بيانن کي جي خاص تشبيه ۾ هئا. تنزيه ڏي تي ڪڍيائون ۽ جنهن کي ميان محمد اشرف عليه الرحمة مقصود ڄاتو هو سو اعتبار ۾ نہ آندائون، اتي تمام گهڻيون عجب معنائون ظاهر ڪيائون، جو ٻڌندڙن کي گهڻي لذت حاصل تي، ۽ گفتگو جي وچ ۾ هن فقير (مولف ملفوظات) ڏانهن نظر ڪري آگر شاهد سان حرف لا جو ڪپي هٿ تي ڪڍيائون ۽ فرمايائون تہ هي مڙيئي "لا" هيٺ آهن ۽ جڏهين بزرگ اوطاق تي ويو تڏهين فرمايائون تہ ميان محمد اشرف تمام چڱو مڙهو، صاحب ذوق ۽ شوق جو آهي، ۽ فرمايائون تہ هڪ ڏينهن درگاه شريف کان موٽيو ڳوٺ تي آياسون، ڪٽياڻن جي ڳوٺ ۾ سانجهي جي وقت نماز کان پوءِ، ميان محمد غوث ميان اشرف سندس پٽ سان گڏجي مسجد ۾ آيا ۽ نماز پڙهيائون ۽ اڃان ميان محمد اشرف ننڍو هو، پر اسان کي ڏسڻ سان پسند آيو، جڏهين مسجد کان ٻاهر آياسون، تڏهين سيد ميان علي شاه کي چيوسون تہ هي ڇوڪرو ڪڏهين تمام چڱو ٿيندو، يعني طالب حق جو ٿيندو، پوءِ فرمايائون تہ جيڪو اسان کي پسند ٿو اچي، انهيءَ کي ضرور الله جل جلاله هدايت ٿو ڪري.

١٥١ ڪنز * فرمايائون تہ توحيد جي غلبي جي حالت ۾ زيارت مقبري مخدوم وهيون رحمة الله عليه جي تي ويا هئاسون، مخدوم ظاهري صورت ۾ اسان سان ملاقي ٿيو ۽ چيائين تہ اي

www.maktabah.org

پٽ جهڙي طرح تون ٿو ڄاڻين، حق ائين آهي، پر ضرور وڃي شريعت ڪامل ڪر.

١٥٢ ڪنز * فرمايائون ته هڪ وقت درگاه شريف تي ٿي ويس، چڙهو ۽ پيادو هئس جڏهين پٽ (پٽ) شاه عبداللطيف قدس الله سره الاقدس جي برابر ويس تڏهين اپرندي ۽ ڏکڻ طرف هڪ ڪوه جو چيٽو هڪ واريءَ جي درّي جي پاسي ۾ زمين صفا هئي، اتي ري اختيار بهي رهيس ۽ شاه عبداللطيف قدس الله سره حياتي وارن مثل اچي اسان سان ملاقي ٿيا، اهو وقت اڳين ۽ وچين جي وچ ۾ هو، نماز سومهڻي تائين وينا هئاسون، نماز ڪان پوءِ وڃي مسجد سندن ۾ آرام ورتم.

١٥٣ ڪنز * هڪ ڀيري هن فقير ڏي خطاب ڪري فرمايائون ته ميان گل محمد هينئر فڪر تمام ٻاهر آهي ڪثرت پنهنجي جاءِ ۽ وحدت پنهنجي جاءِ ڏسڻ ۾ اچي ٿي پوءِ هي لفظ فارسيءَ ۾ پڙهيائون.

هر که در ذات گم شد = در صفت پديد آيد

پوءِ فرمايائون ته قاضي ميان محمد محفوظ چيو ته حضرت مرشد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه آخر عمر ۾ هينئن ٿي فرمايائون ته هينئر اسان جو فڪر تمام ٻاهر آهي ۽ قاضي کي ان معنيٰ جي حقيقت ڪان واقفيت نه هئي، انهيءَ سببان ان سان حقيقت ظاهر نه ڪيم. اتي فرمايائون ته جيڪي حضرت مرشد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه فرمايو آهي ايها متابعت مقام نبوي جي آهي. جا خاص حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم ساڻ هئي، ٻين نبين ۽ ولين کي ٿوري هئي.

١٥٤ ڪنز * فرمايائون ته بعضي عارفن کي هي عنصري وجود جو ڪثيف آهي. روح جي رنگ سان ٿو ٿئي جو لطيف آهي، يعني جهڙي طرح روح کي پنهنجي مرتبي ۾ صفائي ۽ لطافت حاصل آهي هن بدن کي به ظاهر ان جي مثل صفائي ۽ لطافت حاصل ٿئي ٿي، بلڪ پنجن لطيفن جو ان کي عروج ٿو

www.maktabah.org

ٿئي اهو ٿورو آهي، وري فرمايائون ته حضرت مرشد صاحبن رضي الله تعاليٰ عنه ٿي فرمايو ته هڪڙو وڻ آهي جنهنجي ڪل مثل ڪاني جي سخت ٿيندي آهي، گڏ ڪندڙ مڪتوبات (ملفوظات) جو ٿو چوي ته اي سڳورا اها ڪماليت وجود مبارڪ سندن ۾ هئي جا ٻين جي لباسن ۾ بيان ٿي ڪيائون.

١٥٥ **ڪنز** * فرمايائون ته هن ڳالهه ڪان اڳي پنجن لطيفن کي نفس سان رجوع عروج ڏي هو، هاڻ مڙني کي رجوع نزول ڏي آهي، يعني پهرين حالت عروج جي هئي ۽ پوئين نزول جي آهي، پوءِ فرمايائون ته اهو هيٺ ۽ مٿي آفاقي نه آهي. بلڪ اهو هيٺ ۽ مٿي وجود انسان جي ۾ آهي، آسمان زمين به وجود انسان جي ۾ آهن، حڪيم ثنائي عليه الرحمة فرمايو آهي.

بيت

آسمان هست در ولايت جان = ڪار خرماءِ آسمان جهان

در ره روح پست بالا هست = ڪوئيمائي بلند دريا هست

يعني ساه جي ملڪ ۾ آسمان آسمان جو ۽ آسمان جهان جو هيٺ مٿي آهي ۽ جبل ۽ درياءَ آهن.

١٥٦ **ڪنز** * فرمايائون ته هڪ پيرو اسان کي الهام ٿيو ته توکي متابعت چوڏهن نبين، جن مان ڇهه اولوالعزم ۽ اٺ ٻيا آهن، تن جي بخشي سون، اسان ڪنهن به شخص سان اها ڳالهه ظاهر نه ڪئي آهي، هڪ وقت قاضي ميان عبدالرحمٰن نصرپوري جيڪو خليفو حضرت مرشد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه جو ۽ هم صحبت اسان جو هو اسان وٽ ڪڙيه مبارڪ ۾ آيو ۽ ظاهر ڪيائين ته مون کي ڄاڻ ٿيو آهي ته خليفي (حضرت محمود فقير رحمة الله عليه) کي متابعت چوڏهين نبين جي بخشي سون پوءِ ان کي چيوسون ته اسان کي به ڄاڻ ٿيو پر اها ڳالهه اسان ڪنهن سان ظاهر نه ڪئي آهي.

١٥٧ **ڪنز** * فرمايائون ته اول طلب جي ۾ ڏينهن ۾ محبت جو جذبو ڇڪندڙ هو، طلب علم ۽ محبت جي ڪري

www.maktabah.org

مخدوم محمد قاسم کي پگهار تي پاڻ وٽ وهاريوسون ۽ مٿيون مخدوم مريد حضرت مرشد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه جو ۽ وڏو عالم ۽ خليفو هو، سبق ڪتاب "ذخيرة الملوڪ" جو ٿي ورتوسون، جو مدت ٻارهن مهينن جي ۾ سعي ۽ ڪوشش بزرگ جي سان چار ورق پڙهيم، تنهن ڏينهن ۾ مخدوم اسمٰعيل خليفو مخدوم ابراهيم ٺٽوي رحمة الله عليه جو سببان ان بزرگ جي اسان وٽ هو، خوراڪ پوشاڪ انهن جي اسان تي هئي، قضا الهي سان مخدوم محمد قاسم کي حضرت مرشد رحمة الله عليه سان سرد دلي حاصل ٿي، هن سببان جو سندن پائيٽو مجذوب ٿي پيو هو ۽ ان جو پاءُ ميان محمد اڪرم، مجذوب حالت ڪفر حقيقي جي ۾ هو، ۽ ماڻهو جيڪي سندس صحبت ۾ هئا انهن کي ڳجهي طرح سان خليفي ميان محمد اسمٰعيل کان مريد ٿي ڪرايائين. ۽ پاڻ مخدوم ميان ابراهيم کان مريد ٿيل هو ۽ خليفي ميان اسمٰعيل کي اسان ڏانهن ميل ۽ محبت گهٽي هئي ۽ چيائين ٿي ته مون کي ڪشف ۾ معلوم ٿيو آهي ته توتي فيض ۽ بار مخلوقن جو رکندا، پر خبرنه آهي ته اهو اوهان جي پير کان ٿيندو يا ٻئي جاءِ تان. پوءِ انهيءَ ڳالهه کان پريشاني ۽ بي جميعتي ٿي ته حقيقت ڪيئن ٿيندي، هڪ ڏينهن بخار جي اثر ۾ ستو پيو هئس، ڪجهه ننڊ ڪجهه سجاڳي هئي ته ڏٺم ته حضرت مرشد سائين رضي الله تعاليٰ عنه ٻارهن خليفن سان همراه ٿي آيا ۽ فرمايائون ته اچو ته هن يار کي توجهه ڪريون، خليفن عرض ڪيو ته حضرتا هن کي گرمي توجه جي طاقت نه آهي، پوءِ هڪ چڪ ڪاٺ جو، جيڪو کوه ۾ رکندا آهن، قدر ڪلهي جي حاضر ڪيائون ان ۾ اسان کي وهاريائون ۽ رسن سان چارئي طرف محڪم ٻڌائون ۽ سببان چوڻ حضرت مرشد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه جي مڙئي خليفا اسان ڏي متوجه ٿيا، جهڙي طرح حضرت جن نقشبندي ۾ خليفا قادري ۾ ۽ آئون گرمي توجه جي کان زمين تي پيس ۽ کوه مان پاڻي نڪتو، جو چڪ ساڻ برابر ٿي بيٺو ۽ حضرت جن ڏيڍ سر ساڻ کوه کي ٻڌائون، ان وقت ڏٺم ته خليفو ميان اسمٰعيل آيو، کوه مان هڪ

www.maktabah.org

سر ڪڍي ويو ۽ حضرت مرشد سائين رضي الله تعاليٰ عنه وري ات ڏيڍ سر ٻي رکي ٺاهيائون، تان جو پاڻي پهرين کان گهڻو ٿيو، تڏهين به ڏٺم ته بزرگ ميان محمد اسمٰعيل ٽٻي هڻي هڪ سر ڪڍي ويو وري حضرت مرشد سائين رضي الله تعاليٰ عنه ڏيڍ سر ٻي رکي کوه ٺاهيائون. اهڙي طرح گهڻا پيرا ڏسڻ ۾ آيو، تان جو کوه ۾ پاڻي ايترو ٿيو، جنهن ۾ ٽٻي هڻڻ جي جاءِ نه هئي ان ۾ ميان محمد اسمٰعيل ٽٻي هڻي نه سگهيو ۽ ان کوه کي حضرت مرشد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه سرن ساڻ ٻڌي زمين تائين آندو، ان کان پوءِ کوه کان ٻاهر نڪري مسجد ۾ آيس، ڏٺم ته بزرگ ميان محمد اسمٰعيل مريدن جي جماعت سان مراقبو ڪريو وينو آهي، دل ۾ خيال آيو ته ميان محمد اسمٰعيل ٿو چوي ته ڪماليتون پير اسان جي جون زياده آهن. هاڻي انهن تي توجهه ڪرڻ گهرجي، جيڪڏهن سندن پير جون ڪماليتون زياده هونديون ته منهنجي توجهه ڪارگر نه ٿيندي، ۽ جيڪڏهن اسان جي پير جون ڪماليتون زياده هونديون ته توجهه ڪارگر ٿيندي، وري دل ۾ خيال آيوته انهن کي توجهه نقش بندي طريقي جو نه ڪجي ۽ پوءِ قادري جو ڪيم، توجهه کان پوءِ بزرگ زمين تي ڪري پيو ۽ سندس سڀ مريد مثل ڪتل ڪڪڙ وانگر زمين تي پئي ليٽيا. اها حقيقت مڙيئي ميان محمد اسمٰعيل کي ٻڌايم، هڪ ساعت فڪر ڪري چيائين ته اهڙي طرح آهي، پر معلوم ٿو ٿئي ته اهڙي طرح اوهان جي پير کان ٿيندو يا ٻئي جاءِ تان پوءِ وري اسان کي پريشاني ٿي، وڃي مسجد جي هڪ ڪنڊ ۾ ويناسون تان دل ۾ الهام آيو ته جيڪڏهين پنهنجي پير جون ڪماليتون زياده نه هجن ها ته هوند تنهنجو توجهه هنن تي ڪارگر نه ٿئي ها.

١٥٨ ڪنز * فرمايائون ته طلب جي اول ڏينهن ۾، جو جذبي جي حالت حاصل هئي، هڪ پيرو اوچتو خليفي ميان اسمٰعيل نقش بنديءَ سان ملاقات ٿي، صحبت ۾ خليفي کي پنهنجون بعضي ڪماليتون ۽ حالتون بيان ڪري ٻڌايم، چيائين ته سير سلوڪ طريقي نقش بنديءَ جي کان پوءِ خواجه معين الدين

www.maktabah.org

چشتي قدس الله سره مون کي طريقي چشتي جي سلوڪ طرف پاڻ ڏانهن ڇڪيو انهيءَ وچ ۾ حضرت پيران پير دستگير رحمة الله عليه زور ۽ ڏاڍائيءَ سان، پنهنجي طريقي قادري جو سير ڪرايائون، تنهن کان پوءِ طريقي چشتي جو سيرڪيم، ۽ تنهن کان پوءِ طريقي حضرت شيخ نجم الدين ڪبروي قدس الله سره جو سيرڪيم، انهيءَ ڳالهه ٻڌڻ سان اسان جي طبيعت تي جوش ۽ پريشاني گهٽي ظاهر ٿي، ته بزرگ پنهنجي ڪشف جي حالت ۽ پنهنجن مرتبن جي زيادتي اهڙن وسيلن سان حاصل ڪئي ۽ اسان کي نه ٿي انهيءَ جوش تمام غلبو آندو، تان الهام ٿيو ته جميعت ڪر، ڇاڪاڻ جو تنهنجو رجوع وڏي درياءَ ڏانهن آهي، ۽ هو ندين ۾ مشغول آهي ۽ تنهنجو منهن ڪل جي طرف آهي ۽ هن بزرگ جو جزن جي طرف آهي، پوءِ جميعت ۽ آرام حاصل ٿيو. ۽ پريشاني ويئي.

١٥٩ ڪنز * فرمايائون ته هينئر اهڙا اسرار نظر ۾ اچن ٿا، جي لکڻ ۽ بيان ڪرڻ ڪان ٻاهر آهن، سببان نه سمجهڻ ٻڌندڙ جي، ڇاڪاڻ جو ڪنهن کي به ان جي سمجهڻ جي طاقت نه آهي. ڇا ڪريان جو ڪو به ماڻهو انهيءَ نسبت وارو نه آهي، جيڪڏهين ڪو شخص انهن اسرارن جي مناسبت رکي ته ظاهر ڪرڻ ڪان سواءِ پاڻهي سندس وجود ۾ ظاهر ٿيندا، وري فرمايائون ته اها وڏي نعمت آهي، پر جنهن کي نصيب ٿئي.

١٦٠ ڪنز * فرمايائون ته اسان جو فڪر ڪونهي مگر ارادو آهي. جو اهو ارادو رنگ "اِذَا اَرَادَ شَيْئًا اَنْ يَّقُوْلَ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ" جو ٿو وٺي، خواه هن جهان ۾ خواه حقيقت ۾، جيڪو ارادو ٿو اچي سو ظاهر ٿو ٿئي. بلڪ هڪ نظر ۾ هي جهان خلق جو ۽ ذات الله جل جلاله جي ظاهر آهي.

١٦١ ڪنز * هڪ وقت گهڻي لذت ۾ فرمايائون ته اسين پير مرد آهيون، هيترو درد ۽ مرضن جي ايذاءُ جو بدن سان لاڳاپو آهي جو حد ڪان ٻاهر، پر اهڙا خوش آهيون جو طبيعت تي ڪو بار نه

www.maktabah.org

آهي، بلڪ ڪنهن ٽول جي يادگيري ڪانه ٿي اچي، جيتوڻيڪ هيترا اسباب آهن، ماڻهن کي ڇا ٿيو آهي، جو باوجود هلڪائي جي، خيالن جي ڳرن بارن ۾ پريشان ۽ حيران آهن. رات ۽ ڏينهن موڳا آهن، پوءِ فرمايائون تہ جيڪا دل الله جل جلاله جي يادگيريءَ سان مشغول هوندي، اها آجي آهي.

١٦٢ **ڪنز** * فرمايائون تہ جنهن ڪم جو خيال ٿا ڪريون ان وقت الهام ٿو ٿئي تہ توکي سڀ ڪنهن ڪم ۾ اختيار آهي، جيئن دل کي پسند اچي ئي تيئن ڪر، ۽ اسان سواءِ الله جل جلاله جي رضامنديءَ جي ڪنهن ڪم جي پوري ٽيڻ ۾ اختيار نہ ڪيوسون، بلڪ الله جل جلاله کي ٿي سونپيوسون، جئن گهرندو تيئن ڪندو.

بيت

سپردم بتو مايه خويش را = تو داني حسابِ ڪم وبيش را

يعني مون پنهنجي موڙي توکي سونپي، گهٽو ۽ ٽورو حساب تون ئي ٿو ڄاڻي.

١٦٣ **ڪنز** * فرمايائون تہ لواري واري بزرگن قدس الله سره جي مريدن مان هڪ مريد طلب جي اول ڏينهن ۾ هن فقيرکي واقعات ۾ ڏٺو تہ حضرت ابابڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه ۽ حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه، ٻئي مون کي پنهنجن هٿن سان وٺي پيٽ ڦاڙي، آندا پاڻي سان صفا ڪري، وري پيٽ سبي پنهنجي وچ ۾ وهاريائون ۽ حضرت ابابڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه تلقين لا اله الا الله جي ٿي ڪئي ۽ مون محمد رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم ٿي چيو، انهيءَ تڪرار ۾ هئاسون تہ اهو بزرگ مريد لواريءَ واري صاحب جو ظاهر ٿيو، پوءِ فرمايائون تہ هينئر اها حالت نظر ۾ آهي جو جيڪا حالت عروج جي ۾ فنا ۽ فناءُ الفنا کان پوءِ مشاهدو ذات جو، ري ڏس ۽ ري حقيقت، خلق کان سواءِ ڪرايو هئائون، هينئر اها ذات ري مثل آرسين مخلوقن جي ۾، هن هستيءَ جي بقاءَ سان ظاهر آهي، ري سبب ۽ ري اختيار، ڇا غيب ۾ ڇا ظهور ۾ ظاهر آهي، اتي

www.maktabah.org

نقل حضرت مرشد صاحب رضي الله تعالىٰ عنه جو بيان ڪيائون ته اوليائن کي عروج ۽ نزول ڪان پوءِ جذبو باقي آهي، اهو هن سببان آهي، جو انهن کي وحدت جي درياءَ ڪان اڳايل موتائي ڇڏيائين ۽ نبين عليهم السلام کي ڏئو ڪرائي هن جهان ۾ آندائون پوءِ فرمايائون ته نبي اسان جو صلي الله عليه وآله وسلم جيڪو قيامت ۾ امتي امتي چوندا، اهو اشارو مخلوق جي آرسي ۾ ذات پاڪ جي ڏسڻ جو آهي. ڇاڪاڻ ته دل مبارڪ تي اهو جذبو اهڙو ته ڄمي ويو هوندو جو مڙني کي پاڻ ۾ داخل ڏسندو.

١٦٤ ڪنز * فرمايائون ته پير جي ڪماليت هي آهي جو مريد کي اول ڪان آخر تائين پهچائي ڇڏي، ۽ ظاهر شريعت ۾ مريد ڪان ڪنهن حال ۾ وار جي قدر تفاوت نه ٿئي. گڏ ڪندڙ مڪتوبات (ملفوظات شريف) جو چوي ٿو ته اي سڳورا اها ڪماليت سندن وجود ۾ هئي، ٻين جي لباس ۾ بيان ٿي ڪيائون

١٦٥ ڪنز * فرمايائون ته هڪ وقت هڪ فقير لاءِ دعا ٿي گهري سون، اسان جو منهن اپرندي ۽ پٺ الهندي ڏانهن هئي، هن آيت جي نظر ۾ اچڻ سببان "فَاَيْنَمَا تُوَلُّوْا فَثَمَّ وَجْهُ اللّٰهِ" يعني جيڏانهن سامهون ٿيندا انهي طرح الله جل جلاله آهي، تان اوچتو دل ۾ خيال آيو ته چڻو حڪم قرآن شريف ۾ هي آيت آهي، "فَوَلِّ وَجْهَكَ شَطْرَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ" يعني منهن کي مسجد الحرام ڏي ڦيرائي سامهون قبلي کي ٿي دعا گهري سون.

١٦٦ ڪنز * فرمايائون ته هڪ پيري اسان جي ڀاءُ ميان گهرام خان جي قبر تي زيارت لاءِ وياسون، جو طريقي ۾ به داخل نه هو، پر عادتون چڱيون هئس، ۽ عشق مجازيءَ ۾ گرفتار هو، جو انهيءَ گرفتاريءَ ۾ نانگ جي ڏنگڻ سبب شهيد ٿيو، قبر تي وهڻ شرط اهڙي لذت ۽ جميعت حاصل ٿي، جو ڪنهن صاحب طريقي واري ڪان ڏه حصا زياده هئي، پوءِ فڪر ڪيوسون ته ايتري مهرباني ۽ عنايت ڪهڙي سببان آهي، ڇاڪاڻ ته طريقي ۾ به داخل نه هو، انهيءَ ڳالهه جي ڪشف لاءِ درگاه الهيءَ ۾ عرض

www.maktabah.org

ڪيم تان ڄاڻايائون تہ اهو تاثير ٻارهين سن (صدي) جو آهي.

١٦٧ ڪنز * فرمايائون تہ هن ڪان اڳي مقبرن جي زيارت ڪان جميعت حاصل ٿيندي هئي ۽ انهن جي زيارت مان عجيب اسرار ظاهر ٿيندا هئا ۽ دل کي انهن جي زيارت لاءِ گهڻي رغبت ٿيندي هئي، هينئر اهڙو حال آهي، جو نہ ڪنهن ڏانهن ارادو آهي نہ رجوع، جيڪڏهين ارادو آهي تہ بہ پنهنجي وجود ۾، جيڪڏهين رجوع آهي تڏهين بہ پاڻ ۾ ۽ جيڪڏهين مماتيءَ واري يا حياتيءَ واري جي ڏسڻ جو ارادو ٿي ٿئي تہ اهو بہ پنهنجي وجود ۾.

١٦٨ ڪنز * فرمايائون تہ اسان جي ملفوظات جي گفتن ۾ ري سنجيدگي عقل ۽ تڪليف جي آهي،جيڪڏهين ڪو ان کي گڏ ڪندو تہ گهڻي لذت لهندو ۽ جيڪڏهين لذت نہ حاصل ڪيائين تہ اچي اسان جي قبر تي بد ڳالهائڻ ڪري پوءِ فرمايائون تہ جو تڪليف ڪان آجو آهي،ان جي ڳالهہ بہ تڪليف ڪان آجي آهي ۽ هوندي، ضرور ذوق ۽ لذت واري هوندي.

١٦٩ ڪنز * فرمايائون تہ اسان جو چاچو ميان حاجي فتح خان عليه الرحمة قضا الاهي سان بيماري سردي ۽ ڪنگهہ جي ۾ بيمار ٿيو ۽ گهڻي بيماري ڪان، تمام ضعيف ٿي پيو هو، ۽ اسان کي ڪيڏانهن بہ وڃڻ نٿي ڏنائين، تانجو ٿي مهينا گذريا، جو ساه سندس "لَايَمُوْتُ وَلَا يَحْيٰ" ۾ پهتو ۽ اسين هر روز سندس پڇڻ لاءِ ويندا هئاسين، ٽن مهينن ڪان پوءِ الهام ٿيوتہ تون ان جي پڇڻ لاءِ نہ وڃ. جو تنهنجي پڇڻ سببان اسان ان جي ساه کي مهلت ڏني آهي،پوءِ اسين پڇڻ لاءِ هڪ ڏينهن نہ وياسين تان جو وفات ڪيائين، اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْنَ.

١٧٠ ڪنز * هڪ پيري حضور شريف ۾ الله جل جلاله جي نالن جي ترتيب جو ذڪر آيو،فرمايائون تہ الله جل جلاله جي نالن مان هر هڪ ولي جو مظهر هڪ اسم آهي اهو نالو ان ولي جو رب آهي، انهيءَ باب ۾ خليفي ميان صاحب ڏنو عليه الرحمة ڪان

www.maktabah.org

پڇيوسين تہ تنهنجو رب ڪهڙو اسم آهي، هڪ ساعت فڪر ڪري چيائين تہ اسم منهنجو مربي "اول" آهي ۽ اسان کان پڇيائين تہ اسم مربي اوهان جو ڪهڙو آهي جواب ۾ چيوسين تہ اسان جي اسم مربي ۾ بلڪل فڪرنہ ڪر اسان کي بہ ان ۾ فڪر نہ آهي. ۽ انهيءَ حقيقت جو اسان کي گهڻا دفعا خيال آيو، ڪنهن سان بيان نہ ڪيوسين، هن ٻانهي (گڏ ڪندڙ ملفوظات) عرض ڪيو تہ حضرتا قرآن ڪريم ۾ آهي "وَاَمَّا بِنِعْمَتِ رَبِّکَ فَحَدِّثْ" يعني پنهنجي رب جي نعمت ظاهر ڪر. اوهين ڇالاءِ بيان نٿا ڪريو،جو پهرين الله جل جلالہٗ پنهنجي وڏائيءَ کي پاڻهي ظاهر ڪيو آهي ۽ سيني نبين پنهنجي نبوت کي پاڻهي ظاهر ڪيو آهي، پوءِ رحم فرمائي بيان ڪيائون تہ اسم مربي اسان جو "الله" جل جلالہ آهي ۽ مشرب اسان جو "محمدي" صلي الله عليه وآله وسلم آهي ۽ طرف غالب "احمدي" آهي.

١٧١ **ڪنز** * فرمايائون تہ هينئر اسان جي دل ڪنهن ڳري بار هيٺ گرفتار آهي، جا هڪ ساعت واندي نہ آهي، هميشہ ان بار ۾ ڳهي آهي (پيئي ڳجهي) معلوم نہ آهي تہ اهو ڪهڙو بار آهي وري فرمايائون تہ اهو بار هي آهي جو جنهن جي ڪٽڻ کان آسمانن ۽ زمينن ۽ جبلن انڪار ڪيو ۽ انسانن ان کي قبول ڪيو ۽ اهو بار ڪنيائون جهڙي طرح قرآن ڪريم ۾ آهي "اِنَّا عَرَضْنَا الْاَمَانَةَ عَلَي السَّمٰوَاتِ وَالْاَرْضِ وَالْجِبَالِ فَاَبَيْنَ اَنْ يَّحْمِلْنَهَا وَاَشْفَقْنَ مِنْهَا وَحَمَلَهَا الْاِنْسَانُ اِنَّهٗ..." الخ يعني اسان امانت جو بار آسمانن ۽ زمينن ۽ جبلن کي آڇيوسون تہ ڪٽڻ کان انڪار ڪيائون ۽ انهيءَ بار کان ڊنان ۽ انسان اهو بار ڪنيو.

١٧٢ **ڪنز** * فرمايائون تہ اسان جو والد حضرت عليه الرحمه، جنهن وقت اسان جي ٻاءُ ميان زنگي ننڍپڻ ۾، جو چڱين عادتن سان سينگاريل هو، سببان وعدي "كُلُّ نَفْسٍ ذَائِقَةُ الْمَوْتِ" جي وفات ڪئي، تہ غمگين ٿي مخدوم ميان محمد اسمٰعيل عليه الرحمهٗ ڪڏي واري جي زيارت لاءِ ويا، مخدوم صاحب نظر شفقت جي فرمائي دعا ڪيائون تہ توکي الله جل جلالہ ان جي عيوض ان

www.maktabah.org

کان چگو پٽ ڏيندو ۽ انهيءَ مخدوم صاحب جي دعا قبول هوندي هئي، هي فقير ٿورن ڏينهن ۾ پيدا ٿيو ۽ نالو اسان جو سيد ميان مير شاه عليه الرحمة، جو صالح ٻانهون هو تنهن رکيو جهڙي طرح هن فقير جي ڀائرن جا نالا بلوچي هئا، اهڙي طرح نہ رکيائين ۽ سيد صاحب نالو هن فقير جو محمود (رضي الله تعاليٰ عنه) رکيو ۽ اهو سيد صاحب لوئي جي بزرگن کان داخل طريقي قادري ۾ هو ۽ ننڍپڻ ۾ استاد صاحب ميان عبدالکريم وٽ ٿي پڙهيس، ياد نہ آهي تہ ان وقت حرفن تي ٿي پڙهيم يا فرحي تي، ۽ هڪ سيد ملڪ پنجاب جو، جيڪو حسن ۽ ملاحت ۾ چگو هو ۽ عادت سندس چگي هئي، ڏسندڙن کي هيبت وارو ڏسڻ ۾ ٿي آيو. مدرسي ۾ اچي استاد صاحب سان گفتگو ڪرڻ لڳو، اسان کي سندن ڏسڻ کان ٻہ ڪ ٿي دفعا اهڙي ڪشش طبيعت تي ٿي پيئي جو خيال ۾ آيو تہ هي شخص ٻئن جي مثل نہ آهي. البت رغبت دل جي سندس طرف ٿي، تنهن کان پوءِ جيڪڏهين کي ٻہ ٻہ شخص فقيرن جي جماعت مان گڏ ڏٺم ٿي تہ ان وقت جيڪڏهين راند ۾ مشغول هئس تہ بي قرار ٿيو پيس يڪدم اچيو سندن صحبت ڪيم ،ان وقت اڪثر فقير حافظ نمرو جو طريقي نقشبندي ۾ هو، تنهن سان صحبت ٿي ڪيم ۽ ان جي فقيراڻي ڳالهين مان حصو ٿي ورتم. اهو فقير رات جو گهڻو جاڳندو هو، اڪثر مراقبي ۾ هوندو هو، جو رات جو جيڪڏهين گهڻي دير بعد راند مان آيس ٿي، تڏهين ٻہ مراقبو ڪڍيو ويٺو هوندو هو، ڪڏهين ان کي ستل نہ ڏٺم، هڪ ڏينهن هڪڙي مجذوب جي ڳالهہ ٿي ڪيائون (حضرت مرشد سائين رحمه الله عليه) تہ گهوڙي تي سوار ٿيو پئي آياسون، واٽ ۾ هڪ مجذوب ڏٺوسون، جو هڪڙي گڏه جي لڏ تي ويٺو هو، اها گڏه جي لڏ ڪنين اچن مان ڀريل هئي، ٻئي هٿ ان مان ڀريو پئي ڪاڏائين، ۽ ان لڏ جي بدبوءِ اهڙي هئي، جو ماڻهو ويجهو اچي نٿي سگهيو، اسان کي انهيءَ ڳالهہ تي عجب لڳو ۽ انهيءَ عجب ۾ اسان کي روئڻ آيو، تڏهين اسان کي مٿي سان پاڻ ڏانهن اچڻ لاءِ اشارو ڪيائين جڏهين کيس

www.maktabah.org

ويجها وياسين. ٻئي هٿ ان ڪنين (لڏ) مان ڀري اسان کي ڏنائين ۽ اسان ان کي هڪ ڪپڙي ۾ ٻڌو، تنهن کان پوءِ جيئن تہ اها مجذوب جي ڏنل هئي تڏهين واري توبري ۾ وڌي سون. اهو سارو ڏينهن دل تان وسري ويئي، رات جو ياد آئي، تڏهين خيال ڪيوسون تہ هاڻي توبري مان ڪڍي ڇڏيان، ڪڍي ڏٺم تہ مڙيئي اچي مصري هئي، اهڙي مصري صفا ۽ سٺي، اسان هن جهان ۾ ڪڏهين نہ ڏٺي ۽ انهيءَ زماني ۾ مخدوم ابراهيم نقشبندي عليه الرحمة نٽوي هڪ عورت هندواڻي جي معاملي تي آيو هو، جو ماڻهون اسان جي شهر جا ڪتابي فقير ڪڏي واري جا، انهيءَ ڳالهہ جا شاهد هئا، ۽ اسان جو والد انهيءَ ڳالهہ جي تحقيقات لاءِ مشغول هو ۽ ان عورت کي هڪ جاءِ ڪان ٻئي جاءِ ڏي تي لڪايائون ۽ اسان جي دل فقيرن ڏانهن تمام گهڻي رغبت ڪندڙ هئي، مخدوم صاحب کي اچي چيوسون تہ هينئر اها زال فلاڻي جاءِ ۾ آهي. جيڪڏهين وري ٻئي هنڌ تي لڪايائون تہ وريو چيو ٻڌايوسون تي. انهيءَ ڳالهہ کان مخدوم صاحب هن فقير تي تمام راضي ٿيو، وقت بہ وقت ڪوٺيو پڇندا هئا، ۽ جتي بہ دعوتن تي ويندا هئا تہ اسان کي ياد ڪندا هئا، جو انهن جي يادگيري قبوليت ۾ هئي. آخر ڦل ڏنائين ۽ اهو مخدوم صاحب مريد ۽ خليفو حضرت خواجه صفي الله قدس الله سره سرهندي نقشبنديءَ جو هو. ارشاد تمام ڪامل هئس. اسان جي والد صاحب رحمة الله عليه اسلام جي رعايت رکي، اها عورت مخدوم صاحب کي ڏنائين، جا مسلمان ڪري وري موٽي ويا ۽ بلوغت کان پوءِ طالب فقير هاليپوٽي جيڪو خواجه محڪم الدين سيلاڻي عليه الرحمة جو مريد هو، وجد ۽ حال تمام گهڻو هئس، جو اڪثر وقتن ۾ وجد جي غلبي کان مٿي ۽ پيرن اگهاڙو هليو ويندو هو ۽ عزيز قريب وٺيو ايندا هئس ۽ جوش گرمي جو اهڙو هئس جو سياري ۾ هميشه سرد پاڻي پيو وجهندو هو ۽ آه! آه! هميشه پيو ڪندو هو ۽ جوش جي وقت ۾ هندي ٻولي ڳالهائيندو هو ۽ جذبي مٿس ايترو تہ غلبو ٿي آندو جو پنج وقت بہ ادا نہ ڪري

www.maktabah.org

سگهندو هو، ان سان صحبت رکي سون، ان جي خدمت ۾ هئاسون، ۽ پاڻ فقير تارڪ الدنيا ۽ توڪل ڪندڙ ۽ لاطمع هو، اهل عيال سان تعلق بلڪل نٿي رکيائين ۽ ان بزرگ جي صحبت کان طلب ۽ شوق گهٽو ٿيو ان زماني ۾ عالم رباني ميان خير الله ساڪن تلهار جي سان صحبت ڪئي سون جيڪو خواجه محڪم الدين سيلاني جي مريدن مان هو جو ڪن ماڻهن جي دعوت تي اسان جي ڳوٺ ۾ نو ڏينهن اچي ٽڪيو هو. آئون اڪثر وقت رات ڏينهن تمام گهڻي رغبت ۽ محبت سان سندس صحبت ۾ هوندو هئس، جهڙي طرح سندن صحبت کان اهل علم جو ادب ۽ دل کي ميل حاصل ٿيا. تنهن کان پوءِ ارادي جو اتفاق بزرگ ميان احمد ٿيپو، جنهن جو لقب "ڪٽائي" هو، اهو بزرگ مريد ۽ خليفو مخدوم ابراهيم ٺٽوي عليه الرحمة جو هو، پهرين طريقي نقشبندي ۾ ان کان داخل ٿياسين، ان بزرگ جي توجه سان البت قلب کي تحرڪ ٿيو، پر استقامت ۽ گرفتاري، نسبت جي پوري طرح نه ٿي، تنهن کان پوءِ صحبت جو اتفاق فقير صالح راهوڪڙي سان ٿيو، جيڪو فقيرَ ميان عثمان جوٽيجي جو صحبتي هو، جنهن کي الله جل جلاله جو شوق ۽ طلب گهڻي هئي، رات ۽ ڏينهن آرام نه هئس. انهن ڏينهن ۾ ان فقير جي صحبت جي تاثير کان، اسان کي به بي آرامي ۽ طلب جو شوق گهڻو ٿيو، دل دنيا جي ڳانڍاپن کان ڇنڻ پئي گهريو، اڪثر وقتن ۾ دنيا جي ڳانڍاپن کان دل تي بار ٿي ٿيو. ۽ انهن ڏينهن ۾ منهنجي دل مجازي عشق ۾ گرفتار ٿي، جو مڙني خيالن کان دل کي پاڻ ڏي ٿي ڇڪيائين ۽ ڪنهن طرف نٿي ڇڏيائين، ڪيترا سال اهو حال هو جو محبوب جي ڏسڻ کان سواءِ آرام نه هو ۽ گرميءَ جي بنياد هن عاجز جي ساه کي سڄو ساڙي ڇڏيو هو. نيٺ اهڙيءَ طرح ٿيو جو، جنهن هنڌ نظر ۾ حسن ٿي آيو ته دل يڪدم ري اختيار ان طرف ڇڪجيو ٿي ويئي. تنهن کان پوءِ فقير ميان عثمان جوٽيجي ساڪن ڳوٺ سيراٽين جي سان صحبت ڪيم، جو اهو ڪتابي (شاگرد) بزرگن کاٽ ٻانيٽن جو هو، ۽ مريد شاه

www.maktabah.org

عبدالڪريم عليه الرحمةٰ جو هو. ۽ حضرت مرشد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه کان توجه ورتي هئائين ۽ اوڏانهن تمام گهڻو سچو ارادو هئس، جو جهڙي طرح ڪمال سچائي جي کان ٿي چيائين ته جنهن حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم کي نه ڏٺو هجي، سو حضرت پير سائين مرشد رضي الله تعاليٰ عنه کي ڏسي، ته صورت سندين ساڳي صورت حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي آهي، انهيءَ فقير سان اسان جي محبت تمام گهڻي ٿي ڇاڪاڻ جو ست اٺ ورهيه جي مدت بلڪ زياده انهيءَ فقير سان گڏ رهيا هئاسون. جيڪڏهين اتفاق سان هڪ ٻه ڏينهن الڳ ٿي ٿياسون ته غم ۽ فراق گهڻو ٿي ٿيو. ۽ صحبت جي وقت فقير جي خدمت ۾ ويناسون ٿي، ته ان وقت توجه ڪندڙ باطني دم اسان جي قلب تي ٿي وڌو ۽ جيڪڏهين پنهنجو هٿ مبارڪ فقير اسان جي قلب تي ٿي مهٽيو، ته قلب کي سردي ۽ آرام ٿي پهتو، ڪيترن ڏينهن کان پوءِ قلب کي تحرڪ حاصل ٿيو ۽ جڏهين فقير جي صحبت گهڻي حاصل ٿي، تڏهين جيڪڏهين فقير هٿ پنهنجو ويجهو ٿي اندو ته قلب ري اختيار جذبي مان ٿي چريو، جو سڄي بدن کي چوريو ٿي ڇڏيائين، نيٺ ساري بدن ۾ (سلطان الاذڪار) ذڪر سلطاني جاري ٿيو، ۽ ان فقير جي حالت اهڙي هئي، جو جيڪڏهين اوچتو بندوق جو يا ڪو ٻيو آواز ٿي ٻڌائين ته ري اختيار الله جل جلاله جو نالو وٺيو ڪريو ٿي پيو، ۽ اسان کي به سندس صحبت جي اثر کان اها حالت حاصل ٿي. جيڪڏهين ڪنهن بندوق هڻندڙ کي ڏسندا هئاسون ته ڪنن ۾ آڱريون وجهندا هئاسون ۽ جيڪڏهين ڪنهن وقت مولود يا ڪافيون ٿي ٻڌيون سون ته ذڪر اهڙو غلبو ٿي ڪيو، جو ساري بدن مان اچيو پگهر ٿي هليو. هڪ ڏينهن مسجد کان گهر ڏانهن ٿي آياسون ته واٽ تي وجود کي اهڙو چڪر آيو جو ان چڪر ۾ آسمان ۽ زمين ڦرندڙ ڏٺاسين، پر انهن ڏينهن ۾ علم احوالن تفصيلن جو حاصل نه هو، جيڪي حاصل ٿئي ٿو سو ري سعي ۽ فڪر کان، پر اسان جو ارادو طرف حضرت مرشد صاحب رضي الله

www.maktabah.org

تعاليٰ عنه جي پر پٽ ايتري قدر گهڻو هو، جو پنهنجي دل ۾ ٿي چاتم ته حضرت مرشد رضہ ،صاحب ولايت ۽ اڪمل آهن، ۽ دل ۾ سندن ديدار جي گهڻي آرزو هئي، تان جو اتفاق سان حضرت مرشد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه مڪان لڪڙي ۾ مخدوم ميان غلام محمد جي دعوت تي آيا. جو سندن ڪامل مريد ۽ عالم هو ۽ سيد جمال شاه ولد سيد ميرشاه جيڪو اسان جي ڳوٺ جو ساڪن هو، اصل ڪان سندن مريد هو، ۽ سفر ۾ پير پيادو ساڻن هلندو هو. اسان کي اطلاع ڪيائون، آئون ۽ اسان جو ننڍو ڀاءُ عمر ۽ اسان جو ڀاڻيجو ميان محمد علي ۽ سيد جمال شاه، چارئي زيارت جو ارادو ڪري هلياسون، رات جو گهڻي ديرڪان پوءِ پهتاسون ۽ خلق جو تمام گهڻون هجوم هو، ان وقت ملاقات حاصل نہ ٿي ۽ سيد ميان فتح محمد، علي پور وارو، جو اسان جو واقف ۽ سچو مريد حضرت مرشد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه جو هو، اسان وٽ اچي سندن واڪاڻ ۽ تصرف ڪرامتون بيان ڪرڻ لڳو، انهيءَ ڳالهه لاءِ تہ هي طريقي مبارڪ ۾ داخل ٿين ۽ گهڻن قسمن جا واعظ ۽ نصيحت ڪيائين، جڏهين سيد صاحب اٿي ويو، تہ اسان پاڻ ۾ گفتگو ڪئي تہ سيد صاحب سمجهي ٿو تہ هي ڇوڪر آهن، تن کي فريب سان طريقي ۾ داخل ڪرائيندس. اسين اهل دنيا جا آهيون، اسان ۽ طريقن ڇا لڳي، خاص زيارت ۽ دعا لاءِ آيا آهيون، زيارت ڪري موٽي ويندا سون. سحور جو آئون اڪيلو قدمبوسي لاءِ ويس. تہ فقير ثابت جو سندن خدمت ۾ هميشه هوندو هو، تنهن قدم بوسيءَ کان منع ڪئي، ۽ چيائين تہ هينئر حضرت جن وظيفن ۾ مشغول آهن، اشراق جي نفلن کان پوءِ اچي ملاقات ڪج، فجر جو نماز سندن پٺيان پڙهي سون، اشراق کان پوءِ قدمبوسيءَ جو ارادو ڪيوسون، پر خلق جي انبوه کان حاصل نہ ٿي، ان وقت ڏٺم تہ فقيرميان عثمان جوڻيجو قدس الله سره، فقيرن وچان اچي قدمبوسي حاصل ڪئي ۽ توجه وٺي ٻاهر آيو، هن فقير سان ملاقات ڪئي سون تہ حضرت مرشد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه جا فقير سندن طريقي ۾ داخل ٿيڻ لاءِ گهڻو

www.maktabah.org

ٿا چون، پر اسان جي دوستي اوهان سان گهڻي آهي، اسان جي مرضي طريقي ۾ داخل ٿيڻ جي نه آهي، هاڻي جيڪا اوهان جي مرضي مبارڪ. فقير ميان عثمان جوڻيجي فرمايو ته اي ڀاءُ، مون کي دنيا جي نفع کان سواءِ يعني ڪپڙا ۽ ماني، تو کان ٻيو ڪي حاصل نه آهي، رڍ جو پڇ جيڪڏهين ڪو وٺي درياءَ ۾ گهڙندو ته نه هن ڪنڌي پهچندو نه هن ڪنڌي. جيڪڏهين توکي واٽ الله جل جلاله جي پڇڻي آهي ته هتان وڃي پڇ. دير نه ڪر، پوءِ اسين ٽيئي اچي حضور شريف ۾ حاضر ٿياسين، وهڻ شرط مون عرض ڪيوته حضرتا دنيا جون پڇڙايون نشا يا حرام سڀ هن گنهگار جي وجود ۾ موجود آهن، پر جيڪڏهين انهن مڙني بڇڙاين سان، اوهين لائق (مهرباني) ڪري ڪرم فرمايو ته ٻانهو حاضر آهي، پوءِ حضرت مرشد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه تمام شفقت ۾ اچي گهڻي دعا ڪيائون ۽ توجه ڪري اسان ٽنهي کي طريقي شريف ۾ داخل ڪيائون. "اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰي ذٰلِكَ حَمْدًا كَثِيْرًا طَيِّبًا مُبَارَكًا" ۽ پڻ فرمايائون ٿي، ته طريقي شريف ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ هڪ خواب ڏٺم ته گهوڙي تي سوار ٿيو پيو اچان، جڏهين مسجد پراڻي ڳوٺ جهانگيرآباد وٽ پهتس، آواز قرآن ڪريم جي پڙهڻ جو مسجد شريف منجهان ٻڌم، انهيءَ وقت اسان کي رغبت طلب جي گهڻي هئي، گهوڙي تان لهي مسجد شريف ۾ وياسون، مسجد ۾ هڪ پير مرد، مٿي ڪوڙيل صورت وارن ڇوڪرن کي قرآن جي تعليم ٿي ڏني، پر ڇوڪرا سڀ اگهاڙا هئا ۽ ڇوڪريون مراهقون لباس سان سي به وٽس هيون، مون کي ڏسي اٿي خوش خير عافيت ڪئي ۽ پاڻ وٽ وهاريائين ۽ تلقين لا اله الا الله جي ٿي پيرا ڪيائين پوءِ رخصت گهريم پاڻ مون سان همراه ٿي مسجد جي ٻاهر آيو ۽ چيائين هو اپرندي طرف ماٿهو ڏس، جڏهين اپرندي نظر ڪيم ته هڪ شخص ذات چانگ مينهون چاريندي ڏٺم ۽ سندس لٽ تي قرآن ڪريم لکيل هو سو پئي پڙهيائين. انهيءَ خواب جي ڏسڻ کان پوءِ حضرت مرشد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه لڪڙيءَ ۾ آيا ۽ اسان ات ڪانئن تلقين

www.maktabah.org

ورتي، انهيءَ وقت پاڻ اشراق جا نفل پڙهيو، مسجد ۾ مصلي تي ويٺا هئا. انهيءَ ڏينهن اسان جي عمر ٢٤ چوويهه ورهيه هئي ۽ حضرت مرشد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه کي ٽي چار وار اڇا لحيه مبارڪ ۾ هئا، ٻيا سڀ ڪارا وار هئا. انهيءَ وقت توجه جو اهڙو منهن هو، جو ڪنهن کي طاقت سندن ديدار جي نه هئي، هزار ماڻهو مٿي ۽ پيرن اگهاڙا، ڪي چريا، سندن حضور شريف ۾ حاضر هئا. عشق ۽ محبت جو هل اهڙو هو جو سڀ کو ڏينهن قيامت جي مثال هو ۽ مشائخ سنڌ جا اڪثر مريد خاص ۽ عام مڙيئي هڪ پيري مريد ٿيا. جڏهين لڪڙيءَ کان ٽنڊي غلام حيدر طرف روانا ٿيا، ته اسين رخصت وٺي پنهنجي ڳوٺ آياسين ۽ پاڻ فقيرن جون دعوتون پئي قبول ڪيائون. جهڙي طرح ٽنڊي غلام حيدرکان ٽنڊومير سائينداد ٽالپر تنهن کان پوءِ سعيدپور. ۽ تنهن کان پوءِ ريڙي جي دعوت قبول ڪيائون. ۽ گهڻي جماعت جا دعوت جي مڪان تي فقير ابوطلحه سان گڏجي ويئي ٿي، رات جو اسان جي شهر ۾ رهيا ۽ حضرت مرشد صاحب رضي الله تعاليٰ کي نظاماڻين ڳوٺ آرپوٽه جي زيارت لاءِ نيو هئائون. جيڪي سڀ ننڍا وڏا، طريقي ۾ داخل ٿيا، تنهن کان پوءِ سيد فتح محمد ڪارين واري، زيارت لاءِ نباءِ ان شهر جا سڀيئي سادات ۽ ٻيا ماڻهون سندن طريقي ۾ داخل ٿيا، ۽ رات جو اتي رهي پيا. پوءِ اسان سيد ميان جمال شاه کي حضور شريف ۾ دعوت لاءِ موڪليو، ته صبوح جو حضرت مرشد سائين رضي الله تعاليٰ عنه کي دعوت ڏيئي اسان جي شهر ۾ وٺي اچو. صبح جو پاڻ آيا ۽ آئون سندن خدمت ۾ سارو ڏينهن، پيرن اگهاڙو ٽي ڊوڙيس، جيستائين پاڻ هئا تيستائين جتي بلڪل نه وڌيم، اتي نوان پنج سو مريد طريقي ۾ داخل ٿيا ۽ سواريءَ جي وقت، جو چڙهڻ جو سعيو هئن، اسان کي دل ۾ خيال آيو ته حضرت جن کي اڄ هوندي، جلدي وڃي هڪ چنئوري شربت جي ناهي، حضور شريف ۾ آنديم ۽ اهو وقت اهڙو هو، جو حضرت جن هٿ لغام ۾ ۽ پير رڪاب ۾ وجهيو بيٺا هئا، پوءِ هڪ وٽو شربت جو هن فقير کان

www.maktabah.org

وٺي پيتائون ۽ شربت پيئندي هن مسڪين تي فيض جي نظر اهڙي ڪيائون جو جيڪو مقصود هو، اهو هڪ دفعي سان مڙيئي حاصل ٿيو، پوءِ سوار ٿي ڳوٺ (راهو) راهون جي دعوت ڦل جي تي آيا. اسان کي فرمايائون تہ اوهين اڳي هلي، اسان کي واٽ ڏيکاريو، پوءِ اسين ري موڪل گهرجي، واٽ ڏيکارڻ جي خيال سان جلد گهوڙي تي سوار ٿي، ۽ لونگي چيلهہ ٻڌڻ لاءِ هڪ خدمتگار کان ورتي سون، اڳي ٿياسون، پوءِ دل ۾ خيال آيو تہ وچين نماز پڙهي رخصت وٺنداسون، جڏهين وچين نماز پڙهي سون، تڏهين دل ۾ خيال آيو تہ سانجهي نماز پڙهي تنهن کان پوءِ ڳوٺ ويندس، جڏهين سانجهي نماز پڙهي سون تڏهين دل سندن حضور کان ڇني نہ سگهيس ۽ دل ۾ خيال آيو تہ ڦل آشنا آهي ۽ حضرت جن رات جو اتي هوندا، رات جو حضور شريف ۾ هوندس، جڏهين رات جو ذڪر جي جماعت ۾، ذڪر ۾ مشغول ٿياسون، تڏهين جوش دل جي کان لفظ دل ٻڌجن جا ظاهر پئي ٿيا، ان وقت خليفو ميان بخش علي ٽالپر، جو صاحب حال هو، اسان جي نالي چيائين تہ هيءُ جوانمحبت ۾ چڱي طرح گرفتار ٿيو آهي، ۽ اسان کي چيائين تہ تون هن صورت ظاهري مرشد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه جي کي چڱي طرح مطالع پيو ڪر، جڏهين صبح جو رڙي جي ڳوٺ ڏي سوار ٿيا، خيال ڪيم تہ اسان جي پاءُ ميان گهرام جي مقبري جي زيارت کان پوءِ رخصت وٺندس، جڏهين اتي پهتا، تڏهين دل ۾ چيم تہ رڙي جي دعوت کان پوءِ موٽندس، پر دل بلڪل ڇڄڻ جي نٿي پئي ڪئي، جڏهين رڙي ۾ ويا تڏهين سببان چوڻ خليفي ميان بخش علي صاحب جي، حضرت مرشد صاحب جي صورت مبارڪ ۾ هڪ ساعت چڱي طرح دل ۾ خيال ڪيم، انهيءَ وقت رابطو حاصل ٿيو، جهڙيءَ طرح ڪکن کي باه وٺي، هن ظاهري صورت جي بدران صورت موجود حاصل ٿي ۽ حالت ڦري ٻئي ٿي ۽ نشي اهڙو غلبو ٿي آندو، جو اکيون اکين جي زوري کولڻ کان سواءِ بلڪل نٿي کليون، ۽ اوچتو دل هڪڙي اهڙي بلا ۾ گرفتار ٿي، جنهن کي اڳي نہ ڄاتل ۽ نہ ان کان خبر ۽ نہ ڏٺل

www.maktabah.org

۽ ٻڌل هئي دل اهڙي طرح بند گرفتار ٿي، جو رخصت وٺڻ جو بلڪل خيال نہ رهيو، بلڪ مال ۽ عيال جي يادگيري لهي ويئي. انهيءَ ڏينهن ٻہ ٽي ميل گهوڙي تي چڙهيس، پوءِ گهوڙي کي ڇڏي، پيادو خدمت شريف ۾ ٿي ڊوڙيس ۽ فتح پور ۾ آيا، تنهن کان پوءِ کورواه ۾ آيا، ان وقت پاڇي جي مثل هميشه حضور شريف ۾ حاضر هوندو هئس. تنهن کان پوءِ شهر ڏنڊيءَ ۾ آيا، ۽ ڏنڊيءَ کان پوءِ اسلام پور ۽ اسلام پور کان پوءِ کوکر ۾ آيا. ان وقت وجد جي حالت اهڙي ظاهر ٿي جو وجد جي جوش کان، سندن وجود مبارڪ ڏانهن اشارو ڪريو ظاهر ٿي چيم تہ اجهو الله، اجهو الله جل جلاله ۽ حضرت مرشد صاحب رضي الله تعالىٰ عنه، ڪنڌ ۾ وڻي مون کي فرمايائون تہ اهڙي طرح م چئو، مون عرض ڪيو تہ حضرتا! اهڙي طرح نہ آهي ڇا؟ پاڻ فرمايائون تہ جيڪڏهين اهڙي طرح آهي تہ بہ چوڻ نہ گهرجي، مون عرض ڪيو تہ مون کي چوڻ ۾ اختيار نہ آهي، پوءِ پاڻ فرمايائون تہ جيڪڏهين توکي اختيار نہ آهي تہ تنهنجي مرضي، تنهن کان پوءِ ڪاتيارن ۾ آيا، تنهن کان پوءِ سعيدپور ۾. انهيءَ وقت وجد اهڙو غلبو آندو جو هڪ ساعت جدا نٿي ٿيو ۽ جوش مستيءَ کان وٽن تي ڪريو ٿي پيس ۽ ان ڏينهن جڏهين قضاحاجت لاءِ ٿي ويس، تہ يڪدم اتي بہ بي خبر ٿي ويس، گهڻي مدت گذري ويئي، تنهن کان پوءِ هوش ۾ اچي پڇيم تہ حضرت جن چڙهي ويا هئا. تنهن کان پوءِ مڪان دعوت جي تي پهتس ۽ اتان ڳوٺ بهادر خان نظاماڻي ۾ آيا، سيني نظاماڻين منهنجو حال ڏسي تعجب ٿي ڪيو، تنهن کان پوءِ حيدآباد ۾ آيا، اتي اسان جو والد صاحب رحمة الله عليه ۽ چاچو صاحب سرڪاري نوڪريءَ ۾، سرڪاري نوڪر هئا. حضرت جن کي اچي عرض ڪيائون تہ هن ڇوڪري کي شادي ڪئي ويهہ (۲۰) ڏينهن پورا نہ ٿيا آهن، عنايت فرمائي رخصت ڏيوس، سمجهايوس تہ اسان سان گڏجي شهر هلي، مون عرض ڪيو تہ حضرتا، جيڪڏهين سيئي داخل طريقي شريف جا ٿيندا تہ ڳوٺ ويندس نہ تہ نہ، پوءِ اهي مڙيئي داخل طريقي شريف جا

www.maktabah.org

ٿيا، آئون سببان مرضي حضرت مرشد پير سائين رضي الله تعاليٰ عنه جي حيدرآباد ۾ رهيس، پاڻ روانا ٿيا، پوءِ جڏهين موٽي شهر آيس، تڏهين آرام دل کي بلڪل نه آيو ۽ سيني کان تعلق ڇڏي ويو، ڪنهن سان ورونهه ونڻ نه اچي، ۽ ڪائڻ پيڻ ۾ فرحت نه اچي، پوءِ جڏهين حالت بي قراري جي گذري، ڏيڍ مهيني کان پوءِ والد صاحب اسان کي ماڻهو ۽ وهيٽ ڏنا، درگاه شريف تي وڃڻ لاءِ تيار ڪيائين، جو هڪ اٺ ۽ ٻه گهوڙا سواري لاءِ هئا ۽ خرچ ۽ سمر گهڻو ڏنائين، آئون پهرين منزل کان وٺي درگاه شريف تائين پيادو هليس ۽ درگاه شريف ۾ پهچڻ شرط جيڪي سمر موجود هو سو سڀ، حضرت مرشد پير سائين رضي الله تعاليٰ عنه جن کي نذرانو ڏنم ۽ جيڪي همراه هئا سي سڀ خوشيءَ سان طريقي شريف ۾ داخل ٿيا. پوءِ ڪجهه ڏينهن شعبان جا ۽ رمضان شريف سارو ۽ شوال جا ڪجهه ڏينهن خدمت شريف ۾ هئاسون، انهن ڏينهن ۾ ارادو ۽ رابطو ۽ محبت ڏينهن به ڏينهن زياده پئي ٿي. ۽ دل رخصت ونڻ ۾ راضي نٿي ٿي، تانجو هڪ خط والد صاحب، ميان عبدالرحمٰن طالب علم کان لکائي هن مضمون سان موڪليو ته اسان کان رخصت درگاه شريف تي ٽڪڻ لاءِ رمضان شريف تائين وٺي ويا آهيو، اهو واعدو گذري ويو ۽ ماءُ پيءُ سان واعدو ڪري، خلاف ڪرڻ ماءُ پيءُ جي بي فرماني آهي. انهيءَ خط ۾ دليل قرآن شريف ۽ حديث شريف مان لکايا هئائون ۽ حضرت مرشد پير سائين رضي الله تعاليٰ عنه جن خط جو مضمون مطالع ڪري پاڻ فرمايائون ته والد صاحب اوهان جو فقط ملان آهي. نيٺ ڪيترن ڏينهن کان پوءِ رخصت وٺي، وري ڳوٺ وياسون ۽ انهن ڏينهن ۾ بزرگ ميان ابوالقاسم ملن ڪاتيارن وارو، اسان جي تعليم لاءِ پڳهارتي اسان وٽ ويٺل هو، جو هڪ سال اسان جي ڳوٺ ۾ هو، اهو بزرگ مريد حضرت مرشد پير سائين رضي الله تعاليٰ عنه جو هو، تقدير الاهي سان ان بزرگ جو پائيٽو مجذوب ٿي سنڌ کان نڪري ويو ۽ سندس پاءُ ميان محمد اڪرم، ڪفر حقيقيءَ جي حالت ۾ گرفتار هو، ان جي ارادي ۾ ڪجهه تردد

www.maktabah.org

پيو، نيٺ مخدوم ميان ابراهيم ٺٽوي عليه الرحمة کان مريد ٿيو ۽ خلافت ڏنائونس ۽ پنهنجو نائي ڪيائونس، جيڪي ماڻهو سندس صحبت ۾ هئا، سي سڀ مخدوم صاحب عليه الرحمة کان مريد ٿيا ۽ اسان کي پڻ مريد ٿيڻ لاءِ چيائين، پر اسان جي دل حضرت مرشد پير سائين رضي الله تعاليٰ عنه جي محبت ۾ گرفتار هئي، انهيءَ ڪري بزرگ جي واعظن ۽ نصيحتن ڏي ميل نه ڪيائين، بلڪ ارادو ۽ محبت روز بہ روز زياده ٿيندي ويئي ۽ رابطي مبارڪ جي سببان وحدت الشهود ڪثرت ۾ ظاهر ٿي، جهڙي طرح جيڪو ٽول ڏسڻ ۾ آيو، انهيءَ ۾ الله جل جلاله جي ذات ظاهر پئي ٿي ۽ وحدت نهايت غلبو آندو، جو غلبي جي جوش ۾ ظاهر زبان سان پئي چيم تہ اول آئون آهيان، آخر آئون آهيان، ظاهر آئون آهيان، باطن آئون آهيان، پوءِ هڪ ڏينهن بزرگ ميان ابوالقاسم اسان کي چيو تہ اوهان کي بہ ڦاهيءَ چڙهڻ جو ارادو ٿيو آهي ڇا، اسان چيو تہ پوءِ ڇا ڪريان، بزرگ فرمايو تہ الله جل جلاله کي اهڙي طرح م چئو باقي تون ڄاڻي ۽ تنهنجو ڪم ڄاڻي.

١٧٣ ڪنز * فرمايائون تہ حضرت مرشد پير سائين رضي الله تعاليٰ عنه جي رابطي ۾ بجاءِ هن وجود جي، وجود مطلق ٿي ڏٺم ۽ سندن رابطي ۾ اول کان آخر تائين، اسان کي اها حالت ڏسڻ ۾ آئي تہ حضرت مرشد پير سائين رضي الله تعاليٰ عنه پاڻهين موجود آهن ۽ ظاهر ٿيڻ "جهان امر" ۽ "جهان خلق" جي جو سندن وجود کان آهي ۽ حضرت مرشد پير سائين رضي الله تعاليٰ عنه جن ٿي فرمايو تہ مشائخن طريقي جي رحمة الله عليهم جيڪي سير سلوڪ جي کان فرمايو اٿن ۽ فرمائيندا، انهن جي مڙني مقامن کي اسان چڱي طرح ڄاتو آهي، پر اسان جو طريقو هڪ وک آهي، انهيءَ سببان ان ڳالهہ ڏي اشارو مٿي ٿي ڏنائون ڇاڪاڻ تہ سير سلوڪ ۽ حالتون ۽ مرتبا آهستي آهستي پورا ٿيندا آهن، ۽ وجود الله جل جلاله جو سيني کان پوءِ آهي، ڇو جو اهي مڙيئي تشبيهون ۽ رنگ آهن ۽ وجود الله جل جلاله جو

www.maktabah.org

پاڪائي ۽ تعظيم ۾ ثابت آهي ۽ جيڪو درجو ٻين مشائخن کي نهايت ۾ حاصل ٿيو، اهو درجو رابطو وٺندڙ حضرت مرشد پير سائين رضي الله تعاليٰ عنه جن کي اول حالت ۾ حاصل ٿيو. اهو ڳجهه حرفن ۾ نه سمائبو ۽ نه ماپندو ۽ زبان چئي نه سگهندي. "مَنْ ذَاقَ ذَاقَ وَمَنْ لَّمْ يَذُقْ لَمْ يَدْرِ" يعني جيڪو چکندو اهو ڄاڻندو، ۽ جيڪو نه چکندو، تنهن کي خبر نه پوندي.

۱۷۴ ڪنز * فرمايائون ته هينئر اسان کان مماتيءَ وارن کي جدا جدا ختمو ڏيڻ نٿوٿئي، جيڪڏهين انهيءَ ڳالهه کي تڪليف سان حاصل ٿا ڪريون، تڏهين به نٿي ٿئي، جمع جو خيال دل کان ٻاهر بلڪل نٿو ٿئي، ڇاڪاڻ جو هڪ وقت ياءُ صاحب ميان ٽالهو خان عليه الرحمة کي جدا ختمي ڏيڻ لاءِ تڪليف ڪئي سون پر نه ٿي سگهيو، ڇوجو سڀ مماتيءَ وارا، ان وقت اچيو گڏ ٿين، سڀ کو هڪ هڪ وجود ۾ گڏ آهي، پوءِ هڪ ڦڙو درياءَ کان ڌار ٿي نه سگهندو. ۽ لٽ هٽڻ سان درياءُ چيرجي نه پوندو ۽ هڪ وقت دعا گهرڻ وقت به اهڙي طرح ٿي فرمايائون.

۱۷۵ ڪنز * فرمايائون ته هڪ وقت درگاه شريف تي هئاسون ۽ اسان جي وڃڻ کان اڳ حضرت مرشد پير سائين رضي الله تعاليٰ عنه جن ناچاڪ هئا ۽ صحبت ڪرڻ وقت فرمايائون ته هينئر اسان ناچاڪيءَ ۾ اها وصيت ڪئي هئي ته جماعت منجهان ٻن شخصن سان صحبت ڪجو، هڪ اسان جو نالو ورتائون ۽ ٻيو خليفو ميان الهه رکيو عليه الرحمة جو.

۱۷۶ ڪنز * فرمايائون ته جنهن شخص ڏانهن اسان جي دل کي رغبت ٿي ٿئي ته ضرور اهو فائدي وارو ٿو ٿئي، پوءِ جيڪڏهين اهل دنيا آهي ته ان کي ڪشائش دنيا جي ڪمن جي ٿي ٿئي ۽ هدايت ٿئي ٿي ۽ جيڪڏهين طالب آهي ته ضرور مطلب کي ٿو پهچي.

۱۷۷ ڪنز * فرمايائون ته ننڍپڻ ۾ طريقي شريف جي داخل ٿيڻ کان اڳي جڏهين فقيري جي رسم جي ڪا خبر نه هئي،

www.maktabah.org

ري اختيار دل ۾ خيال ٿي آيا ته جيڪڏهين مون کي حالت وجد ۽ جوش جي حاصل ٿئي، جنهن کان آئون پاڻ خوش هجان ۽ ٻين کي تلقين ڪريان، خلق گهڻي گڏ ٿئي، پر سڀ صاحب جذبه ۽ حال جا ٿين، پوءِ اهي خيال جيڪي ري فڪر حاصل ٿي ٿيا، سي طريقي شريف جي داخل ٿيڻ کان پوءِ حاصل ٿيا، پوءِ ڇاتو سون ته اهي خطرا هئا نه خيال، اهي خطرا الله جل جلاله جي طرفان هئا، جي ظاهر ٿيڻ کان اڳي منهنجي قلب ۾ وڌائين.

١٧٨ ڪنز * فرمايائون ته طريقي شريف ۾ داخل ٿيڻ کان اڳي فقير عثمان عليه الرحمة جي صحبت ڪيم، انهيءَ فقير اڪثر خدمت جو امر ٿي ڪيو، هڪ رات هڪ مسافر ملڪ پنجاب جو مسجد ۾ آيو ۽ حج تي ٿي ويو، فقير عثمان مون کي فرمايو ته هيءُ شخص ڪامل آهي، پوءِ وڃي ان جي خدمت ڪئي سون ۽ منيون هنيم، پر ان مسافر به لفظ دعا جا به زبان مان نه ڪڍيا، دل ۾ خيال آيو ته، هن مسافر منهنجي ايتري خدمت جي باوجود به مون کي ڪا دعا به نه ڪئي، انهيءَ خيال اچڻ شرط مسافر چادر منهن تان کڻي چيو ته تون به الله جل جلاله لاءِ خدمت ٿوڪرين هڪ ڏينهن اهو الله جل جلاله توکي حاصل ٿيندو ۽ مطلب تنهنجو پورو ٿيندو.

١٧٩ ڪنز * فرمايائون ته طريقي شريف ۾ داخل ٿيڻ کان اڳي، تبارڪ سورة جي پڙهڻ جي سمهڻيءَ جي نماز کان پوءِ اسان جي عادت هوندي هئي، ۽ انهن ڏينهن ۾ بزرگ حاجي لطف الله اسان جي مسجد ۾ رهندو هو ۽ سنديس عادتون چڱيون هيون. رات جو گهڻو جاڳندو هو، بعضن وقتن ۾ اسين راند تان گهڻي ديرکان پوءِ ايندا هئاسون، ته به مسجد ۾ مراقبو ڪڍيو ويٺو هوندو هو. هڪ رات گهڻي مدت کان پوءِ مسجد ۾ هئاسون، راند ڪرڻ سببان تمام ٿڪي پيا هئاسون، سورة تبارڪ سمهيو ٿي پڙهيم، بزرگ ميان حاجي لطف الله اسان کي ڏسي چيو ته اي ابا قرآن شريف ستي نه پڙهڻ گهرجي، ادب رکڻ گهرجي، پوءِ اٿي ويهي

www.maktabah.org

پڙهي سون، تنهن کان پوءِ ان بزرگ جي برڪت سان ڪڏهين بہ قرآن ڪريم ستي نہ پڙهيوسون. اتفاقا جيڪڏهين ڪنهن وقت ڪم ڪار جي سببان ٽڪ ٽيندو هو تڏهين بہ سورة سڳوري جي پڙهڻ وقت، ان بزرگ جي ڳالهہ ياد ايندي هئي ۽ ويهي پڙهندا هئاسون.

١٨٠ ڪنز * فرمايائون تہ پٽ معنوي ڦڙي منيءَ جي مان نٽا ڄاپن ڄاڪاڻ جو اصل ماڻهو پي جو حضرت آدم عليه السلام کان آهي، مني جي ڦڙي کان پاڪ آهي، مگر ٻيا ماڻهو انهيءَ کان آهن، پوءِ جيڪو خاص اصل ماڻهوءَ پي جي ساڻ آهي، اهو ان قسم کان آهي، ۽ حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وآلہٖ وسلم انهيءَ کان بي پرواه آهي، جهڙي طرح حديث شريف ۾ آهي، "كُنْتُ نَبِيًّا وَّآدَمُ بَيْنَ الْمَآءِ وَالطِّيْنِ" يعني: حضرت آدم عليه السلام اڃان پاڻيءَ ۽ مٽي هو تڏهين آئون نبي هئس، هن ٻانهي عرض ڪيو تہ حضرتا جيڪي اوهان فرمايو آهي اهو حق آهي جو بعضي مشائخن ڄاپڻ کان اڳي ڪرامتون ڪيون آهن ۽ هن جهان ۾ گهڻن ڏينهن کان پوءِ ظاهر ٿيا، پر باوجود اهڙي بي پروائي جي، جا مشائخن کي حاصل آهي، هن ظاهري ڄڻڻ مان ڪهڙو فائدو آهي، پاڻ فرمايائون تہ مشائخ جنسيت جي ڦاهي آهن، جي جنس جي قيد ڪرڻ لاءِ ٿا اچن.

١٨١ ڪنز * فرمايائون تہ هڪ وقت خليفو ميان اسماعيل نقشبندي عليه الرحمة اسان سان ڳالهہ ڪئي تہ هڪ ڏينهن مقبري ميان قادر ڏني شاه جي تي زيارت لاءِ ويس، جيڪو ڦٽي درياءَ جي ڪنڌي تي آهي، جڏهين سندن قبر کي سامهون ٿيس، ڏٺم تہ بزرگ امانت جي ڪسڻ لاءِ مون ڏانهن هٿ ڍڳهاريو ۽ منهنجي امانت کي پاڻ ڏانهن ڇڪيائين ۽ آئون ان وقت اٿي سندس قبر شريف کان پري ٿيس، ۽ ٻئي مقام کي ختمون ٿي ڏٺم تہ اتي بہ بزرگ امانت ڪسڻ لاءِ هٿ ڍڳهاريو. پوءِ اٿي ڀڳس. پوءِ اسان خليفي ميان اسماعيل نقشبندي عليه الرحمة کي چيو تہ

www.maktabah.org

جيڪڏهين مون کي چوي ته ساري رات سندس قبر جي پاسي ۾ سمهي اچان انهيءَ تي خليفي ميان ابوالقاسم مون کي چيو ته توکي ڪهڙو ڊپ آهي، جو تون اصل ڪان نفي ٿو رکين، نفي ۾ امانت جو ڪسڻ ڪيئن ٿيندو، ڇاڪاڻ ته امانت جو ڪسڻ "خوديءَ" تي آهي.

۱۸۲ ڪنز * فرمايائون ته عبدالله نالي سمون پنهنجي چاچي کان نقل ٿي ڪيو ته هڪ ڏينهن اتفاق سان مخدوم بلال عليه الرحمة جيڪو ميان جرڪس عليه الرحمة جو ڏهٽو هو سو قاضي احمد عليه الرحمة جي زيارت کان موٽيو ٿي آيو جو ڪڙيه مبارڪ جي اترئين طرف آهي، جڏهين ڪڙيه مبارڪ جي زمين کان لنگهيو جو انهن ڏينهن ۾ ڪڙيومبارڪ غيرآباد هو، هڪ جاءِ تي جتي هينئر ڪڙيه مبارڪ جي مسجد شريف آهي، تورو فڪر ڪري ۽ آرام حاصل ٿيڻ سببان بهي رهيو، پنهنجن همراهن کي فرمايائون ته هن جاءِ تان اسان کي عجائب الله جل جلاله جا نظر ٿا اچن ۽ سندس همراهن، ان ڳالهه جي حقيقت کولڻ لاءِ عرض ڪيو، پاڻ فرمايائون ته اسان کي ڏسڻ ۾ ٿو اچي ته هن زمين تي شهر آباد ٿيندو ۽ جنهن مڪان تي اسين بينا آهيون، ان تي مسجد آباد ٿيندي، مسجد ۾ ذڪر جو هل ۽ خلقت جو هل گهٽو ٿيندو، جو اهڙو ذڪر جو هل ڪنهن زمين تي نه ٿيندو، پوءِ ان نقل ڪندڙ چيو ته جڏهين اها حقيقت ظاهر ٿي تڏهين اسان جي چاچي اسان سان هي ڳالهه ڪئي، ته جيڪي ڪڙيه شريف ۾ هينئر ظاهر آهي، سو مخدوم ميان بلال اڳ ڏٺو هو.

۱۸۳ ڪنز * فرمايائون ته خليفو ميان صاحبڏنو عليه الرحمة اسان کي چيو ته مون حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم کي گهٽا پيرا ڪڙيئي شريف جي مسجد شريف ۾ ڏٺو آهي.

۱۸۴ ڪنز * فقير خيرمحمد چيو ته هڪ ڏينهن حضرت جن هڪ تس مصريءَ جو پريل مسجد شريف ۾ فقيرن جي اڳيان

www.maktabah.org

ڪٽي آيا، ۽ نقل ڪيائون تہ هڪ ڏينهن حضور فقير ميان لعل محمد عليه الرحمةَ جي ۾ هڪ شخص هڪ روپيو نظرانو ڏنو ۽ چيائين تہ حضرتا هي ٻانهون سرڪار ۾ سببان ١٤٠ خرار سارين جي ۾ گرفتار آهي، دعا ڪريو تہ ان تڪليف کان آجو ٿيان، پوءِ پاڻ منهن مبارڪ جماعت ڏانهن ڪري فرمايائون تہ هي رپيو اهو شخص ڪٽي جو هن کي هن تڪليف کان آجو ڪري، هڪ فقير اٿي اهو روپيو ڪٽي چيو تہ آئون هن روپيہ مان چادر وٺندس ۽ تڪليف کان آجي ڪرائڻ جو ذمو اوهان جو آهي، پوءِ ان شخص کي الله حل جلالهٗ، سرڪار جي انهيءَ تڪليف کان آجو ڪيو. انهيءَ کان پوءِ فرمايائون تہ هي مصري ميان فتح خان نظاماڻي موڪلي آهي، ٻن سون خرارن سارين جو انگريز کي ڏيڻ جو وعدو ڪيو اٿس ۽ لکي ڏنو اٿس ۽ انگريز مٿس تڪليف ڪئي آهي ۽ هيءَ مصري اهو ڪٽندو جو ان کي تڪليف کان آجو ڪندو، پوءِ فقيرن عرض ڪيو تہ حضرتا اها مصري اسين ٽا ڪائون ۽ آجائيءَ جو بار اوهان تي آهي پوءِ مصري فقيرن ورهائي ڪاڏي، ٿورن ڏينهن ۾ الله جل جلالهٗ ميان فتح خان کي حضرت جن جي برڪت سان، سارين جي تڪليف کان آجو ڪيو جو انگريز اهو قبض لکيل ورائي ڏنس ۽ جاگير نظاماڻي، جنهن جي انگريز منع ڪئي هئي، اهو بہ ورائي ڏنائينس، بلڪ ٻيا ڪم جن لاءِ حيران هو سي سڀ پورا ٿيس.

١٨٥ ڪنز * فرمايائون تہ اول طلب ۾ حالتون ۽ واقعات قسمن قسمن جا حاصل ٿي ٿيا، هڪ ڏينهن اسان جي سيني کان سج جهڙو چمڪندڙ نور ظاهر ٿيو، اهڙو نور هو ۽ اهڙي روشني ڪيائين جو سيني کان آسمان تائين پهتو ۽ اڪثر زمين تي روشني ڪيائين، اها ڳالهہ ڪيترا ڏينهن ظاهر هئي، تنهن کان پوءِ اها حالت نفي ٿي، وري مقام روح جي حقيقت ظاهر ٿي، اها ڪيترا ڏينهن موجود هئي، اها تہ مثل هن وجود ظاهر جي نفي ٿي، تنهن کان پوءِ جيڪي حالتون، لطف الاهي سان ظاهر ٿي ٿيون، تن کي لکڻ نہ گهرجي ۽ بيان ڪرڻ نہ جڳائي.

www.maktabah.org

١٨٦ كنز * فرمايائون تہ هڪ وقت خليفو ميان لقمان عليه الرحمة ۽ اسان گڏتگو، حقيقت اسرارن جي ٿي ڪئي، خليفي کي چيوسون تہ جهڙي طرح سالڪن کي هن وجود ظاهري کان نفي ٿا ڪرائين، اسان کي هن مقام ۾ روح کان نفي ڪرائي مٿاهين مرتبي ۾، جو سالڪ جي سمجهہ ۾ نہ اچي، داخل ڪيو اٿن، خليفي صاحب عليه الرحمة فرمايو تہ انهيءَ ڪم جو فڪر خيال سان هوندو، اسان چيو تہ نہ هي ٿو چوان تہ اهو مرتبو هميشه ظاهر آهي، پوءِ خليفي صاحب چيو تہ جيڪي ڳالهيون اسرارن جون اوهان جي مجلس مان ٻڌجن ٿيون، تن جو سلوڪ جي ڪتابن ۾ وجود ڪونهي. "ذَالِکَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ وَاللّٰهُ ذُوالْفَضْلِ الْعَظِيْمِ"

١٨٧ كنز * فرمايائون تہ اسان کي ياد آهي تہ ٽي سال لڳولڳ اسان کي نند نہ آئي مگر ٽي راتيون حقيقت ڪري ستس ٿي، اکيون پورجيو ٿي ويون پر نند بلڪل نہ هئي.

١٨٨ كنز * فرمايائون تہ اسان جي تلقين ڪرڻ جي اوائلي ڏينهن ۾ فقيرن جي جماعت ۾ جوش ۽ عشق جو هل حد کان گهڻو هو، هڪ ڏينهن قاضي محمد شفيع لکندي واري عرض ڪيو تہ حضرتا، سيڪنهن کي اوهان جي نعمتن جي خونچي کان حصو آهي ۽ هن مسڪين جو بہ حصو آهي، مهرباني ڪري عطا ڪريو، قاضي کي چيوسون تہ تنهنجو حصو توکي حيدرآباد ۾ ڏينداسون، ڪيترن ڏينهن کان پوءِ بي بي مريم جي دعوت تي حيدرآباد وياسون، قاضي سوال ڪيو، چيائين تہ حضرتا اوهان فرمايو هو تہ تنهنجو حصو توکي حيدرآباد ۾ ڏينداسون، هاڻي ڏيو، پوءِ اسان ان کي چيو تہ بازار ۾ وڃ اتان ٽي وري اچ، پوءِ قاضي بازار ۾ ويو، ۽ موٽي آيو، ڏٺوسون تہ ان کي حالت سڪر ۽ خودي جي حاصل ٿي، اکين مان پاڻي مينهن جي مثال ٿي وهيس، الله جل جلالہٗ جي مهرباني همراه ٿيس، هڪ ڏينهن سوال ڪيائين تہ حضرتا قبض گهڻو ٿيو آهي، اسان چيس تہ دل تنگ

www.maktabah.org

مَ ٿي، هاڻي اهڙي ڪشادگي ٿيندي، جا هميشه هوندي، ان ڪان پوءِ قبض بلڪل نہ ٿيندو.

١٨٩ ڪنز * فرمايائون تہ الله جل جلالہٗ جو طالب، جهڙي طرح اسان جي دل ٿي چوي اهڙي طرح اسان وٽ ڪڏهين ڪونہ آيو، مگر مرادن جا طالب آيا، الله جل جلالہ پنهنجي فضل سان سندن مرادون پوريون ڪيون ۽ حضرت مرشد پير سائين رضي الله تعاليٰ عنه جن ٿي فرمايو تہ اسان وٽ الله جل جلالہٗ جو طالب خاص الله جل جلالہ جي لاءِ جهڙي طرح اسان جي دل ٿي گهريو، بلڪل ڪونہ آيو.

١٩٠ ڪنز * فرمايائون تہ اسان جي هميشه عادت هوندي هئي جو حضرت مرشد پير سائين رضي الله تعاليٰ عنه جي متابعت سببان هميشه وضوءَ سان هوندا هئاسون، سمهڻ مهل تازو وضو ڪريو سمهندا هئاسون، پنجويهن ورهين ڪان بعد اتفاقا سمهڻ مهل ري اختيار وضو ڪرڻ ۾ سستي ٿي، ري وضو سمهي رهندا هئاسون، انهيءَ حالت ڪان ڊپ ٿيو تہ اها عادت مخالف متابعت جي ڪهڙي طرح غالب ٿي، تنهن ڪان پوءِ حضرت مرشد ڪريم ادام الله برڪاتہٗ سفر لاڙ ملڪ جي تي آيا هئا ۽ اسين بہ ٽنڊي مير ڄام ٽالپر جي خدمت شريف ۾ حاضر ٿياسون تہ حضرت جن سمهڻ جي وقت پيشاب ڪري وٽ ڏوئي وضوءَ ڪان سواءِ آرام ڪيو، اسان عرض ڪيو تہ حضرتا، اهڙان جي عادت هميشه مقرر هئي تہ وضوءَ ڪان سواءِ نہ سمهندا هئا، هينئر ڪهڙو سبب آهي، پاڻ فرمايائون تہ هڪ حديث شريف ۾ آهي تہ حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وآلہٖ وسلم بعضن وقتن تي، ري وضو آرام ڪيو آهي، تڏهين اسين بہ سببان متابعت جي ري وضو ستاسون، پوءِ اسان کي پريشاني دفع ٿي.

١٩١ ڪنز * فرمايائون تہ اول ڏينهن ۾ جڏهين حضرت مرشد ڪريم (هن) فقير کي تلقين جي اجازت ڏني هئي، تڏهن اهڙو حال هو، جو جنهن اسان جي صورت جو فڪر ٿي ڪيو يا

www.maktabah.org

لفظ ٿي پڇيو تہ انهيءَ وقت ان کي حالت ٿي ورتو جو بعضن کي حالت نشي ۽ بي خودي ۽ استغراق جي اهڙي طرح ۽ بعضن کي جلاليت ۽ جوش ۽ وجد جون داهون پئي ڪيائون ۽ رنان ٿي، مٿي پيرن اگهاڙا مڙيئي ري آرام هئا، ۽ بعضن کي حالت توحيد جي حاصل ٿي ٿي؛ جو بعضن وقتن ۾ اَنَا الْحَقُّ ٿي چيائون، نهي جي رستي کي وساريائون ٿي، اسان خدمت شريف ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا اسان جي ملڪ ۾ اهڙيون حالتون آهن، پاڻ فرمايائون تہ حيڪو ڳجهو هو سو هينئر ظاهر ٿيو آهي ۽ هي بيت پڙهيائون:

"لڳندي لاڙا سڄو ٿيو سرير ۾"

يعني لڳندي لاڙ مان شروع ٿيندي اتر ڪان.

١٩٢ ڪنز * فرمايائون تہ هڪ ڏينهن خدمت شريف حضور شريف حضرت مرشد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه جي ۾ عرض ڪيم تہ حضرتا جنهن کي تلقين ٿو ڪريان تنهن کي انهيءَ وقت حالت نشي جي ٿي وڃي، بعضي ٿورن کي استقامت ٿي ٿئي، ۽ گهڻن کي استقامت تہ نٿي رهي، پاڻ فرمايائون تہ اول حالت اسان جي بہ اهڙي طرح هئي.

١٩٣ ڪنز * فرمايائون تہ هڪ ڏينهن اسين حضرت مرشد پير سائين رضي الله تعاليٰ عنه جي خدمت ۾ هئاسون، هڪ وقت رات جو سواريءَ ۾ ساڻن ذڪر ڪندي آياسون، انهيءَ وقت رات جو ڪماليتون نبين اولوا العزمن عليهم الصلواة والسلام جون ذڪر ۾ حاصل ٿيون. اسان جو جسر مثل جسم مڙني نبين عليهم السلام جي ٿي پيو، پوءِ انهيءَ حقيقت کي پيون حقيقيون جيڪي نظر ۾ آيون، حضور شريف ۾ عرض ڪيم. پاڻ فرمايائون تہ اهي ڪماليتون نبين جون جڏهين الله تعاليٰ ري فڪر اوهان کي عطا ڪيون، تڏهين انهن جي حاصل ڪرڻ لاءِ سعي جو احتياج نہ آهي، پوءِ حدون ۽ مقام مڙني کي ڄاڻايائون.

١٩٤ ڪنز * فرمايائون تہ حضرت مرشد پير سائين رضي الله تعاليٰ عنه کان رخصت گهري سون، ان وقت هي مثال

www.maktabah.org

ڏنائون، تہ هڪ پير جو هڪ مريد هو، ۽ ان سان محبت ۽ دوستي گهڻي هئس، جڏهين اهو مريد پير جي خدمت ۾ ايندو هو، تڏهين پير روئندو هو ۽ جڏهين اهو مريد پير کان رخصت گهرندو هو، تڏهين پير خوش ٿيندو هو، هڪ ڏينهن انهي مريد پير کان روئڻ ۽ خوش ٿيڻ جي حقيقت پڇي، تڏهين جواب ۾ فرمايائون تہ اي يار! جڏهين تون ٿو اچين تڏهين تنهنجي وڃڻ جي مون کي يادگيري ٿي اچي، انهيءَ سببان روئان ٿو ۽ جڏهين تون رخصت ٿو وٺين، تڏهين تنهنجي موٽي اچڻ جي يادگيري ٿي پوي، تڏهين خوش ٿو ٿيان.

۱۹۵ **ڪنز** * فرمايائون تہ هڪ ڏينهن خدمت حضرت مرشد پير سائين رضي الله تعاليٰ عنه جي ۾ عرض ڪيم تہ حضرتا هن ضعيف کي اوهين تارڪ الدنيا جو ٿا چئو، في الحقيقت انبار اَنّ جا ۽ اسباب اسان وٽ گهڻا موجود آهن، پاڻ فرمايائون تہ اهو مال ۽ اسباب تنهنجي سعي ۽ اختيار ساڻ نہ آهي، تون ان کان واندو آهين،

بيت

چيست دنيا از خدا غافل بودن = نہ قماش ونقره وفرند زن

يعني دنيا خدا کان غافل هجڻ آهي، سون رپو اولاد عورتون دنيا نہ آهي.

۱۹۶ **ڪنز** * فرمايائون تہ هڪ وقت حضرت مرشد پير سائين رضي الله تعاليٰ عنه لاڙ جي سفر تي آيا هئا، جڏهين ڳوٺ پارچاني (پارچاٽي) جي ۾ آيا گهڻا ماڻهو زالون مڙس مشغول ٿيا ۽ ڪيترن ماڻهن نون مريدن لاءِ تلقين جو امر اسان کي ڪيائون ۽ پنهنجي زبان مبارڪ مان هن طرح فرمايائون تہ اسان خنچہ فائده واري جو اوبار ۽ رنگا رنگ وارين نعمتن يعني تلقين جو جيڪا وڏي نعمت آهي، ڪنهن بہ خليفي کي اڄ ڏينهن تائين نہ ڏني آهي، مگر اوهان کي ٿا ڏيون.

۱۹۷ **ڪنز** * فرمايائون تہ هڪ وقت حضرت مرشد پير

www.maktabah.org

سائين رضي الله تعاليٰ عنه هڪ بزرگ جي دعوت تي مڪان ڪنڊر ۾ آيا هئا. اسان کي تلقين جي ڪم کان معافي وٺڻ جو خيال هو، ڇاڪاڻ جو خليفو خلق ۽ الله جل جلاله جي وچ ۾ امين آهي ۽ امانت جو حق بجاءِ آڻڻ، پنهنجي وجود ۾ نه ڏٺم، انهيءَ سببان ٿي رنس، انهيءَ وقت نوان فقير مريد ٿيڻ لاءِ آيا، حضرت جن انهن کي تلقين ڏيڻ جو اسان کي امر ڪيو، امر جي سببان انهن کي تلقين ڪيم، مڙني کي وجد حاصل ٿيو، سڀ ڪري پيا گوياڪ ڪنل آهن.

١٩٨ ڪنز * فرمايائون ته پهرين ڏينهن ۾ ٽر جي سفر ۾ خدمت حضرت مرشد پير سائين جي ۾ حاضر هئس، انهن ڏينهن ۾ اسان کي حالت ڪفر جي هئي، سهماڻيءَ جي نماز کان پوءِ آرام جي وقت، خدمت شريف ۾ آيس، اچي ويجهو وينس، پاڻ فرمايائون ويجهو ۾ ويهه عرض ڪيم ته حضرتا اصحابن ڪرامن کي جي محرم هئا، هميشه حضور حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه واله وسلم جي ۾ رخصت هوندي هئي ۽ تمام ويجها ويندا هئا پاڻ فرمايائون ته اها ڳالهه حق آهي، پر تون به ته محرم ٿي، پوءِ ويجهو ويهه. عرض ڪيم ته حضرتا آئون محرم آهيان، پاڻ فرمايائون ته نه، اهڙي طرح ٽي دفعا تڪرار ڪيم، پوءِ فرمايائون نماز پڙهين ٿو، عرض ڪيم هائو، پاڻ فرمايائون ته يقين ۽ دل جي اعتقاد سان نٿو پڙهين. جيڪڏهين دل جي حضور سان نماز پڙهين ته حقيقت نماز جي توتي ظاهر ٿئي ۽ حالت ڪفر حقيقي جي کان ڇٽي پوين. وڏي آواز سان چيم ته نماز هاڻ بلڪل نه پڙهندس، پوءِ حضرت مرشد پير سائين رضي الله تعاليٰ عنه جن ٻئي هٿ مبارڪ سيني مبارڪ تي رکي سمهي پيا، مون کي تمام روئڻ آيو، پنهنجو منهن سندن سيني مبارڪ تي رکي ايترو رنس جو هنجون (لڙڪ) سندن ٻنهي پاسن مبارڪن کان ٿي وهيون. گهڻي دير کان پوءِ هوشيار ٿيس ان وقت پاڻ فرمايائون ته نماز پڙهڻ کان سواءِ توکي نه ڇڏينيداسون، توکي خبر نه ٿي پوي، تنهنجو غم اسان کي گهڻو آهي، جو ڪفر حقيقيءَ ۾ محڪم ٿي

www.maktabah.org

ويو آهين ۽ ان کي نٿو ڇڏين ، تنهنجي نماز مخلوق لاءِ فائدي واري آهي، ۽ الله جل جلاله جي مخلوق جو فيض بند نہ ڪنداسون.

۱۹۹ ڪنز* فرمايائون تہ هڪ پيري حضرت مرشد پير سائين رضي الله تعاليٰ عنه اسان کي فرمايو تہ اوهين حالت ڪفر حقيقيءَ ۾ محڪم هئا ۽ اسان کي اوهان جو فڪر ۽ غم گهٽو هو، پرجڏهين الله جل جلالہٗ اوهان کي پنهنجي لطف سان، انهيءَ حالت کان ڇڏائي، حالت اسلام حقيقي سان سرفراز ڪيو جيڪا عظيم دولت آهي. تڏهين هاڻي اسان کي اميد آهي تہ اسان جي طريقي جو پيو ڪو بہ مريد، انهيءَ ڪفر حقيقي جي حالت ۾ گرفتار نہ رهندو.

۲۰۰ ڪنز * فرمايائون تہ هڪ پيري حضرت مرشد پير سائين رضي الله تعاليٰ عنه ڪچهہ ۽ لاڙ جي سفر کان موٽيو ڳوٺ ڪنياري ۾ جيڪو ڳوٺ پرڳٽي لاڪاٽ ۾ آهي، هڪ واه جي ڪناري تي نزول فرمايائون، اتي خليفي ميان اسمٰعيل اسان کي چيو تہ تون حضور شريف ۾ سمهڻي کان پوءِ عرض ڪر تہ اسان کي ڳوٺ وڃڻ لاءِ موڪل ڏين. حضور شريف ۾ سمهڻي کان پوءِ خليفي اسمٰعيل جو عرض ڪيم، جواب ۾ فرمايائون تہ مڙني کي هتي موڪل ڏينداسون، تنهن کان پوءِ طعام کائڻ لاءِ دعوت واري جي گهر ويا، سڀ فقير همراه هئا ۽ ڏينهن گرمي جا هئا، اسان دستار لاهي ڇڏيو هو، فقط ڏهي ٽوپي مٿي ۾ پيل هئي، جڏهين حضرت جن طعام کائڻ کان پوءِ اوطاق ڏي روانا ٿيا، ۽ يڪدم اچي سندن آرام واري جاءِ ۾ ويٺا ۽ ٻيا فقير سيئي پنهنجي اوطاق ۾ اچي ويٺا، هڪ ساعت کان پوءِ حضرت مرشد پير سائين رضي الله تعاليٰ عنه فقير حاجي ٺاري کي اسان ڏانهن روانو ڪيو، پوءِ اسين فقير ساڻ گڏجي خدمت شريف ۾ آياسون. پوءِ فقير ٺاري ۽ فقير موليڏني کي جو سندن خدمت ۾ حاضر هو پري ڪري، خاص اسان کي فرمايائون تہ خليفا هڪ ڳالهہ اسان جي دل ۾ آهي، اوهان سان ٿا ڪريون تہ حضرت ميان صاحب يعني والد معظم قدس الله سره الاقدس حضرت جناب شيخ

www.maktabah.org

عبدالقادر حسني قدس الله سره الاقدس جو اولاد حضرت پير دستگير رحمة الله عليه کان هو، قادري طريقو ورتو هئائين، ٽي فرمايائون ته هڪ ڏينهن حضرت شيخ اسان کي فرمايو ته قدم مبارڪ حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جو گردن حضرت پير رحمة الله عليه جي تي هو، ان جو تفصيل ٺي آهي ته جڏهين حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم معراج جي رات عرش عظيم تي عروج ٽي فرمايائون، سببان سهنجي نه هجڻ چاڙهي جي، هڪ ساعت صبر ڪيائون ۽ انتظار ۾ بيٺا، تان جو هڪ شخص ڇوڪر سهڻو، پنهنجو ڪلهو ڏيئي اچي بيٺو، پوءِ حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم ان تي پنهنجو پير مبارڪ ڏيئي، پيو پيرمبارڪ عرش عظيم تي رکيائون ۽ سببان هن حديث جي "اَنَا غَيُوْرٌ وَاللّٰهُ اَغْيَرُ مِنِّيْ" يعني آءٌ غيرت وارو آهيان ۽ الله جل جلاله مون کي غيرت وارو ڪيو آهي، البت سندن دل مبارڪ کي غيرت آئي، ته هي ڪير آهي جو اهڙي مرتبي کي پهتل آهي، تان الله جل جلالهٗ جي طرفان خطاب آيو ته هي ڇوڪر حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني قدس الله سره الاقدس آهي، جو اوهان جي اولاد مان ٿيندو، پوءِ اها ساڳي غيرت منجي فرحت ٽي ۽ اهو قدم پشت بپشت قيامت تائين هوندو، اهو قدم اسان ۾ هڪ متابعت آهي، پر اڄ ڏينهن تائين ڪنهن مريد تي ظاهر نه ٿيو ۽ اسان جي دل ۾ اهو خيال آهي ته اهو قدم اوهان جي گردن تي رکون پوءِ سببان قدم رکڻ جي اسان کي حضرت ميان صاحب قدس الله سره الاقدس سرفراز ڪيو ۽ پڻ حضرت ميان صاحب هڪ وقت ڪوٽڙيءَ ۾ آئون ۽ ميان مرتضيٰ علي شاه ٻئي ڀائر علم ظاهري ٽي پڙهيا سون، پاڻ اچي فرمايائون ته اسان جي دل جو خيال مڙني پٽن کان اوهان ڏي گهڻو آهي، پوءِ قدم مبارڪ پنهنجو اسان جي گردن تي رکيائون، هاڻي اسان جي دل ۾ به محبت پئي آهي ته قدم پنهنجو اوهان جي گردن تي رکون، ان وقت اسان کي امر ڪيائون ته وهو، پوءِ سببان امر جي ويناسون، پوءِ دستار مبارڪ سندن ٻدل پنهنجي مٿي مبارڪ مان لاهي،

www.maktabah.org

اسان جي مٿي تي رکيائون ۽ اسان جي گردن تي پنهنجو قدم مبارڪ رکيائون، "اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ وَالْمَنَّةُ لِلّٰهِ" اڄ ڏينهن تائين اهو دستار (مبارڪ) شريف اهڙوئي ٻڌل حضرت مرشد پير سائين رضي الله تعاليٰ عنه جو اسان وٽ تبرڪ لاءِ رکيل آهي. "وَاللّٰهُ يَخْتَصُّ بِرَحْمَتِهٖ مَنْ يَّشَآءُ وَاللّٰهُ ذُوالْفَضْلِ الْعَظِيْمِ".

٢٠١ ڪنز * فرمايائون ته حضرت مرشد پير سائين رضي الله تعاليٰ عنه جن ٽنڊي ميرباگي ٽالپر جي ۾ آيا هئا، بهادر فقير ٽالپر حضور شريف ۾ عرض ڪيو ته حضرتا صحبت اوهان جي اڪثر ٽامي وجود جي لاءِ ڪيمياءِ آهي، پر اسان کي هڪ لاڳاپا دنيا جا، ٻيو پنڌ پري، انهي سبب ڪري صحبت حاصل نٿي سگهي، پاڻ فرمايائون ته اوهان کي صحبت ويجهي ڪرايون، پوءِ بهادر فقير چيو ته حضرتا جيڪڏهين اهڙي طرح ٿئي ته ته احسان ڄاڻبو، پوءِ پاڻ اشارو پنهنجي هٿ مبارڪ سان، اسان ڏي ڪيائون ۽ فرمايائون ته جيڪو صحبت خليفي ڪڙيئي واري جي ڪندو، تنهن کر اسان سان صحبت ڪئي.

٢٠٢ ڪنز * فرمايائون ته جڏهين هن ضعيف ٻانهي کي، مرشد پيرسائين رضي الله تعاليٰ عنه پنهنجي دستار مبارڪ سان سرفراز ڪيو ۽ فرمايائون ته بعضي ماڻهن ۾ ريس ۽ گهٽو حسد ٿيو پوي، خليفه ميان سلطان عليه الرحمه حضور شريف ۾ عرض ڪيو ته حضرتا مريدکي پير جي ڇڏيل ٽول مان حصو آهي ۽ پير جي ترقي ۾ شريڪ آهي يا نه جواب ۾ پاڻ فرمايائون ته هائو، مريد پير جي ترقي ۾ شريڪ آهي، پر اهو ترڪو ظاهري نه آهي بلڪ حقيقي ۽ باطني ترڪو آهي.

٢٠٣ ڪنز * فرمايائون ته حضرت مرشد پير سائين رضي الله تعاليٰ عنه، جن جي عادت مبارڪ هي هئي جو جڏهين اسان ڏي خط لکندا هئا، تڏهين خط جي اول ۾ هي بيت لکندا هئا.

من تو شدم تو من شدي = من تن شدم توجان شدي،
تاکس نه گويد بعد ازاين = من ديگري و تو ديگري.

www.maktabah.org

يعني منهنجو وجود ۽ تنهنجو وجود هڪ ٿي ويو، آئون مثل بدن جي ٿيس ۽ تون مثل ساه جي ٿئين، هاڻ ڪو شخص اهڙي طرح نه چوندو ته تون ٻيو آهين ۽ آئون ٻيو آهيان.

٢٠٤ ڪنز * فرمايائون ته هڪ ڏينهن حضرت مرشد پير سائين رضي الله تعاليٰ عنه جي خدمت ۾ عرض ڪيم ته حضرتا ٻانهي کي مجازيءَ خيال گرفتار ڪيو آهي، عنايت فرمائي ان کان ڇڏايو، جواب ۾ فرمايائون ته تنهنجو نظر وجود مطلق ڏي آهي، توکي هي جهان منع نه ڪندو.

٢٠٥ ڪنز * فرمايائون ته هڪ وقت اسان کي اهڙي حالت ٿي جو ان حالت ۾ حضرت مرشد پير سائين رضي الله تعاليٰ عنه جو خيال نه هو ۽ ان حالت ۾ الهام ٿيو ته تنهنجي مرشد کي به فيض اتان مليو آهي، اها حقيقت خليفي قاضي ميان عبدالرحمن نصرپوري واري جو حضور شريف ۾ مريد هو ٻڌايم، قاضي چيو اهڙي طرح ٿيڻو نه آهي، متان ڪو توکي ڪشف غيرصحيح حاصل ٿيو هجي، اسان چيو تحقيق اهڙي طرح آهي، جهڙي طرح آئون چوان ٿو، قاضي انڪار ڪيو ۽ گهڻي گفتگو ڪيائين، تنهن کان پوءِ قاضي چيو ته اها حالت حضور شريف ۾ ظاهر ڪر، متان توکي سندن غيريت انهيءَ مقام کان لاهي وجهي، اسان چيو ته اي قاضي تون ته چريو ٿيو آهين، ڇاڪاڻ ته هي جيڪي کي فيض آهي، سو سڀ الله جل جلاله کان ٿو ملي.

بيت

نيا ورد م از خانه چيزي نخست
تو داري همه چيز من چيز تست

پوءِ اها حقيقت مڙيئي حضور شريف ۾ عرض ڪيم پوءِ پاڻ فرمايائون ته اهڙي طرح حق آهي، جهڙي طرح توکي سمجهايائون، هاڻ جيڪي رجوع ڪرين سو پاڻ ۾ ڪر.

٢٠٦ ڪنز * فرمايائون ته هڪ وقت حضرت مرشد پير

www.maktabah.org

سائين رضي الله تعاليٰ عنه کتاب زبدة الرشاد کان ٿي نقل ڪيائون ته ابليس حضرت آدم عليه السلام کي سجدو نه ڪيو ان کان سواءِ ٻيا ملائڪ جيڪي آهن، تن کي حضرت آدم عليه السلام جي پيدائش جي بلڪل خبرنه هئي ۽ اسان جي انهن ڏينهن ۾ حالت ڪفر حقيقي جي هئي، حضور شريف ۾ عرض ڪيم ته نماز پڙهڻ معاف ٿئي، جواب ۾ پاڻ فرمايائون ته تنهنجي نماز، الله جل جلاله جي خلق جو فيض آهي، انهيءَ ڪري توکي بلڪل نماز پڙهڻ کان سواءِ نه ڇڏينداسون، پوءِ جنهن وقت حالت ڪفر حقيقي جي منجي حالت اسلام حقيقي ٿي جو "اَلْاِيْمَانُ عُرْيَانٌ وَّلِبَاسُهَا التَّقْوٰى" وارد آهي، تڏهين نماز پڙهڻ ۾ ٿياسون پوءِ اسان کي ڳوٺ وڃڻ لاءِ رخصت ڏنائون.

۲۰۷ ڪنز * فرمايائون ته هڪ وقت حضرت مرشد پير سائين رضي الله تعاليٰ عنه فقيرن جي دعوت تي لاڙ ملڪ ۾ آيا هئا، اها موسم واءُ لڳڻ جي هئي، ڏڪٽيون واءُ تمام سخت ٿي لڳو، لٽ گهٽي هئي اهڙو جو هڪ ٻئي کي نٿي ڏنو، اسان جي دل ۾ ڊپ ٿيو ته جيڪڏهين اهڙو واءُ هوندو ته اسان جي ڳوٺ ۾ جيڪو لٽ جي جاءِ آهي، رسائي طعام جي ۽ جاءِ آرام ٿيڻ لاءِ مشڪل آهي، ٻئي ڏينهن اسان جي ڳوٺ ۾ حضرت جن آيا، مسجد شريف ۾ اچي وينا، الله جل جلاله جي مهرباني سان، حضرت جن جي توجه سان واءُ بند ٿي ويو، جو سندن جسم مبارڪ مان پگهر ٿي وهيو، پوءِ حضرت جن کي زيارت ڪرڻ لاءِ گهر ڏي وٺي وياسون، واٽ ۾ عرض ڪيم ته حضرتا ڪالهه واءُ سخت هو، مون کي ڊپ هو ته ڪهڙو حال ٿيندو، پر اڄ اوهان جي برڪت سان واءُ بند آهي، تڏهين پاڻ جواب ۾ مرڪي چيائون ته اي بزرگ اها ڪرامت اوهان جي آهي.

۲۰۸ ڪنز * فرمايائون ته هڪ ڏينهن اسان جي ڳوٺ مان مسجد جي ٻاهران ايرندي طرف هڪ واٽ ڏي ويس، جنهن تي چاريون بيٺل هيون، موسم مينهن ۽ پاڻيءَ جي هئي، اتي وضوءَ ڪري به رڪعتون نفل پڙهيم اوچتو دل ۾ مقام جي زيارت جو خيال

www.maktabah.org

ٿيو، مقام ۾ آيس، زيارت ماڻهن جي ، جيڪي اسان جي والد شريف جا خدمتگار هئا، ۽ ننڍپڻ ۾ اسان جي گهڻي خدمت ڪئي هئائون، انهن جي زيارت ڪيم ۽ انهن جي قبرن تي مراقبو ڪري ويٺاسون، تہ معلوم ٿيو تہ انهن تي جلال جي صفت ظاهر آهي، جڏهين درگاه الاهي ۾ ان حال جي منجڻ لاءِ عرض ڪيم ، جواب ۾ الهام ٿيو تہ تون دعويٰ رضا جي ٿو ڪرين پوءِ سوال ڇو ٿو ڪرين، ۽ اهي ماڻهو اصل پيدائش ۾ جلال جي صفت کان آهن. پوءِ وري عرض ڪيم تہ اي الله جل جلالهٗ، تون انهيءَ حالت جي منائڻ تي قادر آهين ، اهو عرض منهنجو ٻانهپي کان آهي، انهيءَ سوال کي هڪ پهر جي مدت لنگهي، جو الله جل جلاله جي طرف کان انهيءَ حال منجڻ ۾ دير هئي ، اسان سوال پئي ڪيو، نيٺ الله جل جلالهٗ پنهنجي فضل سان دريچو جمال جو انهن تي کوليو، اسين هڪ پهر کان پوءِ موٽي مسجد ۾ آياسون، ۽ شڪرانو ڪيوسون.

٢٠٩ ڪنز * فرمايائون تہ گهڻا سال اسان جي فڪر ۾ صورت ۽ حقيقت مرشد پير سائين رضي الله تعاليٰ عنہ، حضرت رسول ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي، ۽ شهودالله جل جلالهٗ جو، صورت ۽ حقيقت مرشد پير سائين رضي الله تعاليٰ عنه جي ۾ ظاهر هو، هينئر ٻہ سال لنگهيا آهن، تہ جدائي ٻنهي حضرتن جي وچ ۾ ۽ ٻنهي حقيقتن جي وچ ۾ ظاهر ٿي، ۽ زيادتي حضرت رسول ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي طرف هئي، ۽ شوق ۽ محبت ان طرف جي گهڻي هئي ۽ ديدار حضرت رسول ڪريم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جو گهڻن وقتن ۾ ظاهر آهي پوءِ هڪ ساعت ماڻ ڪري فرمايائون تہ هينئر ديدار حضرت رسول ڪريم صلي الله عليہ وسلم جو ظاهر ٿو ڏسان، تہ هينئر بيت الله شريف جو طواف ٿا ڪن، اترئين طرف کان ڏاڪٽي طرف ٿا اچن، ۽ موزو مبارڪ سندن پير مبارڪ ۾ ڳريہ تائين پيل آهي. پوءِ فرمايائون تہ ڪنهن حاجي کان پڇجي تہ عرب شريف ۾ موزن ڍڪڻ جي رسم ڪيستائين هئي، پوءِ هن فقير گڏ ڪندڙ ڪتاب جي، حاجي خليفي ميان محمد روشن کان

www.maktabah.org

پڇيو، چيائين تہ تحقيق عرب ۾ موزا ڳريہ تائين ٿيندا اهن، جهڙي طرح پاڻ فرمايو اٿن.

٢١٠ ڪنز * اڪثر وقتن ۾ حضرت ادام الله برڪاته جن ٿي فرمايو تہ جنهن وقت حضرت رسول ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي روح پر فتوح کي ختم بخشڻ جي نيت ٿا ڪريون تہ جڏهن هٿ کڻيو سندن درگاه ڏي متوجه ٿا ٿيون، تہ اتي بہ اسان جو ساڳئو وجود ڏسڻ ۾ ٿو اچي، اهڙي طرح نظر ٿو اچي تہ اسان جو هيءُ وجود، ساڳئو وجود حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وآلہ وسلم جو آهي پوءِ اهو ختمو پنهنجي وجود کي ٿا بخشيون. تان حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جي حضور ۾ ٿو پهچي.

٢١١ ڪنز * فرمايائون تہ ملفوظات مخدوم جهانيان قدس الله سره مان هڪ بزرگ اسان سان نقل ڪيو تہ مخدوم عليه الرحمة هڪ رات خواب ۾ ڏٺو تہ، بيت الله شريف جي زيارت ٿا ڪريون، ۽ ان ۾ نفل ٿا پڙهون، ۽ تلاوت قرآن ڪريم جي ٿا ڪريون، صبح جو اهو خواب ڏٺل مريدن کي ٿي ٻڌايائون ۽ تمام گهڻو ٿي رنا، مريدن کي عجب ٿيوتہ اهڙي طرح خواب ڏسڻ ڪان روئڻ ڇو ٿو ٿئي؟ ان حقيقت جي کولڻ لاءِ عرض ڪيم، جواب ۾ مخدوم صاحب فرمايوتہ جڏهين هينئر اسان جو خيال اهڙو پريشان حال ٿيو آهي تہ هزار جماعتون بيت الله شريف، جي زيارت لاءِ وڃن ٿيون، انهن کي شراب خاني ۾ وڃڻ لاءِ ڪو ڊپ نہ آهي. اتي حضرت ادام الله برڪاته فرمايو تہ اسان کي انهيءَ ڳالهہ مان هڪ عجيب رمز معلوم ٿي ٿئي. ڇاڪاڻ تہ ان بزرگ جو فڪر، سمنڊ جي تري ۾ ذات الله جل جلاله جي ۾ محو هو، پوءِ ان بزرگ کي ان ذات کان ظاهري صفت ڏيئي آندائون، ۽ جمع کان تفريق طرح اچڻ کان رنون ٿي. مثنوي واري صاحب فرمايو آهي

بشنو از ني حقيقت مي کنند = از جدائيهيا شکايت مي کنند
از نيستان تان مرا ببريداند = از نفي دم مرد وزن ناليدند

يعني نڙ کان ٻڌو تہ ڪهڙي ڳالهہ ٿو ڪري، پنهنجي

www.maktabah.org

جدائي جي گلا ٿو ڪري ته مون کي ٻين ڪانين جي جاين مان وڍي آيا آهن ۽ پنهنجي همجنس کان جدا ٿيو آهيان. انهيءَ سببان منهنجي فراق واري دانهن ڪان، ماڻهو به فراق ۾ ٿا پون . پوءِ جڏهين حال خيال جو اهڙو ٿيو، جيتوڻيڪ پهرئين دفعي چڱي شيءِ بيت الله شريف جهڙي ڏسڻ ۾ آئي، نيٺ شراب خانو، جو بچڙن ڪمن جو بنياد آهي، تنهن ۾ به داخل ڪندا، پوءِ انهيءَ ڳالهه تي روئڻ ۽ افسوس ڪرڻ لائق آهي، اتي هڪ مثال بيان فرمايائون، ته هڪ اٺ جيڪو هميشه ڪوندي ۾ ڪائيندڙ آهي، سندس مالڪ هوندو، ۽ جاءِ ۾ بدل هوندو، اتان رسو چنائي وي ۾ وجي پوندو، پوءِ جيتوڻيڪ پهرئين دفعي اهڙي وي ۾ وجي پوندو، جا سندس ڪائڻ جي لائق هوندي يا سندس مالڪ جي هوندي، ضرور ٻئي دفعي ٻين جي وي ۾ وجي پوندو، جتي گرفتار ٿي خراب ٿيندو، پوءِ جڏهين پهرئين دفعي بند ٿيل رسي مان چنائي ويو ته پوءِ هٿ اچڻ مشڪل ٿيندو، ڇاڪاڻ جو مشهور پهاڪو آهي ته هڪ ٽپي سان ڪوه ۾ ماڻهو ڪري پوندو، پوءِ سو ٽپن سان به ٻاهر نڪري نه سگهندو. هڪ بزرگ فرمايو آهي ته

در جميعت کوش تان همذات شوي = ترسر پرگنده شوي مات شوي

يعني جميعت وارو ٿي ته مڙيئي ذات ٿي وڃي، جيڪڏهين هيڏانهن هوڏانهن پريشان ٿيندين ته خراب ٿيندين.

٢١٢ ڪنز * فرمايائون ته هڪ پيري اسان جي دل ۾ خيال آيو ته مدرسو قرآن ڪريم جو اسان جي ڳوٺ ۾ ڪيو اٿئون. سعيو هن وقت تمام گهڻو آهي، ڪتابي مسڪين پرديسي ۽ طالب علم مسافر قرآن شريف ياد ڪريو، حصو حاصل ٿا ڪن، هاڻ معلوم نه آهي ته اسان کان پوءِ انهيءَ مدرسي جو ڪهڙو حال ٿيندو، تڏهين انهيءَ وقت الله جل جلاله جي طرفان الهام ٿيو ته تنهنجو اهو مدرسو قيامت تائين آباد هوندو پوءِ رب سائين جا شڪرانا ڪياسون.

٢١٣ ڪنز * شاه علي فقير نظاماڻي جو سندن قريبن مان هو، تنهن نقل ڪيو ته هڪ پيري اسان جي گهر وارن ماڻهن

www.maktabah.org

کي ڳيبرڻ جو درد پيدا ٿيو، آئون انهيءَ وقت خدمت شريف ۾ آيس، اسان ڏي ڏسي فرمايائون ته توکي مبارڪ هجي، تنهنجي گهر پٽ ڄائو آهي. آئون حيرت ۾ پيس، دل ۾ چيم ته آئون هينئر گهران ٿو اچان، ۽ سندن فرمان بہ حق آهي، ٿوري ساعت گذري ته هڪ شخص اچي خبر ڪئي ته تنهنجي گهر پٽ ڄائو آهي. پوءِ يقين ٿيم، حافظ ديوان ۾ فرمايو آهي ته:

هواه خواه توام جانان ڪہ ميدانم تو مي داني
ڪہ هم ناديد مي بيني وهم نہ نو ست مي خواني

يعني اي محبوب تنهنجو حرص اهم جو مون کي يقين آهي ته تون منهنجي انهيءَ حرص کي ڄاڻين ٿو، ڇالاءِ جو تون ته ڏنل ٽول کي ڏسين ٿو ۽ نہ لکيل اکرن کي پڙهين ٿو.

٢١٤ ڪنز * نقل آهي ته هڪ عورت قوم ٽالپر کي ارادو ۽ دوستي حضرت ادام الله برڪاته جي گهٽي هئي، چيائين ته هڪ ڏينهن زيارت لاءِ پنهنجي ڳوٺ کان رواني ٿيس، منهنجي عزيزن مان ڪو وڏو حاضر نہ هو مگر ننڍا بہ ڇوڪر هڪ پٽ ٻيو غلام ڇوڪر تن جي رفاقت سان تيار ٿيو سوار ٿيڻ وقت وڏي آواز سان هن طرح چيم ته حضرتا وارث ۽ مرشد اسان جو آهين، تنهنجي همراهيءَ سان، توڏي ٿي اچان، پوءِ رات واٽ ۾ شهر بهادر نظاماڻي جي ۾ جو قريب اسان جو هو پيئي، صبح جو زيارت مرشد جي حاصل ٿي، پاڻ مون ڏي ڏسي فرمايائون ته بي بي حليمان فقيرياڻي کي جا حاضر حضور ۾ هئي چيائون ته اي بي بي ڪالهہ توکي چيو هئوسون ته اسين هينئر آواز فلاڻي مائي جو ٻڌون ٿا، اڄ آئي آهين، عرض ڪيم ته حضرتا! اهو وقت ڪهڙو هو، پاڻ فرمايائون ته اڌ پهر سج جو چڙهيو هو، عرض ڪيم ته حضرتا حق اهڙيءَ طرح آهي، جهڙيءَ طرح اوهان فرمايو آهي.

٢١٥ ڪنز * اهڙي طرح نقل ڪندڙ مٽئين چيو ته اسان جي ڏيءَ کي اولاد نٿي ٿيو، گهڻا سال گذري ويا هئا، جو حمل جي اميد ڪنهن وقت ظاهر نٿي ٿي، پوءِ هڪ وقت حضرت ادام

www.maktabah.org

الله برڪاته اسان جي ڳوٺ دعوت تي آيا هئا، اسان جي ڏيءُ جو مڙس جيڪو سندن ارادي وارو مريد هو، سو پنهنجي عورت کي ٻانهن کان وٺي آيو ۽ اچي حاضر ڪيائين ته جيڪا ڳالهه اوهين حيوانن جي ڪن ۾ ٽا ڪريو اها ڳالهه هن ٻانهيءَ جي ڪن ۾ به ڪريو ته اوهان جي برڪت سان اميد ولادت جي ظاهر ٿئي. اها ڳالهه هن طرح آهي جو، جيڪڏهين گهوڙي يا ڪو ٻيو جانور ڍڪو نٿي ٿيو ته ان کي ڪن ۾ ڪي لفظ چوندا هئا ته الله جل جلاله جي مهرباني ۽ سان انهيءَ کي ڦر ٿيندو هو، پوءِ پاڻ رحم جي نظر فرمائي، فرمايائون ته تون خاطر جمع ڪر الله تعاليٰ. اشانه توکي پنهنجي ڪرم سان اولاد ڏيندو، پوءِ ٻارهين مهنن کان بعد ان شخص جو پٽ ڄائو.

٢١٦ ڪنز * غلام محمد نظاماڻي کان نقل آهي، جيڪوسندن مريد هو،سرڪار ميان صوبدار ٽالپر وٽ بٽائي جي ڪم ۾ مشغول هو ٻين نوڪرن ان تي چغلي ڪئي ته چاليهه خرار سرڪاري ان پنهنجي ڪم ۾ آندا اٿس، مير صاحب سندس گهرائڻ لاءِ ماڻهو موڪليو، فقير غلام محمد حضور ۾ آيو،عرض ڪيائين ته حضرتا اوهين هيٺن جو وسيلو آهيو، مون کي سرڪار جي تڪليف کان آجو ڪريو، پاڻ رحم جي نظر ڪري فرمايائون ته تون وڃ، الله جل جلاله پنهنجي فضل سان انهيءَ ڳالهه کي مينٽي ڇڏيندو، پوءِ فقير غلام محمد مير وٽ ويو عرض ڪيائين ته اوهان جا ماڻهو منهنجي ڪوٺڙ لاءِ آيا هئا، آئون حاضر آهيان، مير چيو ته مون کي انهن ماڻهن جي موڪلڻ جي خبر ئي ڪونهي، الله جل جلاله اهڙي طرح ان جي دل تان ڳالهه وساري، جو ورڻ انهيءَ ڪم جي بلڪل يادگيري نه آيس. "يَمْحُوا اللّٰهُ مَا يَشَآءُ وَيُثْبِتُ وَعِنْدَهٗ اُمُّ الْكِتَابِ"

٢١٧ ڪنز * غلام علي نظاماڻي نقل ڪيو ته هڪ وقت حضرت ادام الله برڪاته اسان جي دعوت تي ٽنڊي قيصر نظاماڻي ۾ آيا هئا، قريبن جي مقبرن جي زيارت لاءِ عرض ڪيم پاڻ رحم فرمائي اسان سان گڏجي مقام ۾ آيا، پهرين اسان جي

www.maktabah.org

ڏاڏي ميان غلام محمد جي مقبري تي آيا ، وهڻ شرط پنهنجي زبان مبارڪ سان نقل فرمايائون تہ هڪ وقت نصرپور ۾ دعوت قاضين جي تي ويا هئاسون، انهن مقبرن جي زيارت لاءِ عرض ڪيو، انهن سان گڏجي مقام ۾ وياسون،جڏهين هڪ قبر کي سامهون ٿي ويٺاسون، وهڻ شرط ٻي قبر مان جيڪا ان جي پاسي ۾ هئي، اهڙي ڇڪ ٿي جو پنهنجو منهن ڦيرائي ان قبر ڏانهن ڪيوسون، پوءِ پڇيوسين تہ هي قبر ڪنهن جي آهي، تڏهين چيائون تہ هي شخص قريب اسان جو هو ۽ عارف خليفي ميان الهرڪيو عليه الرحمه جي صحبت ۾ هو ۽ جذبو گهڻو هئس، انهيءَ جذبي ۾ وفات ڪيائين، اسان چيو تہ اها ڇڪ انهيءَ نسبت جي سبب آهي، پوءِ سيني قاضين عرض ڪيوتہ اسان جي قريبن جي روحن کي ختمون ڏيو تہ اوچتو الهام غيب کان پهتو تہ تنهنجا پڙهيل ٽي قل ساري جهان جي قبرن لاءِ ڪافي آهن.

۲۱۸ **ڪنز** * فقير غلام علي نقل ڪيو تہ هڪ ڀيري سفر ۾ هئا اگهاماڻي ۾ آيا هئا، آئون ساڻن هم رڪاب هئس پوءِ هڪ بزرگ جو اتي مشهور آهي، انهيءَ جي قبر جي زيارت لاءِ ويا ، جڏهين مقبري وٽ اچي ويٺا ، تڏهين مرڪي فرمايائون تہ هن کان اڳي جڏهين مقبرن تي ايندا هئاسون تہ ڀري کان ئي هر هڪ جي حقيقت معلوم ٿيندي هئي، هينئر الله جل جلاله پنهنجي طرف اهڙي طرح ڇڪيو آهي، جو ڪنهن طرف ميل ڪرڻ نٿو ڇڏي، جيڪڏهين تڪليف سان ميل ٿو ڪجي، تڏهين بہ ميسر نٿو ٿئي.

۲۱۹ **ڪنز** * حاجي فتح خان جو حضرت ادام الله برڪاته جي قريبن مان هو ۽ صاحب نسبت ۽ حالت جو هو، تنهن چيو تہ اول ڏينهن ۾ هڪ ڏينهن حضرت جن وضو ٿي ڪيو، آئون سندن اڳيان سامهون بيٺو هئس، وضوءَ جي واندي ٿيڻ کان پوءِ مون کي چيائون تہ اي حاجي اسان جي دل ٿي گهري تہ تون طلب اختيار ڪر، عرض ڪيم تہ حضرتا ، گناهن جي غفلت ۾ ڪو شخص گوڏن تائين ۽ ڪو چيلهہ تائين گرفتار آهي، آئون ڪنن تائين

www.maktabah.org

غرق آهيان، پوءِ پاڻ هٿ مبارڪ مٿي چنڊي فرمايائون تہ سست ۾ ٿي همت ڪر ۽ سندن هٿ چنڊڻ شرط مون کي اهڙي حالت ورتو جو ڪيترا ڏينهن ڪنڌ جون نبضون سڪي رهيون ۽ منهن ڦري ٻئي طرف ٿيو، هوش کان بي هوش ٿيس، اهڙي نعمت عطا ڪيائون جو زبان سان شڪرانو ادا ٿي نہ سگهندو، هن کان اڳي حضور شريف مان ڇهہ لطيفا پڇيا هئر ۽ سعيو ڪيم تہ اصل ظاهر نٿي ٿيو، هينئر جڏهين الله جل جلاله جي مهرباني ظاهرٿي، تڏهين هڪ ساعت ۾ پنهنجي نظر مبارڪ اهڙي فرمايائون جو لطيفا پنهنجي جاءِ رهيا، بلڪ ٻئي ٽول سان سرفراز فرمايائون، جنهن جو ظاهر ڪرڻ مشڪل آهي، هڪڙي بزرگ فرمايو آهي: "نظرت ڪيميا است گر نظري درمي قلب ماچون زر گريد" يعني جيڪڏهين تون نظر ڪندين تہ تنهنجي نظر ڪيمياءِ آهي، اسان جو قلب جيڪو ٽامي جي مثل آهي سو سون ٿي پوندو.

٢٢٠ ڪنز * فقير حاجي فتح خان نقل ڪيو تہ هڪ پيرو حضرت ادام الله برڪاته سان سفر ۾ گڏ هئس، هڪ ڏينهن ڏنيري شهر ۾ هڪ فقير جي دعوت تي آيا هئا، جڏهين دعوت جو حق ادا ڪيائون، ٻئي فقير جي دعوت تي تيار ٿيا، گهوڙن تي هنان وجهي، وچين نماز جي پڙهڻ لاءِ منتظر هئا، ان وقت هڪ زال فريادڻ آئي تہ اي مسڪينن جا وسيلا اسين قيد ۾ آهيون، خدا ڪارڻ اسان کي آجو ڪر، پاڻ ان مائيءَ کان احوال پڇيائون، مائيءَ عرض ڪيو تہ حضرتا اسين ڪچ ملڪ مان ڏڪار جي سال ۾ هتي آيا هئاسون، هڪ زميندار کان ست روپيہ قرض کنيو هئوسين، جڏهين ڪچ ۾ مينهن پيو تڏهين منهنجو مڙس پڇي پنهنجي وطن هليو ويو، مون کي ٻارن سان هتي قيد ۾ ڇڏي ويو ڇاڪاڻ جو اهو زميندار پئسن ڏيڻ کان سواءِ نہ ٿو ڇڏي، پاڻ رحم جي نظر ڪري فرمايائون تہ اي يار ڏسو تہ هي اسان جهڙي مخلوق، هڪ مخلوق جي قيد ۾ آهي، هٿ کڻي دعا ڪيائون ۽ ڪجهہ ڏياريائونس، انهيءَ وقت مڙني فقيرن ڪپڙا چنديا، ۽ فقيرن جي هل تي خاص عام هندو، مسلمان سڀ آيا سيني خيرات پي ڏنو، خواه ساريون خواه روڪڙ خواه ڪپڙو

www.maktabah.org

پاڻهي حضور ۾ پئي آندائون، پاڻ مرڪيا، ايترو اسباب موجود ٿيو جو قرض به ادا ٿيو، ٻيو گهڻو مال بچيس، پوءِ فرمايائون ته اي مائي! جيڪڏهين پنهنجي وطن وڃين ته توکي فقير همراه ڏيون، جيڪڏهين اتي هجين ته تنهنجو اختيار، پوءِ وچين نماز پڙهي سوار ٿيا، اها حالت هڪ ساعت ۾ ٿي گذري، جو سِپَ عجب ۾ پيا.

کريم سائل خود را غني کنند يک بار
دوباره لب نه کشايد صدف از ابر بهار

يعني ڪريم سائل کي هڪ ڀيري غني ڪندو آهي ۽ سِپَ کي جيڪڏهين هڪڙو ڦڙو، بهار جي ڪڪر مان ٻن چپن ۾ پيوته ٻيو ڀيرو چپ نه کوليندي.

٢٢١ ڪنز * حاجي فتح خان نقل ڪيو ته هڪ ڀيري مون کي ڏڍ جو اثر جسم تي ٿيو هو، جنهن ۾ سارو بدن ننهن تائين ڪارو ٿي ويو هو، گهڻن علاجن سان اثر نٿي ويو، پوءِ حضرت جن کي خواب ۾ ڏٺم. پاڻ فرمايائون ته اسين تنهنجي مرض جو علاج ڪنداسون، تنهن کان پوءِ سندن برڪت سان ٿوري مدت ۾ مرض دفع ٿيو، بدن اهڙو صاف ٿيو جو ان ڪاراڻ جو اثر نه رهيو.

٢٢٢ ڪنز * حاجي فتح خان ٿي چيو ته علي بخش اسان جي قريب کي ننڍپڻ ۾ پٽون ڏنگ هنيو هو. پٽس حضور شريف ۾ وٺي ويس، ڦيٽي وجهڻ لاءِ عرض ڪيائين، پاڻ ڦيٽو وڌائون يڪدم سور لهي ويو، تنهن کان پوءِ اڄ تائين اهو فقير عيال وارو ٿيو آهي، چوي ٿو ته مون کي ڪڏهين به پٽونءَ جي ڏنگ ايذاءُ نه ڪيو آهي ۽ پڻ چيائين ته گهڻا ڀيرا ڪپڙن يا جسم تي پٽون ڏٺو هوندم ۽ آزمايو هوندم ته بلڪل ڏنگ قادر نه ٿيس.

٢٢٣ ڪنز * حاجي فتح خان نقل ٿي ڪيو ته، پاڻ فرمايائون ته هڪ ڀيري مسجد شريف جي اڏائڻ لاءِ ڪاٺ ٿي وڍياسون فقيرن جي جماعت ۽ وادا درياءَ طرف ويا، هڪ ڀير تمام وڏو ۽ ٿلهو ڏٺوسون، وادن کان پڇيوسون ته هن ڀير مان

www.maktabah.org

شهتير ڪيترن ڏينهن ۾ تيار ٿي سگهندا، واڍن چيو تہ جيڪڏهين فقيرن جي پوري جماعت سعيو ڪندي تہ ٻارهن ڏينهن ۾ تيار ٿي سگهندا. دل ۾ خيال ڪيوسون تہ گهٽي پنڌ تي اهو ٻيهر تيار ٿي سگهندو، ان کي ڇڏي اڳتي هلياسون، ڪيتريون وڪون هلياسون پوءِ دل ۾ خيال آيو تہ ان ٻيهر کي ضرور وڍڻ گهرجي، فقيرن کي چيوسون تہ پوئتي ورو، انهيءَ وڻ کي وڍينداسون، ۽ سگهو وڍجي پوندو، پوءِ فقير ۽ وادا ٻيهر جي وڍڻ لاءِ ڇڏياسون، الله جل جلاله جي قدرت سان انهيءَ ڏينهن وڍي ٽڪرا ٽڪرا ڪيائون، ٻئي ڏينهن رنگ هٽي شهتير تيار ڪيائون، ٽئي ڏينهن ڪٽي ڳوٺ آياسون، سڀ حيران ٿيا تہ اهڙو مشڪل ڪم ٽن ڏينهن ۾ ڪيئن تيار ٿيو.

٢٢٤ ڪنز * فقير ڏگاٽي ٽنڊي قيصر خان واري خبر ڪئي، تہ هڪ ڏينهن منهنجي دل ۾ قيامت جي ڏينهن جي حساب جو خيال آيو، ۽ پنهنجن عملن جي قصور جو دل ۾ ڊپ ۽ هيبت گهٽو ٿيم، قدرت الاهي سان انهي ڏينهن حضرت امام الله برڪاته اسان جي شهر ۾ آيا هئا، اهو ڏينهن جمع جو هو، جڏهين رات ٿي، سمهڻي نماز کان پوءِ پاڻ فقير محمد درزي جي اوطاق ۾ ڪٽ تي اچي ستا هئا، فقيرن منيون پئي هنيون، ٻي جماعت فقيرن جي ڪٽ جي چوگرد ويٺي هئي، سڀ ماڻ ڪريو ويٺا هئا، مون کي اهو واقعو دل ۾ هو، انهيءَ ڪري بي آرام هئس، خيال ٿي ڪيم تہ پنهنجي واقعي جو حضور شريف ۾ عرض ڪريان، تہ پاڻ اٿي پاڻهي بيان ڪرڻ لڳا ۽ فرمايائون تہ اي يارو ڏينهن قيامت جي ۾ گهٽي خوشي ٿيندي ڇاڪاڻ جو گهٽا جوش ۽ جذب وارا محبوب ۽ الله جل جلاله جا مقبول انبياءِ ۽ اولياءِ گڏ ٿيندا، اتي تمام خوشي ٿيندي، ٻين مخلوقن جو حساب بہ پنهنجو ٿيندو، ڇاڪاڻ جو جڏهين حساب جو وقت ٿيندو، پوءِ نبي ۽ اولياءِ جي خلق جا وسيلا آهن، سڀ ڪو ماڻهو پنهنجي وسيلي سان ڇٽندو، پوءِ هڪ مثال بيان ڪيائون، تہ جهڙي طرح ڪنهن شخص جي گهرڪي باه لڳي، گهٽا ماڻهو گڏ ٿين جو سندس گهر

www.maktabah.org

جو مڙيئي اسباب ڪڍي وٺن، تنهن کان پوءِ تہ جيڪڏهين ڪو شخص هي درود شريف ستر ڀيرا جمع جي رات ستر ڀيرا جمع جي ڏينهن هميشه پڙهندو تہ الله جل جلاله ان کي درزخ جي باه کان امن ۾ رکندو ۽ بهشت حاصل ڪندو درود شريف هي آهي اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰي سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰي آلِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّبَارِكْ وَسَلِّمْ عَلَيْهِ.

٢٢٥ ڪنز * معتبر راوي کان روايت آهي تہ ٻہ زالون هڪ نظاماڻين جي قوم مان ۽ ٻي ساداتن کان، ٻئي هڪڙي ڪجاوي ۾ ٻن وارثن سان گڏجيو درگاهشريف (ڪڙيہ شريف) ڏانهن ٽي ويون، جڏهين ڪجهہ پنڌ ڪيائون، تڏهين زالن پاڻ ۾ گفتگو ڪئي تہ واٽ ۾ چورن جو ڊپ گهٽو آهي. اسان سان ٻن ماڻهن کان سواءِ ٻيو ڪو همراه نہ آهي، اميد آهي تہ حضرت مرشد اسان سان رفاقت ڪندو، اتفاقاً ٻي ٻي ڪجاوي جي هڪ طرف کان نگاه ڪئي تہ حضرت خليفو صاحب ڪڙيہ وارو گهوڙي تي سوار ٿيو، چڙهيو جماعت فقيرن جي کان سواءِ ڪجاوي جي برابر پيو اچي، پوءِ انهيءَ ٻيبي ٻي زال کي چيو تہ ڪجائي جي پاسي ۾ نگاه ڪر، ڏس تہ حضرت جن اسان سان همراه آهن، انهيءَ زال ٻہ ظاهر ڏنو، پاڻ انهن ڏينهن ۾ پنهنجي شهر مبارڪ ۾ هئا، پوءِ ٻنهي زالن گهٽي مدت تائين ظاهر ٿي ڏٺا تنهن کان پوءِ نظر کان غائب ٿيا، پوءِ دل ۾ يقين ٿين تہ حضرت مرشد صاحب سيڪنهن وقت سيڪنهن حال ۾ مريدن کان پري نہ آهن،

چہ غم ديوار امت را کہ دارد چون تو پشتيبان،
کہ باک از موج مجران را کہ باشد نوح کشتيبان.

يعني جڏهين تو جهڙو همراه هوندو تڏهين امت کي ڪو غم نہ آهي ۽ جتي حضرت نوح عليه السلام جهڙو ٻيڙيا تو هوندو تڏهين درياءَ جي لهرين کان ڪو ڊپ نہ آهي.

٢٢٦ ڪنز * لائق ڏني ٿيبي خبر ڪئي، جو حضرت جن جي طريقي ۾ داخل نہ هو پر نيڪ ۽ صالح گهٽو هو، چيائين تہ هڪ ڏينهن هڪ شخص حاجي مون سان ملاقي ٿيو، خبر ڪيائين تہ آئون ڪيترا ڏينهن مدينہ شريف زاده الله شرفًا وتعظيمًا ۾ رهيو

www.maktabah.org

هئس گهڻيون راتيون روضي شريف جي اڳيان جاڳندو هئس ۽ صلواة شريف پڙهندو هئس، ڏنم ته هڪ پهر رات جو گذرڻ کان پوءِ هڪڙو شخص هميشه ايندو هو ۽ روضي مبارڪ ۾ گهڙيو ويندو هو، باقي هڪ پهر رات جو بچندو هو، تڏهين ٻاهر نڪريو غائب ٿيو ويندو هو، سڀ ڪنهن رات فڪر ڪندو هئس ته هن شخص جي حقيقت پروڙجي ته ڪير آهي ۽ ڪٿان ٿو اچي، هڪ رات ان جي جاسوسيءَ لاءِ سجاڳ ٿيس، ته جڏهين اهو شخص آيو، مونڻ وقت سندس اڳيان آيس، ۽ خدا جو واسطو وڏومانس ۽ چيومانس ته خدا جي واسطي تون اتي بيهه، پاڻ بهي رهيو، پڇيومانس ته تون ڪير آهين، ڪٿان ٿو اچين ۽ تنهنجو نالو ڪهڙو آهي پاڻ چيائين ته انهيءَ حقيقت جي پڇڻ مان توکي ڪهڙو فائدو ٿيندو ،ماڻ ڪر. وري چيومانس ته خدا جي واسطي پنهنجي حقيقت مون کي ٻڌاءِ، پوءِ چيائين ته منهنجو نالو محمود (عليه الرحمة) آهي، سنڌ ملڪ ۾ ، ڳوٺ ڪڙيه گهنور ۾ ويٺل آهيان، پوءِ انهيءَ حاجي چيوته ان ڏينهن کان پوءِ عرب کان سنڌ ۾ خاص مريد ٿيڻ لاءِ آيو آهيان، پوءِ حضور شريف ۾ اچي طريقي شريف ۾ داخل ٿي مريد ٿيس.

٢٢٧ ڪنز * حسين فقير نقل ڪيو ته هڪ پيرو حضرت مرشد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه جن مريدن جي دعوت تي لاڙ ۾ آيا هئا، جڏهين تعلقي شهدادپور ۾ آيا، تڏهين خليفو صاحب ڪڙيئي وارو استقبال لاءِ روانو ٿيو ۽ جڏهين سيڪاٽ ڳوٺ ۾ عيوض فقير سمي وٽ آيو تڏهين فقيرخدمت ۾عرض ڪيو ته حضرتا آئون دعوت مرشدن جي هميشه ڪندو آهيان، هينئر اسان وٽ ساريون پليءَ ۾ چوڏهن ڪاسن جي قدر آهن ۽ فقيرن جي جماعت گهڻي آهي، دعا ڪريو ته دعوت جو سامان موجود ٿئي. پوءِ پاڻ هٿ مبارڪ پنهنجو انهيءَ پليءَ تي گهمايائون ۽فرمايائون ته اي پلي هميشه پريل هئج ۽ جاري ٿيندڙ هئج پوءِ فقير عيوض خليفي صاحب جن سان گڏجي اچي تعلقي شهدادپور ۾ زيارت ڪئي ۽ حضور شريف ۾ دعوت ڏيڻ لاءِ عرض

www.maktabah.org

ڪيائين، جڏهين فقير جي دعوت تي آيا تڏهين فقير ٻه وقت دعوت ڪارائي، ۽ ٽي مهينا عيال جو قوت ڪيائين، پوءِ پلي ۽ ڪي ڪولي ڏنائين ته اوتري قدر چوڏهن ڪاسا پيا آهن ۽ فقير چيو ته پلي ۽ مان جيڪو ان ڪڍيو هئوسون، انهي ۽ جو حساب ڪيوسون ته ٽي خرار ڏه ڪاسا ٿيا ۽ افسوس ڪيوسون ته ڇالاءِ پلي ڪولي سون، جيڪڏهين بند هجي ها ته سندن برڪت سان ساري عمر پيا ڪائون ها.

٢٢٨ ڪنز * حسين فقير خبر ڪئي ته منهنجي زال وفات ڪئي هئي، هڪ ڏينهن حضرت جن منهنجي دعوت تي آيا هئا. پاڻ فرمايائون ته اي حسين، تون شادي ڪر، عرض ڪيم ته حضرتا! موچاري زال موافق نٿي ملي، مگر هڪ هنڌ آهي پر اهي نٿا ڏين، پوءِ پاڻ خوش طبعي ڪري فرمايائون ته تنهنجي ڏاڙهي اڇي آهي، تنهن ڪي ميندي لڳاءِ ته توکي ڏين، پوءِ پنهنجي ڏاڙهي ڪي ميندي ڪيم، هڪ ڏينهن اسان جي عزيزن ۾ شادي هئي، تنهن تي ويس، سيني عزيزن پاڻ ۾ گفتگو ڪئي، ۽ جنهن شخص اول ڏيڻ کان انڪار ڪيو هو، تنهن کي چيائون ته تون هروپرو پنهنجي ڌي جو سگ حسين فقير کي ڏي، آئون ماڻ ڪريو ويٺو هئس، نيٺ انهي ۽ شخص قبول ڪيو ۽ شادي ڪري ڏيڻ لاءِ واعدو ڪيائين، ٻن مهينن کان پوءِ شادي ڪري زال کي گهر وٺي آيس.

٢٢٩ ڪنز * فرمايائون ته هڪ ڏينهن پنهنجي مسجد شريف ۾ ويٺا هئاسون ته فقير اسماعيل مگريو مسجد شريف ۾ آيو، سندس منهن جو رنگ ڦري ويو هو، جوش ۽ جذب گهڻو هئس، اکين مان تمام گهڻو پاڻي ٽي وهيس. اسان چيس ته اسماعيل، اها حالت توکي ڪٿان پهتي آهي، جواب ۾ چيائين ته پاڻهي ڪريو پوءِ چئو ٿا. اسان چيو ته سچ چئو ڪهڙي حقيقت آهي، چيائين ته مون کي بيعت وٺڻ جو دل ۾ ارادو ٿيو، ته ڪهڙي مرشد اڪمل کان مريد ٿيان، انهي ۽ نيت سان شاه يقيق عليه الرحمة جي مقبري تي ويس اتي مراقبو ڪري ويٺس، واقعي ۾ ڏٺم ته گهڻي مخلوق گڏ ٿي آهي، انهي ۽

www.maktabah.org

جماعت مان چار شخص مون کي زور ۽ حڪم سان وٺيو وڃن، دل ۾ ڊپ ۽ دهشت تمام گهڻي ٿي، ۽ دانهن ڪرڻ جي طاقت نه ٿيم، ۽ نه ڪنهن شخص مون کي انهن کان ڇڏايو، نيٺ مون کي انهيءَ جماعت کان ڪڍي ٻاهر ويا، ۽ ته اوهان صاحبن کي ڏٺم پري کان پئي آيا، انهن چئن شخصن کي زور ۽ وڏي آواز سان فرمايو ته هن کي ڇڏيو هي منهنجو يار آهي، پوءِ انهن مون کي ڇڏيو، هوش منجهه آيس، جوش ۽ بي آرامي گهڻي ٿيم، هينئر حضور شريف ۾ آيو آهيان، مهرباني ڪري مون کي مريدن جي جماعت ۾ داخل ڪريو، پوءِ اسان ان کي ذڪر جي تلقين ڪئي ۽ الله جل جلاله جي طالبن مان هڪ ٿيو،

٢٣٠ ڪنز* هڪ پيري ميرپور جو لوهار پنهنجي پاڻيجيءَ جنهنجو پيءُ مري ويو هو، پاڻ نندي هئي، جا مامي وٽ رهندي هئي، انهيءَ کي وٺي حضور شريف ۾ آيو، ظاهر ڪيائين ته هن نينگريءَ جو پيءُ گهڻن سالن کان مري ويو آهي، تنهن کان پوءِ ماءُ به مري ويس اسان وٽ ان پاڻي ڪائيندي هئي ۽ سندس سئوٽ نندپڻ ۾ نينگريءَ کي ويجها نٿي ويا، هينئر جڏهين بلوغت کي ويجهي آئي آهي، تڏهين ورثي جي دعويٰ ڪريو مون کان ٿا وٺن، ۽ هن نينگريءَ جي محبت اسان سان گهڻي آهي، سئوٽن ڏانهن بلڪل نٿي وڃي ۽ ڏيئري به حضور شريف ۾ گهڻي زاري ۽ عجز ڪيو، پاڻ فرمايائون ته وارث شرعي سئوٽ آهن، هي نينگري اجا بالغ نه ٿي آهي، خبر نه آهي ته قاضي ڪهڙي فتويٰ ڏيندا، پوءِ ان لوهار ۽ نينگريءَ کي صالح ۽ نيڪ واڍن وٽ، جيڪي ڪڙه شريف ۾ آهن، لوهار جا واقف پڻ هئا، حضرت جن جي سفارش سان ڇڏيائون، پوءِ قاضين وٽ ويا، قاضين ان نينگريءَکي جا عاقل هئي، پنهنجو اختيار ڏنو ۽ مسئلو لکي ڏنائونس، اهو مسئلو اچي حضرت جن کي ڏيکاريائون، لوهار عرض ڪيو ته هن نينگريءَ جو نڪاح منهنجي پٽ سان اوهين وجهو، پاڻ فرمايائون ته اسين انهيءَ ڪم کي بلڪل ويجها نه ويندا سون، تون ڇاٽي ۽ قاضي ڇاٽن، مگر جيڪڏهين ان جا

www.maktabah.org

(سئوٽ) اچن ۽ پنهنجي خوشيءَ سان تنهنجي پٽ کي نڪاح ڪري ڏين تہ آئون راضي آهيان، پوءِ اهو لوهار ان نينگريءَ کي ڇڏي، پاڻ ميرپور هليو ويو، ڏيڍ مهيني کان پوءِ موٽي آيو، اها نينگري تمام عاجز ٿي هئي، ۽ وادن بہ چيو تہ هيءَ بلا اسان تان ٽري، ٽنهي گڏجي مون لڪندڙ ملفوظات جي ڪي چيو تہ تون اسان جي طرفان حضرت جن کي عرض ڪر، تہ رخصت ڏين، ڇو جو نينگريءَ کي مامي جي ملاقات جو شوق گهڻو آهي، رات ڏينهن پئي روئي، پوءِ جنهن وقت حضرت جن وادن جي دڪان تي آيا، جيڪو مسجد شريف کي ويجهو هو، تڏهين ساري حقيقت عرض ڪيم پاڻ هڪ ساعت مات ڪري فرمايائون، تہ نينگريءَ کي گهرائي وٺو، نينگريءَ کان پڇيائون تہ تنهنجو خيال ڪهڙو آهي، تڏهين نينگري تمام گهڻو رني ۽ عرض ڪيائين تہ اي حضرتا، مون کي سوٽن کان ڇڏايو، جيڪڏهين اهڙي طرح ڪري نہ سگهو تہ بہ هڪ دفعو مامي جن وٽ وڃي ملاقات ڪريان، پوءِ جيڪا تقدير الله تعاليٰ جي هوندي اها مٿي تي مڃيندس، پوءِ پاڻ فرمايائون تہ تڪڙ نہ ڪر، اڃان ڪجهہ ڏينهن هتي رهي پئو. تنهنجو مامون پل تہ هتي اچي ملاقات ڪري، دير ساڻ تنهنجو ڪم چڱو ٿيندو، نينگري رخصت وٺڻ لاءِ تمام تنگ ٿي، ان وقت پاڻ چٽو زبان مبارڪ سان فرمايائون تہ اسان جي دل ۾ اهڙي طرح خيال ٿو اچي، تہ جيڪڏهين اوهين هتان ويندا تہ اوهان جو ڪم نہ ٿيندو، اوهان کي تڪرار ڪري ٿا چئون تہ وڃڻ ۾ چڱائي نہ آهي، اڳتي اوهان جي مرضي، نيٺ ڪنهن جي منع نہ مڃيائون، پوءِ حضرت جن چيو ڇڏيو تہ وڃن، الله جل جلاله اهڙي طرح ٿو ڪري، پوءِ جڏهين شهر ڪڙيہ شريف کان بہ ڪوه ٻاهر ويا، اڳڙيءَ جي ڳوٺ کي ويجها هئا ۽ ان نينگريءَ جا سئوٽ انهيءَ ڳوٺ ۾ هئا، انهيءَ ڳوٺ وٽ واٽ ڇڏي جهنگ ورتائون، مخفي طرح جهنگ مان ڳوٺ کان پري پئي ويا، قدرت الهيءَ سان ان نينگريءَ جو هڪ سئوٽ، ڪنهن ڪم تي ويو، اوچتو اچي انهن کي ڏٺائين ۽ جلد وڃي اڳڙيءَ جي ڳوٺ ۾ سيني پائرن کي خبر

www.maktabah.org

ڏنائين، يڪدم ڊوڙي آيا ان کان نينگريءَ کسي پنهنجي قبضي ۾ آندائون،ان مامي کي ڏاڍي مار ڏيئي ڇڏيائون ۽ جنهن وقت انهن موڪل ٿي ورتي، اهو اڳئينءَ کان اڳي جو وقت هو، ذڪر جي وقت فرياد ڪندي پئي آيو ۽ حقيقت حال جي عرض ڪيائين، پاڻ فرمايائون ته اسان اوهان کي ظاهر ٿي چيوته اوهان کي وڃڻ ۾ چڱائي نه آهي، هاڻي پنهنجي ڪيئي جو علاج ڪونهي، هن وقت تنهنجو روئڻ ۽ داهون بي فائديون آهن ۽ نينگري پهنجي وارثن کي ملي، انهن انهيءَ رات نڪاح وجهي ڇڏيو، ٻئي ڏينهن اها نڪاح جي خبر حضرت جن کي پهتي، پاڻ فرمايائون ته حقدارن کي حق پهتو، الله تعاليٰ جل شانه کي اهڙي طرح ڪرڻو هو، تڏهين انهن کي اسان جي منع تي ويساه نٿي آيو.

۲۳۱ ڪنز * خليفه ميان محمد روشن نقل ڪيو جو حضرت جن کان طريقي شريف ۾ اجان داخل نه ٿيو هو، ته هڪ رات واقعات ۾ ڏٺم ته هڪ شخص مون کي چيو ته توکي حضرت جن ٽا ڪوٽين، سگهو هل، پوءِ آئون ان شخص سان همراه ٿي هليس، جڏهين دروازي تي پهتاسون، تڏهين پاڻ دروازي تي بهي رهيو، مون کي اندر وڃڻ لاءِ اشارو ڪيائين، ته تون اندر وڃ مون کي اندر وڃڻ جي طاقت نه آهي، پوءِ جڏهين اندر ويس ڏٺم ته حضرت جن ڪٽ تي ويٺا آهن ۽ ٻنهي پاسن کان ٻه سهٽا متبرڪ شخص هڪ سڄي پاسي ۽ ٻيو ڪٻي پاسي کان ويٺا آهن، حضرت جن کان پڇيم ته هي ڪير شخص آهن، پاڻ فرمايائون ته تون انهن کان پڇ، پوءِ انهن کان پڇيم هڪڙي جواب ۾ چيو ته منهنجو نالو امام حسن مجتبيٰ رضي الله تعاليٰ عنه آهي ۽ هيءُ منهنجو ڀاءُ حضرت امام حسين شهيد ڪربلا معليٰ رضي الله تعاليٰ عنه آهي، پوءِ ٻنهي سڳورن جا هٿ مبارڪ چميم، پوءِ سجاڳ ٿيس، پوءِ مون کي شوق ۽ درد ۽ بي قراري گهٽي ٿي، صبح جو حضور شريف ۾ آيس ۽ تلقين ورتم ۽ منهجي جيڪا ملڪيت هئي سا سڀ خيرات ڪيم، فقط هڪ ستڻ نماز پڙهڻ لاءِ ڇڏيم، پوءِ جيڪي ڏيٽو هو سو حضرت جن عنايت ڪيو.

www.maktabah.org

٢٣٢ كنز * خليفي ميان محمد روشن نقل ڪيو، تہ هڪ رات واقعات ۾ ڏٺم تہ قيامت ٿي آهي، ماڻهن کان حساب ٿا وٺن ۽ سڀ ڪنهن جا عمل پيا ترن، جيڪڏهين چڱايون زياده ٿيون ٿين تہ ان کي ڇوٽڪارو ٿو ملي ۽ جيڪڏهين مٺايون گهٽيون ٿيون ٿين تہ ان کي دوزخ ۾ ٿا موڪلين، مُوڪل عذاب جا ان کي وٺيو وڃن، پوءِ مون کي وٺي حساب جي جاءِ ۾ آندائون، ۽ منهنجا عمل توريائون، تہ مٺايون چڱاين کان زياده ٿي پيون. مُوڪل عذاب جي کي امر ڪيائون، تہ هن کي دوزخ ۾ وڃي عذاب ڪريو، انهيءَ واقعي مان مون کي ڊپ ۽ سستي گهٽي ٿي، ۽ لڳ پئي ڏڪيا، نيٺ مون کي وٺي روانا ٿيا، اوچتو حضرت جن اڳيان آيا، انهن کي فرمايائون تہ هن کي ڇڏيو، هي اسان جو مريد آهي، مُوڪلن چيو تہ هن جا گناه اوهان جي ذمي آهن، پاڻ فرمايائون تہ ڇڏيوس ان جا گناه اسان تي آهن، پوءِ مون کي ڇڏيائون ۽ هوشيار ٿي پيس.

٢٣٣ كنز * حضرت خليفي صاحب ڪڙيہ شريف واري قدس الله سره الاقدس جي وجود ۾ ست فضيلتون جيڪي سڀ گڏ هيون،جي ڪنهن اولياءَ اهل حياتيءَ جي کي ۽ اهل مماتيءَ جي کي سڀ گڏ حاصل نہ ٿيون، اهي فضيلتون هي آهن، هڪ شجاعت، ٻي سخاوت ٿيون علم چوٿين حڪمت پنجون عقل ڪامل، ڇهين سرداري ستين ولايت، اهي سڀيئي ست ئي فضيلتون وجود سڳوري ۾ موجود هيون.

٢٣٤ كنز * فرمايائون تہ بزرگ ميان عاقب پليجہ ناري واري قدس الله سره هڪ مينهن فقير کي ڏيٽي ڪئي، جنهن جي ڏيڻ جو امر هڪ غلام کي ڪيائون، جو مينهن جو ڏراڙ هو، انهيءَ غلام سيني مينهن کان سٺي ۽ گهٽي ڪير واري مينهن فقير کي ڏني، جڏهين خدمت ۾ آيو تڏهين غلام کان مينهن ڏيڻ جو احوال پڇيائون، غلام چيو تہ جڏهين فقير الله جل جلاله جو اسم وڏو هو تڏهين فلاڻي مينهن جيڪا تمام سٺي هئي سا فقير کي

www.maktabah.org

ڏنم، بزرگ اها ڳالهه ٻڌي تمام خوش ۽ فرحت وارو ٿيو. ۽ فرمايائين ته جڏهين تو الله جل جلاله جي نالي کي عزت ڏني تڏهين مون توکي خدا جي واٽ ۾ آجو ڪيو، اها حقيقت ساري گهر جي ماڻهن کي پهتي انهن خوشيءَ کان بزرگ کي چيو ته جيڪي اسان جا حق اوهان تي آهن، سي سڀيئي توکي بخشياسين، اي طالب طلب ۾ اهڙي طرح ڪرڻ گهرجي، ۽ چڱيون عادتون انهن کان سکڻ گهرجن، اي طالب اهو ڪم ان کان ظاهر ٿيندو، جيڪو دنيا ۽ آخرت کان تعلق ٽوڙيندو، هڪڙي بزرگ فرمايو آهي:

بيت

مي حرف وحدت کسي نوش کرد = ڪه دنيا وعقبيٰ فراموش کرد،

يعني جنهن دنيا ۽ آخرت کي وساريو انهيءَ کي وحدت حاصل ٿيندي.

٢٣٥ ڪنز * فرمايائون ته مخدوم ابوالقاسم نقشبندي ننڍي واري رحمة الله عليه وضوءَ تي پاڻي تمام گهٽو ٿي هاريو، ۽ مخدوم ميان محمد هاشم عليه الرحمة فرمايو اهڙي طرح ڪرڻ شريعت ۾ درست نه آهي تون اسراف ٿو ڪرين، انهيءَ ڪم کان منع ڪيائونس. مخدوم ابوالقاسم فرمايوته مون کي پاڻي گهٽي هارڻ کان سواءِ يقين وضوءَ جو نٿو ٿئي، مون انهيءَ ڪم جي حضور شريف حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن کان اجازت ورتي آهي، اي سڳورا سيکا ڳالهه ۽ ڪم جيڪو اهل الله کان ظاهر ٿيندو، اسان جي ڏسڻ ۾ مخالفت شريعت جو هوندو، مگر حقيقت ۾ اهو اجازت کان سواءِ نه هوندو ۽ اهل الله مباحن ڪمن ۾ به ضرور حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وعليٰ آله واصحابه وسلم کان اجازت وٺن ٿا، جهڙي طرح نبين عليهم السلام جا معجزا ۽ اوليائن رحمهم الله جون ڪرامتون.

٢٣٦ ڪنز * هڪ ڏينهن ميان عاقب پليجه رحمة الله عليه ماني کائي هڪ ٽڪر بچائي هڪڙي مريد کي ڏنو، چيائين ته هن جي نگاه رک، پوءِ انهيءَ فقير ٽڪر تي نگاه رکي، تانجو

www.maktabah.org

ڇهه مهينا گذريا ۽ بزرگ وري انهيءَ ٽڪر جي پڇا نه ڪئي ۽ مريد اهو ٽڪر ڇهن مهينن ڪانپوءِ ڪائي ڇڏيو، بزرگ انهيءَ ڏينهن مريد کي فرمايو ته فلاڻي ڏينهن توکي ماني‌ءَ جو ٽڪرو ڏنو هوسون، اهو آڻي ڏي، مريد ڦڪو ٿيو، چيائين حضرتا، ماني‌ء جو ٽڪرو هيٺ مٽي پئي ٿيو، انهيءَ ڪري ادب ڪان مون اڄ ڪائي ڇڏيو، بزرگ فرمايو ته فقير ۽ چور ۾ ڪهڙو فرق رهيو، اتي پاڻ فرمايائون ته انهيءَ مريد کي ادب جي هڪ سٺي ڳالهه سيکاريائون ۽ اسان جي مريدن کي، انهيءَ پيري ۽ مريدي جي ڪهڙي خبر، ڇاڪاڻ جو جيتري قدر ڪنهن کي اسان جي يادگيري ايندي، اوتري قدر اسان کي به ايندي ۽ ميان عاقب جي مريد، مريدي‌ءَ ۾ گهٽي همت ڪئي، جو ان ٽڪري کي ڇهه مهينا بند رکيائين، پر اجان به اها مريدي ان بزرگ جي اڳيان هڪ ڪک جي برابر به نه هئي.

٢٣٧ ڪنز * فرمايائون ته مڪليءَ جي مقام ۾ مقبره ميان سيد يوسف شاه مهدي رحمة الله عليه جي تي ويناسون ڏٺوسون ان جي لطافت نسبت کي ۽ صفائي ۽ نور عزت جو حد ڪان گهٽو هو، ۽ جڏهين مقبره خواجه ابوالقاسم نقشبندي قدس الله سره جي تي ويناسون، سبحان الله نسبت ان جي کي ڇڪ تمام حد ڪان گهٽي هئي ۽ لطافت ڪماليت کي پهتي هئي، جو فڪر کي خالص پاڪائي ۽ ري نهايت ڏانهن ٿي ڪڍيائين.

٢٣٨ ڪنز * فرمايائون ته بعضي اولياءَ هڪ مقام ۾ ٿا اچن، جنهن ۾ ٻئي جي موت ۽ حياتيءَ تي قادر آهن، جيڪڏهين گهرن ته ماري وجهن، ۽ جيڪڏهين گهرن ته جيارين، اتي هڪ مثال خواجه نقشبندي ۽ شيخ عبدالحق رودلي قدس الله سره جو بيان ڪيائون، نقل خواجه جو ڪتاب ملفوظات ڪان بعينهٖ نقل ڪيو آهي جو اڳتي ايندو.

هڪ وقت فقير محمد زاهد، جو درويش صادق هو تنهن سان گڏجي هڪ پٽ ۾ وياسون ڪنهن ڪم لاءِ ۽ واهولا اسان ساڻ هئا، اتفاقا اهڙي حالت ظاهر ٿي، جو واهولا ڇڏي هڪ پٽ ڏانهن

www.maktabah.org

منهن ڪيوسين، ۽ هر قسم جون ڳالهيون ڪندي وياسون، نيٺ ٻانهپيءَ ۽ فدا جي ڳالهه هلي، انهيءَ فقير محمد زاهد چيو تہ فدا جي حد ڪيستائين آهي، اسان جواب ۾ چيو تہ فدا جي حد هي آهي جو جيڪڏهين فقير کي چون تہ توکي مرڻ گهرجي تہ انهيءَ وقت مري پوي انهيءَ وقت انهيءَ ڳالهہ جي چوڻ سببان، اسان ۾ هڪ صفت ظاهر ٿي، جو منهن پنهنجو محمد زاهد ڏانهن ڪري چيوسون تہ تون مر، انهيءَ وقت محمد زاهد ڪري پيو ۽ سندس بدن مان روح هليو ويو، انهيءَ حالت کي گهڻي مدت گذري، جو پٽا زمين تي ۽ منهن آسمان ڏانهن ۽ پير قبلي ڏانهن هئس، صبح کان وني ٻن پهرن تائين پيو هو، انهيءَ ڏينهن هوا تمام گرم هئي ۽ اونهارو سخت هو، انهيءَ صفت قوي کان پريشان ٿيس ۽ ويجهو هڪ وڻ جو پاڇو هو اتي وڃي ويٺس، وري جلد آيس فقير محمد زاهد ۾ نگاه ڪيم، تہ گرميءَ کان منهن جو رنگ ڪارو ٿي ويو هئس، آئون تمام حيران ٿيس اوچتو انهيءَ وقت الهام ٿيو تہ تون چئو تہ اي زاهد جيئرو ٿي، اهولفظ ٽي ڀيرا چيم تہ انهيءَ وقت حياتيءَ جواثر ظاهر ٿيو، ۽ عضوا چرڻ لڳا.

نقل شيخ قدس الله سره جو هن ريت آهي تہ ان وقت جا ظاهري عالم، شيخ رحمة الله عليه ڏانهن اندر ۾ سندس مڪاشفن ۽ ڪرامتن کان بغض رکندا هئا، ۽ اعتراض ڪندا هئا، هڪ ڏينهن شيخ رحمة الله عليه جي آزمودي لاءِ هڪ جيئري شخص کي جنازو نهرائي، مردن وانگر ڪري جنازي نماز جي جاءِ تي آندائون، شيخ رحمة الله عليه کي ڪونيائون تہ جنازي نماز اچي پڙهو، شيخ رحمة الله عليه جڏهين حاضر ٿيو، تڏهين سيني عالمن امامت لاءِ شيخ کي چيو، انهيءَ خيال سان تہ جيڪڏهين نماز پڙهي ويو ۽ خبر نہ پيس تہ سندس مڪاشفن ۽ ڪرامتن کي ڪوڙو ڄاڻي دنيا ۾ مشهور ڪنداسون، شيخ امامت کان انڪار ڪيو، فرمايائين تہ اوهان مان ڪو امام ٿئي. جواب سوال گهڻو هليو، نيٺ شيخ رحمة الله عليه کي امام ڪيائون، شيخ وارثن کان اجازت ورتي، تہ جنازه نماز پڙهان، اهڙي طرح ٽي دفعا چيائين ۽ اجازت کان

www.maktabah.org

پوءِ تڪبير هنيائينءِ نماز پڙهيائين ۽ وچ نماز ۾ انهيءَ مڪر واري ماڻهو هڪ ٻہ دفعا چڙهيون هٿي پساه ڏنو، سڀ ماڻهو انهيءَ واقعي کان ڦڪا ٿيا، انهيءَ جيئري ماڻهو کي مئل ڏسي دفن ڪيائون، مثنوي واري بزرگ فرمايو آهي

بيت

چون چنين خواهيد، خدا خواهد چنين = مي دهد حق آرزوئ مقتضي
کان الله بود اي درما مضا = تاکہ کان الله پيش آيد جزا

يعني جڏهين الله جل جلاله کي ڪو گهرندو تہ الله جل جلاله بہ ان کي (گهرندو) ۽ پرهيزگارن جون اميدون الله جل جلاله سڀ پوريون ٿو ڪري، پنهنجو وجود جيڪڏهين الله جل جلاله جي لاءِ ڪندين تہ الله جل جلاله تنهنجي لاءِ آهي.

٢٣٩ ڪنز * هڪ ڏينهن هڪ فقير همت جي قصور ۽ طلب جي عاجزي سبب، مراد جي حاصل نہ ٿيڻ بابت خدمت شريف ۾ گلا ڪئي، جواب ۾ فرمايائون تہ اي يار همت ڪريو، سواءِ همت جي مقصود حاصل نہ ٿيندو ۽ انهن بي فائدين ڳالهين مان ڪجهہ حاصل ٿيڻو نہ آهي، اوهان کي خبر آهي تہ حضرت يوسف عليه السلام کي بي بي زليخان (رضہ) ستن گهرن ۾ قلف ڏيئي بند ڪيو هو، حضرت يوسف عليه السلام کي يقين ٿيو تہ هتان ڇٽڻ مشڪل آهي، پر جڏهين همت ڪيائين، تڏهين ستن دروازن جا قلف لهي ويا، ۽ ٻاهر آيو، وري فقير عرض ڪيو تہ حضرتا اوهين همت همت ٿا ڪريو، اسان کي خبر نہ آهي تہ همت ڇا آهي. پاڻ فرمايائون تہ همت دل جو قصد آهي، طالب کي گهرجي تہ ڪنهن ٽول جي حاصل ٿيڻ واسطي همت ڪري ۽ پنهنجي قصد کان نہ موڙي تہ ضرور مقصد کي پهچندو، اتي سنڌي بيت پڙهيائون،

بيت سنڌي

جان جان جوءِ نہ پسن جنهن لاءِ جوڳي ٿيا،
تان تان ڪاپڙين وره وها مي راتڙي.

٢٤٠ ڪنز * هڪ پيري حضور شريف ۾ فقيرميان لال

www.maktabah.org

محمدعرض ڪيو تہ حضرتا مخدوم ميان عبدالرحيم عليه الرحمة ڪتاب فتح الفصل ۾ جيڪو سندس مرشد جو ملفوظات آهي، انهيءَ ۾ لکيو آهي تہ انسان ٻيو ٽول آهي ۽ انسانيت ٻيو ٽول آهي، ان جو تفصيل اهڙي طرح ڪيو اٿس تہ انسان اهو آهي جيڪو خلق ڏانهن سنج ڪيل آهي ڪنهن نالي سان ۽ انسانيت ۾ ٻہ اکر زياده آهن، هڪڙي "ي" ۽ ٻي "ت"، انهن جو حساب ابجد ۾ مڙيئي ۴١٠ چار سو ڏہ عدد آهي ۽ لکيو اٿس تہ جڏهين حرف انسان ۽ انسانيت جي ۾ فرق ۴١٠ عددن جو آهي تڏهين اهو تفاوت درجن جو آهي، ان جي حقيقت ۾ ٻہ وڏو فرق آهي ۽ حضرت جن فرمايو آهي تہ انسانيت مان مراد حقيقت محمدي صلي الله عليه وآله وسلم آهي، جا هن جهان ۾ پروڙيل آهي ۽ هڪ جهان آهي خلق ۽ الله جل جلاله جي وچ ۾ بلڪ هڪ جهان وڏو آهي ذات ۽ صفتن جي وچ ۾، ڇاڪاڻ تہ مڙيئي مٿيان ۽ هيٺيان موجودات ان ڪان آهن، جو چڱين عادتن سان جهان ۾ ظاهر ٿي، پنهنجي نور سان ٻنهي جهانن کي نوراني ڪيائين، بلڪ ربوبيت جو ظاهر ٿيڻ سندن وجود فيض جود ڪان ٿيو، جو حديث قدسي ۾ آهي لَوْلَاكَ لَمَا خَلَقْتُ الْاَفْلَاكَ وَلَوْلَاكَ لَمَا اَظْهَرْتُ الرُّبُوْبِيَّتَ وَاَنَا مِنْ نُّوْرِ اللهِ وَعَالَمُ كُلُّهٗ مِنْ نُّوْرِيْ ۽ مولانا جامي رحمة الله عليه فرمايو آهي.

نہ بشر خوان مت اي دوست نہ حور نہ پري
اين همه برتوحجاب است تو چيزي ديگري
نور پاڪي وفسانه هست حديث گل و آب
لطف مخفي وبهان است لباس بشري

يعني اي دوست تون ماڻهو بہ نہ آهين نہ حور نہ پري اهي مڙيئي پردا آهن،تون ٽول ٻيو آهين، پاڻي ۽ مٽي جو لباس آهي، تون نور پاڪ آهين، بشريت جي لباس ۾.

٢٤١ ڪنز * هڪ ڀيرو انسان جي فضيلت ۾ تقريرون بيان ٿي ڪيائون. ۽ مولوي ميان محمد شاه وٽالہ واري عرض ڪيو تہ حضرتا! ڪتابن ۾ لکن ٿا تہ عام انسان عام ملائڪن

www.maktabah.org

ڪان پلا آهن ۽ خاص انسان خاص ملائڪن ڪان پلا آهن، پاڻ فرمايائون تہ انسانن کي ڇونہ ملائڪن تي فضيلت هوندي جو ڪالهہ پئي اسان جي حضرت آدم عليه السلام کي سجدو ڪيائون ۽ سندس پٽن کي اڄ ڏينهن تائين سجدو پيا ڪن، پوءِ فرمايائون تہ انسان هڪ عجب نسخو آهي، پر اهڙو ڪو ماڻهو هجي جو ان کي مطالع ڪري ۽ ان جو واقف ٿئي، اتي هڪ بيت پڙهيائون.

بيت

توبہ قيمت ورائي دو جهاني = چہ کنم قدر خود نمي داني

٢٤٢ ڪنز * هڪ پيرو جماعت فقيرن جي ۾ هن ڳالهہ جو بحث پيو، هڪڙي چيوتہ حياتي کي علم تي فضيلت آهي، ٻي چيو تہ علم کي حياتيءَ تي فضيلت آهي، ٻئي حقيقتون حضورشريف ۾ عرض ڪيائون، پاڻ فرمايائون تہ ظاهري وجود ۾ حياتي سيني صفتن جي ماءُ آهي، ٻيون صفتون ان جون ٽاريون آهن ۽ عالم اطلاق ۾ اهي مڙيئي صفتون حق آهن. مثل ذات جي قديم آهن، هر هڪ پنهنجي جاءِ آهي ۽ عالم اطلاق ۾ علم کي حياتيءَ تي وڏو شان آهي، جو قرآن ڪريم ۾ آهي. "فَوْقَ كُلِّ ذِيْ عِلْمٍ عَلِيْمٌ" يعني: سڀ ڪنهن علم واري مٿان ٻيو وڌيڪ ڄاڻيندڙ آهي.

٢٤٣ ڪنز * هڪ پيري خليفو ميان محمد روشن عليه الرحمة ڳوٺ بهتوڪ واري حضور شريف ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا طالب کي نسيان جي قوت گهٽي ظاهر ٿئي ٿي علم کان،پاڻ فرمايائون تہ جيتري قدر نسيان طالب کي حاصل ٿيندو، اوتري قدر علم زياده ٿيندس، طالب کي گهرجي تہ نسيان ڏانهن گهٽو خيال نہ رکي ۽ علم ڏانهن بلڪل ميل نہ ڪري.

بيت

باخودي ڪفر بيخودي دين است = هر چه گفتن مغز او اين است

٢٤٤ ڪنز * هڪ پيرو فقيرميان حاجي محمدصديق جو سندن

www.maktabah.org

صحبت ڪندڙ ۽ فيض وٺندڙ هو، مون لڪندڙ ملفوظات جي ڪي چيائين ته مون کي حضرت جن سان هڪ ڳالهه ڪرڻي آهي، پر ادب کان ڪري نٿو سگهان، جو ڳالهه تمام ڊگهي آهي، توکي ڪري ٿو ٻڌايان، تون خدمت شريف ۾ عرض ڪر ۽ جواب وٺي مون کي ڏي، ظاهر ڪيائين ته هڪ ڏينهن سفر ۾ هئاسون، فجر جي نماز کان پوءِ حضرت جن جماعت سان مراقبي ۾ هئا، آئون به مراقبي ۾ ري ننڊ ۽ نشي جي هڪ حالت ٻئي ظاهر ٿي، جو مراقبي ۾ ٿو ڏسان ته نه ڏينهن آهي ۽ نه رات، ڦڙا مينهن جا پيا وسن، ۽ انهن کان طراوت بلڪل گهٽي ٿي رسي، ڇا بيان ڪجي ۽ هڪ روشن چنڊ ظاهر ٿيو، جنهن جي اڳيان سج جي روشني گهٽ هئي، هڪ ساعت کان پوءِ، انهيءَ چنڊ هڪ وڏو سخت آواز ڪيو، يڪدم چيرجي اڌ هڪ طرف ۽ اڌ ٻئي طرف زمين تي ڪريو، نظر کان غائب ٿي ويو، وري روشن سج ظاهر ٿيو، اهو به سخت آواز ڪري ٽڪرا ٽڪرا ٿي نظر کان غائب ٿي ويو، وري اهڙي طرح آسمان به سخت آواز ڪري ٽڪرا ٽڪرا ٿي نظر کان غائب ٿي ويو، تان جو دل ۾ خيال آيو ته پنهنجي فڪر کي ڪهڙي شيءِ سان رابطو ڏجي، جنهن مان جميعت حاصل ٿئي، انهيءَ وقت صورت آن حضرت صلي الله عليه وسلم جن جي ظاهر ٿي پر دل نه قبول ڪئي، وري صورت لطيفن جي ظاهر ٿي، اها به دل نه قبول ڪئي، اهڙي طرح حقيقتون ڏنلن ٻانهن جون ظاهر ٿيون، پر دل ڪنهن ڏانهن رغبت نه پئي ڪئي، تان جو فڪر فناءَ جو قبوليائين ته مڙيئي فنا ٿي، انهيءَ وقت زمين به آواز ڪري ٽڪرا ٽڪرا ٿي نظر کان غائب ٿي ويئي ۽ آئون جو زمين تي ببينل هئس، سو اهڙو هيٺ تڪو ٿي ويس، جهڙو پٿر ڪوه ۾ اڇلائجي، نيٺ وڃي هڪ درياءَ تي پهتس، جو اتي فقط اهو هڪ درياءُ هو، ٻئي ڪاشيءِ موجود نه هئي، انهيءَ پاڻيءَ تي بهي رهيس، هڪ ساعت کان پوءِ منهنجا سيئي عضوا مون کان جدا ٿيا، سيڪو هڪ طرف درياءَ تي پي ويو، ان وقت پاڻ ۾ نظر ڪيم ته عبادتون، نماز ۽ روزا، جيڪي پنهنجي عمر ۾ ڪيا

www.maktabah.org

هئر تن کي پنهنجي وجود ۾ بقا نہ ڏنم فقط جيڪي قلب ۾ فڪر ذات جو ئي ڪيم، انهيءَ کي بقا ڏنيم نيٺ جيڪي هو سڀ ظاهر ٿيو ۽ نور جي تجلي چئن پنجن آگرين جيتري دريا مٿي روشني ڪندڙ هئي، جو ان جو پاڇو درياءَ تي پئي ڏنو، انهيءَ وقت اهڙي طرح ٿي ڄاتم، تہ اها حقيقت منهنجي آهي، انهيءَ وقت هوش ۽ عقل جيڪي هو سو سڀ ان حقيقت سان تعلق رکندڙ هو، اها نور جي تجلي ڪيترا ڏينهن، ان درياءَ تي ظاهر هئي، تنهن کان پوءِ ان درياءَ ۾ غائب ٿي ويئي. پوءِ ڏنم تہ سڀ عضوا، جنهن طرف ويا هئا اتان موٽيو پيا اچن، سڀ اچي گڏ ٿيا، وري هڪ قوي ۽ وڏو وجود تيار ٿيو،ان وقت ڏنم تي زمين تي بيٺو آهيان، زمين کي صفائي ۽ لطافت گهٽي هئي، سڀ برابر هئي، اوڀڙ يا ڪو پڙو يا ڪو ڪڙو منجهس بلڪل نہ هو ۽ ان وقت ۾ پنهنجي وجود کي اهڙو وڏو ڏنم جو ٻيو ڪو وجود ساڻس برابر نہ هو، ۽ غيب جو جذبو حيرت جي دامن وٽندڙ هو، تان اوچتو ان پٽ تي اپرندي کان لاسڙيات ڇوڪر جي صورت ظاهرٿي، نہ اگهاڙو نہ ڍڪيل هو، ان کان پڇيم تہ هن زمين تي ڪيترا ڏينهن لنگهيا آهن، جو نہ حيوان نہ اوڀڙڪو موجود آهي تون ڪير آهين، چيائين تہ آئون الله جل جلاله آهيان، ان جي چوڻ سان منهنجي ساه کي تسلي حاصل ٿي ان کي چيم تہ جيڪڏهين تون خدا آهين تہ مون کي موٽي دنيا جي جهان ۾ وٺي هل، ڇاڪاڻ جو اتي البت، دنيا جي جهان جون آرسيون آهن، تان جو منهنجي ساه کي ذوق حاصل ٿي ويو، پوءِ انهيءَ صورت مون کي ٻنهي بغلن کان هٿ وجهي، مٿي کنيو، تنهن کان پوءِ هوشيار ٿيس، ۽ پاڻ کي چريو ڏنم، جو جيڪڏهين ڳالهہ جو ارادو ٿي ڪيم تہ لفظ هيٺ مٿي ٿيو ٿي ويا، ۽ ڳالهہ برابر نٿي آئي، تان جو ڏنم تہ حضرت جن الهندي طرف کان حاضر ٿيا، فرمايائون تہ اي صديق توکي چريو نہ ڇڏيندا سون، زور سان مون کي پاڪر ۾ ورتائون، جو ٻئي وجود هڪ ٿي وياسين ۽ پاڻي اکين مان جاري ٿيو، تان جو وري اصلي وجود جنهن قد تي هو، انهيءَ تي ظاهر ٿيو، تنهن کان پوءِ هوش

www.maktabah.org

۾ آيس، پر انهيءَ حالت کان پوءِ ڪيترا ڏينهن قبض هو ۽ مون لکندڙ ملفوظات جي اها حقيقت، ڪنهن وقت حضور شريف ۾ عرض ڪئي، پاڻ فرمايائون ته چڱي حقيقت ڏني اٿس، پر اهڙو ڪو بزرگ هجي جو عروج ۽ نزول ان تي پورو ڪري، اهو مشاهدو وجود مقيد جو آهي، جو بعضي اوليائن کي حاصل ٿئي ٿو ۽ مشاهدو مطلق ان کان پري آهي، تنهن کان پوءِ ذات آهي ۽ هي لفظ سنڌي پڙهيائون،"اجان چاڙهو چڇ اوڙاه آڳاهون ٿيو". ۽ فرمايائون ته اها حالت تلوين جي آهي يعني رنگ حاصل ڪرڻ جي، جا سالڪ کي هزار نمونن سان اڳيان ايندي آهي، ۽ وري غائب ٿيو ويندي آهي ۽ مون کي فرمايائون ته فقير کي چئو ته اهو قبض زيادتي لاءِ آهي، ڇاڪاڻ جو جڏهين اصلي حالت تي بند ڪندا تڏهين نئين حالت ظاهر ڪندا. ۽ اهو قبض ۽ بسط سڀڪنهن طالب کي هوندو، ڪنهن وقت قبض ڪنهن وقت بسط، ۽ جيڪي طالب مٿاهين همت جا آهن، اهي قبض ۾ تمام زور سان ميل ٿا ڪن پر جميعت وارو هج ته انهيءَ قبض کان پوءِ جلد زيادتي حاصل ٿيندي ١٢.

٢٤٥ ڪنز * هڪ ڏينهن هن فقيرحضور ۾ عرض ڪيو ته حضرتا رويت ۽ مشاهدي ۾ ڪهڙو فرق آهي، پاڻ فرمايائون ته مشاهدو فنا هستي ۽ بي خودي سان تعلق ٿو رکي ۽ رويت بقا سان تعلق ٿو رکي ۽ رويت جو درجو خاص رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم کي حاصل هو، جنهن الله جل جلاله کي ظاهري اکين سان ڏٺو هو ۽ بعضي مڪمل عارفن کي جن جو مشرب محمدي صلي الله عليه وآله وسلم آهي، سببان طفيل آن حضرت صلي الله عليه وسلم جي انهيءَ نعمت کان حصو حاصل آهي، جو الله جل جلاله جي ذات کي هن هستيءَ جي بقا جي باوجود فنا کان پوءِ ٿا ڏسن ۽ ذات مطلب کي ڪثرت ۾ ري ڏس ۽ ري حقيقت هر جاءِ پيا ڏسن.

بيت

هر که را آن آفتاب اين جا به تفاوت
آنچه آن جا وعده بود اين جا بيافت

www.maktabah.org

مَنْ لَمْ يَذُقْ لَمْ يَدْرِ انهيءَ جو بيان قلم لکي نہ سگهندو.
"ذَالِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ وَاللّٰهُ ذُوالْفَضْلِ الْعَظِيْمِ"

۲۴۶ کنز * هڪ پيرو لکندي ۾ جيڪو اسان جو پراڻو ڳوٺ آهي، جمع جي رات سانجهي نماز کان پوءِ ڳالهين ۽ مناقبن حضرت مرشد رضي الله تعاليٰ عنه جي ۽ حضرت خليفہ صاحب ڪڙيہ واري رحمة الله عليه جي، فڪر ٿي ڪيم، جنهن مان شوق ۽ لذت گهڻي حاصل ٿي، پوءِ انهيءَ شوق ۾ ذڪرڪيم، آئون انهن ڏينهن ۾ ڇهن لطيفن سان مشغول هئس، خصوصا لطيفي اخفيٰ کي تحرڪ ۽ جذبو غيب جو گهڻو هو، ذڪر پڙهڻ وقت ڪيترا عدد نفي ۽ اثبات لطيفي اخفيٰ جا تڪرار ڪيم، تنهن مان جنبش ۽ جوش ۽ جذبو اهڙو حاصل ٿيو، جو دماغ کي پورو ۽ هيٺو ڪري ڇڏيائين، ۽ عروج ڏي اهڙو جذبو ٿيو جو ڪ گويا دماغ کي ڦاڙيو، هوا ڏي تو چڙهي، انهيءَ سستي کان ٻئي هٿ دماغ تي ڏيئي وينس، ۽ ذڪر پڙهڻ کان ري اختيار ماڻ ڪيم، انهيءَ جذبي ۾ هڪ ڪشف حاصل ٿيو جو ڏٺم تہ حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم پنهنجا قدم مبارڪ هن فقير جي دماغ تي رکيو بيٺا آهن، انهيءَ حقيقت ڏسڻ کان، غيب جي جذبي سبب، منهنجي نظر، سندن وجود مبارڪ کان بہ مٿي ويئي ۽ ايترو عروج حاصل ٿيو جو فڪر کي ڪا نهايت نہ هئي، تنهن کان پوءِ بہ ٽڪيون نور جون، ٻئي برابر ريهي جسم ظاهر ٿيون ۽ ان جي نور جا شعلا منهنجي چوٽيءَ تي واقع ٿيا، انهن جي گرمي کان هن جسم کي گهڻو وجد حاصل ٿيو، جو هيٺان مٿي ٿي نئيائين، ۽ مٿان هيٺ ٿي آندائين. عروج جي حالت ري پرده مٿي چمڪندڙ هئي، جڏهين فڪر انهن نور جي ٽڪين کي ويجهو پهتو، تڏهين خيال ڪيائين تہ هي ڪهڙو نور آهي، جو هن شڪل تي ظاهر ٿيو آهي، تان الهام ٿيو تہ هي نور محمدي صلي الله عليه وآله وسلم آهي، انهيءَ مشاهدي ۾ نور جي انهن ٻن ٽڪين کان مٿي، وري ٻيون بہ ٽڪيون نور جون، اونداهي واريون ظاهر ٿيون ۽ ري سعيي

www.maktabah.org

۽ ري اختيار اڳئين کان گهڻو عروج حاصل ٿيو ۽ ان اونداهي هيٺ مٿي اهڙو گهيري ورتو، جو سواءِ اونداهيءَ جي ٻيو ڪجهه به نه هو ۽ ان وحدت جي درياءَ جي تري ۾ هڪل انانيت جي جوش ڪيو، جو ڪو صبر نٿي رکيائين ۽ انهيءَ ڪن جي ڦيري ۾ سالڪ کي نه مٿو رهيو نه پير، مگر خالص چرخ هو ۽ انهيءَ وقت ان اونداهيءَ جي ري نهايت درياءَ وحدت جي جوش سان، جو سواءِ نسبت ۽ اضافت جي مٿاهيون هن جهان کان ظاهر ٿيون نزول ۾ ري اختيار، هن فقير جي سوڙهي وجود جي ڳانڍاپي وٽ ۽ گڏجڻ سا اهڙو غلبو آندو، جو هن وجود جي ظاهر ۽ باطن کي سڀ پاڻ ۾ غائب ڪيائين، ۽ انهيءَ وقت لطيفو نفسي ۽ اخفيٰ جي هڪ ٻئي کي ويجها آهن، ويجهائي جي سبب ٻئي هڪ وجود ٿيا، ظاهر رنگ باطن سان ۽ باطن رنگ ظاهر سان ٿيو ۽ ڏسڻ ۾ هڪ ٿي آيا، ۽وحدانيت ۽ عبديت تي اهڙو غلبو آندو جو عبديت جو بلڪل ڪو نالو ۽ نيشان نه رهيو ۽ زبان حال جي غلبي کان سواءِ فڪر ۽ خيال جي اهڙي طرح چيو: اَنَا اللّٰهُ جو حاضرين مجلس جي سيني ٻڌو، انهيءَ وقت ساري مخلوق تي نظر پيئي، جو سيني تي پاڻ کي مالڪ الملڪ ڏٺم، ۽ انهيءَ وقت ۾ خلق جي سواءِ نيت مخلوقيت جي ۽ پاڻ کي سواءِ نسبت خالقيت جي، ٻيو ڪجهه به نه ڏٺم ۽ انهيءَ وقت عالم ارواح جو ظاهر ٿيو ،جو صفون ڪري حاضر ٿي بيٺو، مغفرت گهرياٽون ۽ راضپو پنهنجو باطن ۾ ٿيو، انهن جي احوالن جي تڪرار کان بخشش جو درياءُ پاٽهي جوش ۾ آيو، جو انهن سيني کي بخشش حاصل ٿي، ۽ وجود کي چرڻ ڦرڻ بلڪل نه هو، اهڙو بي هوش هئس جو انهيءَ وقت منهنجي چاچي ميان لال محمد هوشياري واسطي منهنجي جسم کي چوريو پر منهنجو جسم بلڪل نٿي چريو، گهڻي دير کان پوءِ مسجد ۾ جماعتي سومهڻي نماز پڙهڻ لاءِ مشغول ٿيا، جڏهين به رڪعتون پڙهياٽون، پوءِ ٿوري هوشياري حاصل ٿي، امام جي پٺيان نماز شروع ڪيم، امام جي سلام ورائڻ کان پوءِ جڏهين به رڪعتون

www.maktabah.org

اٿي پڙهيم ،ڪي قدر سورة فاتح مان پڙهيم تہ وري چريائي جي حالت حاصل ٿيم ، جو سُتن وانگر مٿو ۽ پير اگهاڙا ڪري، ٻاهون هٽندي مسجد کان ٻاهر آيس، اهڙو تکو ٿي ويس جو جيڪڏهين ان وقت سو ڪوهن جو هجي ها تہ هوند هڪ ڪلاڪ ۾ ڪري وڃان ها ، پر جڏهين ٻاهر پٽ (ميدان) ۾ آيس، اتي ري اختيار هن آيت جي معنيٰ ڏسڻ ۾ آئي. "اَيْنَمَا تُوَلُّوْا فَثَمَّ وَجْهُ اللّٰهِ" يعني جيڏانهن سامهون ٿيندا انهيءَ طرف الله جل جلاله آهي، وري انهيءَ وقت نچڻ جي حالت حاصل ٿي، انهيءَ نچڻ ۾ زمين تي ڪري پيس، گهڻي مدت مراقبي ۾ هئس، غيب جي جذبي، غيب جو مشاهدو ٿي ڏٺو، ٿوري وقت کان پوءِ ڪجهہ هوشياري حاصل ٿي، وري مسجد ۾ اچي نماز پڙهيم، جڏهين وتر پڙهڻ لاءِ اٿيس، تڏهين وري چريائي ٿي، پوءِ ماٺ ڪري ويهي رهيس، ٽن ڏينهن جي مدت تائين غيب جي جذبي، سعي کان سواءِ بيرنگي ڏانهن ٿي نيو ۽ الله جل جلالهٗ جي ذات، ساري مخلوق ۾ سواءِ پردي جي ۽ سواءِ فڪر جي ظاهرڏسڻ ۾ ٿي آئي، ۽ ويساه وحدت الوجود جو دل ۾ ظاهر ٿيو، جڏهين حضور شريف ۾ ويس، تڏهين ساري حقيقت عرض ڪيم، پوءِ پاڻ خوش ٿيا، ۽ فرمايائون تہ اها حالت ڏارين آهي جنٺاءُ نہ ڪندي، تنهن ڪري سعيو ڪر تہ تنهنجي ملڪيت ۾ اچي ۽ نور جي ٻنهي ٽڪين جي حقيقت پڇيم، جواب ۾ مخدوم عبدالرحيم مگريہ جا سنڌي لفظ پڙهيائون

جتي نالو هيڪڙو اتي ٻيو پڻ آهي.

٢٤٧ ڪنز * هڪ رات سانجهي نماز کان پوءِ حضور شريف ۾ ذڪر جي جماعت ۾ اپرندئين طرف کان، حضرت جن کي سامهون ذڪر ۾ مشغول هئس، انهن ڏينهن ۾ حضرت جن جي وجود سان مون کي رابطو حاصل هو، انهيءَ وقت رابطي اهڙو غلبو آندو، جو منهنجي صورت جو ڪو نالو ۽ نيشان نہ رهيو، جو ظاهر ۽ باطن ۾ مرشد جي صورت ۽ حقيقت هئي، انهيءَ وقت انهيءَ صورت مبارڪ ۾، جا اها صورت منهنجي هئي پنهنجو

www.maktabah.org

وجود اندر ۾ مڙيئي خالي ڏٺم ۽ اندر ۾ اهڙي ڪشادگي حاصل ٿي، جنهن کي نهايت نہ هئي، ۽ اهو وجود مثل سنهيءَ لٽ جي نور ۾ ٻڏل هو، ۽ وجود ۾ عروج ۽ وڌائي اهڙو غلبو آندو جو بي پرواهيءَ ۾ ٿي رهيو، تفاوت جو پردو بلڪل کنيل هو، ۽ انهيءَ وقت جڏهين حضرت جن جي وجود مبارڪ تي نظر پيئي، جي مصلي تي ويٺل هئا، تڏهين حضرت جن جي وجود ۾ پنهنجي وجود کي گهيرو ڪندڙ ڏٺم ۽ اها صورت خالص صورت ڏسڻ ۾ آئي ۽ منهنجي صورت سندين حقيقت هئي، وري ٻيو قسم ظاهر ٿيو، جو اها حقيقت وري حضرت جن جي صورت ۾ ظاهر ٿي ۽ منهنجي صورت حضرت جن جي صورت اڳيان هيٺي ڏسڻ ۾ آئي، ۽ منهنجي صورت خالي ۽ سندين صورت ٻريل ڏسڻ ۾ آئي، اهڙي طرح ٽي ٻيرا حقيقت حاصل ٿي، ڪڏهين منهنجي صورت ۾ ڪڏهين پنهنجي صورت ۾، مگر ٽيئي ٻيرا صورت بہ هڪ هئي، حقيقت بہ هڪ انهن ٽن ٻيرن کان پوءِ خليفہ ميان لقمان عليه الرحمه، جو منهنجي ڪبي طرف کان ويٺل هو، تنهن تي نظر پيئي، ري اختيار انهيءَ سان رابطو ورتم ۽ خليفہ جي صورت ۾ ٿيس، ۽ خليفہ جي صورت ۾ اها حقيقت روشن ڏٺيم، وري سڄي طرف فقير ويٺل هو، ري سعي ۽ ري فڪر انهيءَ سان رابطو ورتم، انهيءَ ۾ بہ اها حقيقت روشن هئي، اهڙي طرح مڙيئي جماعت ذڪر ڪندڙن سان جي سو کان زياده هئا، دل جي ري قصد، رابطو ٿي ورتم ۽ انهي مڙني ۾ حقيقت جو نور روشن ڏٺم، وري پنهنجي صورت ۾ آيس، ۽ هڪ ساعت کان پوءِ، پاڻ کي پڪين جي صورت ۾ ڏٺم ۽ هوا ۾ اڏامندڙ هزار ۽ لک پکي جي ڳاٽيٽي کان ٻاهر آهن، سيني جي صورت ۾ ٿيس، ۽ مڙني ۾ نور حقيقت جو روشن ڏٺم، وري پنهنجي رابطي واري صورت ۾ آيس، هڪ ساعت کان پوءِ پاڻ کي درياءَ جي ڪناري مثل ڏٺم، جنهن ۾ لهرون گهٽيون هيون، سيڪنهن لهر ۽ قوتي ۾ اها حقيقت موجود ڏٺم، وري رابطي واري صورت ۾ آيس، تنهن کان پوءِ پاڻ کي ڪشادي زمين ۽ جبلن جي مثل ڏٺم،

www.maktabah.org

جنهن ۾ چرڻ ڦرڻ بلڪل نه هو، ان ۾ به حقيقت جو نور روشن ڏٺم، وري رابطي واري صورت ۾ آيس، پوءِ جماعت واري مڙني صورتن کي ڏٺم، جي لٺ جي مثل واءَ تي نظر ۾ آيا، فقط الله جل جلاله جي ذات موجود هئي، جنهن کي نهايت نه هئي، ٿوري دير کان پوءِ رابطي واري صورت ۾ آيس، اها صورت ۽ حقيقت وحدانيت سان هڪ ٿي، تنهن کان پوءِ جيڪي ڪجهه هو، سو سڀ ان حقيقت ۾ ٿي ڏٺم، ۽ اندر ۾ الله جل جلاله جي ذات کي ئي ڏٺم. پوءِ جڏهين حضرت جن ذڪر جي واندي ٽيڻ کان پوءِ نماز پڙهي حويلي ڏانهن ٿي ويا تڏهين حويلي جي دروازي وٽ، حضرت جن کي ساري حقيقت ٻڌايم، پاڻ مبارڪ ڏنائون، ۽ خوشيءَ سان فرمايائون ته اها حقيقت "اَنَا مِنْ نُوْرِ اللّٰهِ وَعَالَمُ كُلُّهٗ مِنْ نُّوْرِيْ" آهي جا ٻنهي جهانن جي سردار صلي الله عليه وآله وسلم پاڻ بيان فرمائي آهي. جڏهين سالڪ ڪنهن ڪامل مڪمل جي وجود ۾ فنا ٿو ٿئي، تڏهين ان ڪامل مڪمل کي پاڻ ۾ ڏسندو، اهو سير ١٨٠٠٠ ارڙهن هزار جهانن جو آهي، جي مڙيئي ان کان آهن، ۽ ان ۾ آهن، ان ڏينهن ۾ هڪ بيت انهي حقيقت کي مناسب منهنجي زبان تي اوچتو آيو هو جو حضور شريف ۾ پڙهيم، حضرت جن انهيءَ بيت کي گهڻن وقتن ۾ ري اختيار پڙهندا هئا، پوءِ انهيءَ بيت سان گڏ ٻيا به چار بيت چيم.

ابيات

اي ز وجود تو وجود همه عالم به وجود
آن چه جز تو که بناشد همه شد لاموجود
جلوه حسن تو درغيب چنان شور افگند
که به احببت بسي ولوله برپاءِ بنمود
نقطه اسود خوش رنگ مفيدي بگرفت
نور براق حجاب از رخ ظلمت بکشود
هر چه در کنز نهان بود زاعيان ظهور
همه در نور عيان ز رخت جلوه نمود
زلف بر رخ چه عجب رنگ صفامي بخشد
بارخ وزلف بمادرهمه جاءِ شوم شهود

www.maktabah.org

انهن بيت جي معنيٰ هي آهي يعني تنهنجي وجود کان سارو جهان پيدا ٿيو آهي، جيڪي توکان سواءِ نہ هوندو، سو بيشڪ نہ هئڻ جهڙو آهي ۽ تنهنجي حسن جي جلوي غيب ۾ اهڙو شور وڌو جو احببت سان گهٽو شور ظاهر ڪيائين ۽ ڪاري نقطي اچائيءَ جو چڱو رنگ ورتو، چمڪندڙ نور اونداهي منهن کان پردو کوليو ۽ جيڪا مخلوق ڳجهي ڪاڻ ۾ هئي، سا سڀ تنهنجي منهن کان ظهور ۾ آئي ۽ منهن تي وار ڪهڙو عجب رنگ حاصل ٿا ڪن، تنهن جي منهن ۽ وارن جي برڪت سان اسان جي اڳيان سين جاين ۾ ظاهر هج.

۲۴۸ ڪنز * هڪ ڏينهن حضور شريف ۾ جماعت سان گڏ، سانجهي جي نماز کان پوءِ ذڪر ٿي ڪيم، تانجو ذڪر جي وچ ۾ ڪلمون الا الله جي ۾ هڪ حالت ظاهر ٿي، ۽ عروج سيني جي وچ کان هيٺان حاصل ٿيو. پوءِ سيني جي ڪشادگيءَ ۾ مٿاهون ٿي ويو ۽ عروج جي وچ ۾، اوچتو منهن کي سامهون، صورت حضرت ابراهيم خليل الله عليه السلام جي ظاهر ٿي لفظ السلام عليڪم جو چيم، جواب ۾ وعليڪم السلام ورحمة الله وبرڪاته ٻڌم، انهيءَ ساعت حضرت آدم، حضرت نوح، حضرت موسيٰ ۽ حضرت عيسيٰ عليٰ نبينا عليهم السلام اوچتا ڏٺم، پنجن ئي نبين ساڻ، ري خيال ۽ سعي جي هڪ وجود ٿيس، منهنجي صورت نبين جي صورت ۾ ٿي ۽ انهن جي حقيقت ساڻ ڳنڍجي ويئي، سيني کان حصو نور جو حال کي حاصل ٿيو، اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰي نَعْمَائِهٖ آخر جيڪي ڏٺم اها ذات الله جل جلاله جي، سيني مخلوقن مان ڏسڻ ۾ آيم، هوشياري کان پوءِ هڪ ڪلاڪ بعد، انهيءَ فڪر جي ٻي حالت ظاهر ٿي. ڏٺم تہ هڪ صورت، منهنجي صورت جهڙي وجود مان ظاهر ٿي ۽ پاڻ صورت حضرت مرشد ادام الله برڪاته جي سندن وجود کان ظاهر ٿي، ٻئي صورتون ٿي اڏاٽيون، اترئين طرف رجوع ڪيائون. هڪ ساعت ۾ تمام مٿي آيا ۽ صورت حضرت مرشد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه جي ۽ صورت خليفہ صاحب ادام الله برڪاته جي مٿاهون

www.maktabah.org

اڏامندڙ هيون ۽ صورت حضرت مرشد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه جي ڏسڻ شرط صورت حضرت خليفه صاحب جي جلد اڏامي وڃي ملاقات ڪري پوءِ ٽيئي صورتون پاڻ ۾ هڪ ٿي ويون، اهڙي طرح جو ٽئي صورتون گڏجڻ کان محو ۽ ري صورت ٿيون ۽ شوق کان منهنجي صورت کي مثل ڪهرباءِ (بجلي) جي پاڻ ڏانهن ڇڪيائون ۽ داخل پاڻ ۾ ڪيائون مثل چرخ ڪندڙ ڪن جي، پاڻهي ٿي ڇڪيائون، پر صورت جي فناءِ صورت جي پرده کان سواءِ حاصل نه ٿي، ٿوري ديرکان پوءِ ٽيئي صورتون هڪ ٻئي کان جدا ٿيون ۽ صورت حضرت مرشد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه جي پنهنجي جاءِ ويئي ۽ اسان جون ٻئي صورتون اڏامي پنهنجي جاءِ آيون، اهڙي طرح اسان جون ٻئي صورتون مخلوقن جي صورتن ۾ بدل ٿي ٿيون، ڪيترن ڏينهن کان پوءِ اهو سارو واقعو عرض ڪيم، پهريائين فرمايائون ته انهيءَ درجي لاءِ هڪ الڳ مشغولي ڪرڻي هئي، جنهن کي ڪماليتون نبين اولواالعزمن جي ٿا چون، پر جڏهين پاڻهي حاصل ٿيون، تڏهين مشغوليءَ جي حاجت نه آهي. ۽ فرمايائون ته الله جل جلاله جڏهين مهرباني ڪري تڏهين ڪماليتون پاڻهي حاصل ٿين. پوءِ فرمايائون ته اسان کي به اڪثر حالتون، ري مشغولي حاصل ٿيون، ۽ حضرت جن جي خدمت ۾ ساري حقيقت پئي ڪوليم، پوءِ پاڻ ان جي بيان کان واقفيت پئي ڏنيم.

٢٤٩ ڪنز * هڪ ڀيري سانجهيءَ جي نماز کان پوءِ نئون وضو ڪري تحيةَ الوضوءُ جي نفل پڙهڻ لاءِ مسجد شريف ۾ آيس، جڏهين تڪبير اوليٰ هڻي هٿ هيٺ ڪيم، اچان هٿ ٻڌا نه هئم ان وقت پنهنجو وجود اهڙو ڏٺم، جو هن وجود ۽ هن جهان کان ٻاهر هو، پاڻهي قائم هو، بلڪ هڪ عجب وجود، جنهن جو نيشان ڪونهي، ۽ سواءِ الله جل جلاله جي ان کي پروڙي ڪونه سگهي ۽ ان نماز ۾ قيام ۽ رڪوع ۽ تسبيحون ۽ سجود ري سعي ۽ ري اختيار پاڻهي پي ٿيا ۽ سيڪو رڪن ظاهري نماز جي حقيقت

www.maktabah.org

ءقرآن ڪريم جي حقيقت ڪان مون مان ظاهر ٿي ٿيا ۽ مون ۾ ٿي موٽيا ۽ ساجد ۽ مسجود هڪ هئا، بلڪ اهو عابد ۽ اهو معبود، جڏهين حضرت جن جي صحبت شريف ۾ ويس، ساري حقيقت عرض ڪيم، پاڻ فرمايائون ته تنهنجو وجود خود اها نماز آهي، جنهن ۾ پاڻ عابد، پاڻ معبود آهي.

۲۵۰ ڪنز * هڪ ڀيرو حضرت ادام الله برڪاته سان سفر ۾ هئس، جڏهين ماتليءَ جي شهر ۾ نظامياڻين ۾ آيا انهيءَ وقت خليفه ميان اميد علي جي مسجد ۾ ٻن پهرن جي وقت ستل هئس، خواب ۾ ڏٺم ته هڪ ڪلام لٽ جي مثل، ري صورت منهنجي وجود کي چوڌاري ڦري ويو آهي، ۽ مني ڳالهائڻ واري بيان سان سمجهايائين ته جيڪي ماڻهوٽا چون ته الله جل جلاله جي ذات مثل داڻي جي آهي جنهن کي زمين ۾ پوکجي ۽ اوپر ظاهر ٿئي ٽارين ۽ پنن ۽ گلن سان نيٺ ڦر ۾ اهو هڪ داڻو پيدا ٿيندو، اهڙي طرح اصل گل جو ذات الله جل جلاله جي آهي، جو هن جهان ۾ مثل پنن ۽ ٽارين جي ظاهر ٿيو، نيٺ اهو اصل ٿيندو. انهيءَ مثال جو انڪار ڪيائون ۽ فرمايائون ته اهو مرتبو حقيقت محمدي صلي الله عليه وآله وسلم آهي ۽ الله جل جلاله جي ذات پاڪ آهي، انهيءَ ڪلام، مثال ۽ تشريح ۾ گهڻي لذت حاصل ٿي، جا بيان ڪرڻ ڪان ٻاهر آهي لذت جي غلبي ڪان سجاڳ ٿيس، سجاڳيءَ ڪان پوءِ به اها لذت وجود ۾ ڏٺم، سجاڳيءَ شرط جيڪي اڳيون حالتون وجود ۾ محڪم هيون، سي سڀ نفي ٿيون، انهيءَ وقت خليفو ميان محمد شفيع ۽ خليفي ميان خميسه جن کي اجان خلافت جي اجازت نه هئي، مسجد ۾ گفتگو ٿي ڪئي، وجي انهن جي اڳيان ويٺس ۽ داڻي وارو مثال بيان ڪيم، ۽ڪلام جي اها حقيقت ظاهر نه ڪيم، انهن به اقرار ڪيو ته ذات، داڻي جي مثل آهي ۽ چيائون ته اها ذات الله جل جلاله جي آهي، جا مخلوق جي لباس ۾ ظاهر ٿي ٿئي، مون چيو ته اها حقيقت محمدي صلي الله عليه وسلم آهي ۽ الله جل جلاله

www.maktabah.org

جي ذات پاڪ آهي، خليفن چيو تہ ذات الله تعاليٰ جل جلاله جي ۽ حقيقت محمدي صلي الله عليه وآله وسلم جي هڪ آهي، اهو داڻي جو مثال ذات الله جل جلاله جي ڪي آهي، حاصل ڪلام گفتگو جي وچ ۾ هڪڙي فقير هڪ ڪافيءَ جي هڪڙي مصرع گهڻي درد سان مسجد جي اگڻ ۾ پنهنجي خيال سان پئي پڙهي.

لک نہ لاٽائون، پاٽان پير پري ويا.

انهيءَ ڪي تڪرار تي ڪيائين، انهيءَ جي ٻڌڻ شرط، خالص فڪر "لا" جي جذبي سان، مڙني جي ثابتي ڪان لنگهيو ۽ جذبو عروج ڏانهن ڪيائين، ري ڏس ۽ ري حقيقت جي طرف. تان جو وچين نماز حضرت جن جي پٺيان شروع ڪيم. ٽينءَ رڪعت ۾ رڪوع ڪان پير ڪنيم، انهيءَ وقت وڏو جذبو حاصل ٿيو، هڪڙي جذبي سان دروازو ڪلي پيو، الله جل جلاله جي ذات ظاهر ٿي، جنهن ڪي آڏو پردو ۽ ستر ڪونہ هو، ڇيهہ ۽ نهايت نہ هيس، ۽ فڪر جذبي جي سبب، ري سعي انهيءَ ذات ۾ فڪر ڪندڙ هو، نہ ذات الله جل جلاله جي ڪي نهايت نہ ڪو جذبي سالڪ جي ڪي ڇيهہ انهيءَ وقت فڪر ڳولا ڳولا ۾ پيو تہ هي ڪهڙو مشاهدو آهي، تان ڄاڻايائون تہ هي مشاهدو وجود مطلق جو آهي پوءِ سانجهي نماز ڪان بعد حقيقت ڪشف واري ۽ مشاهدي واري جا نماز ۾ ۽ خليفن جي گفتگو سان حاصل ٿي خدمت شريف ۾ عرض ڪيم، تمام خوش ٿيا ۽ فرمايائون تہ توکي اڳي ٿي چيوسون، تہ انهيءَ حقيقت ڪان لنگهڻو (گذرڻو) آهي ۽ تو ٿي چيو تہ انهيءَ ڪان لنگهڻ نہ آهي، ۽ انهيءَ داڻي ذات الله جل جلاله جي ثابت ٿي ڪئي، هينئر ڇالاءِ انهيءَ داڻي مان حقيقتِ محمد صلي الله عليه وآله وسلم ثابت ٿو ڪرين، عرض ڪيم تہ حضرتا! جيڪي ظاهر ٿو ٿئي انهيءَ جو اقرار ٿو ڪريان، پاڻ فرمايائون تہ آفرين هجئي، اهڙي طرح گهرجي، پر هينئر جيڪي ظاهر ٿئي، انهيءَ سان تعلق وٺجي، پوءِ انهيءَ رات فجر نماز جي سنت ڪان پوءِ، هڪ حالت ظاهر ٿي، جو جذبہ رنگين واري حالت

www.maktabah.org

کان پاڪائي ڏي پهچايو، انهيءَ حالت ۾ هر وقت حاضر هئس، ۽ حضرت جن کان حقيقت ظاهر ٿيل ساعت به ساعت ٿي پڇي، مون هر وقت خدمت شريف ۾ عرض ٿي ڪيو، ۽ گهڻن وقتن ۾ هي بيت زبان مبارڪ تي ٿي آندائون ۽ مون کي انهيءَ ساڻ اشارو ٿي ڪيائون .

بيت

داد حق را قابليت شرط نيست = بلکه قابليت داد حق است

يعني الله تعاليٰ جل جلالهٗ جي ڏيج لاءِ قابليت جو شرط نه آهي. بلڪ شرط قابليت ڏيج الله تعاليٰ جل جلاله جو آهي. بعضي وقتن ۾ هي سنڌي بيت ٿي پڙهيائون.

جي نوازيا نصيب داورسي درست ڪيا

گهڻو سعيو ٿي ڪيائون ته هينئر بلڪل فڪر کي جذبي ساڻ شريڪ نه ڪر چاڪاڻ جو جذبو ڪامل هوشياريءَ سان ظاهر ٿيو آهي ۽ مقامن جو تفصيل چڱي طرح ظاهر ٿو ٿئي، متان فڪر جي شريڪ هجڻ سبب، قوي جذبو حاصل ٿئي ۽ مقامن جو تفصيل نامعلوم ٿئي، پوءِ ٽن ڏينهن گذرڻ بعد، جيڪي خدمت شريف ۾ عرض ڪيو هئم، سو سڀ روبرو لکائي ورتائيون، جنهن ۾ بعضي فارسي لفظ پاڻ به ٿي چيائون مون ان ساري حقيقت کي خدمت شريف ۾ حاضر ڪيو، پاڻ تمام پسند ٿي ڪيائون ۽ فرمايائون ٿي ته تنهنجون حالتون حضرات نقشبنديين جي حالتن سان مشابهه آهن، ۽ اهو ذڪر جيڪڏهين مڪتوبات خواجه حضرت امام رباني قدس الله سره الاقدس جي ۾ ڏسجي ته شور ۽ درد ٻين ڪتابن ۾ بلڪل نه ٿيندو. اي سڳورا جيڪي لکيو اٿم يا لکندس، اهو اوبارو رابطه حضرت امام الله برڪاته جو آهي، جنهن انهيءَ غنچي کان لقمون ڪاڏو هوندو، ان کي خبر پوندي، ٻين کي ان کان ڪهڙي خبر، "مَنْ لَمْ يَذُقْ لَمْ يَدْرِ"

ذوق اي مي شناسي بخدا تان چشي.

www.maktabah.org

هن فقير (خليفي گل محمد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ)
حضور شريف ۾ جيڪي عرض ڪيا، انهن
مان ٿي عرض هن ڪتاب ۾ داخل ڪيا اٿم.

عرض پهريون: - عرض حضور لَامِعُ النُّوْرِ مُرَبِّيْ مُكَمِّل هَادِيْ اِلَي الْحَقِّ ادَامَ اللهُ بَرَكَاتُهٗ عَلَيْنَا وَمَتَّعَنَا اللهُ بِكَمَالِ فُيُوْضَاتِهٖ طرفان فقير گل محمد جي هي عرض تہ حضرتا هي ناقص ٻانهون فجر جي نماز جي سنت ڪان پوءِ هڪڙي حالت ٿو ڏسي، فڪر کي مشاهدو ذات الله جل جلاله جو حاصل هو، انهيءَ نزول هيٺ ڪرايو، تنهن جي هيٺ مقام علم جو ڏنائين ۽ علم هيٺ اونداهي ڏنائين جو ات الهام ٿيو تہ اها حقيقت محمدي صلي الله عليه آله وسلم آهي، ان ۾ حقيقتون نبين ۽ سيني مخلوقن جون ڏنائين ۽ اهڙي طرح جو گهٽا ماڻهون ڪنهن اونداهيءَ واري گهر ۾ هجن ۽ هڪ ٻئي کي نہ ڏسن، انهيءَ ڪان هيٺ هڪ نور ڏنائين، جو ان نور کي نور محمدي صلي الله عليه وآله وسلم ٿي چيائين، انهيءَ نور، انهن حقيقتن کي جي ان اونداهيءَ ۾ هيون فڪر ٿي ڪيو، پر هڪ ٻئي کان جدا ٿيڻ نظر ۾ نہ آيس، مگر علم حاصل ٿيس تنهن ڪان هيٺ، صورت محمدي صلي الله عليه وسلم ڏنائين، اهو بہ چمڪاٽن نور جي ۾ جدا هئي، ڪو پاڇو نہ هئس، پر صورت محمدي صلي الله عليه وسلم ۽ نورمحمدي صلي الله عليه وآله وسلم ڪجهہ پنڌ هو ۽ صورت محمدي صلي الله عليه وسلم ڪان هيٺ هڪ اونهون ترو هو، جنهن هيٺ ٿي ڇڪيو، ڪو مڪان ۽ نهايت نہ هئس، جڏهين ذڪر اتي پهتو تڏهين وري عروج جو جذبو شروع ٿيو، هڪ مقام ڪان ٻئي مقام تي، تان جو وجي وجود مطلق کي پهتو، اتان بہ جذبو هڪ ظاهر ٿيو تنهن عروج ڏي ڇڪيو، اهڙي مقام تي پهتو، جنهن ۾ جيڪي ڏسڻو هئس سو ڏنائين. جو اهو ڏسڻ ذات ۽ وجود مطلق جي وچ ۾ واسطو هو، پر واسطو نہ نوراني هو نہ ظلماتي، اهڙي حقيقت هئي جا وجود مطلق ۽ ذات ٻنهي کي مشابهہ هئي، وري جذبو عروج جو شروع ٿيو، هڪ مقام ڪان ٻئي

www.maktabah.org

مقام کي پهتو، جنهن ۾ جيڪي ڏسڻو هئس، سو ڏٺائين، ڇاڪاڻ جو اهو ڏسڻ ذات ۽ وجود مطلق جي وچ ۾ واسطو هو، پر واسطو نہ نوراني هو ۽ نہ ظلماتي، اهڙي حقيقت هئي جا وجود مطلق ۽ ذات ٻنهي کي مشابهہ هئي، وري هڪ جذبو پهتو (پيدا ٿيو) جنهن زيادتي ڏيئي اهڙي جاءِ ۾ پهچايو، جو ان وقت ۾ علم کي بہ طاقت نہ هئي ۽ ذات (خودبخود) باقي هئي، اتي علم مثل ڇوڪري کير پياڪ ٻار جي، جو ماءُ جي ٻن ۾ کير پيڻ لاءِ مٿو هڻي، پر حاصل نہ ٿئيس، اهڙي طرح علم مٿو ٿي هنيو، پر ڪنهن شيءِ جي واقفيت نہ ٿيس، خالص پاڻ ۾ مشغول ٿيو ۽ انهيءَ حالت جو سير سج اپرڻ تائين هو، وري انهيءَ مقام ۾ ڪجهہ جميعت حاصل ٿي، هڪ پهر ڏينهن تائين، اتي هڪل جنڊ جي مٿاهون جهنڊه حضرت محمد ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي ٿي هنيائين، انهيءَ حالت ۾ الهام ٿيو تہ بايزيد بسطامي قدس الله سره جا اها هڪل هنئي هئي، سا بہ انهيءَ مقام ۾ هئي، تنهن کان پوءِ ان مقام ۾ لذت سان عروج ڏي هلڻ حاصل ٿيو، انهيءَ هلڻ ۾ سيني مخلوقن جو امانتون، پاڻ ۾ ڏنائين، ۽ امانتن وٺڻ لاءِ مخلوقن جو انتظار معلوم ڪيائين، جو ان کي نزول ڏي ٿي ڇڪيائين، اتي جوش سان عروج جو جذبو حاصل ٿيو، جنهن غيب الغيب ڏانهن ٿي نيو، تان جو سانجهي نماز کان پوءِ جوش سان هڪ قوي جذبو پيدا ٿيو، جنهن اهڙي مقام ۾ پهچايو، جنهن مقام جو نالو محبت ٿي چيائون، رات جي ٻن پهرن گذرڻ کان پوءِ، تراويحن جي نماز پڙهائڻ لاءِ تيار ٿيس، نماز ۾ قيام جي وقت، اڳئين کان قوي جذبو ۽ جوش حاصل ٿيو، وجد ۽ سوزش اهڙي حاصل ٿي، جو گويا باه آهي، ۽ باه ۾ وڏو اٿن ۽ وجد کان ٻئي پير زمين تي بي اختيار پئي لڳا، پوءِ اهڙي مقام ۾ پهتو، جنهن کي مقام فقير جو ٿي چيائون، اتي بوءِ حضرت محمد ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي حال کي پهتي، اتي ڳولا ڪيائون تہ مقام محمدي صلي الله عليه وسلم، حقيقت محمدي صلي الله عليه وسلم ۾ ڇڏ م هيءَ بوءِ

www.maktabah.org

ڪٽان آهي، تان الهام ڪيائون تہ حقيقت محمدي صلي الله عليه وسلم ڪان مٿي مقام فقر جي تائين، جيڪي مقام ڏنئي، تن جو تعلق، ولايت احمدي صلي الله عليه وسلم سان آهي ۽ جيڪي صورت محمدي صلي الله عليه وآله وسلم ڪان حقيقت محمدي صلي الله عليه وآله وسلم تائين ڏنئي، تن جو تعلق ولايت محمدي صلي الله عليه وسلم تائين آهي ۽ هن مقام جي داخل ٿيڻ ڪان اڳي ڪجهہ متابعت ڪان بخش ڪيائون. وري اتي هڪ جذبو ظاهر ٿيو، جنهن اهڙي مقام ۾ پهچايو، جو انهن سيني مقامن ڪان مٿي هو ۽ گهيرو ڪندڙ مقامن ولايت احمدي ۽ محمدي صلي الله عليه وآله وسلم کي هو ۽ اجمال رکيائين انهن مڙني مقامن ڪان لطافت گهٽي پيدا ڪيائين، انهيءَ مقام ۾ بہ هڪ ساعت لذت ۽ جميعت پيدا ڪيائين، وري لذت سان ٿورو عروج ڏي هلڻ پيدا ٿيو، اتي حقيقت آيۃ الڪرسي ظاهر ڪيائون ۽ سالڪ کي مڙيئي ان جي معنيٰ سان ڳنديل ڪيائون ۽ جيڪي آسمانن ۽ زمينن ۾ آهي، ان جي حقيقت کي بيرنگي جي ڪيفيت ۾، سالڪ جي علم تي ظاهر ڪيائون، جهڙي طرح حقيقت محمدي صلي الله عليه وآلہ وسلم ۾ سيئي مخلوق اونداهي واري نور ۾ هئا، اهڙي طرح هتي ڪيفيت بي رنگي ۾ هئا ۽ مڙيئي معنيٰ آيۃ الڪرسيءَ جي ڪيفيت، بي رنگي ۾ انهي جمال هيٺ ظاهر ڪيائين. اهو اجمال سيني کي گهيرو ڪندڙ هو، تنهن ڪان پوءِ وري جذبو تمام گهٽي ڇڪ سان ظاهر ٿيو، جو ان وقت الهام ڪيائين تہ هي ذات مطلق آهي، جيڪا ذات ولايت احمدي صلي الله عليه وآلہ وسلم ۾ هئي، اها ذات مقيد آهي ۽ اتان زيادتي حاصل ڪري اهڙي مقام کي پهتو، جنهن کي مقام "هويت" مطلق جرڻي چيائون ۽ ان ڪان مٿي هڪ مقام ڏنائين ۽ هڪ ساعت ۽ هڪ جذبي سان ان ۾ پهتو، ان کي "صدق" جو مقام ٿي چيائون، اتي الهام ڪيائون تہ توکي عروج محمدي صلي الله عليه وآله وسلم ڪان حصو حاصل ڪيو اٿئون، جهڙي طرح حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم کي ننڊ مان سجاڳ

www.maktabah.org

ڪري معراج ڪرايوسون، توڪي جو مقام تنهنجو حقيقت محمدي صلي الله عليه وآله وسلم ٿي هئي، ننڊ ڪان سجاڳ ڪري عروج ڪرايوسون. اهو الهام نياز ۽ قرب ساڻ فرمايائون، انهيءَ وقت خالص قرب ڪان ڪشش حاصل ٿي، انهيءَ ڪشش جي شروع ٿيڻ وقت، ڪجهه حقيقت التحيات جي حاصل ٿي، تنهن ساڻ مخاطب ڪيائون، ازروءِ معنيٰ جي ۽ لفظ جي ۽ اهڙي طرح واءِ قرب جي، مثل ڪهرباءِ (بجلي) جي ٿي ڇڪيو، ۽ انهيءَ ساڳئي ڇڪڻ ۾ غيريت قرب سان همراه ڪيائون، جو قرب سڄي طرف ڪان ۽ غيريت ڪپي طرف ڪان لڳندڙ ٿي، اهڙي طرح جو جيڪڏهين ڪنهن شخص کي رسو ٻڌي وٺي وڃن (نين) ۽ ڪنهن طرف نگاه ڪرڻ نه ڏين، اهڙي طرح عروج ڏي ڇڪ ٿي ڇڪيو، جا لڪڻ ۾ نٿي اچي، تان جو هڪ ترو، مثل انهيءَ تري جي، جو هيٺ هو، عروج ۾ ظاهر ٿيو، انهيءَ ۾ وڏائون نامرادي ۽ عاجزي همراه ڪيائون ۽ حقيقت "مَاعَرَفْنَاكَ حَقَّ مَعْرِفَتِكَ" يعني نه سڃاتو اسان توکي، حق سڃاڻڻ تنهنجي جو ساري ظاهر ڪيائون، جو اهو مقام اهو آهي، تنهن کان پوءِ سير رڳو تنزيهه ۾ هو، جنهن کي نهايت نه هئي. پر عالم مثال ۾ ان جو نالو "ذات الذات" ٿي چيائون، انهيءَ حالت جي اول ۾ اهڙو درد حاصل ٿيو جنهن جي ڪٽڻ جي بدن کي طاقت نه هئي ۽ باطن ۾ حد ڪان گهٽي بي قراري ٿي، انهيءَ وقت عالم خلق ۾ هڪ اهڙي حقيقت پيدا ڪيائون، جنهن جي ڪري ٿوري جميعت حاصل ٿي، تنهن کان پوءِ وري خالص تنزيهه ۾ سير ٿيو، جنهن جي نهايت نه هئي، انهيءَ حالت ۾ ڇهه پهر لنگهيا، تنهن کان پوءِ اڌ رات گذرڻ بعد، تراويحن پڙهڻ وقت ڄاڻايائون ته تنهنجو اهو عروج روح سان هو ۽ اڃان جسماني عروج توکي حاصل ٿيندو ۽ روح کي جسم جي عروج جو امر ڪيائون، پوءِ پهريائين نور جا پيالا، سالڪ جي جسم تي هاريائون، جو ساري جسم لطافت حاصل ڪئي، انهيءَ وقت عروج ڪندڙ فڪر مٿاهنپ کان هيٺ اچي لطيفي نفسيءَ ۾ جاءِ ورتي، خاڪي جزي کي هڪ جذبي سان فنا ڪيائين، اهڙو ٿيو

www.maktabah.org

جو هوا ۾ تي اڏاڻو ۽ عروج ڪرائيندڙ حاضر ڪيائون، پهريائين لطيفو نفسي جدا هو، لطيفو اخفيٰ جو متاهون هو تنهن کي لطافت گهٽي هئي ۽ تنهن جي جاءِ ۾ هو ۽ تنهن کان پوءِ ٻئي ڳڏ ٿيا، انهيءَ وقت سالڪ جي صورت کي صورت محمدي صلي الله عليه وآله وسلم سان مٽائي، عبدالله نالو ڪيائون ۽ الله جل جلالهٗ جو لفظ عبدالله ۾ آهي، تنهن مان مراد اها ذات آهي جنهن ڏانهن رجوع باقي رهيل آهي ۽ اڳين ذاتين کان نفي ڪيل آهي. انهيءَ وقت "لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ" جي معنيٰ اهڙي طرح ظاهر ٿي جو جيڪي نفي ۽ اثبات ۽ سيرسلوڪ جو ۽ حقيقيون ۽ مقامات جيڪي "لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ" جي معنيٰ ۾ داخل آهن، انهيءَ سالڪ جي سير ۾ جو مشرب محمدي صلي الله عليه وآله وسلم تو رکي ۽ ڪجهه عروج محمدي صلي الله عليه وآله وسلم کان حاصل آهن، انهن ۾ سير تو رکي، ۽ الله جل جلاله جو نالو "اِلَّا اللّٰهُ" ۾ آهي اهو نالو ذات پاڪ جو آهي، جو رب بين مخلوقن جو آهي ۽ جيڪو نالو الله جل جلاله جو محمد رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم ۾ آهي، اهو رب محمد ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جو آهي، اهو فرق نالي جي مرتبن ۾ آهي، ۽ ذات هڪ آهي، اهڙي طرح الله جل جلالهٗ قرآن ڪريم ۾ فرمايو آهي "تِلْكَ الرُّسُلُ فَضَّلْنَا بَعْضَهُمْ عَلٰى بَعْضٍ" يعني اهي رسول ڀلا ڪيا اسان بعضي بعضن کان، تڏهين بعضي بعضن نالن سان خاص آهن ۽ بعض ٻين سان، ڏٺي منهنجا هدايت ۽ فيض جو سڄ مخلوق تي هميشه روشن هجي، حضرت محمد ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي برڪت سان.

عرض ٻيو :- طرفان خاڪسار گهٽ سيني مريدن کان، ٻانهي گل محمد جي هي عرض آهي ته حضرتا هن ضعيف ري مقدار کي، سببان توجهن اوهان مرشدن مڪملن ۽ شفقتن اوهان ڪريمن جي غيبي عنايتون ۽ انعام ري شبها سيڪنهن ساعت ۾ حاصل آهن، تن جي بيان کان زبان ڪوتاه آهي، ان جا شڪرانا ادا ڪرڻ کان زبان گونگي آهي ۽ قلم ڀڳل آهي،

"اگر هر سر موئي گردد زبان سر موئي ز شڪرت اداکه توان"

www.maktabah.org

جيڪڏهين وار جو سڀڪو مٿو زبان ٿئي، تڏهين به تنهنجو شڪرانو ادا ڪري نه سگهبو، پر جيڪي بيان ڪري سگهجي ٿو، جو فڪر ۽ خيال کان سواءِ غيب جي طرفان حاصل ٿيو آهي، سو خدمت شريف ۾ تفصيلوار عرض ٿو ڪريان ته هن مسڪين جي حالت جيڪا اڳي نهايت جذبي ۽ عروج ۾ هن ڳالهه تي محڪم ٿي هئي ته سالڪ جي نظر جو گهوڙو ظاهر ۾ ري نهايت ذات الله جل جلاله جي مرتبي اطلاق جي ۾، جا مڙني صفتن کان سالڪ جي نظر انهيءَ جاءِ ۾ نفي ڪئي هئي، خالص ڇڙهو وجود ري نهايت حاصل ٿيس، جو تشبيه کي ان جاءِ طاقت نه هئي، پر باقي علم جيتوڻيڪ پروڙيل نه هو، تڏهين به البت اطلاق جي مرتبي ۾ پروڙيل هو، انهيءَ حالت ۾ نظر جي سير کي ڇيهه ۽ نهايت نه هئي ۽ حقيقت "نظر ڪندڙ" ۽ "نظر ڪيل" جي وچ ۾ فرق معلوم نه هو، مگر هي فرق هو جو نظر ڪندڙ راجع ۽ "نظر ڪيل مرجوع" يعني موٽيل ٿيو. هينئر ٻئي قسم جي حالت حاصل ٿي آهي جو نظر شهود ذات جي ۾ واصل ٿيو ۽ حقيقت نظري کان فاني ٿيو ۽ "ڏسندڙ" "ڏٺل" جي رنگ ۾ ٿيو، ۽ "موٽندڙ" ساڳي "موٽيل" ٿيو ۽ ساڳي وقت ۾ وري ٻئي مرتبي ۾ "مرجوع" "راجع" ٿيو، جهڙي طرح ذات جي شهود کي، سمندِ غيب ذات جي، غيب جي تري ۾ ڪڍيو جو اتي نه علم آهي، نه نظر، خالص يقين آهي، نه ڏٺل مگر هي ڳالهه آهي جو خالص غيب الغيب آهي ۽ اتي الهام ڪيائون ته اهو غيب هڪ وڏو جهان آهي، شهود ۽ لقاءَ جي وچ ۾، تعلق ٻهي ذاتين جي ڪماليتن جو جيڪي هڪ وڏو جهان آهن شهود ذات الله جل جلاله جي ۾ لڳندڙ آهن، "مُوْتُوْا قَبْلَ اَنْ تَمُوْتُوْا" کان پوءِ آهي جي دنيا ۾ حاصل ٿيون ٿين، پر اهو نصيب ٿورو آهي، وڏو نصيب، جسم جي مرڻ کان پوءِ حاصل ٿيندو، جا فضيلت ڪلي جسم جي فنا تي موقوف آهي، جو هتي ظاهر ۽ باطن گڏ ٿئي ۽ ڪثافت ڦري لطافت ٿئي، هن دنيا ۾ نصيب شهود آهي آخرت ۾ نصيب لقاءُ آهي. اي قبلہ گاه! هڪ عجب ڪم آهي جو جتي خالص يقين آهي، اتي علم جهل جي مرتبي ۾ ظاهر ٿو

www.maktabah.org

ٿئي، جڏهين چڱي طرح نظر ٿي ڪجي ته نه خالص جهل آهي، نه فقط علم، جڏهين ضرور احتياج حيرت جو ٿيو تڏهين ان کي خالص يقين رهيو ۽ پڻ ايمان بالغيب کي جو آيت "يُؤْمِنُوْنَ بِالْغَيْبِ" ۾ ثابت آهي، ايمان شهود کان پلو ٿو ڄاڻي ۽ ايمان شهود جي حقيقت کي به ايمان بالغيب ۾ حاصل ٿو ڪري، جو اهو نصيب تمام خص الخاص ٻانهن جو آهي. ۽ پڻ هڪ وقت سانجهي نماز جي نفلن پڙهڻ وقت، هڪ حالت حاصل ٿي، جنهن ۾ حقيقت "الٓمّٓ" حرفن مقطعن جي ظاهر ڪيائون، اهڙي طرح ته اهي ٽيئي حرف حقيقت ۾ هڪ وجود اجمالي ٿا رکن، ات هڪ لڪل ڳجهه ظاهر ڪيائون، ته اها حقيقت نالي حقيقي محمد ڪريم صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جي آهي. جو الله جل جلاله ان (کي لڪائڻ گهرجي ڳجهه جي لاءِ) ڳجهه کي لڪائڻ جي لاءِ مقطع حرفن ۾ بيان ڪيو، حضرت محمد ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي سيني اسمن ۽ ٻين نالن جي حقيقتن کي اها گهيرو ڪندڙ آهي. جيتوڻيڪ ظاهر ۾ سندن نالا مبارڪ محمد صلي الله عليه وآله وسلم ۽ احمد صلي الله عليه وآلهٖ وسلم آهن، بلڪ حقيقت "اَحَدٌ" جي کي گڏ ڪندڙ آهي، جو انهن حرفن سيني صفتن کي مرتبه يقين ٻي ۾ پيرو ڪندڙ آهي ۽ اهو پڻ حقيقي نالو حضرت محمد ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جو آهي، ۽ انهيءَ اجمال کي گهيرو ڪندڙ، ان جي سيني اجمالن کي ڏنائين، پر اهو گهيرو ڪرڻ وجود جي ڪري هو ۽ نه علم جي ڪري ۽ اها حقيقت خاص گڏ ڪندڙ جي آهي، ذات جي اجمال وٽ، جمع الجمع جي مرتبه منجهه ۽ بشارت ڏيندڙ آهي لهڻ "ذَالِكَ الْكِتَابُ" جي ۽ اهو "ذَالِكَ الْكِتَابُ" اجمال علم جو،ان جي حقيقت گڏ ڪندڙ کي آهي امانت ڏيڻ جي وقت، اجمال ذات جي مرتبه منجهه ۽ اهو اجمال علم جو هڪ حقيقت آرسي جي مثل ٻانهپ جي انتها هدايت ڪندڙ آهي متقين جن پاڻ کي ماسوئ الله کان بند ڪيو، جو ڪنهن تعين ۽ اعتبار ۾ نه رهيا، بلڪ پنهنجي همت کي شهود کان غيب ڏي ڪڍيائون، ۽ الله تعالئ انهن جي واڪاڻ ۾ فرمائي ٿو

www.maktabah.org

"اَلَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِالْغَيْبِ وَيُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ" جو ٻانهپ جي انتها خاص انهيءَ مقام سان آهي. اي قبلہ گاهہ! ڪن مشائخن جي ڪتابن ۾ اهڙي طرح ڏنل آهي، جو انهن "ايمان شهود" کي "اِيْمَان بِالْغَيْبِ" ڪان پلو ڄاڻو آهي، مثل عام ماڻهن جي ۽ هن مسڪين "ايمان شهود" کي "نسبت غيب" جي جيڪا خاص کي حاصل ٿيل آهي، "اِيمَان شُهُود" ڪان پلو ٿو ڄاڻي، ۽ انهيءَ ڏي موٽندڙ آهي. جيتوڻيڪ ان جي يقين جي مرتبہ ۾ ڪو گمان يا شڪ وار جي قدر نہ آهي، پر انهيءَ ڪر جي تحقيق لاءِ عرض ٿو ڪريان تہ انهيءَ واقعي جو ڪجهہ بيان، جو حضرت جن جي قلم هيٺ اچي، تنهنجي مطالع سان ابدي فرحت ۽ هميشگي جي سعادت حاصل ٿئي، ۽ سڀ ڪنهن وقت حال جي شاهد هجي. اي ڏٺي منهنجا فيض جو سج هميشه، فيض وٺندڙن جي مٿان قيامت تائين روشن هجي.

عرض ٿيون : - سيني مريدن ڪان ڪمزور خاڪسار بيمقدار گل محمد جي طرفان حضور اعليٰ نور ۾ عرض آهي تہ جيڪي هن مسڪين عرض داشت ٻيءَ ۾ عرض ڪيو هو، تہ "اِيْمَانُ بِالْغَيْبِ" کي "ايمان شهود" ڪان پلو ٿو ڄاڻي، هينئر گهٽا ڏينهن ٿيا آهن جو هڪ غيب، وڏي جهان جي مثل، شهود ۽ لقاءَ جي وچ ۾ ڏسڻ ۾ ٿي آيو ۽ سيئي ڪماليتون ان سان منسوب ٿي ٿيون، اهو نفي ٿيو ۽ دنيا جو پاڇو هجڻ ۽ آخرت جو اثر هجڻ نفي ٿيو، دنيا عقبيٰ جي رنگ ۾ ظاهر ٿي، ۽ آخرت شهودي دنيا جي رنگ سان، جا هن مقام ۾ ڏٺل آهي، ظاهر ٿي، ۽ غيب ۽ باطن جو پردو بلڪل نٿي رکيائون، لڪڻ ۽ پردو ٿيڻ بلڪل نفي ٿي ويو، ۽ ڪيترا ڳجهہ جي انهيءَ شهود ۾ حاصل ٿيا سي لکڻ ۾ نٿا اچن، باقي حضور شريف ۾ عرض ڪندس ۽ سالڪ اڳين ڪماليتن ۾ نيٺ عبدالله جي نالي سان ٿيو ۽ انهيءَ حقيقت سان رنگ ورتو هئائين ۽ هن وقت ۾ نالو محمد رسول الله صلي الله عليه وآلہ وسلم آهي، موجود انهي حقيقت سان آهي ۽ هينئر جيڪي حضور آهي، سو سڀ ظاهر ۽ دانائي سان آهي، گهٽو ڪري دل ان جي ظاهر ڪرڻ ڏي ٿي ڪڍي ۽ حقيقت کي گهٽو کولڻ کي دل چڱو نٿي ڄاڻي، پر مڙيئي نعمت الله تعاليٰ جل

www.maktabah.org

جلاله جي آهي، تنهن جي کولڻ جو حضور شريف ۾ احتياج نه آهي.

بيت

از خوان که تو لقمه خوار چون فضله بريم
از مخزن وهب وفضل بس بهر وريم
در دست عطا که جمله کرم است
چشمير هم به چشم جمله نظر ايم

يعني جڏهين اسين کاڏل خونچه مان اوبارو کائون تڏهين بخشش ۽ پلائي جي کاڻ مان گهڻو حصو حاصل ٿا کريون ۽ تنهنجي بخشش جي هٿ ۾ جو مڙيئي کرم آهي انتظار ٿا کريون ته کڏهين ٿي بخشش ملي، فيض ۽ عنايت جو سج ۽ سوانائي ۽ هدايت جو شمس هميشه فيض وٺندڙن جي مٿان قيامت تائين اپرندڙ ۽ روشن هجي.

۲۵۱ کنز * هڪ وقت حضرت ادام الله برکاته امام ٿيو جمع نماز ٿي پڙهايائون، اسين سندن پٺيان نماز سان مشغول هئاسون، نماز جي وچ ۾ پاڻ کي وجود کل ڏٺم ۽ مڙيئي حقيقتون ۽ ارواح ۽ بي روح ٿول مٿئين جهان ۾ هيٺئين جهان جا، جمع ۽ تفصيل سان پنهنجي باطن ۾ موجود ڏٺم، ۽ آئون مڙني تي گهيرو کندڙ هئس، ۽ اصل جي سببان مڙني کي پاڻ ۾ موٺندڙ ڏٺم، جو اهو اصل آئون هئس ۽ پاڻ کي خالص الله جل جلاله جي ذات ڏي موٺندڙ ڏٺم، جڏهين آنحضرت ادام الله برکاته نماز کان واندا ٿيا، دعا جا هٿ کڻي جلدي مون کي فرمايائون ته اڄ نماز ۾ هڪ تماشو ڏٺوسون، پوءِ فرمايائون ته ٻانهو ۽ خدا هڪڙو آهي ۽ ٻيا مڙيئي ان جاٻانها صورت ۽ حقيقت ۾ اهڙي طرح ڏٺم جو، اهي مڙيئي صورت ۽ حقيقت ۾ ان کان موجود آهن ۽ ان ڏي موٺندڙ ۽ ان ۾ غائب ٿيندڙ آهن ۽ نماز جو اصل به ان هڪ لاءِ آهي جو ٻانهو خاص خدا جو آهي، اتي گهڻان معنيٰ جا موتي بيان کيائون، جي لکڻ منجهه نٿا اچن. "اَلْقَلِيْلُ يَدُلُّ عَلَي الْكَثِيْرِ بِالْعَاقِلِ يَكْفِيهِ الْاِشَارَةُ" مون عرض کيو ته حضرتا

www.maktabah.org

اها ساڳي حقيقت نماز ۾ مون تي به ظاهر ٿي، پاڻ فرمايائون ته اها رابطي کان آهي.

٢٥٢ ڪنز * هڪ پيري سياري جي موسم ۾، سفر ۾ سردي تمام گهڻي هئي، هڪ فقير جي دعوت تي آيا هئا، پوءِ ڇانيل جاءِ نه هجڻ سبب، ٻاهر ذڪر جو حلقو ڪيائون، ۽ حضرت جن پاڻ به ٻاهر وينا هئا ۽ وچ ذڪر ۾ هڪ حالت حاصل ٿي، جو ڏٺم ته روحن جو جهان هڪ جاءِ گڏ آهي، پاڻ ۾ ورونهن ڪندڙ ۽ محبت ڪندڙ آهن ۽ هڪ ٻئي ۾ تمام گهڻو رابطو ٿا رکن ۽ هڪ ٻئي ۾ اهڙو ڳانڍاپو ٿا رکن، جو ڪنهن هڪڙي جو به وجود ٻئي طرف نه هو. هڪ نظر سان سيئي ڏسڻ ۾ ٿي آيا، جو نظر ۾ هڪڙي جو پردو ٻئي کي آڏو نٿي ٿيو، ڪيتري مدت پاڻ ۾ گڏ هئا، اوچتي انهن ۾ جدائي حاصل ٿي، جو اڪثر موٽيو هيٺ ٿي آيا، ۽ تحت الثريٰ ڏي ٿي ويا ۽ بعضي مٿي ٿي ويا ۽ انهن جي وچ ۾ هن آيت جو پڙهو ٿي پيو، "وَقَلِيْلٌ مِّنْ عِبَادِيَ الشَّكُوْرُ" يعني: منهنجن ٻانهن مان ٿورا شڪرانو ڪندڙ آهن، پوءِ جن کي گهڻي قرب جي سبب مٿي ٿي نيائون، تن جي ساه تي هينئر (هير ٿڌي هوا) ورونهن ۽ شوق جي ٿي لڳي ۽ انهن کي رڳي لطافت ۽ خالص نور ڏي ٿي نيائون ۽ جن کي بي نيازي سببان هيٺ ٿي نيائون، انهن جي حال کي آڏو ترو تري ۾ اونداهي ۾ هئي، پوءِ انهيءَ بي پرواهي ۽ وڏائي واري حالت کي ڏسڻ سبب، مون کي گهڻو غم حاصل ٿيو ۽ اکين مان هنجون (لڙڪ) جاري ٿيون، جو سڄي ذڪر ۽ نماز ۾ نه سڪيون، نماز کان پوءِ به جاري رهيون، پوءِ طعام کائڻ وقت جڏهين ٻانهي کي ڪوٺيائون، ان وقت منهنجي طبيعت تي گهڻو غم ڏسي پڇيائون، سارو واقعو عرض ڪيم، پاڻ فرمايائون ته توکي مبارڪ هجي، جو الله جل جلاله توکي حق ڏيکاريو آهي، ڇاڪاڻ جو اسين خلق کي اهڙو ٿا ڏسون ته مٿي اونڌي باطل ۾ ٿا وڃن، گهڻيون دانهون ٿا ڪريون پر نٿا سڻن، غفلت ۽ گمراهيءَ کان هوشياري ۾ نٿا اچن ۽ نٿا موٽن. ١٢

٢٥٣ ڪنز * فرمايائون ته خليفو ميان صاحب ڏنو عليه

www.maktabah.org

الرحمة کي جڏهين سڪرات جو وقت پهتو ۽ عمر مان ڪجهه باقي رهيس، تڏهين اسان جي طرف گهٽو ٿي نهاريائين، تنهن کان پوءِ پڇيوسونس ته هن وقت ڪهڙو حال آهي، چيائين ته حضرتا ٻي هر طرح جميعت آهي، باقي نشي گهٽو غلبو ڪيو آهي، ان وقت ماڻس خليفي کي چيو ته اي ابا مون کي اها اميد هئي ته تون مون تي "يٰسٓ" پڙهندين، پوءِ چوڻ شرط سڪرات جي حالت ۾ "سورة يٰسٓ" اول کان آخر تائين پوري ڪري، ان تي دم ڪيائين ۽ اسان ڏي تمام گهٽو ٿي نهاريائين، پوءِ اسان ان کي پاڪ ۾ ورتو، ۽ ان به اسان کي زور سان پاڪ ۾ ورتو، گهٽي مدت بعد جڏهين پاڪ ڪڍيوسونس تڏهين خوش ٿي چيائين هينئر مقصود پورو ٿيو ۽ ساه ڏنائين "اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْنَ" هڪڙي بزرگ فرمايو آهي .

خوب رويان چون پرده برگيرند = پيش عاشقان چنان ميرند

يعني محبوب جڏهين پردو ڪولين، تڏهين عاشق انهن جي اڳيان اهڙي طرح مرن.

۲۵۴ ڪنز * هڪ ڀيري حضور شريف ۾ وينا هئاسين، حضرت جن خليفي ميان لقمان عليه الرحمة سان گفتگو ٿي ڪئي، تان اوچتو گفتگو جي وچ ۾ خليفي ميان صاحبڏني عليه الرحمة جو ذڪر آيو، پاڻ فرمايائون ته خليفي ميان صاحبڏني جون حالتون، اڳين اوليائن جي حالتن مثل آهن، ۽ سندس همت جا گهڻا مناقب بيان ڪيائون، ۽ فرمايائون ته هڪ ڀيري خليفي ميان صاحبڏني عليه الرحمة جي مقبري وٽان لنگهياسون، جو ڪڙيه مبارڪ کي ويجهو هو، ۽ سواري ۾ خليفي صاحب (ڏانهن) متوجه ٿياسين، پر متوجه ٿيڻ جي طاقت نه ٿي، تان الهام ڪيائون ته خليفو اوهان ڏانهن متوجه آهي ۽ اوهين به اوڏهين متوجه ٿيو.

۲۵۵ ڪنز * فرمايائون ته هڪ ڀيري گانڻواڻي قبيلي جي نظاماڻي فقيرن، خليفي ميان صاحبڏني کي دعوت ڏيئي پنهنجي ڳوٺ وٺي ويا، قدرت الٰهي سان انهيءَ ڏينهن مڪڙ تمام

www.maktabah.org

گهٽا آيا هئا، جيڪي سيني پوڪن کي وروڪي ويا هئا، پوءِ فقيرن خليفي صاحب جي خدمت ۾ دعا لاءِ عرض ڪيو، خليفي صاحب ڪجهه پڙهي، انهيءَ طرف دم ڪيو، تنهن کان پوءِ قدرت الهي سان، ٻيون پوڪون سڀ ڪائي ويا، باقي نظاماڻين جون پوڪون سالم رهيون، مڪڙ هڪ رات ۽ اڌ پهر رات جو سنگن تي ويٺا هئا، پر داڻن کائڻ تي قادر نه ٿيا ۽ ڪنهن به داڻي کي نقصان نه ٿيو.

۲۵۶ ڪنز * فرمايائون ته هڪ ڀيري سياري جي موسم ۾ سفر ۾ هڪ ڏينهن گهڻو مينهن پيو ۽ سخت واءُ لڳو، سردي تمام گهڻي هئي، جو گهڻن ڪپڙن سان به ماڻهو پئي ڏڪيا، سياري جي سختي گهڻي ۽ سخت مينهن کان مرڻ کي ويجها ٿيا، انهيءَ وقت عارف يگانو خليفو ميان صاحبڏنو عليه الرحمه، بدن تان ڪپڙا لاهي، لا اُبالين وانگر ٻاهر پئي هليو، تنهن کي چيوسون ته ماڻهو سياري جي سختيءَ کان پيا مرن، توکي ڇا ٿيو آهي جو ڪپڙا لاهي ٻاهر پيو هلين، چيائين ته حضرتا اڄ ٻاه جو فڪر ڪيوسون، انهيءَ جي گرمي منهنجي وجود ۾ اثر ڪيو آهي، جيڪو گرمي کان ساري بدن تي پگهر ظاهر ٿيو آهي، ۽ سردي جي بلڪل خبر نٿي پوي، پوءِ پاڻ فرمايائون ته اهڙو فڪر ڪنهن شخص کان ظاهر ٿيندو، جو پاڻ کان فاني ٿي حق سان باقي ٿئي، ڇاڪاڻ ته ٻاه به هڪ صفت آهي، پوءِ جيڪو انهيءَ صفت سان تعلق رکندو، تنهن کي ضرور گرمي جو تاثير حاصل ٿيندو ۽ اختيار سان انهي گرمي جي صفت ڏانهن ميل ڪندو.

۲۵۷ ڪنز * فرمايائون ته هڪ ڏينهن محسن فقير آريسر اسان وٽ اچي ظاهر ڪيو ته اسان جي پوڪن جي پاسي ۾ مڪڙ آنا لاهي ويا آهن، انهن مان ٻچا ظاهر ٿيا آهن، دعا فرمايو ته انهن کان اسان جون پوڪون امن ۾ رهن، پوءِ خليفو ميان صاحبڏنو عليه الرحمة اسان وٽ ويٺو هو، تنهن کي چيوسون ته تون وڃي ان جي پوڪ تان ٿي اچ، پوءِ ان فقير سان رفيق ٿي، پوڪ جي چوڌاري ڦري آيو، فقير ٻئي ڏينهن موٽي آيو، ظاهر

www.maktabah.org

ڪيائين تہ مڪڙن جا ٻچا خليفہ صاحب عليه الرحمةَ جي اچڻ کان پوءِ، اسان جي پوکن کي ڇڏي، ٻين پوکن ۾ وڃي پيا، جي سموريون پن ۽ سنگهہ ۽ ڪانا ڪائي ويا، تنهن کان پوءِ اسان جي پوک ۾ آيا، گهڻا حيلا ڪياسين، پر دفع نہ ٿيا، هاڻ اوهان صاحبن جي دعا کان سواءِ ٻيوڪو علاج نہ آهي. وري خليفہ صاحب ميان صاحبڏنہ عليه الرحمةَ کي چيوسون تہ تون ان جي پوک تان ٿي اچ، پوءِ جڏهين ٻيو ڀيرو پوک تان ٿي آيو، تڏهين الله جل جلالہٗ جي قدرت سان وَهِيَا پکي اوچتا آيا، جتي مڪڙن جا ٻچا ويٺا هئا، اتي اچي سمورن کي کاڌائون، ۽ هڪڙو بہ نہ ڇڏيائون، ۽ ڪنهن شخص انهن جي نيشاني نہ ڏني تہ ڪيڏانهن ويا.

٢٥٨ ڪنز * فرمايائون تہ فقير دائود ٿيبو، جو اسان جي يارن مان هو، ماڻهو تمام لائق، صالح ۽ تارڪ الدنيا ۽ حق جو طالب هو ۽ تمام چڱيون عادتون هئس ۽ صاحب نسبت ۽ صاحب حال هو، پهرين اسان جي جماعت ۾ حالت حقيقت محمدي صلي الله عليه وآله وسلم جي ان کي حاصل ٿي، تنهن کان پوءِ هن جماعت جي الله جل جلاله جي گهڻن طالبن کي سعادت واري حالت ۽ وڏي دولت حاصل ٿي.

٢٥٩ ڪنز * فرمايائون تہ هڪ ڏينهن، هڪڙي فقير مستيءَ ۽ بي خبري جي حالت ۾ چيو تہ آئون پير جو ڀائيٽو آهيان، تنهن کي فقيرن تمام گهڻي جڻ ۽ ڇينپ ڪئي، اسان بہ ان کي انهيءَ ڪم کان منع ڪئي، مگر دائودفقير پئي مرڪيو ۽ ماڻ ڪريو ويٺو هو، پوءِ معلوم ڪيوسون تہ فقير وحدت جي غلبي کان انهيءَ تي اعتراض نہ ڪيو، ڇاڪاڻ جو اعتراض جو ڪم بلڪل طبيعت کان ڪڍي ڇڏيو هئائين ۽ وحدت الشهود جي سبب، اتي بہ جمال جو مشاهدو ڪريو مرڪيو ٿي، هڪڙي بزرگ فرمايو آهي.

بيت

درو ديوار من آيس شد = از ڪثرت شوق هر ڪجا مي نگرم روءِ ترا مي بينم

www.maktabah.org

يعني پتيون ۽ دروازا سڀ منهنجي لاءِ آرسي آهن جت ڏسان ٿو اتي تنهنجو منهن ڏسڻ ۾ ٿو اچي.

٢٦٠ **ڪنز** * فرمايائون تہ هڪ پيري سنڌ ملڪ ۾ ڏڪار تمام گهڻو پيو هو، اسان حضرت مرشد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه جي، درگاه شريف جي وڃڻ جي تياري ڪئي، ۽ فقير دائود عليه الرحمة بہ اسان سان رفيق ٿي تيار ٿيو، انهيءَ وقت فقير دائود جي جاءِ تان ڪنهن شخص نياپو آڻي ڏنو تہ اسين عيال سميت هتي تمام بک سان ٿا مرون، ان نہ هجڻ ڪري بک ۾ ناڙو ٿا ڪائون انهيءَ سببان سيني ڪي رت جا دست ٿيا آهن. مرڻ کي ويجها ٿيا آهن، فقير دائود جواب ۾ چيو تہ هينئر خليفہ ڪڙيہ واروعليه الرحمة درگاه شريف ڏي وڃن ٿا، آئون بہ ساڻن گڏجي ٿو وڃان اوهين سڀيئي جيڪڏهين جيئرا هوندا تہ اچي ڏسندس، جيڪڏهين مڙيئي مري ويا تڏهين بہ فتح اسان جي آهي.

٢٦١ **ڪنز** * هڪ وقت سانجهي نماز پڙهڻ کان پوءِ توحيد جا ڪلمان پڙهي، جا حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جي سنت آهي، ٻن رڪعتن سنت پڙهڻ لاءِ اٿيا، انهيءَ وقت سحراب فقيرنظاماڻي، جو سندن خاص ۽ ارادي وارو مريد هو، تنهن پٽيان اچي پير مبارڪ تي چمي ڏني ۽ حضرت جن اجان پير قبلہ طرف ڪريو بيٺا هئا، فرمايائون تہ اي يار ڪير آهين خدا کان ڊڄ ۽ ان کي هٿ کان وٺي پاڪ ۾ ورتائون، سنت پڙهڻ کان پوءِ فرمايائون تہ پهريائين اسان جو اهو ارادو هو تہ ان کي منع ڪريون، ڇاڪاڻ جو سندن عادت مبارڪ هوندي هئي، تہ جيڪو پيرين پوندوهو تنهن کي منع ڪندا هئا، تان اوچتو مولوي فخر الدين قدس الله سره جو نقل ياد آيو، پوءِ ماٺ ڪري رهياسون. نقل هن طرح آهي تہ هڪ ڏينهن مولوي فخر الدين رحمة الله عليه خواجه معين الدين چشتي رحمة الله عليه جي زيارت لاءِ آيو، ري اختيار مٿو روضي مبارڪ جي چانئٽ تي سجدي جي طرح رکيائين، ۽ انهيءَ ڳالهہ کان دهليءَ جي علمائن مولوي صاحب رحمة الله عليه تي اعتراض ڪيو ۽ چيائون تہ مولوي ڪهڙو نيڪ

www.maktabah.org

۽ صاحب علم ماڻهو هو ۽ هيءَ غيرشرعي ڪم ڪهڙي طرح ڪيائين. اي سڳورا! اهي ويچارا عالم الٰهي عشق ۽ محبت کان بيخبر هئا ،انهيءَ سبب اعتراض ڪيائون، ملفوظات جو گڏ ڪندڙ چوي ٿو ته اي سڳورا! حضرت جن ان يار کي چمي ڏيڻ کان منع نه ڪئي بلڪ مولوي فخر الدين رحمة الله عليه جو نقل ياد ڪري، ماڻ ۾ رهيا ، انهيءَ ۾ حڪمت آهي، بلڪ انهيءَ معنيٰ ۾ هڪ نقطو لڪل آهي، چڱو ڏسندڙ مڃيندڙ هج اعتراض ڪندڙ نه هج، اعتقاد وارو هج، انڪار نه ڪج، ڇاڪاڻ جو ڪي وقت اهڙا آهن، جو جڏهين مريدن جي نظر، پير جي حقيقت تي پوي ٿي، ان حالت ۾ مريد پنهجي پير کي معبود بالحق ٿو ڄاڻي، جهڙي طرح صاحب مثنوي عليه الرحمة فرمايو آهي.

نه آن روءِ که چشم تست احول = معبود تو پير تست اول

يعني تنهنجي اک ۾ ٽيڏانهن آهي مگر في الحقيقت معبود تنهنجو پير آهي، ۽ پڻ مولانا رومي قدس الله سره فرمايو آهي .

بيت

جاهلان تعظيم مسجد مي ڪنند = درجفائي اهل دل جل مي ڪنند

يعني جاهل مسجد جي تعظيم ٿا ڪن ۽ اهل اللّٰهن جي دلين کي ايذاءُ ٿا ڏين.

آن مجاز است اين حقيقت اي حزان = نيست مسجد جز دروان سروان

يعني اها مسجد مجاز آهي ۽ اهلَ اللّٰهِ حقيقت آهي، اهل اللّٰهن جو اندر خود هڪ مسجد آهي.

بيت

مسجد کان در دروان اوليا است

سجده گاهي جمله هست آن جا خدا است

يعني جيڪا مسجد اوليائن جي اندر ۾ آهي، اها مرڙني جي سجدي جي جاءِ آهي ۽ اتي الله جل جلاله موجود آهي ۽ پير جامع نسخو الله جل جلاله جو آهي، ذات ۽ صفتن الله جل جلاله جي سان وڳي، صورت محمدي صلي الله عليه وآله وسلم ۾ ظاهر

www.maktabah.org

ٿيو، پوءِ جيڪڏهين پير جي صورت ۾ معنيٰ "خَلَقَ اللّٰهُ آدَمَ عَلٰي صُوْرَتِهٖ" جو خيال ڪيو ۽ جيڪڏهين ان جي معنيٰ ۾ حقيقت نَفَخْتُ فِيْهِ مِنْ رُّوْحِيْ ساه سان سمجهي ۽ جيڪڏهين ان جي حقيقت کي ننڍي تري ۾ "اَلْاِنْسَانُ سِرِّيْ وَاَنَا سِرُّهٗ" جي ۾ ڳولينديون ته حاصل ڪنديون، اهو سجدو جو استغراق جي حالت ۾ ڪن وقتن تي بعضي مريدن کان ظاهر ٿو ٿئي، سو انهيءَ وقت حاصل ٿيندو، جڏهين مريد قيد ناسوتيءَ کان ڇٽي، صفتن ملڪيتن ۾ جاءِ ٿو وٺي. انهيءَ وقت ري پردي ذات جو نور، مريد تي ظاهر ٿو ٿئي، ۽ انهيءَ وقت، انهيءَ مريد جي نظر، پير جي ذات جي نور جي روشنائي ۾ ٻڌل ٿي ٿئي ۽ خواهش پير جي ذات جا مريد جي اصلي خواهش آهي، مريد کي پنهنجو سجدو ٿي ڪرائي، جهڙي طرح قرآن ڪريم ۾ آهي: "اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ وَاِذْ قُلْنَا لِلْمَلٰٓئِكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوْٓا اِلَّآ اِبْلِيْسَ اَبٰي وَاسْتَكْبَرَ وَكَانَ مِنَ الْكٰفِرِيْنَ" يعني جڏهين ملائڪن کي حضرت آدم عليه السلام جي سجدي لاءِ امر ڪيوسون تڏهين مڙني سجدو ڪيو، مگر ابليس انڪار ڪيو، تڪبر ڪيائين تڏهين ڪافرن مان ٿيو، نَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنْهَا ۽ شيخ فريد (عطار) عليه الرحمة ان جي حقيقت کي ظاهر ڪيو آهي.

بيت

نه مسجود ملائک بود آدم = که نور پاک در وي بود مدغم
اگر اين نکته دانست عزازيل = هزاران سجده آور ده دمامدم

يعني ملائڪن حضرت آدم عليه السلام کي سجدو نه ڪيو هو، بلڪ الله جل جلالهٗ جي نور کي ڪيو جو حضرت آدم عليه السلام ۾ ڳجهو هو، جيڪڏهين انهيءَ ڳجهه کي عزازيل ڄاڻي ها ته هوند ساعت به ساعت هزار سجدا ڪري ها ۽ مولانا روم قدس الله سره شيخ عطار عليه الرحمة جي اشاري کي ظاهر ڪيو آهي ۽ مثنوي شريف ۾ الله جل جلاله جي ذات جو (آدم ۾) اقرار ڪيو اٿس.

www.maktabah.org

بيت

گر نبودي ذات حق اندر وجود = آب وگل راکي کنند ملک سجود

يعني جيڪڏهين حضرت آدم عليه السلام جي وجود ۾ الله جل شانه جو نور نه هجي ها تہ ملائڪ فقط پاڻي ۽ مٽيءَ کي سجدو نہ ڪن ها ۽ اتي مريد سير ملڪوتي ۾ داخل ٿو ٿئي، ۽ سالڪ جي لاءِ ملڪوت پهريون قدم آهي، جو ناسوت کان قدم کڻي ملڪوت ۾ ٿو رکي ۽ ڇاڻجي ٿو تہ انهيءَ وقت بہ مريد، پير جي ذات جي حقيقت سان چڱي طرح تعلق رکندڙ نہ آهي، ڇاڪاڻ جو اتي مريد جي حالت جو نيپاچ تعلق سان آهي ۽ تعلق معنيٰ جي لحاظ کان سواءِ نہ ٿيندو، ۽ جيڪو سجدي جو ڪم مريد کان ظاهر ٿو ٿئي، تنهن کي نيت جو احتياج نہ آهي، بلڪ روح کان آهي، جو مريد تي پير جي ذات جي نور جي تجلي ٿي پوي، انهيءَ وقت روح بدن کي چوري ٿو، پوءِ سجدو ظاهر ٿو ڪري، پر اها اجان روشنائي آهي ۽ اتي مريد جو سجدو مرشد ڏانهن ظاهر ٿيو ۽ سجدي جون بہ حالتون آهن، هڪ ظاهري ٻئي حقيقي، پوءِ ظاهري هي آهي جو پيشاني مٽيءَ (مٽيءَ) تي رکي ڪعبہ شريف ڏانهن، جو اهو ڪعبو مرشد جي صورت آهي، سجدو ڪري ۽ سجدو حقيقي آهي جو انهيءَ ذات الله جل جلاله جي ڏي رجوع ڪري، جا مريد کي جذبہ مطلق سان ڇڪي ٿي، انهيءَ جون بہ بہ حالتون آهن، يا شاهد هوندو يا غائب ۽ شاهديہ يا مشهود موجود هوندو يا مشهود مطلق ۽ غائب بہ مرجوح "مجهول" هوندو يا "مرجوع" "معين" ۽ انهيءَ کان سواءِ ٻيا سجدا باطل ۽ خيال باطل سان آهن. اهي سڀ غيرمعتبر آهن، جهڙي طرح شيخ سعدي عليه الرحمة فرمايو آهي.

پشت بر قبلہ مي کنند نماز

يعني قبلي کي پٺ ڏيو ٿا نماز پڙهن، پوءِ اهو سجدو تاسين آهي جاسين رابطي سان مشغول آهي ۽ جڏهين استغراق جي حالت ۾ حال جي غلبي کان هيٺو ٿو ٿئي تڏهين پير جي صورت ڪعبہ طرف سجدو ٿو ڪري جو انهيءَ وقت ڏسڻ لازم ٿو

www.maktabah.org

رکي ۽ جڏهين مريد، پير جي رابطي ۾ فاني ٿو ٿئي، جنهن کي "فَنَا فِي الشَّيْخ" ٿا چون، تڏهين پير جي صورت ۾ ٿو ٿئي ۽ ان صورت کي هميشه مريد جي حقيقت ڏانهن رجوع آهي، پوءِ مريد جو رجوع خالص پير جي حقيقت ڏي ٿو ٿئي، پوءِ جتي به سجدو ٿو ڪري ته انهيءَ سجدي جو رجوع حقيقت پير جي طرف آهي، ۽ انهيءَ حقيقت جي لاءِ حقيقتن جا ڪيترا لباس آهن جي ڳاٽيٽي ۾ نٿا اچن، ۽ سيڪنهن حقيقت لاءِ علحدو نور آهي ۽ سيڪنهن نور جي پٽيان اونداهي آهي، سيڪنهن اونداهيءَ جي پٽيان بي رنگي آهي ۽ سيڪنهن بي رنگي کي وڏي ڪشادگي آهي. انهيءَ حقيقت ۽ بي حقيقت جي وچ ۾ "حقيقت الحقائق" تائين اتي تفصيل گهڻو آهي، پر گهٽائي جي سببان ٿورو بيان ڪيم، ۽ جڏهين حقيقت الحقائق کي ٿو پهچي، جنهن کي حقيقت محمدي صلي الله عليه وآلهٖ وسلم ٿا چون، جا خلقن جو اول آخر ۽ اصل مڙني حقيقتن جو آهي، تڏهين مشاهدو حقيقت جامع جي ڪان اثبات وحدت جو ٿو ڪري ۽ "سُبْحَانَ رَبِّيَ الْاَعْلٰي" ٿو چوي، پوءِ حقيقت محمدي صلي الله عليه وآلهٖ وسلم کي به پنهنجي حقيقت ڏي رجوع آهي، جا اها "حقيقت احمدي" صلي الله عليه وآلهٖ وسلم آهي ۽ انهيءَ حقيقت کي به پنهنجي حقيقت ڏي رجوع آهي، جا اها "حقيقت احد" جي آهي، جڏهين مريد انهيءَ جاءِ ۾ ٿو اچي تڏهين "سُبْحَانَ رَبِّيَ الْاَعْلٰي" ٿو چوي ۽ ذات مطلق جو ثبات ٿو ڪري، هڪڙي بزرگ فرمايو آهي:

بيت

نه بيني که چون راه بردم بدوست
که هر کس که پيش آمدم گفتم که اوست

يعني جڏهين دوست جي ديدار کي حاصل ڪيم، تڏهين سيڪنهن شخص ۾ دوست جو ديدار ڏٺم ۽ اها ذات مطلق نه آهي، بلڪ اها حقيقت حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي آهي، جا مڙني حقيقتن کان جدا ظاهر ٿي اتي سجدو پهريون پورو ٿو ڪري، اها خاص حقيقت انسان جي لاءِ آهي ۽

www.maktabah.org

سالڪ کي ٽنهي تسبيحن جي پڙهڻ وقت، سيڪنهن مقام ۾ حالت ظاهري آهي ۽ علحدي لذت آهي، پوءِ سالڪ اتي "احد مجرد" تو ٿئي ۽ الله جل جلاله جي عبادت جو لائق تو ٿئي، جو ان جو "معبود بالحق" آهي، تنهن کان پوءِ ٻئي سجدي ۾ شروع ٿو ڪري، ۽ اهو سجدو اهڙو آهي جو ٻئي جي نسبت ۽ اضافت کان خالي آهي، اهو عروج سير ذات الله جل جلاله جي ۾ آهي، صفتن جي لحاظ کان سواءِ ۽ اتي سالڪ کي وجود علي هوندو ۽ قدم چشمي جي مثل هوندو، پوءِ "عَرَفْتُ رَبِّيْ بِرَبِّيْ" جي وسيلي سان، ذات جي ري نهايت ميدان ۾ دوڙي تو، پهريائين "ذات جا شان" سالڪ جي نظر ۾ اچن ٿا، تنهن کان پوءِ اعتبار (پر اهي) نشان اعتبار نه آهن جي حقيقت پهرينءَ ۾ سالڪ تي ظاهر ٿيا هئا، جو اها حقيقت جامع حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي آهي اهو نائب ۽ خليفو الله جل جلاله جو آهي، پوءِ جيڪا وڏائي يا شان بادشاه ۾ ظاهر ٿيندو، سو نائب ۾ به ظاهر هوندو، اتي "شان" ۽ "اعتبار" اصل سان آهن، تنهن کان پوءِ "علم ذات" جي ۾ ٽهي تو ڏئي، جو اهو علم ذات (جو) به رنگ "شهود ذات" جي سان سالڪ جي نظر ۾ ٿو اچي، ۽ جڏهين ان جاءِ کان لنگهيندو، تڏهين "شهود عياني" کي پهچندو ۽ سُبْحَانَ رَبِّيَ الْاَعْلٰي چوندو ۽ اها تسبيح شهود ذات جي پهري (پهرين) آهي، پوءِ سالڪ جي نظر شهود ذات جي کي حاصل ڪندي، ڇاڪاڻ ته ان جي نظر، شهود ذات جي ۾ فاني ۽ ٻڏل ٿي ٿئي، ۽ "نظر" ۽ "شهود" ٻئي سالڪ کان غائب ٿا ٿين، پوءِ "غيب ذات" جو سمنڊ، جيڪو ري نهايت آهي، سو سالڪ کي غيب جي تري ۾ ٿو پهچائي، جنهن جو ڇيه ۽ نهايت نه آهي، پوءِ جيڪڏهين اهو سالڪ عارف هوندو ته سندس معرفت ۾ خالص يقين هوندو جو "علم اليقين"، "عين اليقين" ۽ "حق اليقين" ٽيئي ان ۾ معلوم نه هوندا، ڇاڪاڻ ته اهي ٽيئي درجا يقين جون ٽاريون آهن ۽ اتي سڄاتل ذات الله جل جلاله جي "غيب الغيب" آهي ۽ اتي ٻي تسبيح پوري ٿو ڪري ۽ سُبْحَانَ رَبِّيَ الْاَعْلٰي ٿو چوي، اجا سجدو

www.maktabah.org

باقي آهي ۽ عارف کي نصيب به باقي آهي، جو "لقاءُ" آهي، اهو آخرت تي موقوف آهي، پوءِ ٽي تسبيح ۽ ٻيو سجدو جو خاص "معبود مطلق" لاءِ آهي، آخرت ۾ چڱي طرح حاصل ڪندو، مگر سنت جي تابعداري ڪندو، "مڪمل" جي دنيا ۾ آخرت جو فائدو حاصل ٿا ڪن ۽ متابعت جي عزت سببان ديدار جو شرف حاصل ٿا ڪن. "ذَالِکَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ وَاللّٰهُ ذُوالْفَضْلِ الْعَظِيْمِ" وري اصل ڳالهه جو شروع ڪريون ۽ تڪليف ڇڏيون ۽ اعتراض ڪندڙ کي ڪولجي ۽ ظاهر ڪجي ته اصل اعتراض جو انڪار ڇا کان آهي (ڇا آهي) ۽ انڪار ڪندڙن ۽ منڪرن جي جماعت ڪير آهي، جو ڪلام الله شريف ۾ آهي، "اِلَّآ اِبْلِيْسَ اَبٰى وَاسْتَكْبَرَ وَكَانَ مِنَ الْكٰفِرِيْنَ" ڇاڪاڻ ته لفظ "ابىٰ" جو جيڪو آيت "اِلَّآ اِبْلِيْسَ اَبٰى" ۾ ظاهر آهي، اهو ابليس جو انڪار آهي، جو اصل سجدي حضرت آدم عليه السلام جي ۾ بدبختي کان ثابت ٿيو ۽ اهو انڪار اڄ تائين، شيطان کان ظاهر آهي جو بعضي نولن (نون) مريدن کي انهيءَ حالت ۾ روشني نور مرشد جي حقيقت جي دل تي ظاهر ٿئي ٿي ۽ ابليس لعين انهن کي شڪن ۽ شبهن ۾ ٿو وجهي ۽ هدايت جي انهيءَ حالت کي گمراهي ٿو ڏيکاري، بلڪ مرشد کان بي اعتقاد ۽ بي ارادي ٿو ڪري، ۽ ڪيترن کي هلاڪت ۽ گمراهي ۾ ٿو وجهي، "نَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنْ مُّرِيْدِ الْمُرْتَدِ" ۽ عام ماڻهن کي ارادي جي نسبت کان اڳي منع ۽ انڪار ۾ ٿو وجهي ۽ اها ازلي بدبختي آهي ۽ جن کي ابدي سعادت حاصل آهي، سي جڏهين انهيءَ حال جي حقيقت کي ٿا پهچن، تڏهين ارادي جي سچائي سان پير کي ري ملهه غنيمت (انمول غنيمت) ۽ ري مثل نعمت (بي مثال نعمت) ٿا ڄاڻن ۽ هر وقت ساه ۽ زبان تي ان جو شڪرانو وظيفو ٿا ڪن "وَلَئِنْ شَكَرْتُمْ لَاَزِيْدَنَّكُمْ" جي سببان انهن جي حال کي پير کان زيادتي پهچي ٿي، ۽ مٿاهن درجن کي حاصل ٿا ڪن "اِنَّ اللّٰهَ لَذُوْفَضْلٍ عَلَى النَّاسِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَايَعْلَمُوْنَ" يعني الله جل جلاله پلائي جو صاحب آهي ماڻهن تي، پر اڪثر ماڻهو نٿا ڄاڻن. اي سڳورا! سيڪنهن واٽ ويندڙ کي

www.maktabah.org

لاچار آهي جو جنهن واٽ ۾ اچي ته ان واٽ جي منزلن ۽ مقامن جي خواهش جي سيڪنهن هنڌ تفاوت واريون آهن (مختلف آهن) سي طبيعت کي موافق ظاهر ٿين، بلڪ جيڪي ان منزلن ۾ ان واٽ ويندڙ کي حاصل نه آهن سي بلفعل ظاهر ٿين.

بيت

آن چه باشد اندر آن عالم نهان = همين بگويد آشکار او عيان

يعني جيڪي آخرت ۾ ڳجهو آهي سو سي ظاهر ڪري، اهي مخالف ۽ تفاوت واريون خواهشون ان مقام جي حقيقت کي پهچڻ جو نيشان آهن، جاسين حقيقت کان واقف نه ٿئي تاسين پاڻ کي مريد نه چوي ۽ پير الله جل جلاله جي وصفن سان وصف ڪيل آهي، جيڪا ڳالهه يا ڪم پير کان ظاهر ٿيندو تنهن ۾ ضرور حڪمت هوندي، "فِعْلُ الْحَكِيْمِ لَايَخْلُوْ عَنِ الْحِكْمَةِ" يعني داناءَ جو ڪم حڪمت کان خالي نه هوندو ۽ انهيءَ ڳالهه ۾ حڪمت ظاهر آهي، ڇاڪاڻ ته جيڪڏهين مريد سچي ارادي ۽ قلب جي سچائي کان، جا پير ڏي تو رکي، پير کي پنهنجي اصل نيت ۾، ماڻهو نٿو ڄاڻي بلڪ ماڻهو جي درجي کان مٿي ٿو ڄاڻي، جهڙي طرح مولوي جامي فرمايو آهي:

بيت

نه بشر خوانمت اي دوست نه حور نه پري

اين همه بر تو حجاب است، تو چيزي ديگري

اهو خيال رکيو پوءِ سجدو ٿو ڪري، پير سچ ۽ قلب جي نيت تي نظر ٿو ڪري، جيئن حديث شريف ۾ آهي، "اِنَّ اللّٰهَ لَايَنْظُرُ اِلٰي صُوَرِكُمْ وَلَا اِلٰي اَعْمَالِكُمْ وَلٰكِنْ يَّنْظُرُ اِلٰي قُلُوْبِكُمْ وَنِيَاتِكُمْ" يعني الله جل جلاله صورتن ۽ عملن ڏي نگاه نٿو ڪري مگر اوهان جي قلبن ۽ نيتن ڏي نظر ٿو ڪري. پوءِ پير اڳين مشائخن جون ڳالهيون شاهد وٺيو، مريد کي زيادتي ٿو ڪرائي، جو مريد جو ارادو شهود کي پهچي ۽ جيڪڏهين ان مريد کي شهود حقيقت جو حاصل آهي، انهيءَ سبب سجدو ٿو ڪري ته پير ان کي، اهڙين معتبر ڳالهين جي وسهڻ سببان مڪر ۽ شڪ کان پاڪ ٿو ڪري ۽ انهيءَ مقام کان زيادتي ٿو بخشي، ڇاڪاڻ ته جيستائين مريد

www.maktabah.org

انهن منزلن کي حاصل نہ ڪندو تيستائين مقصد کي نہ پهچندو، ۽ جيڪو ڪم پير، مريد جي واسطي ٿو ڪري، اهو جيتوڻيڪ ظاهر ۾ ماڻهن کي ڏسڻ ۾ گمراهي ٿي اچي مگر حقيقت ۾ معرفت ۾ خاص هدايت آهي، جهڙي طرح حافظ فرمايو آهي

بہ مي سجاده رنگين کن گرت پيرمغان گويد
ڪہ سالک بي خبر نہ بود ز راه و رسم منزلها

يعني جيڪڏهين مرشد ڪامل ڪو بہ امر ڪري تہ اهو ضرور ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ جو سالڪ منزلن جي رسمن کان بي خبر نہ آهي، ۽ هيءَ ڳالهہ سيڪنهن داناءَ کي معلوم آهي تہ جيڪڏهين عالم صاحب تحصيل جو آهي، سبق پڙهائڻ وقت نولي (نون) ڪتابين (شاگردن) کي ضرور الف بي تي سيکاريندو، جا استادن جي رسم آهي ۽ جيڪڏهين پنهنجي فضيلتن (قابليت) تي نظر ڪري ۽ لفظ بي، تي، کي بي فائدو ڄاڻي،نولين ڪتابين کي نہ سيکاري تہ سندس شاگرد بي علم رهڻ (رهن) ۽ گذريل تفصيل مان هڪ شبهو باقي رهيل آهي، اهو هي آهي تہ عارف جي ڪماليت ٻئي سجده سان آهي، جو ري نهايت آهي ۽ مولانا فخر الدين قدس الله سره مڪمل هو، تنهن ڇالاءِ مٿانهپ کان هيٺاهنپ ڏي رجوع ڪيو، جو پاڻ وقت جو مرشد هو، ان جو جواب هي آهي تہ محقق مريد اگرچہ درجہ ڪماليت کي ٿا پهچن، (تڏهين بہ) هميشہ پاڻ کي مرشد جي ڪماليت جي لائق ۽ برابر نٿا سمجهن، ڇاڪاڻ جو پهاڪو آهي تہ استادن جي جاءِ خالي آهي جيتوڻيڪ مرشدن جي توجهہ سان، انهن مرتبن کي پهچن ٿا جو مرشد جي حضور ۾ داخل ٿا ڪن ۽ جيستائين مرشد جي حضور ۾ آهن، تيستائين پاڻ ڏانهن مٿاهين مرتبي جو گمان نہ ڪندا، پوءِ جڏهين پاڻ کي مٿانهپ کان هيٺاهنپ ڏانهن ٿا ڇڪين تڏهين مرشد جي محبت ۽ شوق جو جذبو، جيڪو انهن کي اول حالت ۾ حاصل هو سو پاڻ ڏي ٿو ڇڪي ۽ اهڙي طرح ڪرڻ سببان، زيادتيون حاصل ٿين ٿيون ۽ انهيءَ معنيٰ کان بہ ڪماليتون ثابت ٿيون ٿين، هڪ مرشد جي مٿاهنپ ۽ ٻي مريد

www.maktabah.org

جي ارادي جي ڪماليت، نقل مشهور آهي تہ امام شافعي رضي الله تعاليٰ عنه جو صاحب مذهب اجتهاد هو، جڏهين امام اعظم رضي الله تعاليٰ عنه جي زيارت لاءِ ايندو هو، تڏهين جيستائين اتي هوندو هو، تيستائين پنهنجي مذهب کي ڇڏيندو هو، جو امام جي پٺيان قرات نہ پڙهندو هو ۽ فجر جي نماز ۾ دعا قنوت نہ پڙهندو هو، اتي دليل گهٽا آهن، ٿوري گفتگو چڱي آهي، جو داناءَ کي اشارو ڪافي آهي، جهڙي طرح الله جل جلاله فرمايو آهي. "اَللّٰهُ نَزَّلَ اَحْسَنَ الْحَدِيْثِ كِتَابًا مُّتَشَابِهًا مَّثَانِيَ تَقْشَعِرُّ مِنْهُ جُلُوْدُ الَّذِيْنَ يَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ ثُمَّ تَلِيْنُ جُلُوْدُهُمْ وَقُلُوْبُهُمْ اِلٰى ذِكْرِ اللّٰهِ ذَالِكَ هُدَى اللّٰهِ يَهْدِيْ بِهٖ مَنْ يَّشَآءُ وَمَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنْ هَادٍ" يعني الله جل جلاله اهڙيون چڱيون ڳالهيون نازل ڪيون آهن جو جيڪي شخص الله جل جلاله کان ڊڄندڙ آهن، تن جي بدن تي وار اڏوئجن (ڪانڊارجن) ٿا، انهن ڳالهين ٻڌڻ کان، تنهن کان پوءِ انهن جون ڪلون ۽ قلب نرم ٿا ٿين الله جل جلالهٗ جي ذڪر طرف. اها هدايت الله جل جلالهٗ جي آهي، جنهن کي گمراه ڪندو تنهن کي (ڪير بہ) هدايت ڪري ڪونہ سگهندو.

٢٦٢ ڪنز* فرمايائون تہ حقائق ۽ معارف آگاه، صداقت ۽ محبت انتباه، درويش بي خويش، ميان لال محمد رحمة الله عليه لکندي واري جو ارادو ۽ محبت تمام گهڻو هئس، اهڙو هو جو جيڪڏهين نماز ۾ ٻئي (گڏ) بيٺاسين ٿي، جو صف ۾ اترئين طرف ميان لال محمدي رضہ ۽ ڏکڻئي طرف اسين، جڏهين نماز پوري ڪريو سلام ٿي ورايوسين، تڏهين ميان لال محمد رضہ جي هي عادت هوندي هئي جو نماز جو سلام پهريائين ڏکڻئي طرف ورائيندو هو، جو اسين انهيءَ طرف هوندا هئاسين، تنهن کان پوءِ اترئين طرف ورائيندو هو، ۽ اسان انهيءَ ڪم کان منع ڪيس پرميان لال محمد رحمة الله عليه حياتي تائين اهو ڪم نہ ڇڏيو. هڪ نقل ڪتاب فوائد الفوائد ملفوظات شيخ نظام الدين دهلوي قدس الله سرهٗ جي ۾ آهي تہ امير خسروءَ عليه الرحمة جو تڪبير اوليٰ نماز ۾ فرض آهي سا نہ چوندو هو،

www.maktabah.org

جيستائين پنهنجي مرشد جو منهن مبارڪ نہ ڏسندو هو، اي سڳورا! تڪبير اولي نماز ۾ فرض آهي، اهڙن مريدن کي پنهنجي مرشد جو منهن مبارڪ تڪبير اولي کان بہ پلو آهي، هڪڙي بزرگ فرمايو آهي.

بيت

هر کہ را محراب نمازش عين عين
سوئي ڪعبہ رفتنش مي دان تو شين

يعني جنهن جي اک نماز ۾ نماز لاءِ محراب ٿي، تنهن کي ڪعبہ شريف وڃڻ لاءِ پريشاني ٿيندي ۽ تڪليف ڄاڻندو ۽ امير خسروءَ فرمايو آهي.

بيت

هر قوم راست راهي ديني وقبلہ گاهي
من قبلہ راست کردم برسمت ڪج ڪلاهي

يعني سڀڪنهن قوم کي ديني ۽ قبلي جي واٽ آهي، مون ٻئي ڏس ڏانهن واٽ سڌي ڪئي.

مدار دائر دور مقتدائي طريق
سراج امت سالار قافلہ تحقيق
قيوم قائم بنياددين والملت
قوي قادر قاطع قواعد بدعت
ز کان لطف تمامي وجود او موجود
بخلق وخلق گرامي محمد ومحمود

زماني جو مدار ۽ طريقت جو مهندار
امت جو ڏيو قافلہ تحقيق جو سردار
قائم ڪندڙ بنياد دين ۽ مذهب جو
قوي ۽ قادر ۽ بدعت جي قاعدن کي ڪپيندڙ
مهربانين جي ڪاڻ ڪان سندس وجود ظاهر ٿيل
پيدائش ۽ عادت ۾ سڳورو واڪاڻيل ۽ ساراهيل

بيت

باسم اوست ستوده لذات اوست شريف
ز بهر نظم جهان شد نظام در تعريف

www.maktabah.org

سندس نالو ساراهيل ۽ سندس ذات سڳوري واسطي نهراءُ جهان جي ٿيو ۽ اهو تعريف جو نظام آهي.

بيت

بنظر ونثر به فرع واصول جمع جميع
ز احد فرد مبرا به عز وجاه رفيع

نظم ۽ نثر ۾ ٽاري ۽ اصل ۾ سيني جو جامع وحدت جي سبيان لاثاني عزت ۽ مرتبه ۾ مٿاهون.

بيت

ز هر طرف بدرش طالبان راه ودود
در آمده بطلب گشت واصل مقصود
ز هر جهت سوئي بي جهت ره روشن
كشاده بر دل طلاب از علوم لدن
بفيض او شد فياض خلق صد در صد
بفيض او شده عام انكشاف صدرجهان
بفيض او شد صدر جهان چو گلخندان
بفيض او شد ويران گاه زمان آباد
بفيض او شد جان باجمال جانان شاد
جهان جان شد از فيض جان او معمور
همه وجود جهان از وجود او مشكور
همه جهان بدور بقائيش باد آباد
بذوق رويت رويش دران عالم شاد
خدا به ماهم ديدار او نصيب كناد
به پيش زانكه نه بينم اجل قريب كناد
خدا به ديگر بقايش بمن لقائي بخش
به آن بقاءِ كه تو داري به من لقائي بخش
لقاءِ ما تو بودي وبقاءِ ماهم تو
هر آن چه جز تو فناءِ به كه شد فنائش نكو

www.maktabah.org

الله جل جلالهٗ جا طالب سيڪنهن طرف ڪان
طلب لاءِ سندس دروازي تي آيا ۽ مقصود ڪي پهتا
سيڪنهن طرف ڪان واٽ روشني ري جهت ڏي
طالبن جي دل تي علم لدني ڪوليائين
ان جي فيض ڪان گهٽا فيض وارا ٿيا،
ري حساب ۽ ڳاڻيٽي جي
ان جي فيض ڪان عام اول جهان جو ڪليو
ان جي فيض ڪان اول جهان جو مثل گل جي ٽڙيو
ان جي فيض ڪان ويران زمانو آباد ٿيو،
ان جي فيض ڪان محبوب جو جمال ڏسي ساه خوش ٿيو.
ان جي فيض ڪان جهان جو ساه آباد ٿيو.
جهان جو سارو وجود ان جي وجود ڪان شڪرانو ڪندڙ.
شال سارو جهان انجي بقا جي برڪت سان باقي هجي
۽ ان جي منهن ڏسڻ سببان جهان جو ساه خوش هجي
مرڻ ڪان اڳي الله جل جلاله اسان کي شال سندس ديدار نصيب ڪري
اي الله جل جلاله سندس حياتي وڏي ٿئي ۽ اسان کي بقا حاصل ٿئي.
تنهنجي بقا جي برڪت سان سندس لقاءُ اسان کي حاصل ٿئي
تنهنجو لقاءُ اسان کي ان جي برڪت ٿيندو ۽ اسان جي بقا جو مدار پڻ تون آهين
توڪان سواءِ سڀ فنا آهي جو انهن جو فنا چڱو بهتر آهي

بيت

اگرچه بجز تو منم جز وجز من برڪن
تو باش انگ تو باشي بودي نه من
من وانا است بعربي وفارسي دونمو
بوجهه معنيٰ يک لا اله الا هو

توڪان سواءِ منهنجو هجڻ بي فائدو آهي مون ڪان سواءِ
تون اڳي هئين ۽ آهين ۽ هوندين عربي ۽ فارسي ۾ من ۽ انا جو
لفظ به آهن مگر معنيٰ ٻنهي جي هڪ آهي جئن لا اله الا هو

بيت

احد يکي است بذات وصفات خود موجود
محمد واحمد حامد بنام يک محمود

www.maktabah.org

احد هڪ آهي پنهنجي ذات ۽ صفتن سان موجود آهي. محمد ۽ احمد ۽ حامد هڪ ئي محمود جا نالا آهن.

بيت

خدا يڪي است محمد يڪي دگر اطوار
اگر نام بخاني شود يڪي سه هزار

الله جل جلاله هڪ آهي ۽ حضرت محمد ڪريم ﷺ هڪ آهي ۽ ٻيا سڀ ٽاريون آهن. جيڪڏهين نالي به نالي چئبا ته گهٽا هزار ٻيا ٿيندا.

بيت

نظر به اصل همان يک يڪي دگر دگرند
اگر بفعل وصفت وازشيون معتبرند
نه در وجود شريک اش نه در شهود کسي
يڪي بس است به وحدت نه در شمار بسي

اصل ۾ اهو هڪ آهي ٻيا سڀ ٽاريون آهن فعل ۽ صفت ۽ شان ۾ ان کان آهن. ان جي وجود ۽ شهود ۾ ڪو شريڪ نه آهي وحدت ۾ هڪ آهي ۽ ڳاڻيٽي ۾ نٿو اچي.

بيت

بود ماهم خوش لا اله الا الله
بختم کار محمد بود رسول الله

لا اله الا الله جو وظيفو اسان سيني لاءِ بهتر آهي.

آخر ۾ محمد ڪريم صلي الله عليه وآله وصحبه وسلم رسول الله جل وعلي شانه وعم نواله جو آهي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ حَمْدًا كَثِيْرًا طَيِّبًا مُبَارَكًا عَلٰي كُلِّ حَالٍ حَمْدًا اَوَافِيْ نِعَمَهٗ وَيُكَافِي مَزِيْدَهٗ ته ڪتاب فيض انتساب ترجمو فارسي مان لکجي تيار ٿيو. تاريخ ستين ڏينهن آچر مهينو ربيع الآخر سنه ١٣٣٩ تيرهن سو اوڻيتاليهه ضحيٰ جي مهل.

www.maktabah.org

دعا

رَبَّنَا وَتَقَبَّلْ مِنَّا اِنَّکَ اَنْتَ السَّمِیْعُ الْعَلِیْمُ وَتُبْ عَلَیْنَا اِنَّکَ اَنْتَ التَّوَّابُ الرَّحِیْمُ وَصَلَّی اللّٰہُ عَلٰی خَیْرِ خَلْقِہٖ وَنُوْرِ عَرْشِہٖ وَمَظْہَرِ لُطْفِہٖ نَبِیِّنَا وَشَفِیْعِنَا وَحَبِیْبِنَا وَمَحْبُوْبِنَا وَمَقْصُوْدِنَا رَحْمَۃٍ لِّلْعَالَمِیْنَ وَشَفِیْعِ الْمُذْنِبِیْنَ وَمَلْجَاِ الْمَسَاکِیْنِ وَاَنِیْسِ الْغَرِیْبِیْنِ وَحَبِیْبِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ، سَیِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی آلِہٖ وَاَصْحَابِہٖ وَاَزْوَاجِہٖ وَذُرِّیَّاتِہٖ وَاَتْبَاعِہٖ وَصَحْبِہٖ وَاُمَّتِہٖ اَجْمَعِیْنَ آمِیْنَ یَا رَبَّ الْعَالَمِیْنَ بِرَحْمَتِکَ یَآ اَرْحَمَ الرَّاحِمِیْنَ.

اختتام

www.maktabah.org

www.maktabah.org

www.maktabah.org

www.maktabah.org

www.maktabah.org